
يورپ، آسٽريليا، آفريڪا
۽ ايشيا جا سفرناما
مسافتون
سفرناما
عبدالله مورائي

# مُسافتون

سفرناما

عبدالله عثمان سومرو (مورائي)

ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي
2202ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2024ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سڀ حق ۽ واسطا محفوظ


كتاب: مُسافتون
ليکڪ: عبدالله عثمان مورائي
موضوع: سفرناما
ڇاپو پهريون: پهرين مئي 2220
ڇپيندڙ: ريکائون پبليڪيشن ڪراچي
قيمت: 002 روپيا

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
books.sindhsalamat.com
2024ع


*All rights reserved*


Book : Musafatoon
Author : Abdullah Usman Morai
Content : Travelogues
First Edition : 1st May 2022
Publisher : Rekhaoon Publication Karachi
Price : 200 Rs



ڏس پتو: A-10 الشمس ڪامپليڪس
جوهر موڙ، گلستان جوهر، ڪراچي
+923337551931
rehmatpirzado@yahoo.com

rehmatpirzado@yahoo.com

# ارپنا

هيءُ منهنجو پهريون قلمي پورهيو

بابا سائين

**محمد عثمان** ءِ

جيجل **امڙ شهناز بيگم** جي ناءُ

**عبدالله عثمان مورائي**

-
-

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران **عبدالله عثمان مورائيءَ** جي لکيل سفرنامن تي مشتمل ڪتاب **”مُسافتون“** اوهان اڳيان پيش آهي.

هي ڪتاب عبدالله مورائيءَ جي مختلف اخبارن ۾ ڇپيل سفري ڪالمن ۽ مضمونن تي مشتمل آهي. سندس ڪتاب ۾ اسپين، فرانس، اندورا، استنبول، آسٽريليا، ڪروشيا، بيلجيم، نانگا پربت، مونٽينيگرو، دبئي، يونان، آئيسليند، جميل سمنڊ، آئرليند، انٽارڪٽيڪا. پراگ، سئيڊن، مراڪش، اسڪاٽليند سميت مختلف ملڪن، شهرن ۽ علائقن جا سفر شامل آهن. عبدالله مورائيءَ ستن سمنڊن جيڏو سفر ڪيو آهي ۽ زندگيءَ جا مڙئي عڪس ويجهو کان ڏٺا آهن. جن جو ڳر هنن سفرنامن ۾ بيان ڪيو اٿائين. هن پنهنجي سفرنامن ۾ هر ملڪ ۽ شهر جي تاريخ، جاگرافي جي ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ خوبصورت منظرڪشي ڪري سفرنامي کي دلچسپ بڻايو آهي.

هي ڪتاب 2022ع ۾ ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون عثمان مورائيءَ ۽ شيراز سومري جا جن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وسان**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست

گهمو ڦرو ۽ صحتمند زندگي گذاريو(ليڪ پاران).....عبدالله عثمان مورائي 07
موري ڪان مالٽا ۽ سسلي(عبدالله سومري جا سفرناما) ..................الطاف شيخ 13
تجسُس سان ڀرپور سيلانيءَ جا سفري قصا) ..................ڊاڪٽر مشتاق سومرو 30
سنڌ جو سيلاني .......................................................پير حماد الله 33
عبدالله سومري جون مسافتون......................................... رحمت پيرزادو 34

اسپين، فرانس ۽ اندورا ۾ رولاڪيون.......................................................42
پرين جي ديس ڪيو يوڪرين ۾ ڪيل رولاڪيون........................................ 58
بوسنيا ائنڊ هرزيگووينا ۾ گذاريل گهڙيون.................................................. 68
ڳوٺ ويندي استنبول جو چڪر.........................................................................73
مالٽا ۾ ڪجهه ڏينهن جي مهماني.................................................................. 78
يورپ جي مختلف ملڪن ۾ تجربي هيٺ آيل شين جون ساروڻيون...............84
سڊني آسٽريليا ۾ الطاف سان رولاڪيون.......................................................89
خوشبوئن جي شهر پئرس جون ساروڻيون ...................................................93
دبرونوڪ ڪروشيا جو سير .........................................................................96
استنبول ۾ رولاڪيون ۽ سنڌ جي عورت جي آزادي جي سوچ...........................100
بيلجيم ۾ نانگا پربت جون ساروڻيون...............................................................110
مونٽينيگرو ۾ هڪ ڏينهن...................................................................................113
دبئي جو سير.....................................................................................................117
جمهوريت جي جنم ڀومي يونان ڏانهن اڏام......................................................124
دنيا جو پر امن ملڪ آئسلينڊ ۽ هٿيارن جي ريل پيل........................................128
ڇميل سمنڊ تي ٻه سنڌي ۽ رڳا ڏانهن روانگي....................................................132
آئرلينڊ، سنڌ ، بلوچستان ۽ سئيڊن جون ڳالهيون..............................................135
ميلبورن آسٽريليا ۾ انٽارڪٽيڪا جي ڪنڊ مان ايندڙ تيز هوائون........... .......137
ڪافڪا جي شهر پراگ ۾..........................................................................................141
مراڪش جو سير......................................................................................................143
يورپ جي ماڻهن جون واندڪائيءَ جون وندرون.........................................................149
سئيڊن، اسڪاٽلينڊ، پاڪستان ۽ ايران جون يادون.....................................................152
مختلف سفرن جون يادون.............................................................................................154

## پنهنجي پاران:

## گهمو ڦرو ۽ صحتمند زندگي گذاريو

زندگيءَ جي هن سفر ۾، هن دنيا جو سفر ڪرڻ تمام ضروري آهي. مون پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان ڳالهه تي عمل به ته “گهٽي ڪاڏي ڪان گهٽو ڏٺو چڱو آهي.” اهي پهاڪا صدين جي شعور جو نچوڙ ٿين ٿا. هونءَ به چوڻ وارن سچ چيو آهي ته ماڻهو ڀڳي رڳو اهو ٿو جيڪو اُن هن دنيا ۾ کاڌو پيتو، پاتو ۽ چوڙيو، خير خيرات ڪئي يا گهميو ڦريو، باقي رکيو مال پرائو ۽ الائي ڪنهن جو آهي.

جڏهن جون ۽ جولاءِ جا مهينا ايندا آهن ۽ مون سون جا مينهن وسندا آهن ته مون سميت منهنجي وڏي ڀاءُ فاروق سومرو، فيروز ميمڻ، ڀائو غلام رسول سومرو ۽ اسان جي ڪجهه ٻين دوستن جي ڪيفيت ڏسڻ وٽان هوندي آهي. لڳندو ائين آهي ڄڻ اسان کي ڪا شئي پاڻ طرف ڇڪي رهي آهي. پنهنجي آس پاس جي ماحول مان بيزاري ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي، جيستائين اسان جي سفر شروع ٿيڻ جو ڏينهن اچي تيستائين مورو ٻاءِ پاس تان راولپنڊي طرف ويندڙ هرڪوچ اسان کي چڀرا ڏئي گذري ويندي آهي، تان جو اهو ڏينهن به ايندو آهي جڏهن اسان پنهنجا ٿيلها ڪڻي مورو ٻاءِ پاس يا نواب شاهه جي ريلوي اسٽيشن تي پهچندا آهيون ۽ پهرين منزل پنڊي هوندي آهي.

پنڊي جو پير وڌائي بس اڏو ٻين لاءِ ڀلي عام رواجي بس جو اڏو هجي پر اسان جي لاءِ سندس اهميت ٻي هوندي آهي. پير وڌائي اڏي تان نڪرندڙ ناٽڪو جون بسون يا ڪوسٽر جن جي منزل گلگت يا اسڪردو هجي ٿي، اسان لاءِ وڏي اتساهه جو سبب هوندا آهن. اصل ۾ اسان جي سفر جي شروعات اتان کان ٿيندي آهي. ان شئي طرف وک جيڪا اسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي هوندي آهي. تنهن دوُر ۾ انهن ڪوسٽرن ۾ پاڪستاني سياحن سان گڏوگڏ دنيا جي ٻين ملڪن جا سياح پڻ سوار ٿيندا هئا. ڪوسٽر جيئن پنڊي ڇڏيندو آهي تيئن تيئن اسان جو اتساهه وڌندو ويندو آهي. ڪل پوڳ، ننڊ جا هلڪا جهوٽا، ٻاهرين دنيا جي سياحن سان سندن ملڪن جي باري ۾ سوال جواب، مينهن جو اسان جو لاڳيتو پيڇو ڪرڻ، روڊ سان لائين وارين هوٽلن ۾ ڪڙڪ پتي چانهه جا مزا، تندور جي گرم گرم ماني، موسم جو ڪجهه بهتر ٿيڻ، پسيل روڊ کي ڪوسٽر جو چيري لاڳيتو پنهنجي منزل طرف اڳتي وڌڻ، گڏوگڏ اهو ڊپ به ته متان ليند سلائيڊنگ جي ڪري روڊ جو بند ٿيڻ ۽ ان سان گڏوگڏ اهو خيال به ته منزل تي پهچڻ کان پوءِ الائي ڪهڙي هوٽل ملندي، سچ پڇ ته اهو هڪ وڏو اتساهه هوندو هو ۽ پڙهڻ کان پوءِ ڪڙهڻ، نرڻ ۽ آنرڻ جو موقعو پڻ. هاڻي جنهن کي ڳالهه دل سان لڳي.

اسڪردو يا گلگت پهچڻ کان پوءِ هڪ ٻه ڏينهن اتي گذارڻ کان پوءِ وري اصل ائڊوينچر شروع ٿيندو هيو، معني انهن علائقن ڏانهن روانگي جتي عام سياح هرو ڀرو نہ ويندو آهي. پوءِ ڀلي اها ديوسائي پلينس هجي يا واديءِ خپلو هجي، استور هجي يا فيري ميڊوز هجي، نانگاپربت جي بيس ڪيمپ هجي يا رائيڪوٽ پل هجي، هنزه هجي يا خنجراب پاس هجي يا ڪٽي شندور جو ميلو هجي يا اتي پولو جي راند هجي. رنگ برنگي خيمن جا وقتي طور تي قائم ٿيل ڳوٺ سچ پچ تہ زندگي ۾ سڄي عمر ذهنن تي سوار هجن ٿا. ماڻهو انهن کي ياد ڪري هڪ سڪون محسوس ڪري ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي منهن کلي ٻہ ٿو تہ ماڻهو پنهنجي زندگي ۾ چاهي تہ ڪٿي ڪٿي پهچي وڃي ٿو. پاڪستان جا اتريان علائقا واقعي ٻہ جنت نظير آهن. آئون سمجهان ٿو تہ جن علائقن ۾ ماڻهو سولائيءَ سان پهچي وڃي ٿو شايد انهن علائقن جي اهميت ڪجهہ گهٽ هجي ٿي، جيئن يورپ ۾ ماڻهو آسانيءَ سان سفر ڪن ٿا ۽ تقريبن هر جاءِ تي ماڻهو سولائيءَ سان پهچيو وڃي. ان جي ابتڙ پاڪستان جي اترين علائقن تائين ماڻهو کي وڏي جستجو ڪرڻي پوي ٿي ۽ اصل مزو انهيءَ جستجو ڪري گهمڻ ۾ ئي اچي ٿو. ديوسائي پلينس تي ايترا تہ قدرتي گل آهن جن جا نالا ئي ناهن، اتان جي ماڻهن جي اها خواهش آهي تہ انهن تي ڪاش اسان کي نالا رکي سگهون. اتي جون جولاءِ جي مهينن ۾ ٻہ برف پوڻ جو انديشو هوندو آهي ۽ ڪن ڪن جڳهين تي تہ برف پيل ٻہ هوندي آهي. اتي وڻ ٻنهہ ڪونہ ٿين ڇاڪاڻ تہ اتي ايتري تہ ٿڌ ۽ برف ٿي پوي جو وڻ پاڻ کي سنڀالي نہ سگهندا. آس پاس جي جبلن جي اوچائي ٻہ گهٽجيو وڃي، ڇو جو ديو سائي پلينس پاڻ ايترو مٿي آهي. ماڻهو اتي پنهنجن خيمن ۾ رهي ٻہ سگهن ٿا پر اتي رڇن جو خطرو رهي ٿو. ديوسائي پلينس تي ڇوٽا پاڻي، ٻڙا پاڻي ۽ ڪالا پاڻي جا وهڪرا وهي اچن ٿا، جن مان ٽرائوٽ مڇي جو شڪار پڻ اتي ٿئي ٿو. شيوسر ڍنڍ تمام سهڻي آهي جيڪا جبلن جي وچ ۾ هڪ پيالي نما لڳي ٿي. ديو سائي پلينس تي ماڻهو اسڪردو کان وڃي ٻئي پاسي گهمندو ڦرندو پوءِ چلم چوڪي کان ٿيندو استور ۽ ترشنگ جي شهرن ۾ هيٺ لهي سگهي ٿو.

هڪ دفعي آءٌ، ڀائو فاروق ۽ اسان جا دوست محمد علي ميمڻ ۽ وحيد ميمڻ نانگا پربت جي بيس ڪيمپ تان رائيڪوٽ گليشئر کان ٿيندا واپس فيئري ميڊوز پئي آياسين جتي اسان جا خيما کوڙيل هئا، اسان کي اتي گليشئر تي اچي بک ورايو، پوءِ اسان جو گائيڊ خان شير خان اسان کي اتي ڇڏي پاڻ سندس ڳوٺ، جيڪو گليشئر جي مٿان پهاڙيءَ تي ئي هيو ويو ۽ اسان لاءِ ماني ۽ ٻڪري جي کير جي لسي کڻي آيو، جيڪا ان وقت اڙهن ويهن سالن جي ڇوڪرن لاءِ نعمت کان گهٽ نہ هئي. اسان اتان پوءِ واپس دير سان شام جو اچي فيئري مئڊوز پهتاسين، جتي اسان جا ٻيا دوست منصور ميمڻ، اظفر ميمڻ ۽ اسان جي

سفرن جو تمام پياروساٿي ۽ دوست فيروز ميمڻ اڳ ۾ ئي ترسيل هئا جيڪي ٽڪاوٽ جي ڪري بيس ڪيمپ واري پاسي نہ هلي سگهيا هئا ۽ اتي ٻاهہ جي مچ جي چوڌاري ٻاهرين ملڪن ۽ ڪجهہ پاڪستاني اسان جي عمر جي سياحن سان ٻاهہ جو مزو پئي ورتن.

اسان هڪ دفعي سيني دوستن جن ۾ آءُ، ڀائو فاروق، ڀائو غلام رسول، ڀائو نصرت سيهڙ، ڀائو نور محمد، ڀائو اعجاز جان ۽ ڀائو رشيد نلتر ويلي گهمڻ پئي وياسين، پراڻ رستي ڪان پوءِ لينڊ سلائيڊنگ جي ڪري رستو بند هيو ۽ اسان کي واپس اچڻو پيو، اهو سڻو ٿيو هيو جو ويندي رستو بند ٿيو نہ تہ ماڻهو اتي ڦاسي بہ سگهي ٿو، پوءِ جڏهن رستو کلي. ٻئي دفعي آءُ وري پنهنجي يونيورسٽيءَ جي گلگتي دوست شاهد حسين سان سندس موٽر سائيڪل تي نلتر ويلي ويو هيس ۽ اهو منهنجو پهاڙن ۾ موٽر سائيڪل هلائڻ جو پهريون تجربو هيو. اتي موسم ۾ ٽڪار هيو ۽ اسان  اتي هڪ پاٽي جي وهڪري جي پرسان چپلي ڪباب کاڌا هيا. هڪ دفعي هنزه ۾ ڪجهہ ڏينهن رهڻ کان پوءِ اسان سيئي دوست سوست ۽ خنجراب پاس گهمڻ پئي وياسين، ڀائو غلام رسول وٽ گانن جي ڪليڪشن تمام سٺي هوندي آهي، سوست ۾ پهچڻ کان پو وين جي ڊرائيور ڀائو غلام رسول کي چيو تہ ڪيسٽ ڏي تہ مان ان جي ڪاپي ڪرائي پوءِ واپس ٿو آڻي ڏيان، ڊرائيور ڪيسٽ کڻي ويو تہ اسان سيني سمجهو تہ اها ڪيسٽ بس هاڻي وئي ۽ واپس نہ ملندي، پر ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ ڊرائيور ڪيسٽ واپس ڏئي ويو. ان ڪيسٽ ۾ شمن علي ميرالي جا ڳايل گانا بہ هيا، خنجراب جي جڏهن ستن چاڙهين تي اسان وارو ڪوسٽر پئي چڙهيو تہ ڀائو غلام رسول رڙ ڪري چيو تہ حل پيٽان ڪٽي خنجراب ڪٽي شمن علي ميرالي، سندس اها خواهش  هئي تہ شمن کي اها خبر پئي تہ سندس گانا خنجراب پاس تي بہ ٻڌا ويا آهن. خنجراب پاس تي جولاءِ جي مهيني ۾ بہ برف پيي پئي.

2008ع ۾ سئيڊن اچڻ کان پهريان بہ اسان جو هڪ تمام يادگار سفر ڪاغان، ناران، شوگران، سري پائي، لالوسر ڍنڍ ۽ بٽا ڪنڊي جو ٿيو هئو. ان سفر ۾ مون سان گڏ سائين پير حمادالله خياروي، سائين عبدالعزيز مگسي، ادو ممتاز سومرو ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر محمد سليم ساڻ هئا. شوگران ۾ هڪ رات اسان تمام دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين ۽ سائين عبداللعزيز مگسي جي پڪن گفتن ۽ ڳالهين مان تمام گهڻو لطف اندوز ٿياسين.

هي ڪجهہ قصا ياد ڪري جڏهن آءُ لکان پيو تہ منهنجي ڪيفيت تمام ٻي آهي، جيئن ڪو عاشق پنهنجي محبوب کان پري هجي. اهي علائقا گهمڻ کان پوءِ مون کي پڪ آهي تہ اوهان جون مرڪون ۽ ڪيفيتون بہ  تبديل ٿيل هونديون.

اهي مٿيون ڳالهيون لکڻ جو مقصد رڳو اهو هو تہ هاڻي اهو سوچي ۽ سمجهي سگهجي تہ آخر ماڻهو پنهنجو گهر گهاٽ ڇڏي ڇو وتي هيڏانهن هوڏانهن رلندو؟ موڪلن

۾ ماڻهو ڇوته گهر ۾ ويهي مزي سان سڪون ڪري، دير سان ننڊ مان اٿي، دوستن يارن سان ملاقاتون ڪري ۽ موڪلون گذاري ڇڏي؟ اهو ڪنهن حد تائين ٺيڪ به آهي پر زندگي ۾ ڪجهه سفر ڪرڻ ۽ نيون شيون ڏسڻ ۽ پرکڻ به ضروري آهي. ائين ڪرڻ سان ماڻهو ملڪ اندر موجود مختلف ثقافتون به ڏسي وٺي ٿو يا دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سفر ڪرڻ سان اتان جي ثقافتن، تهذيبن، رهڻي ڪهڻي، کاڌي پيتي بابت ڄاڻ به حاصل ڪري سگهي ٿو. نيون شيون ڏسڻ ۽ پرکڻ سان انسان جو دماغ کلي ٿو ۽ هو نيون شيون سکي ٿو ۽ زندگي جي ٻين رخن کي پڻ ڳولهي لهي ٿو.

سفر ڪرڻ سان ماڻهو پنهنجي روز مرهه جي زندگي سان ڪٽجي ٿو ۽ جيڪي مسئلا روز مرهه جي زندگي ۾ هوندا آهن انهن کي هڪ يا ٻن هفتن لاءِ ماڻهو وساري ٿو ڇڏي، پر ڪن جو خيال آهي ته ڪڏهن ڪڏهن انهن مسئلن کي ماڻهو پنهنجي روز مرهه جي زندگي ۾ حل ڪرڻ جو اهل نه ٿو رهي ۽ جڏهن هو سفر ڪري ٿو ته هو انهن کي حل ڪرڻ جي باري ۾ سولائي سان سوچي سگهي ٿو. ماهرن جو چوڻ آهي ته سير سفر ڪرڻ سان انسان جي اسٽريس واري ليول تمام گهٽي گهٽجي وڃي ٿي ۽ هڪ سروي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سفر ڪرڻ سان دل جي دوري پوڻ جي امڪان ۾ ڪافي گهٽتائي اچي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته جيڪي شيون سامهون هونديون آهن انهن جي اهميت ته هوندي آهي پر شايد اها محسوس ناهي ٿيندي ۽ ائين چيو به ويو آهي ته جڏهن شيون اسان کان پري هليون وينديون آهن ته پوءِ انهن جي اهميت جو احساس ٿيندو آهي، ته ڪجهه هفتن لاءِ جڏهن ماڻهو پنهنجي آسپاس جي ماڻهن يا پنهنجي گهر ڀاتين کان پري ٿو هليو وڃي ته اهو هڪ قسم جو رابطو ڪٽجي ٿو ۽ جڏهن رابطو ڪٽجي ٿو ته پوءِ پنهنجن پيارن جي اهميت جو احساس ٿئي ٿو، سو چوڻ جو مقصد ته سفر ڪرڻ سان ماڻهو پنهنجن پيارن سان وڌيڪ ويجهو ٿئي ٿو. جڏهن اوهان پنهنجن ٻارن سان گڏ سير سفر ڪيو ٿا ته ڪين هن دنيا ۾ جنهن ۾ اهي رهن ٿا ان بابت خبر پوندي ته دنيا جو ڪاروبهوار ڪيئن ٿو هلي ۽ انهن جو اعتماد وڌندو.

جيئن پاڻ اڄ ڪلهه موبائل فون چارج ڪرڻ لاءِ پريشان هوندا آهيون تيئن ئي سال ۾ هڪ دفعو جڏهن ماڻهو پنهنجي آس پاس جي ماحول کان پري ٿو وڃي ته اهو به هڪ قسم جو پنهنجي پاڻ کي چارج ڪرڻ ٿو وڃي، آءُ اهو يقين سان چئي سگهان ٿو ته ٻن هفتن جو سفر پوري سال جي چارجنگ ڪريو ڇڏي يا ڪٽي ائين چئون ته سفر ڪرڻ سان انسان جو جسم ۽ دماغ ري سيٽ ٿئي ٿو. چوندا آهن ته موسيقي روح جي غذا آهي، ان سان گڏوگڏ آءٌ سمجهان ٿو ته سير سفر ڪرڻ موسيقي کان وڌي روح جي غذا آهي.

منهنجا پنهنجا پاڪستان ۾ يا پاڪستان کان ٻاهرڪيل سفر منهنجي لاءِ سڀي عمر

جي چارجنگ جويا ري سيٽنگ جوڪم ڪن ٿا. اڪيلو سفر ڪرڻ جا ٻه پنهنجا مزا آهن، ماڻهوءَ ۾ فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت وڌي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ ماڻهو ٽائيم مئنيجمينٽ، ڳالهائڻ جا طريقا، پنهنجي اسٽريس کي قابو ۾ رکڻ، شين کي اڪيلي سر منهن ڏيڻ ۽ پلاننگ ڪرڻ، سوچي سمجهي خرچ ڪرڻ، ٻي ڪا ٻولي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ، واسطا وڌائڻ جا طريقا، ذهني پختگي پيدا ٿيڻ ۽ طبيعت ۾ لچڪ پيدا ٿيڻ جهڙا گڻ انسان ۾ پيدا ٿيو وڃن. اڪيلي سفر ڪرڻ سان انسان پنهنجي پاڻ سان پنهنجي بابت پڻ ڳالهائي ٿو، جيڪو تمام ضروري آهي. ان سان گڏوگڏ اڪيلي سياح کي ڪيس ئي ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڪرڻو آهي، ڪيس پاڻ ئي لٽي ڪپڙي جو فڪر ڪرڻو آهي. پر دوستن سان گڏ سفر ڪرڻ جا ٻه پنهنجا فائدا آهن، ماڻهو اڪيلائپ جو شڪار نه ٿو ٿئي ۽ پنهنجي پاڻ کي محفوظ سمجهي ٿو.

سفر ڪرڻ سان ماڻهو کي نيون ۽ سٺيون عادتون ٻه سکي ۽ شروع ڪري سگهي ٿو ۽ ڪن ڪنين عادتن مان جان ٻه ڇڏائي سگهي ٿو. سياڻن ماڻهن جو خيال آهي ته جيڪي ماڻهو سفر ڪن ٿا اهي مسئلن کي صحيح طريقي سان حل ڪرڻ جا گر سکي وٺن ٿا، اهي ڪنهن ٻه ٿوري گهڻي تبديلي کان ڊنل ناهن هوندا. ظاهر آهي زندگي جو ميلو ئي آهي جيڪو ڪٿي نه ڪٿي ته ختم ٿيڻو آهي، سو جڏهن ماڻهو اڪيلو يا پنهنجي گهر وارن سان سفر ڪري ٿو ته هو زندگي جو بهترين وقت هڪ ٻئي سان گذارين ٿا ۽ اهو زندگي ۾ وڏو يادگار رهي ٿو. سفر ڪرڻ کان پوءِ ماڻهو دوستن يارن کي نوان نوان قصا ٻڌائي سگهي ٿو ۽ اهي قصا ٻڌائي ماضي جي سفر جون يادون تازيون ڪري ماضي جي قصن مان لطف اندوز ٿي سگهي ٿو. اسان اڄ ٻه دوستن سان جن سان گڏ سفر ڪيل آهي، ماضي جي انهن وٽنڊڙ سفرن بابت ڳالهيون ڪندا آهيون ۽ سچ پچ ته ائين لڳندو آهي ڄڻ اسان وري گڏ سفر ڪري رهيا آهيون. پنهنجي پاڻ کي چارج ڪرڻ لاءِ هتي يورپ جا ماڻهو سال ۾ هڪ يا ٻه دفعا ضرور ڪاڏي نه ڪاڏي گهمڻ لاءِ وڃن ٿا . بقول سائين منير شاهه ذاڪري جي ته تيري دو ٽڪيا کي نوڪري، تي ميرا لاکون ڪا ساون جائي ري. مطلب ته رڳو نوڪري يا ڪاروبار جي چڪر ۾ پنهنجي هن حسين ۽ خوبصورت حياتي کي ڳاري نه ڇڏجي.

ڪتاب پڙهڻ جو شوق اسان جي سٽين درجي جي استاد سائين علي مراد لغاري صاحب ڏياريو ۽ ان کان پوءِ اهو شوق وڌندو ئي ويو ۽ مالڪ سائين جا احسان جو هاڻي آءُ پنهنجو هي ڪتاب پڙهندڙن کي پيش ڪري رهيو آهيان. منهنجو هي پهريون ڪتاب آهي جيڪو مختلف اخبارن ۾ ڇپيل منهنجن سفرنامن تي مشتمل آهي. مون لکڻ ته اسڪول جي زماني ۾ شروع ڪيو هئو ۽ يورپ اچڻ کان پوءِ يونيورسٽي جي پڙهائي ۾ مصروف ٿي ويس، پر سائين راشد مورائي، سائين ڊاڪٽر لائق زرداري ۽ ڀائو اسحاق سومرو هميشه

چوندا ۽ همٿائيندا رهيا تہ يورپ جا تجربا پڻ لکو. جڏهن اهي تجربا تمام گهڻا لکيا تہ ڪجهہ دوستن صلاح ڏني تہ اخباري ڪالم جي عمر رڳو هڪ ڏينهن آهي ۽ اوهان جو قلمي پورهيو ضايع ٿي ويندو سو ان کي ڪتابي صورت ۾ آڻيو، ۽ اڄ منهنجو اهو قلمي پورهيو ڪتابي صورت ۾ اوهان جي هٿن ۾ آهي. آءٌ تمام گهڻو شڪر گذار آهيان سائين الطاف شيخ صاحب، سائين پير حمادالله صاحب، پائو ڊاڪٽر مشتاق سومرو ۽ رحمت پيرزادي جو، جن هن ڪتاب لاءِ ہہ اکر لکيا ۽ منهنجي تمام گهڻي حوصلاافزائي ڪئي.

**عبدالله عثمان (مورائي)**
sufimorai@gmail.com

مهاڳ

## موري ڪان مالٽا ۽ سِسِلي

موري شهر جي عبدالله (سچو نالو عبدالله عثمان مورائي) ہہ هفتا ڪن اڳ اسٽاڪهولم مان،

مون سان فون تي ڳالهايو. عبدالله جي هن نئين وطن سئيڊن جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ جڏهن آئون پڙهندو هوس ته منهنجو چلي ملڪ جو هڪ ڪلاس ميٽ چوندو هو ته هن جهڙو ڪو ٻيو چريو نه هوندو جو معمولي ڊگريءَ لاءِ هو دنيا جي ڏکڻ قطب ڪان هلي اتر قطب آيو آهي. واقعي چلي (Chile) ڏکڻ قطب ۾ ڇيڙي وارو ملڪ آهي، جيئن ناروي ۽ سئيڊن اتر قطب جا ڇيڙي (آخر) وارا ملڪ ٿيا... ۽ اسان جو انجنيئر، اديب، ڪالم نويس ۽ هن ڪتاب "مسافتون" جو ليکڪ عبدالله مورائي جنهن مون سان اسٽاڪهولم مان ڳالهايو، ان جو اهو شهر اتر قطب واري ملڪ سئيڊن جو ته شهر آهي.
اڳ ۾ آئون اهو ئي چوندو هوس ته دنيا ۾ سنڌ جا فقط هندو ماڻهو جتي ڪٿي ملن ٿا، پر هاڻ ڏسان پيو ته تعليم يا نوڪري ۽ پورهئي لاءِ سنڌي مسلمان به جتي ڪٿي نظر اچن ٿا_ ويندي سئيڊن جهڙن قطبي ملڪن ۾ به جيڪي بقول منهنجي مٿئين چليءَ جي ڪلاس ميٽ جي ته موسم ۽ فاصلي جي لحاظ ڪان سئيڊن هڪ ڏورانهون ڏيهه آهي. سنڌ جي انهن نوجوانن مان ڪيترا ته ڏارين ملڪن جا شهري ٿي ويا آهن. هنن ڪي پنهنجي ملڪ ڪان علاوه سئيڊن جو به پاسپورٽ آهي. بقول عبدالله جي هن وقت سئيڊن ۾ ڪافي سنڌي فئمليون هميشه لاءِ رهن ٿيون. عبدالله مورائيءَ ڪان سواءِ عبدالرحيم نظاماڻي، وزيرعلي سومرو، قادر جتوئي ۽ ڪجهه ٻين سان منهنجي به ملاقات ٿي چڪي آهي، جن مان ڪجهه جو احوال مون " آرڪٽڪ سرڪل جي آس پاس"، "جت برف پوي ٿي جام" جهڙن ڪتابن ۾ لکيو آهي. هنن جو اولاد سچو ڏينهن اسڪول يا پاڙي ۾ مقامي سئيڊ ٻارن سان ملڻ ڪري اڙدو، سنڌي يا انگريزيءَ ڪان وڌيڪ هتي جي سئيڊش ٻولي ڳالهائڻ ۾ آساني محسوس ڪري ٿو. جيئن اسان وٽ عرب ملڪن توڙي ايران يا جارجيا جا رهندڙ باشندا ۽ انهن جو اولاد سنڌي ڳالهائين ٿا. يا ڪٿي ڇئجي ته جيئن عرب ملڪن ۾ ڪيترائي عرب ملندا جن جا وڏا سنڌ ڪان لڏي عربستان ۾ اچي رهيا ۽ هاڻ عربن جهڙي ٻولي ڳالهائين ٿا.
عبدالله فون تي ٻڌايو هو ته هن کي لکڻ جو شوق آهي ۽ هينئر هن "مسافتون" نالي هڪ سفرنامون لکيو آهي. عبدالله مورائيءَ جا مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ايندڙ مضمون ۽ ڪالم آئون به وڏي عرصي ڪان پڙهندو اچان، جڏهن هو اجا پنهنجي ڳوٺ موري ۾ هو يا هن صديءَ جا شروع وارا ڏهاڪو ڪن سال ٽنڊو ڄام ۽ خيرپور يونيورسٽين مان مختلف ڊگريون حاصل ڪري رهيو هو. هن کي ننڍپڻ ڪان گهمڻ ڦرڻ جو شوق رهيو آهي. ڳالهه اها آهي ته سير سپاٽي جو شوق ته سيني کي ٿئي ٿو، پر عبدالله انهن ٿورن ماڻهن مان آهي، جن کي پنهنجي گهمڻ جو احوال لکڻ لاءِ جستجو ۽ شوق پڻ هلندو اچي _ جيئن اسان جا نوجوان هن جي مشاهدن ۽ تجربن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن. لکڻ بابت عبدالله ڪان پڇيم ته ان جو شوق ۽ عادت هن ۾ ڪنهن وڌي؟
پاڻ بابت ڪيس ٻڌايم ته اسان کي ته اسان جي ڪاليج جو پرنسپال ڪجهه ڇَٽَ سان ڪجهه لٽ سان لکرائيندوهو. عبدالله ٻڌايو ته ڪيس جن ماڻهن لکڻ لاءِ همٿايو ۽ هن کي شوق

ڏياريو ۽ اها ئي صلاح ڏني ته جيڪي ڪجهه گهمين ۽ ڏسين اهو ضرور لکندو رهه انهن ۾ ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، راشد مورائي، اسحاق سومرو، ڊاڪٽر مشتاق سومرو، پير حمادالله ۽ رحمت پيرزادو شامل آهن. انهن مان ڪي ته پاڻ به سٺا اديب ۽ شاعر آهن ۽ سندن ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. اتفاق سان انهن مان ڪجهه مهربانن سان منهنجي به پراڻي سڃاڻپ آهي، جن ۾ ڊاڪٽر محمد لائق زرداري مون ڪي به ويجهوررهيو آهي. بهرحال اهڙن ماڻهن ڪي شابس هجي جيڪي عبدالله جهڙن نوجوانن ڪي لکڻ پڙهڻ جهڙين سٺين ڳالهين لاءِ اتساهه پيدا ڪن ٿا ۽ ساڳي وقت عبدالله جهڙن ڪي به جس هجي جيڪي اهڙن ماڻهن جي نصيحتن تي عمل ڪن ٿا ۽ مشغول زندگيءَ هوندي به لکڻ پڙهڻ لاءِ وقت ڪڍن ٿا ۽ سندن لکٽيون ڪيترن لاءِ ڪار آمد ۽ رهنما ثابت ٿين ٿيون_ خاص ڪري انهن لاءِ جيڪي ولايت ۾ تعليم يا نوڪري حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهن.

عبدالله مورائي اسڪول وارن ڏينهن کان لکندو اچي. اسان جهڙا ماڻهو جيڪي ڪجهه ڏينهن لاءِ ولايت گهمڻ لاءِ وڃن ٿا، انهن لاءِ پنهنجي سفر جو احوال لکڻ ڪو ايڏو ڏکيو ڪم ناهي جو هو ڪجهه ڏينهن بعد پنهنجي وطن موٽي اچن ٿا، جتي جي زندگي ايڏي مشغول ناهي ۽ هنن ڪي لکڻ پڙهڻ لاءِ وقت ئي وقت آهي. پر فياض سومري، پير تاج محمد، ڊاڪٽر منصور ٿلهي، خير محمد ڪولاچي ۽ اسان جي عبدالله مورائي جهڙن نوجوانن ڪي وڏيڪ شاباس ڏيڻ اُن ڪري ضروري سمجهان ٿو جو هو ڪئناڊا، آمريڪا يا سئيڊن جهڙين ولايتن ۾ رهن ٿا ۽ اتي جا شهري آهن. هو اتي نوڪريون ڪن ٿا ۽ يارو، ولايت ۾ نوڪري ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي! سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي ۽ ايمانداريءَ سان ڊيوٽي ڏيڻ ڪري واندڪائي نه برابر ملي ٿي. پوءِ ان آرام جي گهٽ وقت مان ڪجهه حصو ڪڍي پنهنجي وطن جي ماڻهن لاءِ ولايت جون ڳالهيون لکڻ قابلِ تعريف خدمت آهي.

در اصل اڄ ڪلهه سڄي دنيا هڪ ڳوٺ ٿي ويو آهي. تعليم جي جستجو ۾ يا نوڪريءَ جي ڳولا ۾ اڄ جي نوجوانن ڪي جتي به وجهه لڳي ٿو ته هو اتي وڃڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پوءِ هن قسم جا سفرناما آهن، جيڪي هنن جي رهنمائي ڪن ٿا. آئون ڪٿي لکي چڪو آهيان ته 1980ع بعد جڏهن مون سامونڊي نوڪري ڇڏي ڪناري جي نوڪريءَ لاءِ ڳولا ڪئي ته مون ڪي ٻن هنڌن تي منهنجي پسند جي _ يعني "ٽيچنگ" جي نوڪريءَ جي آفر ٿي. هڪ ايران جي بندرگاهه "چابهار" جي نيول اڪيڊميءَ ۾ ۽ ٻي ملائيشيا جي شهر "ملاڪا" ۾.

اڄ ڪلهه ته توهان ڪي هر ڳالهه جي معلومات گوگل ۽ وڪيپيڊيا ۾ مليو وڃي، پر انهن ڏينهن ۾ مون ڪي انهن شهرن جي ڪتان به معلومات نه ملي سگهي. آخر اڪيون پوري ملاڪا لاءِ نڪري پيس. دل ۾ پڪو پهه ڪيم ته اتي پهچي آئون انهن پٽن (شهرن / علائقن) بابت تفصيلي ڄاڻ اخبار ۾ لکندس، جيئن ٻين ڪي گهٽ ۾ گهٽ ملائيشيا بابت معلومات ٿي سگهي ۽ هو مون وانگر منجهيل نه رهن. مون ڏٺو ته منهنجي ملائيشيا جي سفرنامن ڪري ڪيترائي اسان جا ماڻهواتي تعليم، نوڪري، پورهئي ۽ واپار لاءِ آيا ۽ اڄ تائين ايندا

رهن ٿا. بعد ۾ ٻين ٻه ڪيترن ئي (ڊاڪٽر عبدالحفيظ لغاري، پروفيسر شاهمراد چانڊيو، مور ساگر وغيره) ملائيشيا بابت لکيو ۽ اسان جي وطن جي نوجوانن کي منهنجي ۽ ٻين جي سفرنامن پڙهڻ ڪري ملائيشيا ۾ پهچڻ کان اڳ ملائيشيا جي ماحول، موسم ۽ ماڻهن جون اوڙايون پوڙايون دماغ ۾ اچڻ ڪري هنن جي هڪ نئين ملڪ ۾ زندگي آسانيءَ سان گذري. هنن کي ملائيشيا ۾ پهچڻ سان اها پريشاني نه ٿي جيڪا مون کي رسي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته انٽرنيٽ ڪري اڄ ڪلهه دنيا جي هر شهر، هر ملڪ جي، گهر ويٺي خبر پئجيو وڃي. پر ڏيان ۾ رکڻ جي اها ڳالهه آهي ته انٽرنيٽ ذريعي توهان کي فقط جاگرافي، تاريخ يا موسم جهڙين شين جي ڄاڻ پوي ٿي. سفرنامو اها شيءِ آهي جنهن کي پڙهڻ سان مصنف / مسافر جي احساسن ۽ جذبن جي خبرپوي ٿي_ خاص ڪري پنهنجي هم وطني ۽ هم زبان جي سفرنامي مان وڌيڪ بهتر ڄاڻ ٿي سگهي ٿي ته هن پيش آيل مسئلن کي ڪيئن منهن ڏنو، جيڪي ڳالهيون پڙهندڙن کي به درپيش اچي سگهن ٿيون. مثال طور سعودي عرب جهڙي ملڪ ۾ هڪ انگريز ۽ يورپيءَ کي ته ڪا به خاص تڪليف نٿي رسي. هن جي اڳيان ته جتي ڪٿي عرب هٿ ٻڌيو پيا هلن.اسان کي پنهنجي ماڻهوءَ جو سفرنامو پڙهڻ کپي، جنهن کي پروفيسر، انجنير يا ڊاڪٽر هجڻ جي باوجود عربن جي عتاب هيٺ رهڻو پوي ٿو ۽ هن جون ئي صلاحون ۽ تجربا اسان جي ماڻهن جي ڪم اچي سگهن ٿا.

سئيڊن جتي اسان جي سنڌ جو عبدالله مورائي رهي ٿو، يا ناروي ڊينمارڪ، فنلئنڊ جهڙا ملڪ_ اهي ملڪ آهن جتي انسان جو قدر ڪيو وڃي ٿو ۽ هر شهري سُکَ جو ساهه کڻي ٿو. اڄ کان اڌ صدي اڳ_ يعني 1970ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن آئون پهريون دفعو جهازن جي نوڪريءَ ڪري سئيڊن ۽ ناروي آيس ته منهنجي ڏاڍي خواهش ٿي ته ڪاش اسان جي وطن جا نوجوان هن پاسي_ يعني اتر يورپ (Scandinavian) ملڪن ڏي تعليم يا نوڪري پورهئي لاءِ اچن. پر سخت ٿڌي موسم ۽ فاصلي جي ڏوريءَ جي ڪري هرهڪ انگلينڊ ۽ جپان جهڙا ملڪ وري به ويجها ۽ بهتر ٿي سمجهيا. ۽ پوءِ پهريون دفعو 1990ع ۾ مون کي وزير سومري نالي، سئيڊن ۾ هڪ سنڌي نوجوان مليو. اهڙي طرح آهستي آهستي ٻيا به ايندا رهيا ۽ تعداد وڌندو ويو. رات اسٽاڪهولم فون ڪري عبدالله کان پڇيم ته سئيڊن ۾ اڄ ڪلهه سنڌ جا ڪيترا هوندا ته هن ٻڌايو ته هونءَ ته تعليم ۽ عارضي نوڪري ۽ ڏنڌي خاطر ته ڪيترائي رهن ٿا پر هميشه لاءِ شهريت اختيار ڪرڻ وارن جو تعداد لڳ ڀڳ 200 ٿيندو جيڪي پنهنجين زالن ۽ ٻارن سان آيا آهن يا ڪجهه ڄڻن هتان سئيڊ ڇوڪرين سان شادي ڪئي آهي.

اهو ٻڌي مون کي حيرت ۽ خوشي ٿي ۽ آئون ان جو وڏو ڪريڊٽ سفرنامن کي ڏيڻ چاهيان ٿو جن جي پڙهڻ ڪري اسان جي ماڻهن ۾ ٻاهر نڪرڻ جو شعور پيدا ٿيوآهي. نه فقط ڇوڪرن کي پر ڇوڪرين کي پڻ. ۽ عبدالله مورائيءَ جهڙن جي واڪاڻ ڪندس ته پرڏيهه ۾ هو وقت ڪڍي مختلف نون هنڌن (ملڪن / شهرن) بابت پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا لکن ٿا ۽

ڪارگر صلاحون ڏين ٿا، جيئن هن سفرنامي ۾ به هن ٻن ٽن انهن هنڌن جو احوال به لکيو اهي، جن بابت منهنجي دل ۾ هو ته جيڪر انهن  بابت به ڪو لکي_ جيئن ته مالٽا، اسپين ۽ انڊورا (Andorra)   بابت. اتفاق ڏسو ته اسپين ۽ انڊورا بابت نه فقط عبدالله هن سفر نامي ۾ لکيو آهي پر هن ئي هفتي اسان جي پيٽ پروفيسر صفيه انصاريءَ جو سفر نامو آيو آهي، هن به انهن مان ٻن ملڪن اسپين ۽ انڊورا جو تفصيلي احوال ڏنو آهي.

پنهنجي ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جي دوست مرحوم نور احمد نظاماڻيءَ جو پوٽو عبدالرحمان نظاماڻي، جيڪو حيدرآباد ۾ وڪالت پڙهي رهيو آهي تنهن کي هر وقت چوندو آهيان ته Law ۾ ماسٽرس مالٽا (Malta) مان ڪجانءِ ۽ اتي جو احوال سفرنامي جي صورت ۾ لکجانءِ.

وڪالت جي اعليٰ تعليم ڪٿان به ڪري سگهجي ٿي، پر منهنجي دماغ ۾ هميشه ”مالٽا“ رهيو آهي جو منهنجا جهاز ران ساٿي ”مئريٽائيم لا“ پڙهڻ لاءِ هميشه يؤنچ سمنڊ (Mediterranean) جي هن خوبصورت ننڍڙي ٻيٽ (مالٽا) وڃن ٿا. اسان جو هر جهاز هر دفعي لنڊن ڏي ويندي يا اتان موٽندي، يؤنچ سمنڊ کي لتاڙڻ دوران گهٽو ڪري هر دفعي مالٽا ترسندو هو. جبرالٽر، ممباسا ۽ اسپين جي ڪَنارِي (Canary) ٻيٽ ”لاس پاماس“ وانگر مالٽا به مون کي موهي رکندو هو. بهرحال مون کي خوشي آهي ته عبدالله جي هن سفرنامي ۾ ٿورو ئي صحيح پر ”مالٽا ٻيٽ“ جو به ذڪر آهي.

مالٽا هڪ عجيب ملڪ آهي، جتي مون کي جبرالٽر، اندلس ۽ اسپين وانگر عرب دنيا ۽ اسلام جو هڳاءُ محسوس ٿئي ٿو. اسپين وانگر مالٽا ۾ به ڪنهن دور ۾ عربن جي حڪومت رهي آهي ۽ هڪ به صديون نه پر پوريون اڍائي صديون...! ان بعد اسلام ۽ اسلام سان وابسته ماضيءَ جون سموريون ڳالهيون هن سر زمين تان ختم ڪيون ويون. مسلمانن کي ڏيهه نيڪالي ڏني وئي ۽ باقي رهيلن کي زوريءَ عيسائي بنايو ويو. مسجدون ۽ مدرسا بند ڪيا ويا_ جيئن ڪنهن کي اهو احساس نه ٿئي ته هن ڌرتيءَ تي ڪڏهن مسلمان به رهيا ٿي يا عرب ڪلچر به هو. پر سچ پچو ته ڪيترو به لڪائڻ جي باوجود مالٽا جون ڪيتريون ئي ڳالهيون اسلام ۽ عربن جي موجودگيءَ جي چغلي هڻن ٿيون. جيڪڏهن توهان کي ٿوري به عربي اچي ٿي ته اسپين جي عربي نالن وارن شهرن: غرناطا، قرطبه، الاندلس، ابوالقرق (Alburquerque) _ معني' سفيد اوڪ جو ڪاٺ_ جنهن شهر جي نالي تان پورچوگالي ائڊمرل افونسو ڊِي ابوالقرق تي هن جي والدين نالو رکيو، اندرش (Andarax) ، البيضاءُ (Albelda) معنيٰ سفيد، البرڪتهه (Alberca) معني حوض، البرج (Alborg) معنيٰ ٽاور، بني قاسم (Benicasim)، بني المدينه (Benalmadena)، بلنسيهه (Valencia)، بلدالوليد (Valladlid)، الجزيره الخضراء (Algeciras) معني سائو ٻيٽ، طليطلتهه (Talado) جهڙا سوين نالا ملندا. اهڙي طرح مالٽا جي ننڍڙي ٻيٽ تي جيڪي ڪجهه شهر، ڳوٺ يا علائقا آهن، انهن مان ڪيترن جا نالا توهان سمجهي ويندائو ته عربي زبان تان آهن... جيئن ته مدينه (Madina)، قورمي، راباط، زبار (Zabbar)، زيتون (Zetun)، عطارد (Atard)، العاشق (Ghaxaq)، سان پال البحر، تاس سليما، الزريق

(Zurrieq) وغيره.
سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ مالٽيز ٻوليءَ جو لهجو عربيءَ جهڙو ئي آهي. سسلي (اٽلي) جي گورنر گلبرٽو جي 1240ع واري رپورٽ ۾ هو هِن ٻيٽ مالٽا بابت لکي ٿو تہ اتي مسلمانن جا 836 ڪٽنب رهيا ٿي، 250 عيسائين جا ۽ 33 يهودين جا. پندرهين صديءَ جي آخر تائين مالٽا جي سيني مسلمانن کي زوريءَ عيسائي بنايو ويو ۽ هنن سان وابستہ اسلام جي هر سجاڳپ ۽ روايت کي ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پر ان هوندي بہ اڄ هڪ ڏارئين کي هن ٻيٽ تي پهچڻ سان هن کي اسلام ۽ عرب ڪلچر جا اهڃاڻ محسوس ٿين ٿا. هتي جا ماڻهو ـ عيسائي هجن يا يهودي اڄ بہ God کي Alla (الله) چون ٿا ۽ 40 ڏينهن جي روزن رکڻ جي آڳاٽي هلندڙ رسم کي Randan (رمضان) سڏين ٿا. ان کان علاوه مالٽا ۾ ڪيترين ئي عمارتن جو آرڪيٽيڪچر عرب دور جي حڪومت جو هلندو اچي ـ خاص ڪري گهرن جون ڇاريءَ واريون بالڪنيون، جن کي مالٽا جا ماڻهو سندن ٻوليءَ ۾ Muxrabija سڏين ٿا، جيڪو عربي لفظ Mashrabiya (مشرابيا) مان آهي جنهن جي معنيٰ ڳڙکيون (Peep holes) آهي. هي ڇاريءَ واريون ڪاٺ يا لوهہ جون بالڪنيون اهڙي نموني جون ٿين ٿيون، جن جي ڳڙکين مان اندرئين پاسي کان گهر جون عورتون ٻاهر جو نظارو ڪري سگهن ٿيون پر ٻاهر وارن جي هنن تي نظر نٿي پوي.
ياد رهي تہ اوائلي صديون کان مالٽا تي عربن جي حڪومت جي دور ۾ عورتن کي پڙدي ڪرڻ لاءِ تلقين ڪئي وئي ٿي. ان کان علاوه ان دور ۾ مالٽا ۽ سسليءَ جي عورتن ڪاري رنگ جو هڪ خاص برقعو پاتو ٿي، جنهن کي مالٽا جا ماڻهو اڄ بہ Ghonnella يا Faldetta سڏين ٿا، جيڪي عربيءَ جي لفظن جي ڪجهہ بگڙيل شڪل آهن. هي برقعو اڄ بہ مالٽا جي قومي لباس ۾ شامل آهي، جنهن ۾ فقط منهن کليل رهي ٿو باقي جسم مٿي کان پيرن تائين ڍڪيل رهي ٿو. پراڻي وقتن جي مالٽا جي عورتن جون هن قسم جي برقعي غونيلا ۾ تصويرون ڏسي هو ميڊيٽرينين سمنڊ جون يورپي نہ پر مڊل ايسٽ جون عورتون لڳن ٿيون.
سئيڊن جي يونيورسٽيءَ ۾ مون سان گڏ پڙهندڙ مالٽا ٻيٽ جو ڪلاس ميٽ ڪئپٽن اوَگستو (Awgustu) ـ جنهن جي زال ٿوَيا بہ هن سان گڏ هاسٽل ۾ رهي ٿي، ٻڌائيندو هو تہ مسلمانن جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد، ارڙهين صديءَ ڌاري جڏهن عيسائين جي ـ يعني Knights of Malta جي حڪومت هئي تہ هنن وٽ 9000 مسلمان غلام رهيا ٿي جن کي ڪافي حد تائين مذهب ۽ ٻين ڳالهين جي آزادي مليل هئي. ايتري قدر جو ڪجهہ غلامن واپار وڙو بہ ڪيو ٿي ۽ مالٽا جي گادي واري شهر واليٽا جي گهٽين ۽ چونڪن ۾ گاڏن تي مختلف سامان رکي وڪيو ٿي. 1748ع ۾ سلطنت عثمانيہ جو هڪ جهاز هنگري، جارجيا ۽ مالٽا جا ماڻهو غلامن طور ترڪي ڪٺي پئي ويو تہ هنن غلامن جهاز تي بلوو ڪيو ۽ جهاز تي موجود 150 کن ترڪ آفيسرن ۽ مسافرن کي ڪٺي قيدي بڻايو ۽ جهاز کي مالٽا ڏي موڙي

آيا. ترڪيءَ جي جهاز رانن ۾ سرڪاري ڪامورن ۾ ترڪيءَ جي هڪ صوبي جو گورنر (پاشا) مصطفيٰ بہ موجود هو. فرانس جي حڪومت جي چوڻ تي مالٽا وارن مصطفيٰ کي عام قيدين وانگر جيل ۾ يا غلام بڻائي پورهيو وٺڻ بدران گهر ۾ نظربند رکيو. هو پنهنجو مذهب مٽائي مسلمان مان مسيحي ٿيو ۽ مالٽا جي هڪ حسينا سان شادي ڪيائين جنهن ڪري هن کي مالٽا ۾ آزاديءَ سان رهڻ جي اجازت ڏني وئي.

بعد ۾ مصطفيٰ ساٺس گڏ جهاز ۾ آيل ترڪ قيدين ۽ ٻين غلامن کي گڏي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي رٿا جوڙي، پر مقرر ڏينهن کان ڪجهه هفتا اڳ سندن راز فاش ٿي ويو. 150 کن غلامن کي ڦاهي ۽ ڪجهه جا سر قلم ڪيا ويا. باقي ڇڏيلن جي نرڙ تي R اکر جو ڏنپ ڏنو ويو۔ معنيٰ هو Rebel (باغي / غدار) آهن. مصطفيٰ کي هڪ دفعو وري فرانس وارن بچائي ورتو. هِنن غلامن جي حڪومت خلاف ان بغاوت کي مالٽا جي تواريخ ۾ "Conspiracy of slaves" سڏجي ٿو.

منهنجي مالٽا جي ان ڪلاس ميٽ ڪئپٽن اوَ گسٽو چيو تہ "ان وقت کان وٺي اسان وٽ اسلام فوبيا (اسلام لاءِ نفرت / خوف) کي جيتوڻيڪ هوا ڏني پئي وڃي، پر سچ ڳالهہ اها آهي تہ ان کان ڪير انڪار ڪندو تہ اسان مالٽا وارن جو ڪلچر عرب ۽ مسلم ڪلچر سان لاڳاپيل آهي. اسان جي روز مره جي ٻوليءَ ۾ عربيءَ جا ڪيترائي لفظ آهن. اسان جي ڳالهائڻ جو ٽون (لهجو) بہ عربن وارو آهي. ويندي اسان جي DNA ۾ توهان کي عربن جو رت ملندو. جيتوڻيڪ اسان جي ملڪ جي حڪومت عربن سان ماضيءَ ۾ واسطو هجڻ جون سموريون شاهديون ۽ اهڃاڻ ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر تنهن هوندي بہ اڄ بہ انهن مان ڪيتريون ئي شيون ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ جتي ڪٿي نظر ايندون يا محسوس ٿينديون. منهنجي خيال ۾ اسان مالٽين کي سچ کي لڪائڻ بدران تواريخ جي هن حصي تي فخر ڪرڻ کپي ڇو جو

It is a quintessential part of who we are, and we are awesome just the way we are!"

مالٽا ۾ ماڻهن جا نالا مسيحي ۽ اسلامي پس منظر جا آهن. مون سان گڏ سئيڊن جي يونيورسٽي ۾ مالٽا جي هن دوست ڪئپٽن جو نالو اوَگسٽو آهي، جيڪو نالو هن ٻڌايو تہ مالٽا ۾ مشهور آهي، جيڪو پهرين رومن شهنشاهہ جي لقب آگسٽس مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وڏي شان وارو. هن جي زال جو نالو ٿوَيا (Thwayya) آهي، جنهن لاءِ سندس مڙس ٻڌايو تہ نج عربي ٻوليءَ جو آهي، جنهن جي معنيٰ تارو (Star) آهي.

مالٽا ۾ جن ٻن ٽن فئملين سان منهنجي واقفيت هوندي هئي، انهن جي ڪيترن ڀاتين جا نالا ٿي سگهي ٿو عربي املا جا هجن پر عربي بابت منهنجي محدود ڄاڻ هجڻ ڪري مون کي نالا عربي لڳا ٿي يا انهن بابت خود انهن جي گهر ڀاتين ٻڌايو تہ انهن نالن جو واسطو عربيءَ سان آهي، جيئن تہ ازاليا (Azalea)، تميرا (Tamyra)، سيفورا (Sephora)، پالما (Palma)، ۽ روخساني (Roxanne)، ساگا، زيمڪس (Xemx)، زينب (معني خوبصورت) وغيره.

مالٽا ۾ عربن جي دور حڪومت ۾ ڪيترين ئي مسجدون هيون. ان بعد هتي جي عيسائي حاڪمن هنن وٽ قيد ترڪ غلامن لاءِ آخري مسجدون 1702ع ۾ ڊهرايون هيون. پر اڄ انهن جا فقط نشان موجود آهن_ يا اهي غير آباد، کنڊرن جي شڪل ۾ آهن. اڄ به مختلف ملڪن جا ڏهه هزار کن مسلمان مالٽا ۾ رهن ٿا، جيڪي مالٽا ۾ نوڪري، مزوري ۽ تعليم لاءِ رهن ٿا. هنن پنهنجي سهولت لاءِ پنهنجن علائقن (پاڙن/ گهٽين) ۾ هڪ ڪمري جي عارضي مسجد ٺاهي رکي آهي، خاص ڪري جمعي نماز لاءِ. باقي سرڪاري طرح سڄي مالٽا ٻيٽ تي فقط هڪ مسجد "ڊوم منٽوف" روڊ (Dom Mintoff) تي_ جيڪو اسان جي ڏينهن ۾ _ يعني 1960ع ۽ 70ع واري ڏهاڪي ۾ (جڏهن اسان ڪي جهاز ڪي مالٽا وٺي ويٺو پوندو هو) هي روڊ "ڪورادينو" (Corradino) روڊ سڏبو هو، مريم البتول نالي مسجد آهي، جيڪا پائولا موسڪيا (Paola Moskea) به سڏجي ٿي، جو جنهن علائقي ۾ هيءَ مسجد آهي، اهو پائولا سڏجي ٿو_ جيئن اسان وٽ ڪنهن علائقي جو نالو ملير آهي ته ڪنهن جو ماڙيپور، ڪنهن جو سچل ڳوٺ آهي ته ڪنهن جو سفوران يا پهلوان ڳوٺ.

مالٽيز ٻوليءَ ۾ مسجد کي "موسڪيا" سڏين ٿا، جيئن ڪٽي سمجهو ته اسان وٽ ڳوٺن ۾ مسجد کي "مسيت"، اهڙي طرح اسٽيشن کي "ٽيشڻ" سڏيو ويجي ٿو.

هن مسجد (مريم البتول) جو سنگِ بنياد اسان جي ساموندي نوڪريءَ وارن ڏينهن ۾، 1978ع ۾ لبيا جي معمار قذافيءَ رکيو هو. هيءَ مسجد اڇي چن جي پٿر جي ٺهيل آهي، جنهن کي سائي، پيلي ۽ گلابي رنگ سان سجايو ويو آهي. سندس 103 فٽ ڊگهو منارو پري کان نظر اچي ٿو. زمين ۽ ان تي ٺهرايل مسجد جي خرچ جو وڏو حصو لبيا جي ڪرنل قذافي صاحب ادا ڪيو. هيءَ مسجد 1984ع ۾ ٺهي راس ٿي ۽ ان وقت به معمار قذافي مالٽا ۾ آيو هو ۽ هن مسجد کي عوام لاءِ کولڻ جو افتتاح ڪيو هو. انهن ڏينهن ۾ مالٽا جو وزير اعظم "ڊوم منٽوف" قذافيءَ جو دوست هو _ جنهن جي نالي هن مسجد وارو روڊ آهي.

جيئن سئيڊن جي مالمو شهر ۾ ٽن چئن وڏين مسجدن کان علاوه اسان جي يونيورسٽي (ورلڊ ميريٽائم يونيورسٽي) بلڊنگ ۾ يونيورسٽي جي انتظاميا طرفان مسلمان ملڪن کان ايندڙ اسان شاگردن لاءِ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ ڪمري جي مسجد ٺاهي آهي، تيئن مالٽا ٻيٽ جي علائقي مارساسڪالا (Marsaskala) ۾ هتي جي "آمريڪن يونيورسٽي آف مالٽا"AUM وارن پڻ يونيورسٽيءَ جي عمارت ۾ مسجد جو بندوبست ڪيو آهي.

هتي اهو به لکندو هلان ته مالٽا جي هيءَ يونيورسٽي به ان روڊ تي آهي، جنهن تي لبيا جي قذافيءَ جي ٺهرايل مسجد "مريم البتول" آهي _ يعني "طرق ڊوم منٽوف" تي. جيئن ملائيشيا ۾ روڊ کي جالان، ايران ۾ شاهراه، انڊيا ۾ مارگ چون ٿا تيئن مالٽا ۾ طرق (Trq) سڏين ٿا، جيڪو عربيءَ جي لفظ "طريق" مان آهي_ يعني رستو، روڊ، گهٽي وغيره. توهان ان مان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته مالٽا جهڙي نج يورپي ملڪ ۾ عربي ٻولي يا عربي ڪلچر جو ڪيترو بي انتها اثر آهي. ڪن هنڌن تي روڊن تي لڳل بورڊن تي TRIQ به لکيل

نظر اچي ٿو.
”مارساسڪالا“علائقو جنهن ۾ مٽين يونيورسٽي آهي، سمنڊ جي ڪناري تي خليج ناهي ٿو ۽ ان نالي جو پهريون لفظ ”مارسا“ عربي آهي، جنهنجي معني خليج (Bay) آهي. عربن جي دور ۾ هي مهاڻن جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو جتي سسليءَ جا مهاڻا ايندا هئا، جو سسليءَ ڪان مالٽا ايترو پري آهي جيترو ڪراچيءَ ڪان ڪيٽي بندر_ يعني 95 ڪن ڪلوميٽر. ان ڪان علاوه هي علائقو مارساسڪلا نہ فقط عربن جي دور حڪومت ۾ پر اڄ بہ ”وادي العين“ سڏجي ٿو، جيڪو اسان جي چارٽن (جهاز هلائڻ وارن نقشن) تي بہ عربيءَ ۾ وادي العين ۽ انگريزي الفابيٽ ۾ Wiedilghajin لکيل نظر ايندو. مالٽي ٻوليءَ ۾ ”ع“Gh لکيو وڃي ٿو جيئن اسان ”ش“ اکر Sh لکون ٿا ۽ ملئي ٻوليءَ ۾ ش Syلکيو وڃي ٿو. ۽ انگريزيءَ جو اکر ”J“ ڪيترين ٻولين ۾ ”ي“ پڙهيو وڃي ٿو، جيئن يوگوسلاويا ڪيترين ئي يورپي ٻولين ۾ Jugoslavia لکيو وڃي ٿو ۽ پوءِ اسان جا نوان ماڻهو جيڪي ان ڪان اڻ ڄاڻ آهن، جگو سلاويا پڙهندا آهن. اهڙي طرح مالٽي ٻوليءَ ۾ لکيل WiedilGhajin کي ”وادي العين“ پڙهڻ بدران ”وائيد اِل غاجن“ پڙهي ويندا آهن. جيئن مالٽا جي هڪ علائقي جو نالو العاشق جيڪو مالٽي ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ Hal Ghaxaq لکيل ملندو يعني Gha ”عا“ ٿيو ۽ ”X“ش آهي. ۽ شروع واري لفظ Hal ۾ ”H“ خاموش يعني ساڪن ٿيندو، ڇو جو مالٽي ٻوليءَ ۾ ”H“ جيڪڏهن شروع ۾ آهي تہ اچاريو نٿو وڃي، پر وچ ۾ يا آخر ۾ آهي تہ پوءِ ”ھ“ يا”ح“جو اچار ڪيو سگهجي ٿو، جيئن سنڌيءَ ۾ ڱ يا ڃ آهي _ جيڪي اکر ڪنهن بہ لفظ جي وچ ۾ يا آخر ۾ اچن تہ پوءِ اچاري سگهجن ٿا. اهڙي طرح مالٽا ۾ هڪ علائقي جو نج عربي نالو ازبر آهي، پر بورڊن تي توهان کي اي بي سي ۾ لکيل نظر ايندو HazZabbar_ يعني H اڳيان هجڻ ڪري ان کي اچاريو نٿو وڃي.
مالٽا جي ٻولي مالٽيز (Maltese) سڏجي ٿي. مالٽيز ٻولي جيئن مٿي لکي آيو آهيان تہ عربيءَ سان ملي ٿي پر هيءَ واحد Semitic (سامي) ٻولي آهي، جيڪا لئٽن يعني رومن (ABCD) ۾ لکي وڃي ٿي. مالٽا جي ٻولي عربيءَ جو نسل ٽيونيشيا جي عربيءَ سان گهڻو ملي ٿي. پر مالٽيز ٻولي عربيءَ ۾ لکڻ بدران يورپ جي ٻولين: جرمن، فرينچ، انگريزيءَ وانگر لکي وڃي ٿي. عربي، هيبرو، آرميني وغيره سامي ٻولين (Semitic) جي افرو ايشياٽڪ فئمليءَ جون آهن. سنسڪرت انڊو يورپين فئملي جي انڊو ايرانين برانچ آهي. سامي زبانون گهڻو ڪري ساڄي پاسي کان لکيون وڃن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شروع ۾ سامي ٻولين جهڙو سڏيو، جنهن سان سنڌ جي ٻين عالمن اختلاف رکيو. بعد ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجو رايو تبديل ڪيو.
اسان جي سئيڊن واري يونيورسٽيءَ ۾ ٽونيشيا، آلجيريا ۽ لبيا جا عرب بہ هئا. مزي جي ڳالهہ اها تہ مالٽا جا شاگرد هڪ ٻئي سان يا پنهنجين زالن سان مالٽيز ڳالهائيندا هئا تہ ٽيونيشيا وارا هنن جي ڳالهہ جو مطلب سمجهي ويندا هئا پر مالٽا وارا ٽيونيشيا وارن جي

جملن جا فقط ڪجهه ڪجهه لفظ سمجهندا هئا_ سڄا جملا هرگز نه.
شروع ۾ هاسٽل ۾ رهڻ وارن ڏينهن ۾ هاسٽل جي ميس ۾ مون واري ٽيبل تي اڪثر مالٽا جو ڪئپٽن اَوَگسٽو ۽ سندس زال سيفورا وهندا هئا. مون هنن کي عربي لهجي ۾ ڳائيندو ٻڌي حيرت ڪاڏي ته هي يورپي ماڻهو ڪهڙي ٽون ۾ ڳالهائي رهيا آهن. ٻنهي جي پڇڻ تي جوس پيئندائو يا مِلڪ (کير) ته سيفورا پنهنجي مڙس کي "حليب" چيو ۽ هن ٻنهي کي زال لاءِ کير آڻڻ لاءِ چيو. عربي مون کي ڪا گهڻي نٿي اچي، سو وڏيڪ لفظ ته آئون سمجهي نه سگهيس، پر عربيءَ جا اهي لفظ جيڪي اسان وٽ اڙدو يا سنڌيءَ ۾ به عام آهن، انهن مان ڪجهه هن وقت به ياد اٿم. جيئن ته وسط (وچ)، تمر (ڪتل)، زيب (ڪشمش)، تيوم (ٿوم)، طرف (بائونڊري)، غرق (ٻوڙڻ)، نيت (راڳ)، مرحبا (ڀليڪار)، تنور (چلهو)، زغفران (زعفران)، تابوت (ڪفن) وغيره.
پڙهندڙ اهو ضرور معلوم ڪرڻ چاهيندا ته مالٽا ٻيٽ / ملڪ ڪٿي آهي؟ ڪيڏو وڏو آهي؟ وغيره.
مالٽا ميڊيٽرينين (ڀوُنچ) سمنڊ ۾ هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي.
ميڊيٽرينين سمنڊ ڪٿي آهي؟
اهو سمنڊ دنيا جي اهڙي هنڌ تي آهي، جتي هن سمنڊ جي هڪ پاسي (ڏکڻ ۾) آفريڪا کنڊ آهي ته ٻئي پاسي (اتر ۾) يورپ جو کنڊ آهي. ساڄي پاسي يعني اوڀر ۾ لبنان، مصر، اسرائيل جهڙا ملڪ آهن_يعني ايشيا کنڊ آهي ۽ کاٻي پاسي ائٽلانٽڪ جو بيڪران سمنڊ. 1498ع تائين_ يعني اڄ کان پنج ڇهه صديون اڳ تائين اها ڪُل دنيا هئي. ڪنهن کي خبر نه هئي ته ائٽلانٽڪ سمنڊ کان اڳيان هڪ ٻي دنيا آمريڪا به موجود آهي ۽ ميڊيٽرينين سمنڊ نه پر ائٽلانٽڪ سمنڊ کي دنيا جو وچ وارو سمنڊ چئي سگهجي ٿو. پر صدين کان انسان ميڊيٽرينين سمنڊ کي دنيا جي وچ وارو سمنڊ سمجهيو ۽ سڏيو_ ان ڪري ان جو نالو اهو رکيو_ ميڊي معنيٰ وچ ۽ ٽرين معنيٰ ڌرتي. سنڌيءَ ۾ به ان جو نالو ڌرتيءَ جي وچ وارو سمنڊ_ يعني ڀوُنچ (ڀونءِ + وچ) سمنڊ آهي. ميڊيٽرينين سمنڊ دنيا جي ائٽلانٽڪ ۽ پئسفڪ سمنڊ کان ڪٿي ننڍو آهي ته به 25 لک چورس ڪلوميٽر آهي، جنهن جو اندازو توهان ان مان لڳائي سگهو ٿا ته پاڪستان جي ايراضي 9 لک کن چورس ڪلوميٽر اهي_ يعني اسان جي پاڪستان جيڏا ٽي کن ملڪ ڀوُنچ سمنڊ ۾ سمائجي وڃن.
ڀوُنچ سمنڊ هڪ ڍنڍ مثل آهي، پر هڪ سوڙهي ڳچي سمنڊ (ساموندي رستي) Strait of Gibraltar ذريعي پر واري وڏي سمنڊ ائٽلانٽڪ سمنڊ سان ڳنڍيل آهي. ٻئي پاسي به "مرمرا" نالي سنهي سمنڊ ذريعي بحر اسود (Black Sea) سان ڳنڍيل آهي، جنهن سمنڊ جي چوڌاري يوڪرين، ترڪي، رومانيا ۽ بلغاريا ملڪ آهن.
ميڊيٽرينين سمنڊ جي چوڌاري ڏنو وڃي ته اسپين، فرانس، موناڪو، اٽلي، سلووينيا، ڪروشيا، بوزينا، مونٽينگرو، البانيا، يونان، ترڪي، شام، لبنان، اسرائيل، مصر، لبيا،

ٽيونيشيا، آلجيريا ۽ موراڪو ملڪ آهن. هن سمنڊ ۾ جيتوڻيڪ سؤ کان بہ مٿي ننڍا وڏا ٻيٽ آهن، پر بہ ٻيٽ قبرص ۽ مالٽا اهڙا ٻيٽ آهن_ جيڪي جيتوڻيڪ ننڍن ٻيٽن ۾ شمار ٿين ٿا پر سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ وانگر هنن ٻيٽن جي حيثيت ملڪن جي آهي، جيڪي يونائيٽيڊ نئشن ۽ ڪامن ويلٿ ملڪن جا ميمبر بہ آهن. اهي ٻيٽ ڪنهن ٻئي وڏي ملڪ جي ملڪيت بدران خودمختيار آهن ۽ سندن پنهنجي حڪومت آهي.

ميڊيٽرينين سمنڊ جي ٻيٽن جو جي حساب ڪجي تہ سڀ ۾ وڏو ٻيٽ سسلي (25800 چورس ڪلوميٽر) ۽ ساردينا (24000 چورس ڪلوميٽر ) آهن، جيڪي اٽلي ملڪ جا آهن. قبرص (Cyprus) ٻيٽ انهن بعد (9300 چورس ڪلوميٽر) ٽيو نمبر تي وڏو ٻيٽ آهي. ان تي يونان ۽ ترڪي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا پر اڄ ڏينهن تائين اهو هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت قائم رکندو اچي. اهڙي طرح مالٽا ٻيٽ آهي، جيڪو جيتوڻيڪ بيحد ننڍو (فقط 246 چورس ڪلوميٽر) آهي پر هڪ ملڪ جي حيثيت ۾ UNO توڙي ڪامن ويلٿ ملڪن جو ميمبر آهي.

سو پڙهندڙن جي ڌيان ۾ اها ڳالهہ هجڻ کپي تہ پؤنچ (Mediterranean) سمنڊ ۾ (۽ ٻين سمنڊن ۾ پڻ)، ڪيترائي ننڍا وڏا ٻيٽ ٿين ٿا. جن مان ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ اهڙا آهن، جيڪي هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت رکن ٿا نہ تہ ٻيا سمورا ٻيٽ ڪنهن پر واري يا طاقتور ملڪ جي قبضي ۾ هجڻ ڪري ان ملڪ جي ملڪيت سمجهيا وڃن ٿا. جيئن اسان جي هندي وڏي سمنڊ ۾ لڪديپ (Laccadive Islands) ٻيٽ ۽ اندامان ٻيٽ انديا جي ملڪيت آهن، پر ٿورواڳيان مالديپ نالي ننڍڙن ٻيٽن جو جهڳٽو هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت رکي ٿو. اهڙي طرح آفريڪا ڪناري جي پر وارو ٻيٽ زنجبار (Zanzibar) سالن تائين هڪ الڳ ملڪ هو، پر هاڻ اهو تنزانيا ملڪ جو حصو آهي، جنهن سان هو پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان ڳنڍيو آهي. اسان ننڍا هئاسين تہ ڪڏهن بہ تنزانيا ملڪ جو نالو نہ ٻڌوسين. آفريڪا جي ملڪن جون ٽپال جون ٽِڪليون (Stamps) گڏ ڪرڻ ۾ زئنزيبار، ٽانگانيڪا ۽ نياسالئنڊ ملڪن جون ٽڪليون سڀ ۾ خوبصورت هونديون هيون. پوءِ جڏهن ساموندي نوڪري شروع ڪئيسين تہ خبر پيئي تہ ٽانگانيڪا، زئنزيبار ۽ نياسالئينڊ گڏجي هڪ ملڪ ”تنزانيا“ ٿيو آهي_ جيئن انگريزن کان آزادي ملڻ تي بورنيو ٻيٽ تي موجود ٻن رياستن: ”صباح“ ۽ ”سراواڪ“ هزار ڪن ڪلوميٽر واري پري جي ملڪ ”ملايا“ سان ملي نئون ملڪ ”ملائيشيا“ ٺاهيو.

هونءَ ضروري ناهي تہ سڀ ٻيٽ پر وارن طاقتور ملڪن جي ملڪيت هجن يا انهن سان ڳانڍاپيل هجن. ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ موجود خوبصورت ”ڪَناري ٻيٽ“(Canary Islands) جيتوڻيڪ آفريڪا ڪنڌ جي سينيگال ۽ موراڪو جي ويجهو هجڻ ڪري انهن جي ملڪيت هجڻ کپن، پر ان تي شروع کان يورپ ڪنڌ جي ملڪ اسپين جو قبضو آهي. ائٽلانٽڪ سمنڊ تي موجود ”ڪيپ وردي ٻيٽ“ پورچوگال جي ملڪيت آهن ۽ اهڙي طرح برمودا ٻيٽ جيڪو هاڻ هڪ ملڪ جي حيثِيت رکي ٿو، وڏي عرصي تائين برطانيا جي قبضي ۾ هو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پوئنچ (ميڊيٽرينين) سمنڊ جا گهڻي ڀاڱي ٻيٽ، مالٽا ٻيٽ وانگر خوبصورت نظارن ۽ موسم وارا ٻيٽ آهن، جن تي گهمڻ لاءِ نہ فقط يورپ جا ماڻهو پر دنيا جا ٽوئرسٽ اچن ٿا_ جيئن تہ اسپين جا ميورڪا (Majorca) ۽ مينورڪا (Menorca) ٻيٽ آهن _ ۽ اِبيزا (Ibiza) پڻ. اهڙي طرح يونان جا ٻيٽ ليسبوس، چيوس، زڪنٿوس، اسڪائروس (Skyros) وغيره، يا اٽليءَ جو ايلبا، ٽيونيشيا جو يربا (Djerba) ۽ ڪروشيا ملڪ جا وار (Hvar) ، ڪرڪ (Krk) ۽ ڪورسولا (Korcula) وغيره آهن.

ٻي ڳالهہ تہ مالٽا ملڪ هڪ ٻيٽ نہ پر ٽن ٻيٽن جو مجموعو آهي. ويندي سنگاپور واري اهم ٻيٽ کان علاوه ان سان گڏ 63 ٻيا ٻيٽ بہ آهن، جن مان سنتوسا پڻ هڪ آهي. اهڙن جهڳٽن وارن ٻيٽن مان سڀ کان وڏو اهم سمجهي اهو ملڪ جي نالي سڏيو وڃي ٿو. اهڙي طرح برمودا ملڪ بہ 181 ٻيٽن جو ميڙاڪو آهي، جنهن بابت تفصيلي احوال پنهنجي سفرنامي ”بنارس کان برمودا“ ۾ ڏئي چڪو آهيان. اهڙي طرح مالديپ ملڪ تہ سوين ننڍن ٻيٽن جو جهڳٽو آهي ۽ فلپين ۽ جپان جهڙا ملڪ بہ انيڪ ٻيٽن جا ڍير آهن. سو مالٽا ٽن ٻيٽن جو مجموعو آهي، جن مان وڏو ٻيٽ، جنهن تي مالٽا جو گاديءَ وارو شهر وليٽا (Valletta)آهي، مالٽا سڏجي ٿو. ٻيو ٻيٽ گوزو (Gozo) ۽ ٽيون اجا بہ ننڍڙو ٻيٽ ڪومينو انهن ٻن جي وچ ۾ آهي، جيڪو حيدرآباد جي ٽنڊي ولي محمد يا سيلاٽن جي پاڙي جيڏو مس ٿيندو.

”مالٽا“ ٻيٽ ميڊيٽرينين سمنڊ جي بلڪل وچ ۾ اٽليءَ جي ڏکڻ ۾ ۽ لبيا جي اتر ۾ آهي. مالٽا ٻيٽ جي جملي پکيڙ 246 چورس ڪلوميٽر آهي_ يعني سنڌ جي مٽياري يا ٽنڊو الهيار جهڙي ضلعي جي ڇهين حصي جيڏو آهي. اسان جي انهن ضلعن جي پکيڙ 1417 ۽ 1600 چورس ڪلوميٽر آهي. مالٽا ٻيٽ ڊيگهہ ۾ 27 ڪلوميٽر ۽ ويڪر ۾ 15 کن ڪلوميٽر آهي. سنگاپور ننڍو ٻيٽ آهي پر مالٽا ان جي بہ ٽئين حصي جيڏو آهي جو سنگاپور جي ايراضي 733 چورس ڪلوميٽر آهي، ڊيگهہ 50 ڪلوميٽر ۽ ويڪر 27 ڪلوميٽر اٿس.مالٽا جي آدمشماري ساڍا چار لک ماڻهو آهن_ يعني هالا تعلقي کان ڏيڍوڻي. هالا تعلقي جي آدمشماري اڄ ڪلهہ 3 لک چون ٿا.

آرڪيالاجيءَ وارن جو چوڻ آهي تہ مالٽا ۽ پرواري اٽليءَ جي ٻيٽ سسليءَ تي 7000 سالن کان ماڻهن جي رهائش جا آثار ملن ٿا. مالٽا ٻيٽ تي مختلف دورن ۾ مختلف طاقتن حڪومت ڪئي، جن ۾ رومن، يوناني، عرب، نارمن ۽ انگريز اچي وڃن ٿا. 1813ع ۾ مالٽا برطانيا وارن جي ڪالوني بڻيو، جن کان ڪيس 1964ع ۾ آخرڪار خودمختياري ملي.

ياد رهي تہ حضور صلعم جن جي ڏينهن ۾ ئي مسلمانن جي فتحن جو سلسلو شروع ٿي ويو هو. 632ع ۾ حضور صلعم جن جي وفات بعد خلفاءِ راشدين (چئن خليفن) جي ڏينهن ۾ ۽ ان بعد اميہ گهراڻي جي حڪومت ۾_ يعني ٻن صدين اندر عربن جي حڪومت هڪ طرف پرشيا، خراسان، وچ ايشيا، ميسوپوٽاما ۽ سنڌ تائين تہ ٻئي طرف ليوانٽ، اتر آفريڪا، قفقاز ۽ آئيبيريا جي اپٻيٽ (اسپين، پورچوگال ۽ فرانس جي ڪجهہ حصي) تي قائم ٿي وئي.

اهڙي طرح نہ فقط مالٽا پر سسلي جو ٻيٽ بہ عرب سلطنت جي هٿ ۾ اٽڪل اڍائي کن صديون رهيو.
مافيا کان مشهور اڄ واري سسليءَ جو ٻيٽ جيڪو پکيڙ ۾ 26000 کن چورس ڪلوميٽر آهي ـ يعني سنڌ جي پنجين حصي جيڏو، ميڊيٽرينين سمنڊ جي ڏيڍ سؤ کن ٻيٽن ۾ وڏي ۾ وڏو ٻيٽ آهي، ان تي نہ رڳو مسلمانن (عربن) جي حڪومت رهي پر سرڪاري طرح ٻولي بہ عربي رهي. مختلف حڪومتن (سلطنتن) جي نالن ۾ توهان هڪ سلطنت "امارت صقليہ" جو نالو بہ ٻڌندا هونداٿو. اها ڪنهن جي سلطنت هئي_؟ اها عربن جي 831ع کان 1091ع تائين سسلي ٻيٽ تي هئي. سسلي ٻيٽ کي عرب "صقليہ" سڏين ٿا، جيئن جرمنيءَ کي المانيہ، سائپرس کي قبرص وغيره. سسليءَ جي گاديءَ جي شهر پالرمو (Palermo) کي عرب بَلَرم (Balarm) سڏين ٿا. اڄ بہ سسليءَ جي گاديءَ جو شهر اهو ئي بلرم آهي جيڪو عربن مقرر ڪيو.
سسلي ڪيترين صديون رومي سلطنت جو صوبو رهيو. 552ع ۾ ان کي بازنطينين فتح ڪيو ۽ 827ع تائين اهو بازنطيني سلطنت جو حصو رهيو. مون کي ياد آهي تہ شروع جي سالن ۾ بازنطيني سلطنت بابت آئون منجهندو هوس تہ اها ڇا آهي يا ڪهڙي آهي... رومن سلطنت آهي يا ان جو حصو؟
اڄ جي نوجوان کي سمجهائڻ لاءِ اهو لکندس تہ جيئن اڄ ڪلهہ آمريڪا کي دنيا جو سپر پاور سمجهيو وڃي ٿو يا ان کان اڳ روس ۽ آمريڪا ٻئي سپرپاور هئا، تيئن حضور صلعم جن جي ڏينهن ۾ دنيا ۾ بہ طاقتون هيون: رومن سلطنت ۽ پرشن (ايراني) سلطنت. رومن سلطنت بابت قرآن مجيد ۾ "سوره روم" بہ آهي. انهن ڏينهن ۾ عربن ڪا بہ طاقت نہ ٿي رکي. پر پوءِ انهن ئي عربن ٻنهي سلطنتن تي سوڀ حاصل ڪئي ۽ هڪ طرف سنڌ تائين تہ ٻئي طرف ميڊيٽرينين سمنڊ جي چوڌاري_ موراڪو ۽ اسپين تائين ڇانئجي ويا.
ان کان اڳ جي تواريخ جو جي مطالعو ڪجي تہ چوٿين صديءَ ۾ سلطنت روم ٻن حصن: مغربي ۽ مشرقي حصن ۾ ورهائجي وئي هئي. مغربي حصي جي گاديءَ جو هنڌ "روم" رهيو تہ مشرقي حصو پنهنجي گاديءَ واري شهر "بازنطين" جي نالي ڪري "بازنطيني سلطنت" سڏجڻ لڳو. هي شهر ترڪيءَ ۾ هو جتي پڻ عيسائي رهيا ٿي. ياد رهي تہ هي اسلام جي آمد کان اڳ جي ڳالهہ آهي. 330ع ۾ بازنطيني شهنشاهہ قسطنطين اول (Constantinople I) ترڪيءَ جي هن بازنطين شهر جو نالو بدلائي پنهنجي نالي موجب قسطنطنيہ (Constantinople) رکيو. گذريل صديءَ ۾ ترڪيءَ جي حڪومت 1930ع ۾ ان جو نالو استنبول رکيو، جيئن شهنشاهہ ايران پنهنجي ملڪ جو صدين کان پيل نالو "پرشيا" بدلائي "ايران" رکيو.
بهرحال سسلي ڪيترين ئي صديون "رومي سلطنت" جو صوبو رهيو. 476ع ۾ رومن سلطنت جي مغربي حصي جي خاتمي بعد 552ع ۾ رومن سلطنت جي مشرقي حصي

”بازنطين سلطنت“ سسليءَ کي فتح ڪيو ۽ اهو 827ع تائين ان جي قبضي ۾ رهيو. 827ع کان 1090ع تائين سسلي مسلمان عربن جي قبضي ۾ رهيو. ان بعد فرانس پاسي نارمن قوم حوالي ٿيو.

870ع ۾ مالٽا جو ٻيٽ اتر آفريڪا جي هڪ مسلمان گهراڻي اغلب جي قبضي ۾ آيو هو، جيڪو اغالبه (Aghlabids) سڏجي ٿو.

**الاغلب گهراڻو ڪير هو؟ ان جي حوالي حڪومت ڪنهن ڪئي؟**

ان جو مختصر جواب هن ريت آهي، جيڪو عبدالله مورائيءَ جي اسپين، اندور ۽ مالٽا جي هن سفر نامي ”مسافتون“ جي پيش لفظ بهاني ٻڌائي آئون پڙهندڙن کي ڪجهه تاريخي حقيقت کان روشناس ڪرائڻ چاهيان ٿو.

جيئن مٿي لکي چڪو آهيان تہ اسلام کان اڳ عربن جي ڪا حيثيت يا طاقت نہ هئي. حضور صلعم جن عربن ۾ اتحاد قائم ڪيو ۽ اسلامي طاقت سندن ڏينهن ۾ ۽ بعد ۾ خلفاءِ راشدين، بنو اميہ ۽ عباسي خلافت تائين هنن مشرق ۾ سنڌ کان مغرب ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪنارن تائين فتحون حاصل ڪري ورتيون. هونءَ تہ اهم خلافت اميہ گهراڻي جي هئي يا ان بعد عباسي گهراڻي جي پر پوءِ انهن جي خليفن مختلف ملڪن ۽ علائقن جو انتظام هلائڻ لاءِ پنهنجا خاص ماڻهو: گورنر، امير، وائيسراءِ رکيا ٿي. جيئن 712ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ تي سنڌ جو انتظام هلائڻ لاءِ”هباري گهراڻي“ کي حڪومت ڏني وئي ۽ بعد ۾ سومرن کي.

سنڌ فتح ٿيڻ وارن ڏينهن ۾ اميہ گهراڻي جو راڄ هو جن جي گادي عراق جي شهر بغداد ۾ هئي. حجاج بن يوسف 694ع کان 714ع تائين عراق جو گورنر هو، جنهن 712ع ۾ پنهنجي ناٺي محمد بن قاسم کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. حجاج بن يوسف گورنري وارا ڏينهن اميہ گهراڻي جي ٻن خليفن جي دور ۾ گذاريا. خليفہ عبدالمالڪ 685ع کان 705ع تائين هو ۽ ان بعد 705ع کان 715ع تائين خليفہ وليد رهيو. حجاج بن يوسف 964ع کان 714ع تائين_ وفات تائين عراق جو گورنر رهيو.

عباسي گهراڻي جو راڄ 750ع کان شروع ٿيو. خليفو هارون الرشيد عباسي گهراڻي جو پنجون خليفو هو. هن بنو تميم قبيلي جي هڪ خراساني عرب ڪمانڊر جي پٽ”ابراهيم ابن الاغراب“ کي افريقيہ (Ifriqiya) جو امير مقرر ڪيو. ياد رکڻ کپي تہ هڪ تہ آفريڪا (Africa) آهي، جيڪو آفريڪا جي سڄي کنڊ جو نالو آهي ۽ هي ”افريقيہ“آهي، جنهن ۾ عرب مسلمانن جا اتر آفريڪا جا فتح ڪيل ملڪ: ٽيونيشيا، آلجيريا ۽ لبيا اچن ٿا، جن کي ”المغرب الادنيٰ“ بہ سڏجي ٿو. جيئن فقط ”المغرب“ موراڪو (مراڪش) کي سڏجي ٿو_ جنهن تي عباسي خلافت جي ڏينهن ۾ ادريسي گهراڻي (788 (Idrisids ع کان 974ع تائين حڪومت ڪئي. اهڙي طرح افريقيہ (ٽيونيشيا، الجيريا، لبيا وغيره) تي الاغالبہ (800ع کان 909ع تائين حڪومت ڪئي. ان کان علاوه الاغالبہ (Aghlabids) گهراڻي جي اميرن جي قبضي ۾ ڏکڻ اٽليءَ جو هي ٻيٽ نما صوبو ”سسلي“ پڻ هو، جيڪو عربي زبان ۾ ”صقليہ“ سڏجي

ٿو، جنهن جي گاديءَ جو شهر Palermo (عربيءَ ۾ بَلَرم (Balarm) هو ۽ اڄ تائين آهي.
سسلي ڪيترين ئي صدين رومي سلطنت (Roman Empire) جو صوبو رهيو. 552ع ۾ ان کي بازنطينين (مشرقي رومي سلطنت) فتح ڪيو ۽ 827ع تائين بازنطيني سلطنت جو حصو رهيو. 827ع ۾ عباسي خلافت جي ڏينهن ۾ جڏهن ستون خليفو المومن هو (۽ ان بعد المعتصم باالله وغيره) ته سسلي (صقليه) ٻيٽ عربن جي قبضي ۾ آيو ۽ پوءِ ٻن اڍائي صدين بعد اهو 1090ع ڌاري فرانس جي هڪ گهراڻي نارمن (Norman) جي حوالي ٿيو. نارمن سلطنت جي شروعاتي سالن ۾ سسليءَ ۾ رهندڙ مسلمانن کي هر قسم جي آزادي مليل هئي ۽ هو واپار وڙو ڪرڻ کان وٺي پنهنجي مذهب جي پوئيواري ڪري رهيا هئا. پر پوءِ صليبي جنگين دوران سسليءَ تي مسلم ۽ مسيحي آبادي جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ ڪري 1224ع ۾ مسيحي حڪمرانن سڀني مسلمانن کي هن ٻيٽ تان ٻي دخل ڪري ڇڏيو. اسان جي ملڪ جي شاعر ڊاڪٽر محمد اقبال پنهنجي ڪلامن جي هڪ مجموعي ”بانگِ دارا“ ۾ اٽليءَ جي هن ٻيٽ صقليه (Sicily) نالي پڻ نظم لکيو آهي، جنهن جو عرب مسلمان حاڪمن جي ڏينهن ۾ چا شان شوڪت ۽ اوج هو:

غلغلوں سے جس کے لذت گیر اب تک گوش ہے
کیا وہ تکبیر اب ہمیشہ کے لیے خاموش ہے؟
سمندر کی ہے تجھ سے آبرو! آہ اے سسلی
رہنما کی طرح اس پانی کے صحرا میں ہے تو
زیب تیرے خال سے رخسار دریا کو رہے
تیری شمعوں سے تسلی بحر پیما کو رہے.

پڙهندڙن کي اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ کپي ته آفريڪا جي اتر ڪناري وارا ملڪ موراڪو تائين ۽ ڏکڻ يورپ جا اسپين تائين ته اميه گهراڻي جي ڏينهن ۾ ئي عرب مسلمانن حوالي ٿي ويا هئا. اميه گهراڻي (سلطنت) بعد عباسي گهراڻو شروع ٿيو ۽ اميه گهراڻي وانگر عباسي گهراڻي به پنهنجي سلطنت جا مختلف حصا انتظاميا خاطر مختلف گورنرن، وائسرائن ۽ اميرن حوالي ڪيا هئا، جن مان پوءِ ڪي نيم مختيار ته ڪي مڪمل مختيار ٿي انهن علائقن جا حاڪم ٿي رهيا. ٽيونيسيا وارو اتر افريڪا جو حصو عباسي خليفي الاغالبه (Aghlabid) وارن جي حوالي ڪيو، جيڪي هن جا امير (حاڪم) ٿي ويٺا ۽ هڪ جي مرڻ تي ان جو اولاد ان سلطنت جو وارث ٿيو ٿي. هنن جي ئي ڏينهن ۾ سسليءَ جو ٻيٽ سندن قبضي ۾ آيو. ان بعد مالٽا جو ننڍڙو ٻيٽ الاغالبهه حاڪمن جي قبضي ۾ آيو جيڪو 535 کان بائزنطين سلطنت جي هٿ ۾ هو.
ابو الغرانيق محمد بن احمد الاغالبهه گهراڻي جو ائون امير هو، جنهن 864ع کان 875ع تائين افريقيهه (ٽيونيشيا، لبيا، آلجيريا) ۽ سسليءَ تي حڪومت ڪئي. هن جي دورِ حڪومت ۾ هنن مالٽا تي هنن فتح حاصل ڪئي. الاغالبه امير محمد بن احمد جي فوج 870ع ۾ مالٽا جي

بازنطيني شهر ميليتي (Melite) تي حملو ڪري ان ڪي تباهہ ڪري وڌو. بعد ۾ هنن عربن ان شهر جي جاءِ تي مدينهہ نالي بيو شهر اڏرايو جيڪو 1530ع تائين مالٽا جي گاديءَ جو شهر رهيو. اهو شهر اڄ بہ موجود آهي، پر هاڻ مدينهہ جي مختلف هنڌن ۽ بورڊن تي Medina اسپيلنگ بدران Mdinaنظر اچي ٿي.

هن امير (حاڪم) تان ياد آيو تہ جيئن اڄ ڪلهہ اسان وٽ ڪروناجي وبا هلي رهي آهي، اهڙي طرح هن امير جي ڏينهن ۾ "افريقيہ" واري علائقي ۾ پليگ جي وبا پکڙجي وئي. انهن ڏينهن ۾ اتان لنگهندڙ حاجين جي هڪ قافلي ۾ ڪجهہ ماڻهن کي اها بيماري هجڻ ڪري مقامي ماڻهن کي لڳي وئي ۽ تيزيءَ سان چوڌاري پکڙي وئي. ان بيماريءَ کا علاوه انهن ڏينهن ۾ سخت ڏڪار بہ هلي رهيو هو، جن ٻن آفتن هن حاڪم جي سلطنت جي عوام کي ختم ڪري ڇڏيو. چوڌاري شهر ماڻهن کان خالي ٿي ويا. 875ع ۾ سندس وفات بعد هن جو پاءُ ابو اسحاق ابراهيم الثاني (ٻيو) 875ع کان 902ع تائين امير مقرر ٿيو.

الاغلب گهراڻي جي حڪومت 909ع تائين رهي، ان بعد ان جي جاءِ تي فاطمي گهراڻو آيو. کهاڻي اها آهي جيڪا صدين کان هلندي اچي تہ جڏهن حاڪم ظالم، عياش ۽ چرسي موالي ٿيو وجن تہ انهن جي جاءِ تي ٻيا حاڪم ۽ قومون اچن ٿيون. قدرت جو  اهو نظام هلندو اچي. توهان اڄ جي دور ۾ بہ ڏسي رهيا هوندا تہ پاور، پئسو ۽ حڪومت حاصل ڪرڻ جو نشو اهڙو آهي، جو تواريخ ٻڌائي ٿي تہ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي مسلمان حاڪمن بہ پنهنجن کي بہ مارائي ڇڏيو. مسلمان حاڪمن تي زور ان ڪري ٿو ڏيان جو اسان مسلمانن کي تہ خبردار ڪيو ويو آهي تہ ڪنهن هڪ جي جان وٺڻ قوم جي قتل برابر آهي ... يعني سخت ڏوهہ آهي.پر اهو سڀ پنهنجن پراون جو قتل اميہ، عباسي، عثمانيہ، مغل ۽ ٻين مسلمان سلطنتن توڙي غير مسلم حاڪمن جي ڏينهن ۾ ٿيندو رهيو.

مالٽا، سسلي ۽ افريقيہ تي حڪومت ڪرڻ واري الاغالبهہ گهراڻي جي سلطنت جو آخري امير "ابو مضر زيادتهہ الله الثالث الاغلب" هو، جنهن جلد حاڪم ٿيڻ جي شوق ۾ پنهنجي والد عبدالله کي 903ع ۾ قتل ڪيو. ان بعد هن پنهنجن سمورن ڀائرن ۽ چاچن کي بہ قتل ڪري ڇڏيو_ فقط ان خوف کان تہ متان هنن مان ڪو هن جي حڪومت ۾ رنڊڪ پئدا ڪري. زيادتهہ الله الاغالبہ (Aghlabids) سلطنت جو امير ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر هن طرفان بيدرديءَ سان ڪيل قتلن ڪري هو عوام جي نظر ۾ ڪري پيو ۽ پوءِ سگهو ئي فاطمي گهراڻي جو قبضو ٿي ويو،جنهن جو پهريون خليفو (امير) ابو محمد  عبدالله "المهدي بالله" جي لقب سان حاڪم ٿيو.

هونءَ تہ مالٽا هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي پر سندس ڪنارو ڪاٽو ۽ چوڌاري سمنڊ هجڻ ڪري ننڍا ننڍا تہ ڪيترائي بندرگاهہ آهن، پر وڏن جهازن جي بيهڻ لاءِ فقط ٻہ وڏا بندرگاهہ آهن، جتي اسان جي جهازن جو پوئنچ سمنڊ مان گذرندي ڪڏهن ڪڏهن ترسڻ ٿيندو هو، اهي آهن: واليٽا (Valletta) ۽ مارساڪسلاڪ (Marsaxlokk). جيئن مٿي لکي آيو آهيان تہ مالٽا ملڪ ٽن ٻيٽن

تي مشتمل آهي۔ مٿيان بندرگاهه مالٽا جي وڏي ٻيٽ تي آهن، جيڪو ”مالٽا“ سڏجي ٿو. ٻيو گوزو (Gozo) ٻيٽ آهي، جتي اسان فيريءَ ذريعي گهمڻ لاءِ ويندا هئاسين، ۽ ٽيون ٻيٽ ڪومينو (Comino) ايترو ننڍو آهي جو ڪلاڪ ڏيڍ ۾ توهان ان جي چوڌاري واڪ ڪري سگهو ٿا. مالٽا اسان جهاز وارن لاءِ سنگاپور وانگر رهيو آهي، جتي نه فقط جهاز ۽ ان جي عملي لاءِ تيل، پاڻي ۽ راشن وٺڻ جي سهولت هر وقت موجود رهي ٿي، پر جهاز جي مرمت جو پڻ سٺو بندوبست آهي.

بهرحال هتي عبدالله عثمان مورائيءَ جي سفرنامي ”مسافتون“ ۾ پيش لفظ لکڻ جي ارادي سان ڪجهه وڌيڪ ئي دخل اندازي ڪري ويو آهيان. اهو ان ڪري جو ڪافي عرصي کان منهنجي تمنا هئي ته اسان جو ڪو نوجوان ميڊيٽريرينين سمنڊ جي هن سهڻي من موهڻي ٻيٽ مالٽا جو سير ڪري ان تي ڪجهه لکي۔ جنهن ٻيٽ سان منهنجي جوانيءَ جون ڪيتريون ئي يادون وابسته آهن۔ جڏهن انگلينڊ ۽ يورپ (U K- Continent) روٽ تي هلندڙ هر جهاز، جنهن تي منهنجي بدلي ٿيندي هئي، ميڊيٽرينين سمنڊ مان لنگهندي هن ٻيٽ (مالٽا) جي بندرگاهه ۾ لنگرانداز ٿيندو هو ۽ هن ٻيٽ جا شهر، گهٽيون توڙي ماڻهن جي ڳالهائڻ جي زبان ۽ ان جو ٽون نج يورپي هجڻ بدران، عربي ۽ اسلامي هجڻ ڪري پنهنجائپ محسوس ٿيندي هئي.

عبدالله جو هن سفرنامي ”مسافتون“ ۾ مالٽا جو پڙهي هن ٻيٽ / ملڪ ۽ شهر تي ڪجهه لکڻ تي دل چيو ۽ ڪجهه وڌيڪ لکي ويو آهيان، پر پوري ڪوشش ڪري آسان نموني جو احوال لکيو اٿم، جيڪو آئون اڪثر پنهنجي جونيئر آفيسرن کي هر جهاز جي مالٽا ۾ لنگرا نداز ٿيندي يا ان وٽان لنگهڻ وقت ٻڌائيندو آهيان. اسان جا ماڻهو تواريخ ۾ ايتري دلچسپي نٿا وٺن. تواريخ گهڻن ماڻهن لاءِ بور سبجيڪٽ سمجهيو وڃي ٿو، پر مون پوري ڪوشش سان اهڙي نموني لکيو آهي جو هڪ پڙهندڙ ٿوري به غور سان پڙهندو ته هن کي هر ڳالهه نه رڳو سمجهه ۾ اچي ويندي، پر دلچسپ به لڳندي ۽ هنن کي مالٽا توڙي مافيا کان بدنام سسلي ٻيٽ، مسلمانن جي سهڻي ثقافت ۽ روايتن جو گهر نظر ايندو. عبدالله مورائيءَ کي شابس هجي جو هو وڏي عرصي کان لکندو اچي ۽ سندس لکڻيون نوجوان توڙي اسان جهڙا پوڙها وڏي شوق سان پڙهن ٿا. اسان کي اهي پڙهڻ به کپن جو هن جون لکڻيون نه فقط دلچسپ آهن پر هنن ۾ معلومات به آهي، جيڪا ٻاهر جي ملڪن ۾ وڃڻ جي دلچسپي رکڻ وارن لاءِ رهنمائي ڪري ٿي.

عبدالله مورائي مئي 1978ع ۾ موري شهر ۾ سائين محمد عثمان سومرو صاحب جن جي گهر ۾ جنم ورتو. هن مئٽرڪ 1993ع ۾ موري جي هاءِ اسڪول مان ڪرڻ بعد ”مهراڻ ڊگري ڪاليج“ موري مان انٽر ڪئي. ان بعد هن ” سنڌ ائگريڪلچر يونيورسٽي“ ٽنڊو ڄام مان ائگريڪلچر انجنيرنگ ۾ B.E ڪئي ۽ ماسٽرس ”رائل انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي“ اسٽاڪهوم (سئيڊن) مان Water System Technology ۾ 2013ع ۾ ڪئي. ان کان اڳ هن ”شاهه

لطيف يونيورسٽي“ خيرپور مان پڙ ايڪانامڪس ۽ جرنلزم ۾ ماسٽرس ڪئي هئي. 2017ع ۾ هن اسٽاڪهوم يونيورسٽيءَ مان ”مئنيجمينٽ“ ۾ به ماسٽرس ڪئي. ان ڪان علاوه سئيڊن جي اپسالا (Uppsala) يونيورسٽي، اسڪاٽلنڊ جي ڊنڊي يونيورسٽي ۽ اسٽاڪهوم جي سوڊرٽورن يونيورسٽين مان مختلف سبجيڪٽن جا ڪورس ڪيا.
عبدالله مورائي اڄ ڪلهه سئيڊن جي گاديءَ واري شهر اسٽاڪهولم ۾ ”گرائونڊ واٽر انجينيئر“ آهي. هو ڪافي سالن ڪان سئيڊن ۾ رهي ٿو ۽ پاڪستان سان گڏ سئيڊن جو پڻ شهري آهي. هو سنڌي، اڙدو ۽ انگريزيءَ ڪان سواءِ هتي جي سئيڊش ٻولي به چڱي چپاتي ڳالهائي ٿو ۽ سنڌ جي اخبارن ۾ باقاعدگيءَ سان ڪالم لکندو اچي.

**الطاف شيخ**
**ڪراچي، 3 اپريل 2022**

## تجسس سان ڀرپور سيلانيءَ جا سفري قصا

جديد زماني جي ٽيڪنالاجي سبب هاڻي سفر ڪرڻ گهڻو آسان آهي، پر ان هوندي به ڪابه گارنٽي ڪانهه آهي ته سفر دوران مشڪلون ڪونه اينديون. ڪورونا وبا ڪان پوءِ ته دنيا ۾ سفر جون ريتون رسمون تمام گهڻيون تبديل ٿي ويون آهن. گهڻي ڀاڱي سڄي يورپ جا ماڻهو سفر ڪرڻ جا شوقين آهن ۽ ڪوشش ڪري سال ۾ هڪ دفعو ضرور فيمليءَ سميت ڪجهه هفتا ضرور گهمڻ ڦرڻ ويندا آهن. ڪي دولتمند ماڻهو ته لگزري ڪروزن ۾ چڙهي هفتو به هفتا سمنڊ وسيلي سير ۽ تفريح ڪندا آهن، ڪورونا جي وبا ان شعبي تي پڻ پنهنجا اثر ڇڏيا آهن، اهڙي ئي قسم جي ڪروز جهازن تي هيستائين 400 کن ماڻهو بيمار ٿي چڪا آهن، ۽ 9 ماڻهن جو موت پڻ ٿي چڪو آهي.
سفر ڪرڻ جا رسم و رواج تبديل ٿيل آهن پر سفر جو سلسلو جاري آهي ۽ رهندو. پرائي ملڪ ۾ وڃڻ اتي رهڻ ۽ اتان جي لوڪل ماڻهن سان ڳالهائڻ ۽ انهن سان گهلي ملي وڃڻ هرگز سولو ڪم ڪونهي پر ڪجهه با همت ماڻهو ان کي هڪ چيلينج سمجهي منهن

ڏيندا آهن ۽ ان تجربي مان ڪجهه سکڻ ۽ پرائڻ جي هر وقت ڪوشش ڪندا رهندا آهن.

اسان جي پاڻ عبدالله جي گهٽي سفر ڪرڻ جو هڪ سبب مون کي اهو سمجهه ۾ ايندو آهي ته ڪيس شروع کان هڪ تجسس واري طبيعت حاصل ٿي آهي جنهن ڪيس پاڪستان جي اترين علائقن ۾ خوبصورت وادين تائين پهچايو، ان کان پوءِ يورپ جو سفر ڪيائين.

سفر ڪرڻ آسان ڪونه آهي پر ڇا ڪجي جو تعليم يا پيشي ڌنڌي سبب سفر ڪرڻو ٿو پوي ۽ ان ماحول ۾ رهڻو ٿو پوي جتي توهان جو ڪو به يار دوست ۽ مٽ مائٽ نه هوندو آهي، مڪمل اجنبي ماڻهن سان ڪارونهوار رکڻو پوندو آهي. سفر ڪرڻ جا نقصان ته هوندا آهن پر بيشمار فائدا پڻ هوندا آهن. منهنجي خيال ۾ سڀ کان وڏو فائدو ان خطي جي ماڻهن جي نفسيات ۽ هلت چلت کي باريڪ بيني سان مشاهدو ڪرڻ جو سونهري موقعو ملندو آهي ۽ اهڙيون حقيقتون ظاهر ٿينديون آهن جيڪي ڪنهن به ڪتاب ۾ لکيل ڪونه هونديون آهن.

مون کي ڊاڪٽري پيشي جي ڪري گهٽ ۾ گهٽ چئن ملڪن يعني پاڪستان، سعودي عرب، آئرلينڊ ۽ انگلينڊ ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو، اتي موجود ڪيترن ئي ملڪن جي ماڻهن سان ڏيٺ ويٺ ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو موقعو مليو. ڀانت ڀانت جا ماڻهو ، پوءِ ڪي ڪارا ته ڪي پورا ۽ ڪي وري اسان وانگر ڪٽڪ رنگا مليا. ڪي ماڻهو انتهائي ذهين ۽ اعلي تعليم يافته مليا پر ڪٽي ڪٽي بلڪل اڻ پڙهيل جٽن سان پڻ واسطو پيو.

ٻارن جي بيمارين جا مريض هر ملڪ ۾ ڏٺم ۽ انهن جو علاج ڪيم پر سيني ملڪن ۾ هڪ جهڙائي ڏٺم جو ٻارن جو علاج دوا سان ڪرڻو پئي پيو پر سندن ماءُ پيءُ جو وري نفسياتي علاج ڪرڻ جو اضافي بوج پڻ برداشت ڪرڻو پئي پيو ڇوته سمورا ماڻهو ٻارن جي باري ۾ تمام حساس هوندا آهن ڇوته جڏهن ٻار بيمار ۽ تڪليف ۾ هوندو آهي ته مائٽن جي جذباتي ڪيفيت پنهنجي انتها تي پهتل هوندي آهي، سو ٻارن جو ڊاڪٽر نه صرف ٻار جو علاج توجهه سان ڪندو آهي پر ان سان گڏ مائٽن جي جذبات کي ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪندو آهي.

سعودي عرب ۾ اتان جا مقامي ماڻهو گهڻو ڪري سڀ پنهنجي مادري ٻولي ڳالهائي سگهندا آهن ۽ ڊاڪٽر کي " دڪتور" چئي مخاطب ٿيندا آهن، هڪ دفعي هڪ ماڻهو مون کي "حڪيم" چئي سڏيو، ڪائنس پڇيم ته ڪهڙي ملڪ جو رهواسي آهين ته ٻڌايائين ته پاڻ لبنان جو آهي، اتي مون کي خبر پئي ته لبنان ۾ ڊاڪٽر کي حڪيم چئبو آهي.

پنهنجي ٻار جي خراب حالت ڏسي پوءِ به صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺڻ مون هت يورپ ۾ ڏٺو آهي، اڪثر ماڻهو آپي کان ٻاهر ڪونه نڪرن. ٻئي طرف چيني ماڻهو جلدي آپي کان ٻاهر ٿي ويندا آهن. مصر جا ماڻهو پڻ روچ راڙو ۽ پٽڪو ڪرڻ کان به گريز ڪونه ڪن. انگريز ۽ آئرش ٻارن سان ڪو حادثو ٿي پوي ۽ ان کي ايمبولينس ڪٽي اسپتال پهچي ، ٻار

جي عمر ٻه 8 يا 9 سال هجي ۽ مائٽ پڻ اجا نہ پهتا هجن پر ٻهادر ٻار مجال جو دانهن ڪوڪ ڪري يا روئي ۽ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي سڏي ۽ علاج ڪرڻ ۾ ڊاڪٽرن سان تعاون وارو ورتاءُ ڪري، ان شي مون کي گهڻو متاثر ڪيو.

آئرلينڊ ۽ انگلينڊ ۾ ماڻهن جو هڪ وڏو گروهہ آهي جن جي ٻولي تہ انگريزي آهي پر هڪ خاص قسم جو لهجو جيڪو ٿورو عجيب هوندو اٿن، انهن ماڻهن جي ڪجهہ رسمن ۽ رواجن سبب هتي پڙهيل ماڻهو پوءِ اهي نرسون يا ڊاڪٽر هجن، انهن ڪان ٿورو پري رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، انهن کي ٽريول ڪميونٽي ڪري چوندا آهن. اهي مولائي ۽ مستاني قسم جا ماڻهو، موڊ ٿئين تہ انگلينڊ ۾ ڪجهہ سال رهن، وري سال ٻن ڪان پوءِ لڏو پٽي وڃي آئرلينڊ ۾ رهن.

مون کي ٻہ آئرلينڊ جي مختلف شهرن ۾ رهڻ دوران اهڙي قسم جي ماڻهن کي ويجهي ڪان ڏسڻ جو موقعو مليو ان ڪري انهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪابہ ڏکيائي ڪانہ ٿيندي اٿم، آئرلينڊ جي ڪافي جڳهين تي ۽ انگلينڊ ۾ پڻ هڪ قافلي جي صورت ۾ گهر نما گاڏين ۾ رهڻ پسند ڪن ۽ موڊ تبديل ٿيڻ سبب گاڏين جي قافلي کي ڇڪي ٻئي شهر ۾ وڃي پنهنجو پڙاءُ ڪن. اهڙن ماڻهن ۾ ٻہ چار ڳالهيون خاص هونديون آهن، پنهنجي سوٽ ۽ ماسات سان شاديون ڪندا آهن، پنهنجي ماين کي مار موچڙو پڻ ڪن، انهن مان ڪي ڪي هلڪيون ڦلڪيون چوريون چڪاريون پڻ ڪن. ڪڏهن ڪڏهن سندن عورتون ٻار ڪٽي اچي داخل ٿينديون آهن، پر سندن چهري تي ڌڪن زخمن جا نشان ظاهر هوندا آهن، چوتہ مڙس جي مار کائي اچي پهتي هوندي آهي. منهنجو پنهنجو خيال آهي تہ هي ماڻهو دل جا صاف ۽ سچا هوندا آهن، صرف پنهنجي ڳالهائڻ ۽ خاص لهجي جي ڪري ڪن حلقن ۾ ناپسند ڪيا ويندا آهن ۽ اڪثر ماڻهو هنن ڪان لهرائيندا آهن.

ڪافي ورهين جي مشاهدي مان مون تہ اهو سکيو آهي تہ انسان ڀلي ڪيڏي ٻہ مختلف طبيعت ۽ پس منظر جو هجي، پر ڪجهہ شين کي يڪدم پروڙي ويندو آهي. هر انسان پيار کي، همدردي کي، نفرت کي ۽ نظرانداز ڪرڻ کي چڱي طرح سمجهي ويندو آهي پوءِ ڀلي ڪهڙي ٻہ قوم جو هجي انتهائي قابل هجي يا بلڪل اڻ پڙهيل.

عبدالله تقريبن چاليهہ کن ملڪ گهمي چڪو آهي، ۽ سواءِ آمريڪا کنڊ جي دنيا جا سڀ کنڊ ڀيليا اٿئين ۽ سندس آمريڪا وڃڻ جو منصوبو پڻ آخري مرحلي ۾ آهي. پر هاڻ ڪيس هڪ گذارش ڪندس تہ ڀانت ڀانت جي ملڪن جي ماڻهن جي مخصوص نفسيات ۽ هلت چلت تي هڪ باب ضرور لکي.

ويجهڙائي ۾ عبدالله نہ صرف گهڻو لکيو آهي پر سٺو لکيو آهي ۽ وقت سان گڏ سندس قلم ۾ پختگي ۽ نکار اچي چڪو آهي ۽ اهو وقت پري ناهي جو سندس شمار سنڌي ٻوليءَ جي پهرين صف ۾ شمار نثر نگارن ۾ ٿيندو. مان عبدالله جي لاءِ بهترين تمنائون ۽ خواهشون رکان ٿو.

**ڊاڪٽر مشتاق سومرو**
**ملٽن ڪينز انگلينڊ**
**مارچ 2022**
Mushtaq.soomro@gmail.com

# سنڌ جو سيلاني

**سنڌ جي سيلاني عبدالله عثمان مورائي ( عبدالله سومرو) جنهن يورپ کان وٺي آفريڪا جي اولهہ تائين زمين لتاڙي سمنڊ جهاڳي سفر جا ڪشالا ڪٽيا آهن. اهي سفر جيڪي اتر يورپ جي ٿڌن علائقن ۾ ٽي ٽي ڏينهن ۽ راتيون رڪ سيڪ (سفري ٿيلهو) ۽ خيمو پٺي تي ڪٽي سمنڊ جي ڪنارن، جبلن ۽ جهنگن ڪي پنڌ جهاڳي ڪيا آهن تہ ڪٿي ساموںڊي جهازن ۾ ، ڪٿي ريل ۽ ڪٿي هوائي جهازن جن ۾ گهمڻ جي جنون ۽ شوق کي پورو ڪرڻ سان گڏ وڏا تجربا بہ حاصل ڪيا آهن. يورپي سماج جو تمام ويجهڙائي کان اڀياس ڪيو آهي. نئين ٽهي جي هن سنڌي سيلاني کي گهمڻ ڦرڻ جو شوق ننڍ پڻ کان آهي، ان شوق کيس يورپ جا وڻ وسارايا.**

**سندس خاص ڳالهہ اها آهي تہ گهمڻ ڦرڻ (سفر) جا تجربا سنڌ واسين سان ونڊيندو پيو**

**اڃي، جيڪي هاڻي ڪتابي صورت ۾ پيا اچن. اميد تہ پڙهندڙ ضرور لاڀ حاصل ڪندا.**

**پيرحماد الله**
**درگاهہ خياري شريف**
**نوابشاهہ 21.03.2022**

## عبدالله مورائيءَ جون مسافتون

**بنيادي طور تي انسان هڪ "سٽريل جانور" آهي، اونداهين غارُن ۾ رهندڙ انسانَ جيڪو ترقيءَ جو معراج ماڻيو آهي ۽ هن سٽريل شڪل ۾ اڄي پهتو آهي، پنهنجي جسماني سڪون لاءِ ۽ پنهنجي توانائي بچائڻ لاءِ جيڪو هُن ٽن جي آسائش جو سامان بڻايو آهي ان ۾ وڏن جهازن، تيز رفتار ٽرينن ۽ آبي ٻيڙن ڪي تخليق ڪيو آهي، جن ٻيڙن ۾ چوڏهن چوڏهن منزلا عمارتون، مارڪيٽ، ڪيسينو، وڏا شاپنگ سينٽر، ريسٽورانٽس، بازارون، ناچ گاني جا ڪلب، مساج سينٽر (آڌڻ جون جايون) ۽ ڪيفيٽيريا وغيره سياحن لاءِ هر وقت موجود آهن. اهي سڀ انسان جون آسائشون آهن. موبائيل فونون، فيس بُڪ، واٽس ايپ جهڙيون تيز رفتار توانائيءَ جون ترقي پسند تخليقون ڪري، هُن دنيا کي گلوبل وليج بڻائي ڇڏيو آهي. فنگر ٽپس تي توهان هزارين ميلن جو مفاصلو هاڻي منٽن بہ نہ بلڪ سيڪنڊن ۾ طئي ڪري سگھو ٿا. هن لائيو دنيا جي ترقي يافتا قومن ۽ ملڪن جي جزيرن ۽ جهازن تي اُڏامندڙ منهنجو موري جو دوست عبدالله سومرو اڄ پنهنجي هن ڪتاب "مسافتون" جي حوالي سان پنهنجو هڪ نئون تعارف ڪرائي رهيو آهي.**

اصل ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي پالش ڪرڻ ۾، سنوارڻ ۽ سڌارڻ ۾ اڪيلائيءَ (آئيسوليشن) جو وڏو عمل دخل آهي. پيغمبرَن غارُن ۽ پهاڙن ۾ چلا ڪاٽيا، پٺائيءَ پٽ وسائي ۽ اهڙي طرح سان مارڪس کان وٺندي البرٽ آئنسٽائن تائين انساني سوچ اڪيلائيءَ جي ڪال ڪوٺڙيءَ مان پنهنجي وجود جي اندر لڪل نرواڻ کي دريافت ڪيو آهي. اهڙي طرح عبدالله سومرو بہ بنيادي طور تي هڪ فطرت پسند انسان آهي. هُو هن دنيا ۾ "تن" جي ترقي ڪيل عاليشان يورپي سماج ۾ تہ رهيو آهي، پر سندس من جو روحاني سُڪون، سندس جنم ڀومي سنڌ سان سلهاڙيل آهي.

عبدالله سومري سان منهنجو واسطو سائنس ڪاليج سڪرنڊ کان شروع ٿيو، جتي فرسٽ ايئر ۾ عبد الله اچي ڪلاس وٺندو هئو ۽ پوءِ روز جي بنيادن تي موري واپس موٽي ويندو هئو. اتفاق سان اسان سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ بہ گڏ پڙهياسين. عبدالله يونيورسٽيءَ جي شهباز هاسٽل ۾ ڪمرو بُڪ ڪرايو پر هُو اتي رهي نہ سگهيو، ڇو تہ حيدرآباد ۾ سندس گهر بہ هئو، جنهن جو هيٺيون پورشن ڪرائي تي هئو ۽ مٿئين حصي ۾ هڪ ڪمرو اٽيچ باٿ ۽ ٻاهر بورچي خانو هئو. مان اڪثر عبدالله سان گڏ ئي هوندو هيس، اسان جو ڪمبائين دوست ڊاڪٽر احمد علي ٽگڙ بہ حيدرآباد ۾ رهندو هيو، مظهر ابڙو، عمر ڪريم، عالم صديقي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي دوست حيدرآباد ۾ رهندا هئا. جن جي سنگت ۽ صحبت جي ڪري اسان کي حيدرآباد وڏيڪ رهڻ جو موقعو مليو. هاسٽل ۾ مان ٻہ سال رهيس، ٻيا ٻہ ٽي سال حيدرآباد ۾ رهيس. جتي عبدالله سينٽر قاسم آباد ۾ منهنجو ڪرائي تي فليٽ هوندو هئو، پوءِ پڪوڙا اسٽاپ تي نسيم اپارٽمينٽ ۾ بہ سال ٻہ رهيس، عبدالله هيٺان بيهي سڏ ڪندو هئو تہ مان دريءَ مان هٿ لوڏي پليڪار ڪندو هيس، پوءِ ڪڏهن هُو مٿي هليو ايندو هئو تہ ڪڏهن مان هيٺ لهي ايندو هيس، تڏهن موبائيل فونون نہ هونديون هيون تہ سڀ کو ملڻ لاءِ وقت ڪڍي روبرو ايندو هئو.

هڪ ڀيرو اسان 48 ڪلاڪ مسلسل گڏ رهياسين. رات جو بہ عبدالله وٽ هيس، صبح جو اتي يونيورسٽيءَ وياسين، ڪلاس ۾ بہ گڏ، ناشتو بہ گڏ، مانجهاندو بہ گڏ، حيدرآباد واپسي بہ گڏ، وري سندس گهر رات رهي صبح جو ساڳي رُٽين تي رهياسين، پوءِ ڪيس چيم تہ "يار اسان بُور ئي نہ ٿا ٿيئون، پاڻ 48 ڪلاڪن کان گڏ آهيون." بهرحال، اها هئي جواني ۽ اسان جي ياراڻي. ان لاءِ مان اها دعويٰ ڪري سگهان ٿو تہ مان هن جو سٺو دوست آهيان ۽ هن بابت منهنجي راءِ وزندار هوندي.

ان کان پوءِ يونيورسٽي پاس ڪري، اسان بحريا يونيورسٽيءَ جي ٽيسٽ لاءِ سکر ۾ ڪمرو وٺي چار ڏينهن گڏ رهياسين ۽ ٽيسٽ جي تياري ڪئي سين، شايد مان بہ ڏينهن ليٽ آيس ۽ بہ ڏينهن تياري ڪيم، باقي ڊاڪٽر احمد علي ٽگڙ، عبدالله جو وڏو ڀاءُ "پائو فاروق سومرو"، ۽ عبدالله اڳ ئي اتي هيا. نيٺ محنتن رنگ لاتو ۽ اسان چارئي سترهين سترهين گريڊ ۾ واٽر مئنيجمينٽ آفيسر ٿياسين. منهنجي پوسٽنگ مختلف جاين تي رهي، نيٺ

موري ۾ ٻہ ٻہ مهينا عبدالله سان گڏ نوڪري ڪيم.
بنيادي طور تي عبدالله سومرو هڪ فضيلت وارو جوان آهي ۽ هڪ سٺي خاندان جو ماٺهو آهي، سندس والد پراڻي زماني وارو فائينل جو امتحان پاس ڪري پوءِ پنهنجي والد صاحب جو ڪاروبار سنڀاليو ۽ انهيءَ ڪاروبار مان هن پنهنجا ٻار پڙهايا. موري ۽ حيدرآباد ۾ گهر ورتائين ۽ ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏياريائين. عبدالله اصل ۾ هڪ سنياسي ماڻهو آهي، هُو ڪاليج لائيف ۾ ٿي دوستن جو گروپ ٺاهي ملڪ جي ناردرن ايرياز ۽ ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾، پهاڙن ۽ برفاني علائقن ۾ پيو گهمندو هئو. يونيورسٽيءَ جي ڪينٽين تي ويهي مان ڪيس چوندو هيس تہ "پاڻ لنڊن جي ايئر پورٽ تي ملنداسين ۽ چانهہ ۾ ڪيڪ ٻوڙي کائينداسين." مون کي خبر هئي تہ هُو نہ مڙندو ۽ انهن ڪوشش ۾ ڪراچيءَ ۾ سمنڊ ڪناري فليٽ وٺي اتان ٻاهر وڃڻ جي لاءِ ڪوشش ڪيائين، پر مختلف دوستن سان ملي نيٺ چيائين "يار هتي ڪراچيءَ مان ٻاهر لاءِ ڪم نہ ٿيندو. هتي رڳو دوست وقت ضايع ٿا ڪن." مون کي پڪ هئي تہ هُو ڪنهن نہ ڪنهن پاسي نڪري ويندو. بهرحال سترهين گريڊ جي نوڪري ڇڏي يار نيٺ يورپ جي دل سئيڊن ۾ وڃي نڪتو. جتي هن ڏاڍي محنت ڪئي آهي. جنهن جو احوال لکندس تہ طويل ٿي ويندو. نيٺ اٺن سالن کان پوءِ هن جي دل پرجي وئي پر مون هن کي صلاح ڏني تہ دنيا گهم، سفر جا حال احوال لک، ڪالم لک، پر واپس نہ اچ. هُو جيڪو ڪجهہ لکندو هئو پيو موڪليندو هئو، ڪجهہ پڙهندو هيس ڪجهہ نہ، پر نيٺ سندس سفرناما ڪتابي صورت ۾ ڇپرائڻ جو خيال اچي ويو. اچ ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي.
ڇا تہ هن يار لکيو آهي جو هن تي فخر محسوس ٿيڻ ٿو لڳي. هڪ هنڌ لکي ٿو "سبي کان ڪوئٽا يا ڊبلن کان ڪاسلبار ويندي جيڪا شئي هميشہ متوجهہ ڪري ٿي اها آهي ريڊارن جي هڪ ڪرت جيڪا بلڪل ساڳي آهي. پلي ريڊار آئرليند جو آئرش هجي يا بلوچستان يا ڪٿي سنڌ جو، سيني جو پنهنجين رڍن کي نيرو، گلابي، ڦڪو يا ڳاڙهو رنگ هڻڻ ساڳيو عمل آهي. ٻنهي ريل يا روڊ رستي ويندي رڍن جا رنگ برنگي ڏڻ نظر ايندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن آءُ جڏهن ڊبلن کان ڪاسلبار ويندي اهڙن ڌڻن کي ڏسندو آهيان تہ هڪڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي ۽ منهن تي هلڪي هلڪي مشڪ پاڻ ئي اچي ويندي آهي. پوءِ ڪو سامهون ويٺل مسافر شڪي نگاهن سان مون ڏي ڏسي جوابي مسڪراهٽ جو حملوڪندو يا ڪندي آهي، پر ڪين کهڙي خبر تہ هن وقت آءُ ذهني طور تي آئرش ريل سان گڏوگڏ ٻولان ميل ۾ پڻ سفر ڪري رهيو آهيان ۽ انهن ويرانن ۾ موجود رڍن جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان ۽ مڪمل طور تي اها ڪسوٽي حل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهيان تہ آئرليند، سنڌ ۽ بلوچستان جي ريڊارن ۾ کهڙو ۽ ڪڏهن جو ڳانڍاپو آهي. اهو رنگن جو استعمال شايد ٻن سبب جي ڪري آهي، هڪ تہ سندن رڍون سهٽيون لڳن ۽ ٻيو تہ هو جيئن پنهنجي مال کي سڃاڻي سگهن."

عبدالله کي اڪيلائيءَ اُجاري ڇڏيو آهي، هن ڇا ته نثر لکيو آهي، هن وٽ Mature Vision آهي، هُو ذهني طور تي آئرش ريل ۾ به بولان ميل وارو سفر ڪري ٿو. هن جي فهم، ادراڪ ۽ ذهني اوسر ۾ هڪ مهذب تهذيب جو پختو پس منظر ۽ ترقي يافتا معاشري جي سماجي سهپ جو ميلاپ آهي. مون کي خبر ناهي ته "Home Sikness" ڇا ٿيندي آهي، ڇو ته هيل تائين مان هن ملڪ کان ٻاهر ناهيان ويو، پر عبدالله جي سفرنامن کي پڙهي مان محسوس ڪري سگهان ٿو ته "وطن جي حب ڇاهي." هُن سنڌ کي وساريو ناهي بلڪ قدم قدم تي هُن سنڌ کي اجان ويجهو ڪان ڏٺو آهي. شيخ اياز جي هڪ سٽ هئي ته "پرڏيهيءَ سان پيار ڪري، مون پنهنجو ڏيهه ڏٺو." مون کي ڪي ئي سال اها سٽ سمجهه ۾ نه ايندي هئي پر هاڻ ان درد کي محسوس ڪري سگهان ٿو.

عبدالله ٻئي هنڌ لکي ٿو ته "اسان جي سامهون پيرينيز پهاڙن جي خوبصورت وادي ۾ اندورا جي گادي وارو شهر اندورا لا ولا نظر آيو. ٻارنهن اسڪوائر ڪلوميٽرس تي مشتمل اندورا لا ولا يورپ ۾ اونچي ۾ اونچو يا بلند سطح تي گادي وارو شهر آهي. اندورا جي سرڪاري ٻولي ڪاتالان آهي. اندورا پڻ اسڪيننگ جي لاءِ تمام گهڻو مشهور آهي ۽ هتي ٽيڪس ۾ به ڇوٽ هوندي آهي، ان ڪري ماڻهو هتان "ڪافي" خريداري ڪندا آهن. تقريبن اٺ ڏهه ملين سياح هر سال اندورا گهمڻ لاءِ اچن ٿا، پران هوندي به تمام گهڻ ماڻهن کي خبر آهي ته اهو به ڪو ملڪ دنيا جي نقشي تي موجود آهي. جڏهن ته اندورا ملڪ تمام پراڻو آهي. اندورا جو پنهنجو سڪو ڪڏهن به ناهي رهيو، يورو ڪان پهريان هتي اسپين ۽ فرانس جو سڪو هلندو هئو ۽ ملڪ ۾ هن مهل تائين پنهنجو ڪوبه هوائي اڏو ناهي. ملڪ ۾ تماڪ جي تمام گهڻي پيداوار آهي ۽ هتان جا ماڻهو دنيا ۾ پهرئين نمبر تي سگريٽ ڇڪڻ ۾ اچن ٿا. هتي گهڻي قدر ماڻهو ٽيڪس فري خريداري ڪرڻ اچن ٿا، خاص ڪري سگريٽن جي خريداري. ملڪ ۾ فوج به نه هئڻ جي برابر يا تمام ٿوري ۽ رسمي آهي، جنهن صدين کان ڪابه جنگ ناهي وڙهي."

عبدالله انفارميشن به تمام سٺي انداز ۾ ڏئي ٿو، جنهن ڪري پڙهندڙن جو سفرنامي ۾ مزو برقرار رهي ٿو. ڪجهه ماڻهو سفر نامي کي اقتصادي مضمون ڪري پيش ڪندا آهن جنهن ڪري پڙهندڙ کي بوريت محسوس ٿيندي آهي پر عبدالله انفارميشن کي محدود ۽ مزي خاطر جاءِ ڏني آهي، نه ته عبدالله جو ويئن تمام براڊ آهي، جيئن ٻئي هنڌ لکي ٿو "موروڪو جا ماڻهو هڪ ئي وقت فرينچ، اسپينش، عربي، انگريزي ۽ بربر ٻوليون ڳالهائين ٿا. ٻولين جي اهميت تي وري ڪنهن ٻئي حوالي سان لکبو." عبدالله پاڻ به مقامي ٻولي سکي ۽ پڙهي آهي، هن جو مختلف ٻولين تي به پنهنجو ويچار آهي، جن مان ڪجهه ٻولين جا سنڌي تلفظ جهڙا لفظ پڻ آهن.

عبدالله هڪ هنڌ لکي ٿو "ماڻهو هتي هتان جا قدرتي گرم چشما ڏسڻ ايندا آهي. ڪافي شايد ڪن بيمارين جي علاج لاءِ به اچن ٿا. هن شهر ۾ موجود گرم چشمن جو گرمي

پد پيرينيز جي پهاڙن ۾ موجود ٻين گرم چشمن کان وڏيڪ آهي. اهڙي قسم جي گرم چشمن ۾ سلفر هجي ٿو، جيڪي پاڪستان ۾ به مختلف جائين تي آهن.” هن وٽ بار بار سنڌ جو حوالو آهي، جيڪو هن کان بي ساختا لکجي ٿو وڃي. “صبح جو مزي سان تيار ٿي ناشتو پاڻي ڪري هلياسين شهر کي پيلڻ. ڏينهن جي روشني ۾ ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ محسوس ٿيو ته هتي ٻلا ۽ ٻليون تمام گهڻا آهن، هر پاسي ٻلا ۽ ٻليون. اتي اهي رڳو ٻلا ئي ٻلا ڏسي مون کي موري جو سُرهين جو پاڙو ياد اچي ويو، جتي گهڻن جون اڪيون شيريون آهن ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي يا شهر وارا کين ٻلا سڏين ۽ اهي يار به دل ۾ صفا ڪونه ڪن.”

وري هي ٽڪرو ڏسو جنهن ۾ عبدالله لکي ٿو ته “اڄ مون روڊ جو ٻيو پاسو ورتو، ڪجهه اڳتي هلڻ کان پوءِ ڏٺم ته اتي هڪ بسن جو اڏو نظر آيو، ملازمن مختلف شهرن ڏانهن وڃڻ جا هوڪا پڻ ڏنا پئي. مون کي اتي حيدرآباد جا بس اڏا جيئن پناڻ ڪالوني، ٻڪرا منڊي، بدين اسٽاپ ۽ نئين پل ۽ سکر جا بس اڏا به ياد آيا.” (عبدالله جي حيدرآباد شهر جي حوالي ۾ لکيل سٽن منجهان مان جيڪي ڪجهه محسوس ڪري سگهان ٿو اهو به شايد ئي ڪو محسوس ڪري سگهي جو اسان حيدرآباد ۾ چڙ ته گڏ گڏ رهيا آهيون.)

عبدالله دبئي جي حوالي سان لکي ٿو ته “هتي مون ڏٺو ته گاري جي لمبائي سان ٺهيل گهر جن ۾ ڪاٺ جا بنڊ استعمال ٿيل هئا، ڪاٺ جي درين ۾ لوهي شيخون، ڪاٺ جي پيجرن يا لڪڙن ۾ چپر ڦاسايل، لوهه جي ڪڙي سان ڪاٺ جي تاڪن جا در جيڪي مختلف حصن ۾ هوندا آهن، پاڻي جي ننڍي نادي جيڪا ڪاٺ جي چئن پاون يا گهڙا منجي قسم جي شئي ۾ ڦاسايل هجي، هڪ ننڍو بلب جيڪو محدود قسم جي روشني ڏيندو هجي، ڪجين جا وڻ، گاسليٽ واري بتي، تيل يا گاسليٽ جا ڊرم، گهرن جي مٿان ڪوٺن تان پٽين ۾ چاريون، ڪٿي ڪٿي وري پٽين تان گارو لٿل، جنهن مان سرون نظر اينديون هجن، گهرن جي ٻاهران سائيڪلون بيٺل، گهرن جي وراندن جي دروازن ۾ گول پلر ۽ انهن جي مٿان وري گول ونگن جي ڊزائن، ڪٿي ڪٿي عرب پنهنجي روايتي ڪپڙن ۾ اٺ سان بيٺل نظر اچي ٿو ته ڪٿي وري عربن جو ننڍو خاندان ڏيڪاريل آهي. هتي به سياحن جي ڪافي رونق لڳل هئي. هن علائقي ۾ مون کي گهمندي ڏاڍو مزو آيو. هتي مون کي لڳو ته چڻ هي ڪو سنڌ جو علائقو هجي، چاڪاڻ ته پاڻ وٽ اجا به اهي مٿي ذڪر ڪيل شيون استعمال هيٺ آهن ۽ اهڙي قسم جو ماحول اجا به آهي.”

هنن سفر نامن جي چوڌاري سنڌ هڪ غيبي سرحد جيان موجود آهي، ڪنهن شعر جو مفهوم هيو ته “دنيا جا سڀ سهٽا نالا توکي ارپي ڇڏيان.” اهڙي طرح عبدالله سڄي دنيا جي سونهن کي جنهن “آءِ پيس” سان ڏٺو آهي اهو لينس اصل ۾ سنڌ آهي. هُو لکي ٿو “هن فائيو گائيز ريسٽورنٽ وارن جو وري اهو طريقو آهي ته جيسٽائين ڪاڏو تيار ٿئي تيسٽائين مفت ۾ بيهيمگ وينا ڪائو. اتي بيهيمگ ڪائيندي مون کي موري جا بيهيمگ ڪائڻ جا شوقين

ڪجهه مائٽ ۽ دوست ياد اچي ويا. ” مورو عبدالله جي هر سفر جي آخري اسٽيشن ٿو لڳي. جيئن سئيڊن يورپ جي دل آهي تيئن مورو ساهتيءَ جي دل آهي.

ٻي جيڪا ڳالهه مٿئين دبئيءَ واري ڪوٽيشن مان به واضع آهي ته عبدالله وٽ اظهار جي قوت آهي، هُو حسين منظر لکت ۾ پسائي سگهي ٿو، هن وٽ ڪڏهن ڪڏهن مون کي هڪ شاعر واري دل محسوس ٿئي ٿي. گهڻن ماڻهن سان اهو الميو هوندو آهي ته اهي منظر جو حسن ته پَسي سگهندا آهن پر ان کي بيان ڪرڻ جو وٽن ڏانءُ نه هوندو آهي، عبدالله وٽ اهو ڏانءُ آهي ته هُو سڀ شيون بيلينس ڪري هلي ٿو. هي سفرناما ٺلهي ڪمينٽري نه ٿا لڳن پر متحرڪ آهن، هنن ۾ منظر ساهه کڻندڙ آهن ۽ عبدالله سفر نامن کي هڪ شاعر جي دل سان لکيو آهي، هُن وٽ هڪ هماگير صلاحيت آهي، خاص ڪري ڪنهن به فيلنگ کي بيان ڪرڻ جو هن وٽ شاعراڻو ڏانءُ آهي. هي ڪوٽيشن منهنجي ڳالهه کي پَر ڏيندو: ”پهاڙن جو خوبصورت سلسلو به شروع ٿي ويو هو، ڪٿي ڪٿي پهاڙن ۾ گهيريل پري پري گهر ۽ گرجا گهر به نظر اچن پيا. گهرن جي ڇتين ۽ گرجا گهرن جي مينارن تي صبح جي سج جا پهريان ڪرڻا پئجي رهيا هئا، ڪٿي ڪٿي پالتو جانور پڻ چرندي نظر آيا، لڳي ائين پيو ته آس پاس جا ڳوٺ اڃا هاڻي جاڳي رهيا آهن. صبح جو اهو ماحول انتهائي پرسڪون ۽ وڻندڙ هو.“ اهڙو ئي هڪ ٻيو پيس ڏسو: ”مون واري سڄي گروپ جا سياح سڀ جا سڀ پاڻيءَ ۾ هيا. ڪي وري مقامي يا آس پاس جي علائقن جا ماڻهو اتي اچي پڪنڪ ملهائين ٿا. اتي ڪاڌي ڪائڻ جا هوٽل، سووينيئر جا دڪان، ڪيفيٽيريا، بار، چڪر ڪائڻ لاءِ ننڍيون ٽوڙي وڏيون ٻيڙيون هر وقت موجود هجن ٿيون. پاڻي ايترو ته صاف آهي جو پٿر، مڇيون ۽ ٻيڙين جو ترو صاف نظر اچي ٿو.“ سفرنامو هونءَ ته تفريحي ادب جي ذمري ۾ اچي ٿو، جنهن ڳالهه کي پڻ عبدالله مورائيءَ بخوبي نباهيو آهي. ڪنهن ڪنهن ليکڪ جو مشاهدو پڻ تيز هوندو آهي، جنهن سان اُهو ليکڪ بصري عڪسن کي لکڻيءَ ۾ ايئن منتقل ڪندو آهي جو اهي ڪيفيتون لکڻيءَ مان هوبهو جهلڪڻ لڳنديون آهن. اهڙو ئي هي حصو ترڪيءَ جي شهر استنبول بابت عبدالله جي هن ڪتاب جو حسن بڻجي سامهون آيو آهي: ”هوٽل کان ٻاهر اچي مون مرمرا سمنڊ جي ڪناري تي آباد هن استنبول جي ڪديڪوئي واري علائقي کي ٿورو غور سان ڏسڻ شروع ڪيو، ريسٽورنٽ ڀريل ۽ وينٽلن جا جام به ڀريل، سگريٽن يا شيشن مان نڪرندڙ دونهان، هر پاسي ترڪش ڪاڏن جي خوشبو، گهڻي قدر مقامي ترڪ يا ترڪي جي ٻين علائقن مان آيل ترڪ پئي نظر آيا. استنبول جي ٻين سياحتي ماڳن کان هتي ماحول سڪون وارو هو. تازي مڇي، فروٽ ۽ ڀاڄين ۽ مصالحن جا دڪان هر پاسي نظر پئي آيا. مرمرا سمنڊ ۾ پاڻي جا ننڍا ننڍا جهاز ايشيا ۽ يورپ جي وچ ۾ مسافرن کي هر وقت ڍوئڻ ۾ رڌل هئا.“ هن جي نثر ۾ Kinetic Images آهن، هي منظر سامهون ڇُرندي پُرندي محسوس ٿي رهيا آهن. عبدالله وٽ بيان جي قوت حيرت انگيز آهي، جهڙي ڪنهن پختي ليکڪ ۾ به ورلي ملندي آهي.

عبدالله لکي ٿو تہ: ”ڊبرونوڪ ۾ سياح شام جو سج لهڻ جو نظارو شهر جي پهاڙي مٿان وڃي ڪندا آهن، جتان شهر هٽ جي ٽري تي بيٺل نظر ايندو آهي.“ عبدالله پهاڙن تي چڙهي ڊبروڪ شهر کي شاعري تشبيهہ ڏني آهي.

عبدالله اڌ دنيا کي پنڌ گهميو آهي، هن مختلف جاين تي لکيو بہ آهي تہ ڪنهن بہ جڳهہ کي گاڏيءَ يا ٽرين مان گهمي نہ ٿو ڏسي يا ڇٽي سگهجي تہ اسان هي شهر گهميو آهي، جيسيتائين ان جڳهہ کي پيرين پنڌ نہ ٿو ڏسجي. هن ڪوٽيشن ۾ عبدالله پنهنجي ڳالهہ جا عڪس هيئن چٽيا آهن: ”ان ڏينهن اسان تقريبن ويهہ ٻاويهہ ڪلوميٽر پنڌ هليا هئاسين، ڪافي ٿڪاوٽ ٿي چڪي هئي، ماني کان پوءِ ارادو اهو ئي هئو تہ پيسن جي مٽا سٽا وارن جي آفيس مان ڪجهہ پيسا مٽرائي پوءِ وڃي ٿا گيسٽ هائوس تي آرام ڪيون. پر سائين ايا ڪٿي، انهن چيو تہ پاسپورٽ ڏسڻ کان سواءِ پيسا نہ ٿا مٽائي سگهون ۽ اسان جا پاسپورٽ تہ گيسٽ هائوس ۾ رکيل هئا، بهرحال هڪ دفعو وري گيسٽ هائوس تي وڃي وري واپس اچڻو پيو. پر اهي سڀ شيون سفر جي سونهن ۾ شامل آهن.“ عبدالله جو شين ڏانهن ورتاءُ هاڪاري آهي.

عبدالله جڏهن سنڌ ۾ هئو ۽ پنهنجي ملڪ جي ناردرن ايرياز ۾ گهمڻ ويندو هئو تہ هن جا ڪجهہ انگريز ٽوئرسٽ دوست هئا، جيڪي ڪيس مختلف جاين تي ملندا هئا. ٻاهر وڃي عبدالله انهن سان بہ مليو، انهن کان گائيڊينس وٺي هن مشهور جاين جا سير ڪيا. ڪجهہ ماڻهن ۽ گروپس سان گڏجي هُن پاڻ سفر ڪوآرڊينيٽ ڪيا. گاڏين وارن سان دوستيون رکيون، جن ڪيس دنيا گهمائي. هڪ سفر نامي ۾ عبدالله هڪ يوڳ لکيو آهي جيڪو هن جي انگريزن سان دوستيءَ جو هڪ خوشگوار احساس اپاري ٿو: ”چيائين تہ منهنجو پاسپورٽ تہ بوسنيا اينڊ هرزيگووينا جو آهي پر نوڪري هن ڪروشيا جي سياحتي اداري ۾ ڪندو آهيان. اهو بہ ٻڌايائين تہ منهنجي ڏاڏي مونٽينيگرو جي هئي ۽ ڏاڏو بوسنيا اينڊ هرزيگووينا جو. اسٽافن وڌيڪ ٻڌايو تہ هن سڄي بالڪن ۾ مونٽينگرو جا ماڻهو خاص ڪري اتان جون عورتون تمام گهڻيون سهڻيون آهن. پوءِ مون کلندي چيومانس تہ شايد تنهنجي ڏاڏي بہ ان ڪري اتان شادي ڪئي هئي؟ ان ڳالهہ تي سندس ٺهڪ نڪري ويو.“

هن وقت عبدالله اسان جو اسيٽ آهي. هو هڪ باشعور فرد آهي، يورپ ۾ پروفيشنل انجنيئر آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سڄاڻ ڪالمسٽ آهي، هڪ بهترين فوٽوگرافر آهي. سندس ڪالم بہ گڏ ٿيڻ ۽ ڇپجن ڪپن، جن ۾ هن تمام گهڻا موضوع تفصيل سان ڇهيا آهن. هنن سفرنامن مان بہ لڳي ٿو تہ سنڌ جي نياڻين کي اڳتي آڻڻ ۽ ٻارن ۾ اعتماد وڌائڻ طرف هن جو خاص ڌيان آهي. عبدالله هتي لکيو آهي تہ جن انگريزن ٽوئرسٽس سان هن جي دوستي آهي، اهي هِن ملڪ کي گهمڻ چاهن ٿا، جنهن تي عبدالله لکيو بہ آهي پر هِن ملڪ جون ناهموار سياسي حالتون عالمي طور اسان جي ساک وڃائن ٿيون. اسان جا پراونشل ٽوئر ازم ڊپارٽمينٽ تہ چڙا ساليانا رنگين بروشر ڇپائي ٽيبلُن جا خانا پريندا رهندا آهن، انهن

جي ٽوئرازم سائينس سان ڪا خاص دلچسپي ئي نہ رهي آهي. پر اڄ جڏهن دنيا فطري سياحت "Echo Tourism" تي ڇتي ٿي پئي آهي تہ اسان ڪٿي بيٺا آهيون. "اڇڙي ٽر" جا ڏُتڙيل ماڻهو دنيا جي تحقيقي ادارن جي توجهہ جو مرڪز ڇو نہ بڻجي سگهيا آهن؟ اهو هڪ سوال آهي. ڪجهہ وقت اڳ مڪليءَ تي آيل هڪ ٽوئرسٽ سان تہ تمام گهٽي بدتميزي ڪئي وئي هئي، جنهن جو سنڌي اخبارُن نوٽيس ورتو هئو. ايئن ٻين ملڪن ۾ بہ آهي، جيئن عبدالله استنبول ۾ اسان جي گڏيل دوست عالم صديقيءَ سان پاڻ ڦرائڻ جو واقعو لکيو آهي يا سندس جرمنيءَ جو هي ڪوٽيشن ڏسو: "جرمن هڪ دفعو وري تاڪيد ڪئي تہ پاسپورٽ ڪوشش ڪري نہ ڪڍي وڃجو ۽ فون ۽ والٽ پينٽ يا شارٽ جي اڳين کيسن ۾ رکجو. مون هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي دل ۾ سوچيو تہ چاچا اسان سنڌين جو تہ هن مهل تائين الائي ڇا ڇا نڪري ويو آهي ۽ ڪيڻ وارا ڪجهہ بشني پنهنجا آهن تہ ڪجهہ پراوا ۽ اهي سڀ بشني تاريخ ۾ ڏاڍا ذليل ۽ خوار ٿيندا." اتي عبدالله علامتي انداز ۾ تاريخي حقيقت جي آڌار تي مٿيون اسٽيٽمينٽ ڏنو آهي. دنيا جي جهالت ۽ سنڌ جي ڦرجڻ جي ڳالهہ اُهو ماڻهو کُلي طرح ڪري سگهي ٿو جيڪو دنيا ڏسيون وينو هجي ۽ جنهن جو سنڌ بابت سماجي مطالعو ٿيل هجي. عبدالله شاهڪار ڪالم لکي ٿو ۽ دنيا گهمي ٿو، هُن بارسلونا ۾ ڪاتالونيا جي آزادي پسند تحريڪ جو جلسو ڏٺو تہ ايئن لکڻ تي مجبور ٿي پيو تہ "جتي بہ ظلم هوندو، وسيلن جي ڦرلٽ هوندي، مَقامي ٻوليءَ جي ختم ٿيڻ جو خطرو هوندو، حد کان وڌيڪ ڌارين جي آبادڪاري هوندي، جتي ڊيموگرافي تبديل ٿيڻ جو خدشو ٿي پوي تہ پوءِ اتي زندهہ قومون روڊن تي ٽيئر گيس ۽ گولين جي سامهون اچڻ کان بہ ناهن گهبرائينديون ۽ اهي ٽيئر گيس ۽ گولين جي سامهون ايندڙ قومن جا هيرا هوندا آهن، جن جو فيصلو تاريخ ڪندي ۽ انهن تي گوليون يا ٽيئر گيس هلائڻ وارا تاريخ ۾ پاڙيا ۽ غليظ قرار ڏنا ويندا." هڪ ليکاري ان ڪان وڌيڪ کهڙي مزاحمت ڪري سگهي ٿو! عبدالله ٻئي هند لکي ٿو تہ "ٻاهر جو حال اصل ۾ اندر جي حال جي خبر ڏيندو آهي. انسان جيڪڏهن اندران بيمار هوندو تہ ان جي بيماري ظاهر مان نظر ايندي، اسان ۽ اسان جي شهرن جي حالت اصل ۾ وس وارن جي اندر جي حالت ظاهر ڪري ٿي." اهو ڪوٽيشن مسئلو بہ آهي تہ مسئلي جو حل بہ آهي. جڏهن انتها پسندي حد درجي تي پهچندي آهي تہ ڇوٽڪاري جي عمل جي شروعات ٿيندي آهي. بهرحال منهنجي فخر لائق دوست عبدالله سومري مورائيءَ جو هي سفرنامن جو ڪتاب ڇاپيندي جيڪا خوشي مون کي آهي اُها لفظن ۾ بيان نہ ٿي ڪري سگهجي. هُن ستن سمنڊن جيڏو سفر ڪيو آهي ۽ زندگيءَ جا مڙئي عڪس ويجهو کان ڏٺا آهن. جن جو ڳر هنن سفرنامن ۾ بيان ڪيو اٿائين، آئون سنڌ بابت سندس هن ڪوٽيشن تي کيس لکين مبارڪون ڏيندي پنهنجو مضمون پورو ڪندس تہ: "توڙي جو مون يورپ جي مختلف ملڪن جي ريل گاڏين ۾ چڙهي سفر ڪري ڏٺو آهي، پوءِ پلي اهو سفر اٽلي جي شهر ميلان کان وينس وڃڻو هجي، آئرلينڊ جي شهر ڊبلن کان ڪاسلبار وڃڻو هجي،

سئٽزرلينڊ جي شهر جنيوا کان لوزان وڃڻو هجي، ريل گاڏيون آرامده ۽ جديد ٿين ٿيون، پر جيڪو مزو مون کي دادوءَ کان ڪوئٽه بولان ميل ۾ ويندي دلڪش لڳي ٿو ان جو مٽ هتان جي سفر ۾ ڪونه آهي.”

**رحمت پيرزادو**

**ڪراچي**

## اسپين، فرانس ۽ اندورا ۾ رولاڪيون

سائين پلي هلو بارسلونا، 2019ع ۾ سرءَ جي مند ۾ منهنجن پاٽيجن معز ۽ سالار ۽ مون سوچيو ته گڏجي ڪاڏي گهمڻ هلون ۽ هلون به ڪنهن اهڙي ماڳ جيڪو پاڻ ٽنهي لاءِ نئون هجي. سو فيصلو بيٺو ته اسپين جي اتر اوڀر واري علائقي ڪاتالونيا جي شهر بارسلونا ڏا هلون، جيڪو اسان ٽنهي جو ڏٺل نه هو، سو سيني نعرو هنيو ته سائين پلي هلو بارسلونا. بارسلونا سان گڏوگڏ اهو به رٿيوسين ته ماڻهو جيڪڏهن بارسلونا ۾ هجي ته بهتر آهي ته ڪجهه ٻيا ماڳ پڻ گهمي ڏسي مثال طور اُتر اسپين ۾ وچين دور جو ننڍو جابلو شهر باگا، پيرينيز جو خوبصورت جابلو سلسلو، ڏکڻ فرانس جو هڪ ننڍو جابلو شهر ايڪس لس ٽرمس ۽ اسپين ۽ فرانس ۽ پيرينيز پهاڙن جي وچ ۾ هڪ تمام ننڍو ۽ سهڻو ملڪ اندورا ۽ سندس گادي وارو شهر اندورا لا ولا پڻ گهمي ڏسجي.

ادي سڪينه جي هٿن جو تمام لذيذ برنچ کائي اچي لنڊن ليوٽن جي هوائي اڏي تي وقت سان پڳاسين. جهاز ۾ اچا ڪافي وقت هو سو هيڏانهن هوڏانهن دڪانن تي پئي چڪر ڏناسين. اتي مون ڏٺو ته سالار کي ڪنهن وڏي عمر جي مائي اچي ڪن ۾ ڪجهه چيو ۽

سالار پنهنجي فون ڪيسي ۾ رکندي ڪليو. مون سالار کان پڇو ھيءَ ڪير ھئي ۽ ڇا چيائين؟ سالار ٻڌايو تہ اسان جي اسڪول جي ايڊمنسٽريشن ۾ آھي، ۽ ڪن ۾ اڄ چيائين تہ ھتي بہ موبائيل جي پچر نہ ٿو ڇڏين، تنھن تي اسان سڀ ڏاڍو کلياسين. اھا مائي پنھنجي خاندان سان گڏ اسپين جي ڪنھن سياحتي ٻيٽ ڏانھن وڃي رھي ھئي.

خير سان ايزي جيٽ جي جهاز پنھنجي مقرر وقت تي لنڊن مان بارسلونا وڃڻ لاءِ اڏام ڀري. جهاز ۾ تقريبن گھٽائي گورن مسافرن جي ھئي. سفر تقريبن اڍائي ٽن ڪلاڪن جو ھو ۽ مقرر وقت تي جهاز بارسلونا جي ھوائي اڏي تي اچي لٿو. آٽو ميٽيڪ يعني خودڪار يا اي گيٽس بارڊر ڪنٽرول سسٽم جي سھولت جي ڪري ماڻھو جلد ھوائي اڏي کان ٻاھر اچي ٿو وڃي. سو اسان بہ اھي اي گيٽس استعمال ڪري، اچي شھر وڃڻ واري بس جي اڏي تي پھتاسين. ٽڪيٽ بس جي ڊرائيور کان ئي ورتي سين. اسان کي بس جي آخري اسٽاپ پلازا / پلاڪا دي ڪاتالونيا جي چونڪ تي ئي لھڻو ھو، سو بي فڪرا ٿي بارسلونا جي اوسي پاسي ۽ شھر جون رونقون ڏسڻ شروع ڪيونسين. بس جيئن جيئن شھرطرف اندر ويندي رھي، تيئن تيئن بارسلونا شھر جون رونقون ظاھر ٿينديون ويون ۽ اسان کي ائين لڳو ڄڻ ھي خوبصورت شھر اسان کي ڀلي ڪار ڪندو ھجي، ھر پاسي سياح پئي نظر آيا، شھر ۾ تمام گھڻي رونق لڳي پئي ھئي. بس اسان کي تقريبن اڌ مني ڪلاڪ ۾ بارسلونا جي مشھور چونڪ پلازا دي ڪاتالونيا تي اچي لاٿو.

پلازا دي ڪاتالونيا بارسلونا ۾ تمام گھڻو مشھور ھڪ تمام وڏو ۽ مک چونڪ آھي، جتي ھر وقت وڏي رونق لڳي پئي ھوندي آھي، ھر پاسي سياح ۽ اصل رھاڪو پيا نظر ايندا. ھڪ تمام خوبصورت ڦوھاري جي چوڌاري انتھائي سھڻيون عمارتون نظر اچن ٿيون، جيڪي فن تعمير جو ھڪ اعلي نمونو آھن ۽ سھڻو ڏيک ڏين ٿيون. ھن چونڪ کي بارسلونا جي دل پڻ ڪوٺيو وڃي ٿو. ھتي وڏين برانڊڊ ڪمپنين جا دڪان، بسن جا اڏا، زمين اندر ھلندڙ ريل جون ويجھيون اسٽيشنون، کاڌي پيتي جا ريسٽورنٽ، ڪيفيٽيريا، پيسن جي مٽا سٽا جا دڪان، بار ۽ ڪبوتر جام نظر ايندا. مطلب تہ ڦيريون دفعو ايندڙ ماڻھو کي ھتي جو ماحول وڻندو ۽ ڪيس سٺو محسوس ٿيندو. ھي چونڪ ۽ ھن جي ڀرسان واري جڳ مشھور لارامبلا اسٽريٽ چورن جي جنت ۽ آماجگاھ پڻ آھي، سو ھر وقت اکيون کليل رکڻ گھرجن.

بھرحال اسان بس مان لھي پنھنجا ٿيلھا سنڀالي ۽ گھليندا اچي ايڊي رومز تي پھتاسين. ھي گيسٽ ھائوس پلازا دي ڪاتالونيا کان تقريبن ھڪ ڪلوميٽر پري ڪيرير دي گيرونا روڊ تي واقع ھيو. سڄ لھي چڪو ھئو. اسان کي گيسٽ ھائوس ۾ چيڪ اِن ڪندي اسي سالن کن جي جرمن مالڪ بارسلونا جي باري ۾ ڪجھ ضروري ھدايتون پڻ ڏيندو رھيو، مثلن تہ پنھنجا پاسپورٽ ضرورت کان سواءِ پاڻ سان ھر وقت گڏ نہ رکجو ۽ بھتر آھي تہ ھتي پنھنجي ڪمري ۾ ئي رکي وڃجو، ٻيو تہ پنھنجا موبائل فون ۽ ٻٽون

سوٽ جي پوئين گيدي (کيسي) ۾ هرگز نہ رکجو، هتي بارسلونا ۾ اهو عام آهي تہ سياحن جا موبائل فون، پرس يا پاسپورٽ بشني کڍي ٿا وجن. جنهن جي ڪري گهمڻ تہ گهمڻ جي ماڳ رهندو ماڻهو هروڀرو پريشان ٿي ٿو وڃي.

اسان سندس ڳالهين کي هانءَ سان هنڍايو، اسان کي گيسٽ هائوس جي باري ۾ ضروري شيون پڻ ٻڌايائين. اسان واري ڪمري ۾ هڪ ڊبل بيڊ ۽ ٻيو وري سنگل بيڊ پيل هيو، ڪمري جي بالڪوني مان ٿورو ٻاهر جو ديدار ڪيوسين تہ ٻاهر روڊ تي ۽ عمارتن جي بالڪونين ۾ وڏي رونق نظر آئي. موسم تمام بهترين هئڻ جي ڪري ماڻهو بالڪونين ۾ ويهي کائڻ ۽ پيئڻ جو مزو وٺي رهيا هئا.

اسان ٿوري دير ۾ تيار ٿي بارسلونا کي گهمڻ شروع ڪيو ۽ ڦري سري وري ان ساڳئي پلازا دي ڪاتالونيا چونڪ تي پهتاسين، هر پاسي وڏي گهما گهمي هئي، ماڻهو تقريبن سڀ ٽي شرٽ ۽ نيڪرن يعني وڏن چڍين ۾ هئا. مون کي هتي گهمندي اسان جي موري جي پاڙي ۾ ننڍي هوندي جي دوست فيروز ميمڻ جو ننڍو ڀاءُ فدا حسين ميمڻ ياد اچي ويو، جيڪو هن ئي شهر مان ڪجهہ وقت اڳ پنهنجي پڙهائي پوري ڪري وڃي چڪو هو. اسان جي اڳئين منزل وري لا رامبلا اسٽريٽ هئي، جيڪا ڪاتالونيا واري چونڪ کان ئي شروع پئي ٿي. گهڙڻ سان ئي وات مان نڪري ويو "هل چا تہ خلق آ هن گهٽيءَ ۾."

سوا ڪلو ميٽر ڊگهي لا رامبلا بارسلونا جي واڪنگ اسٽريٽ يعني پنڌ گهمڻ وارن ۾ تمام گهڻي مشهور ۽ معروف آهي. گهٽي جي ٻنهي پاسي ڊگها وڻ ۽ انهن جي هيٺان وري ڪيفيٽيريا، سووينيئر يا تحفن جا دڪان، گلن جا دڪان، ريسٽورينٽ وغيره جام آهن. هتي تہ پٽ تي ڪپڙو وڇائي ۽ ان مٿان مختلف قسمن جون شيون رکي بہ ماڻهن روزي پئي ڪئي. مون ٻڌو هو تہ هتي سنڌين جا بہ ڪافي دڪان آهن پر اسان کي اتي نہ ٻڌڻ ۾ ۽ نہ ئي ڪو سنڌي ڏسڻ ۾ آيو، باقي هن گهٽي ۾ پنجابي، اردو ۽ بنگالي باقاعدي ۽ واضع ٻڌڻ ۾ آئي.

لا رامبلا تي وڏي رش هئي، هر عمر جو ماڻهو هتي نظر اچي پيو، ڪي جوڙا هٿ هٿ ۾ ڏيو تہ ڪي وري اڪيلا، ڪٿي ڇوڪرين جا جٿا، تہ وري ڪٿي نوجوان ڇوڪرَن جا ٽولا نظر آيا پئي. وڻن کي وڌيڪ سهڻو ڪرڻ لاءِ انهن جي مٿان لائيٽنگ جو بندوبست ٿيل هو. ڪٿي ڪٿي بازيگرن ڪرتب بہ پئي ڏيکاريا. ڪٿي ڪٿي وري مَقامي ماڻهن جون سائيڪلون بہ بيٺل هيون. ماڻهن جي لاءِ اتي ڪاڏي سميت پيئڻ جو بہ جوڳو انتظام هئو، ماڻهو پنهنجي پاڻ ۾ گم ۽ مدهوش هئا. ڪيفيٽيريا ۽ ريسٽورنٽ وارن جي اها ڪوشش هئي تہ هو وڌ کان وڌ گراهڪن کي پاڻ طرف ڇڪي وٺي اچن.

اسان آهستي آهستي اڳتي وڌندا رهياسين ۽ لا رامبلا جي آخر ۾ اچي ڪرسٽوفر ڪولمبس جي سٺ فوٽ ڊگهي يادگار وٽ پهتاسين، پر ان کان بہ اڳتي رونق لڳي پئي هئي، سو سوچيوسين تہ ٿورو اجا اڳتي هلي ڏسجي تہ ڇا آهي. ٿورو اڳتي هلڻ کان پوءِ وري پاڻي

تي ٺهيل ڪاٺ جي پل نظر آئي، جنهن کي رامبلا دي مار سڏين ٿا، اتي به ڪافي گھورڙيا هئا جن مختلف قسم جو سامان پي وڪيو، ڪافي پاڪستاني به انهن ۾ هئا. هن پل تان آس پاس جي بندرگاهه جو نظارو انتهائي خوبصورت هئو. هتي هوا ۾ پاڻي جي ڪري ٿڌڪار محسوس ٿيو. هن پل کي پار ڪري اسان وڃي مريميگنم نالي هڪ وڏي شاپنگ مال ۾ پهتاسين، هي زمين جو ٽڪرويا ڀيٽ اصل ۾ سمنڊ کان رڪليم يعني سمنڊ جي پاڻي ۾ مٽي، پٿر وغيره وجهي حاصل ڪيو ويو آهي، جتي پوءِ وري اهو ايڏو وڏو شاپنگ مال، بارسلونا ايڪائريم (مڇي گھر) ماڻهن جي واندڪائي ۾ ويهڻ جون جايون، ڪيفيٽيريا ۽ ريسٽورنٽ ٺاهيا ويا آهن. هتي نوجوان ڇوڪرَن ۽ ڇوڪرين سگريٽن جا سوٽا پي هنيا، هڪ به پاڻي جا وڏا جهاز به لنگرانداز ٿيل هئا.

ان ڀيٽ تي ڪافي وقت گذارڻ کان پوءِ اسان ساڳئي رستي يعني لا رامبلا تي واپس ورڻ شروع ڪيو. گيسٽ هائوس ۾ چانهه ڪافي جو بندوبست ته هو، اسان رڳو صبح جي ناشتي لاءِ لا رامبلا اسٽريٽ تان ئي هڪ سپر مارڪيٽ تان سامان ورتو. آس پاس ٻيا به ڪجهه ڇوراها نظر آيا جن تي سراسري نظر وجهندا اڳتي وڌندا رهياسين ۽ آس پاس جي ريسٽورنٽس تي به نظر ڊوڙائيندا رهياسين ته رات جو پيٽ پوڄا ڪٿي ڪجي ۽ ڦري سري اچي هڪ ٽرڪش ريسٽورنٽ تي ويٺاسين. پيٽ پوڄا کان پوءِ وري هڪ پيرو ٻيهر توانائي بحال ٿي وئي ۽ اسان وري هلڻ شروع ڪيو ۽ هلندا هلندا اچي وري هڪ پيرو ٻيهر پلازا دي ڪاتالونيا اسڪوائرتي پهتاسين.

هتان هاڻي يا ته اسان گيسٽ هائوس واپس وڃو يا اجا به ٿورو هيڏانهن هوڏانهن جو چڪر هڻون. سو مون، معز ۽ سالار کان پڇو ته ڇا ارادو آهي، واپس هلون يا اجا ٿورو گھمون؟ ٻنهي خيال ڏيکاريو ته اجا ٿورو گھمون ٿا. اتي لڳي ائين پيو ته ماڻهو هاڻي ٻاهر نڪري رهيا هجن، رش ۽ رونق وڌندي پئي وئي. بهر حال، اسان گيسٽ هائوس واري پاسي ويندڙ روڊ طرف مڙڻ بجاءِ سڌو پاسيج ڊي گراسيا روڊ تي ئي اڳتي وڌندا رهياسين، ۽ هيڏانهن هوڏانهن چڪر هڻندا، مختلف بين الاقوامي برانڊن جا دڪان ڏسندا ۽ انهي ئي روڊ تي موجود مشهور ڪاسا باتيو تائين پهچي وياسين، هن ئي روڊ تي ٻيا به ڪجهه مشهور ۽ تاريخي ڪاسا آهن، (ڪاسا معني گھر يا اپارٽمينٽ) جن جي شايد ڪا تاريخي حيثيت هجي.

ڪاسا باتيو جي سامهون روڊ جي ٻئي پاسي مئڪڊونلڊ تان مون چانهه ورتي ۽ معز ۽ سالار آئس ڪريم ۽ پوءِ اسان اتان هاڻي واپس گيسٽ هائوس وڃڻ لاءِ موٽ ڪاڏي. کلندا مشڪري مذاق ڪندا اسان واپس گيسٽ هائوس واري روڊ تي جيئن جيئن اڳتي وڌندا وياسين ته پهريان ٿوري رش نظر آئي ۽ پوءِ ٿورو غور ڪيو ته ڇوڏاري ڊونهون هو، ۽ ڪجهه ماڻهو هيڏي هوڏي ڀڄندا نظر آيا، سو اسان به اڳتي وڌڻ بجاءِ وري پوئتي ٿياسين ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا هلندا واپس مين روڊ تي پهچي وياسين، ۽ مون سوچو ته واپس مئڪڊونلڊ ۾ ٿا وڃون. اتي تمام گھڻا مختلف خيال ذهن ۾ اڀرڻ شروع ٿي ويا، ته الائي ڪو دهشتگردي

جو واقعو ٿيو آهي، الائي تہ ڇاهي. بهرحال مون جو ماڻهن جا هجوم هيڏانهن هوڏانهن پڄندي ڏٺا تہ پوءِ مون سوچيو تہ مئڪڊونلڊ پري ٿي ويندو، آس پاس ئي ڪا محفوظ جاءِ ڳولهجي جتي ماڻهو ٿورو انتظار ڪري تہ آخر ٿيو ڇاهي؟

جيئن جيئن اڳتي وڌياسين تہ اتي لوهي شيخن جو دروازو نظر آيو ۽ ان جي مٿان هڪ ال نيسيونال جو بورڊ نظر آيو، جنهن جي معني آهي، آل نيشنل يا قومي. مون معز ۽ سالار کي چيو تہ  في الحال ايڏانهن ٿا اندر هلون. جيئن جيئن اندر وياسين تہ اتي وري ٻيا ٻہ وڏا لوهي شيخن جا دروازا هئا ۽ ڪجهہ گيٽ ڪيپرس موجود هئا. انهن اسان کي ڏسي در بند ڪرڻ جو سوچيو، جو انهن جا هٿ در طرف ويا پر مون اتي ڇهين حس جو استعمال ڪندي ان مهل ئي  معز ۽ سالار کي يڪدم چيو تہ نارمل رهو ۽ هنن گلن جي سامهون بيهو تہ آءٌ اوهان جا هتي فوٽو ٿو ڪيان ائين ڪرڻ سان انهن گيٽ ڪيپرس کي اهو مئسيج ويو تہ اسان ڪنهن خوف کان هن طرف نہ پرعام رواجي سياح جي حيثيت سان هن طرف وڌي آيا آهيون، ۽ جڏهن معز ۽ سالار فوٽو ڪيائڻ لاءِ پوز ڏنو تہ انهن گيٽ ڪيپرس جا هٿ دروازي تا پاڻ ئي هٽي ويا، انهن کي خبر هئي تہ ٻاهر ڪا گڙ ٻڙ آهي ۽ ماڻهو ڀڄ ڀڄان ۽ خوف ۾ هتي اندر داخل ٿي سگهن ٿا سو هو تيار بيٺا ها ۽ جيئن انهن اسان کي ڏٺو تہ انهن کي شڪ ٿيو تہ اسان ٻہ شايد خوف کان اندر داخل ٿيا آهيون پر جڏهن آءٌ سندن باڊي لئنگويج سمجهي ۽ معز ۽ سالار کي يڪدم فوٽو لاءِ چيو تہ  گيٽ ڪيپرن اهو ئي سمجيو تہ اسان پنهنجي ليکي ائين ئي هتي داخل ٿيا آهيون.

اسان ٻہ چار فوٽو ڪڍي اندر مس ٿياسين تہ پويان جيئن ئي ڀڄندڙ ماڻهو اتي پهتا تہ گيٽ ڪيپرن تمام جلدي ۽ ڦڙتيءَ سان سڀ  دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ اسان اندر داخل ٿي وياسين. اندر داخل ٿياسين تہ اتي ماحول ئي ٻيو هجي، انتهائي لگزري قسم جو فوڊ ڪورٽ هو جتي هر شئي موجود هئي ۽ اندر موجود ماڻهن کي ڪا پرواهہ ئي ڪانہ هئي يا ڪا خبر ئي ڪانہ هئي تہ ٻاهر ڇا پيو ٿئي ۽ انهن ماڻهن طعام، جام ۽ موسيقي جو مزو پئي ورتو.

منهنجي ذهن ۾ عجيب وسوسا پئي آيا، معز وري وڏي تجسس ۾ هو تہ هلي ڏسون تہ آخر اتي ٿئي ڇا پيو؟ سالار اتي ٽئيٽر تي بارسلونا جو ٽرينڊ چيڪ ڪيو تہ خبر پئي تہ اتي ڪو ڪاتالونيا جي آزادي پسند تحريڪ جو ڪو جلوس هو ۽ انهن کي ڇڙ وڇڙ ڪرڻ لاءِ پوليس انهن تي ٽيئر گيس هلائي هئي. اسان اتي اڌ ڪلاڪ ڪن انتظار ڪري پوءِ ساڳئي رستي سان واپس گيسٽ هائوس پهچي وياسين.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير آءٌ جڏهن رڌڻي مان چانهہ ٺاهي واپس پنهنجي ڪمري ۾ پئي ويس تہ گيسٽ هائوس جي جرمن مالڪ تي اک پئجي وئي جيڪو پنهنجي آفيس جي ڪمپيوٽر تي ڪو ڪم ڪري رهيو هيو يا ڪا اخبار پڙهي رهيو هيو، مون ڪيڪاري چيو مانس تہ هتي بارسلونا ۾ ڪا گڙٻڙ هلي رهي آهي ڇا ۽ ڪائنس رات واري واقعي بابت معلومات وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، هن ڪلي ۽ هٿ جي آگرين تي پيسن جو اشارو ڪندي

چيو تہ سيني کي پيسا کپن سو گھبرائڻ جي ضرورت ناهي، مزي سان گھمو ڦرو.

مون واپس ورندي سوچيو تہ جتي بہ ظلم هوندو، وسيلن جي ڦرلٽ هوندي، مَقامي ٻوليءَ جي ختم ٿيڻ جو خطرو هوندو، حد کان وڌيڪ ڌارين جي آبادڪاري هوندي، جتي ڊيموگرافي تبديل ٿيڻ جو خدشو ٿي پوي تہ پوءِ اتي زندهہ قومون روڊن تي ٽيئر گيس ۽ گولين جي سامهون اچڻ کان بہ ناهن گھبرائينديون، ۽ اهي ٽيئر گيس ۽ گولين جي سامهون ايندڙ قومن جا هيرا هوندا آهن، جن جو فيصلو تاريخ ڪندي ۽ انهن تي گوليون يا ٽيئر گيس هلائڻ وارا تاريخ ۾ پاڙيا ۽ غليظ قرار ڏنا ويندا.

جرمن هڪ دفعو وري تاڪيد ڪئي تہ پاسپورٽ ڪوشش ڪري نہ ڪڍي وڃجو ۽ فون ۽ والٽ پينٽ يا شارٽ جي اڳئين کيسن ۾ رکجو. مون هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي دل ۾ سوچيو تہ چاچا اسان سنڌين جو تہ هن مهل تائين الائي ڇا ڇا نکري ويو آهي ۽ ڪيڻ وارا ڪجھہ بشني پنهنجا آهن تہ ڪجھہ پراوا، ۽ اهي سڀ بشني تاريخ ۾ ڏاڍا ذليل ۽ خوار ٿيندا.

ناشتو پاڻي ڪري، تيار ٿي ٻاهر نڪتاسين. بارسلونا جي موسم تمام بهترين هئي، هر پاسي گھما گھمي هئي، سياح ۽ سندن هٿن ۾ شهر جو نقشو ۽ ٻيون سياحتي گائيڊز هيون. اسان جو پروگرام هو تہ اڄ ڪوشش ڪري گھڻي کان گھڻو پنڌ بارسلونا کي گھمڻو آهي. معز ۽ سالار کي مون چيو تہ پنهنجين فونن تي جي پي ايس کي فالو ڪندا هلجو. سڀ کان پهريان اسان ڪيرير پالائو ڊي لا ميوزيڪا گھڻي ۾ ايڪسپلور ڪاتالونيا جي سياحتي اداري جي آفيس ۽ اها جاءِ ڏسڻ وياسين جتي اسان کي ٻئي ڏينهن صبح جو سوير بڪ ڪيل ٽرپ لاءِ پهچڻو هو. اها آفيس گيسٽ هائوس کان تقريبن سوا ڪلو ميٽرجي پنڌ تي هئي، آفيس ۾ پهچي پڪ ڪئي ۽ ان کان پوءِ مختلف رستن تان ٿيندا وري اچي پاسيج ڊي گراسيا روڊ تي پهتاسين، جتي اسان کي اهي مشهور ڪاسا يعني گھر ڏينهن جي روشني ۾ ڏسڻا ها، اتي جيئن پهتاسين تہ اتي وري ڪاتالونيا جي آزادي جي تحريڪ وارا هزارن جي تعداد ۾ موجود هئا، اتي شايد موسيقي بہ هلي پئي ۽ سيني کي سندن جهنڊا هٿن ۾ ۽ پٽي جي چوڌاري ويڙهيل هئا. ماڻهو مڪمل چارج هئا. پر پوليس بلڪل نظر نہ آئي.

منهنجو خيال هو تہ هتان جلد اهي خوبصورت گھر ڏسي نڪرڻ جي ڪجي ڇاڪاڻ تہ ڪجھہ بہ ٿي پئي سگھيو. رات وارو منظر اڃا اسان کي ياد هئو. مزي جي ڳالهہ تہ هڪ پاسي اتي احتجاج بہ جاري هو تہ ٻئي پاسي سياحن تاريخي جايون ڏسي انهن جو مزو بہ ورتو پئي. خوف واري صورتحال نظر نہ آئي. اسان اتي آس پاس هڪ دفعو وري ڪاسا باتيو، ڪاسا اماتير، ڪاسا ميلا ايلا پيدريرا ڏسندا بارسلونا جي تاريخي هنڌ ۽ اتان جي لينڊ مارڪ لا ساگرادا فيميليا طرف رخ ڪيوسين، جيڪو هتان کان تقريبن ڏيڍ يا ٻہ ڪلو ميٽر پري هئو. لا ساگرادا فيميليا هڪ بيسيليڪا آهي، جنهن جو درجو عيسائيت ۾ شايد گرجا گھر کان وڏو آهي. موسم سٺي هجي تہ پوءِ پنڌ گھمڻ جو بہ واقعي پنهنجو مزو آهي. اسان هلندا گھمندا ڦرندا فوٽو ڪيندا اچي لا ساگرادا فيميليا پهتاسين.

لا ساگرادا فيميليا گذريل ڏيڍ سئو سالن کان اڏاوت جي عمل مان گذري رهيو آهي ، جنهن جي اڏاوت 1882ع ۾ شروع ٿي ۽ جيڪا خبر ناهي تہ ڪڏهن مڪمل ٿيندي؟ ۽ جڏهن مڪمل ٿيندي تہ اهو دنيا جو اوچي ۾ اوچو چرچ هوندو. ڪن جو خيال آهي تہ اڏاوت گهٽي قدر 2026ع ۾ مڪمل ٿيڻ جو امڪان آهي. هي يونيسڪو ورلڊ هيريٽيج سائيٽ پڻ ڊڪليئر ڪيل آهي. ذري گهٽ پنج ملين سياح هر سال هن کي ڏسڻ ايندا آهن، پر گهڻائي اندر ناهي ويندي ۽ رڳو ٻاهران ڏسي اڳتي وڌندا ويندا آهن ۽ اسان بہ انهن مان هئاسين.

لا ساگرادا فيميليا جي آس پاس اڌ منو ڪلاڪ گذارڻ کان پوءِ اسان اتان بارسلونا جي سمنڊ ڪناري ڏي رخ ڪيو، جيڪو هتان تقريبن چار ڪلوميٽر ڪن پري هو، آهستي آهستي هلندا گهمندا ڦرندا، فوٽو ڪيندا اچي اتان جي سينڊي بيچ (وارياسي ڪناري) پلاچا ڊي ليوانت بيچ تي پهتاسين، جتي تمام گهٽي رش ۽ گهما گهمي هئي. هونءَ تہ بارسلونا جي سمنڊ جو ڪنارو تمام وڏو آهي، پر ماڻهن جي سهولت لاءِ تقريبن ڇئن پنجن ڪلوميٽرن ۾ اهڙي قسم جا سينڊي بيچز آهن، جتي ماڻهن جي سهولت لاءِ هر شئي موجود آهي. سمنڊ ڪناري وڏيون وڏيون هوٽلون، ريسٽورنٽ، بار، ڪيفيٽيريا، سمنڊ ۾ ترڳڻ کان پوءِ شاور جي سهولت وغيره. لڳي ائين پيو تہ ماڻهو هتي سڄو سڄو ڏينهن گذاريندا هوندا. مايون مرد، ٻار، ڪي سمنڊ ۾ تہ ڪي وري واريءَ تي ستل، ڪي پنهنجين ٻيڙين ۾ مشغول تہ ڪن وري اتي سيلنگ پئي ڪئي، ڪن والي بال بہ ڪيڏي پئي.

هتي اسان کي هڪ پاڪستاني ڇوڪرو بہ مليو هو جنهن وٽ سياحن کي هيڏانهن هوڏانهن گهمائڻ لاءِ سائيڪل بہ هئي، اسان کي چيائين تہ پنڌ تمام گهڻو اٿو، ويهو تہ اڳتي ڇڏي اچانو، پر اسان ان کي چيو تہ اسان پنڌ ئي گهمڻ نڪتا آهيون ۽ تڪڙ ناهي، مزي مزي سان گهمندا ويندا سين ۽ هتي اچڻ جو مقصد بہ گهمڻ ئي آهي.

اسان پلاچا ڊي ليوانت بيچ کان پوءِ پلاچا ڊي لا نووا ماربيلا بيچ، پلاچا ڊي لا ماربيلا بيچ، پلاچا ڊيل بوگاٽيل بيچ، پلاچا ڊي لا نووا ايڪاريا بيچ، پورٽ اولمپڪ بارسلونا کان ٿيندا اچي پلاچا ڊي لا بارسلونا پهتاسين. هي سڄو ڪنارو هئو تہ هڪ ئي لائين ۾ پر مختلف هنڌن تي ان کي مخصوص نالا ڏنل آهن. پلاچا ڊي لا بارسلونا جي پرسان گهڻا رهائشي اپارٽمينٽ بہ هئا، جن جي درين مان ٻاهر ڪپڙا سڪڻ لاءِ ٽنگيل هئا. اسان کي اتي ٿوري گرمي بہ لڳي ۽ ساهہ پٽڻ لاءِ آئسڪريم وٺي هڪ جاءِ تي ويهي رهياسين. بهرحال، اتي اسان منجهند جي ماني لاءِ هڪ اڌ ريسٽورنٽ بہ ڏٺا پر سمجهہ ۾ نہ آيا.

اسان اتان کان پوءِ ڦرندا سرندا هڪ ڀيرو وري اچي ساڳي رات واري جاءِ يعني رامبلا دي مارواري ڪاٺ جي پل، ٻيٽ تي ٺهيل مريميگنم شاپنگ مال ۽ لا رامبلا جي آخري ڇيڙي تي ڪرسٽوفر ڪولمبس واري مجسمي ۽ چونڪ تي اچي پهتاسين. صبح کان وٺي پنڌ ئي پنڌ گهمڻ جي ڪري ٿوري ٿڪاوٽ ضرور ٿي پئي هئي، سو توانائي بحال ڪرڻ ۽ پيٽ جي پوڄا ضروري ٿي پئي هئي، سو ان لاءِ اسان وقت وڃائڻ کان بهتر سمجهيو تہ هلي

ساڳئي رات واري ٽرڪش ريسٽورنٽ تي ٽا منجهند جي ماني ڪائون، سو هڪ دفعو وري لا رامبلا تي گهمندا ان ساڳئي ريسٽورنٽ تي پهتاسين. مانجهاندي ڪان پوءِ اسان هڪ دفعو وري ڪرسٽوفر ڪولمبس واري چوراهي تان ٿيندا اڳتي شهر طرف وڃڻ شروع ڪيو. اسان جي اڳلي منزل پلازا دي اسپانيا هئي، جيڪا هتان تقريبن اڍائي ٽي ڪلو ميٽر پري هئي .

اسان ٿنهي جي ڪوشش هئي تہ وڌ کان وڌ شين کي ڏسندا ۽ انهن جو مشاهدو ڪندا ۽ انهن کي يادگار جي طور تي ڪيميرا جي اک ۾ پڻ محفوظ ڪندا هلون. لڳي ائين پيو تہ جيڏانهن ٿا وڃون، سياح رڳو اتي ئي آهن. تمام وڏي رونق لڳي پئي هئي. واقعي بہ جيڪي ملڪ سياحن لاءِ موزون آهن، اتي سياح هر سال ملڪ جي اڪانومي ۾ تمام گهڻو پيسو انجيڪٽ ڪري وڃن ٿا. پلازا دي اسپينيا بارسلونا جو هڪ اهم ۽ مصروف چوراهو آهي، هتي آس پاس عمارتون، نيشنل ميوزم آف آرٽ ڪاتالونيا، يادگار، مونتجويڪ ميجڪ ڦوهارو، جرمن پويلين، ايريناز ڊي بارسلونا، پوبلي اسپانيول فن تعمير جو اعلي مثال آهن.

اسان تقريبن چاليهہ پنجاهہ منٽن ۾ اتي پهچي وياسين، اتي آس پاس جي ماحول جو مزو وٺي، نيشنل ميوزم جي پاسي وڌڻ شروع ڪيوسين، جيڪو مٿانهين تي ڪنهن ٽڪري تي هو، ڪٿي ڏاڪڻيون تہ ڪٿي وري ايسڪيليٽر هئي جن جي مدد سان اسان ان جي مک دروازي تي پهچي وياسين. اتي بہ وڏي خلق لٽل هئي، جوڙا جوڙا تہ ڪي وري اڪيلا، ڪي ٻارن سان گڏ، تہ ڪي وري ڪتن سان، هر طرف رونق ئي رونق هئي. ميوزم شايد بند ٿي ويو هو، سڀ ماڻهو ٻاهر ويٺل ها، هتان لڳي ائين پيو ڄڻ اسان پنهنجي هٿ جي ترِيءَ تي بارسلونا کي ڏسي رهيا هجون. اتي اسان هڪ ٻئي جا فوٽو پي ڪڍيا تہ هڪ پڪي عمر جي مائي جيڪا ڪنهن ايسٽرن يورپ جي ملڪ جي پي لڳي، اسان وٽ آئي ۽ چيائين تہ جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ مان اوهان ٽنهي جو گڏ فوٽو ڪڍان، اسان چيو نيڪي اور پوڇ پوڇ، ڪيميرا ڏيندي اسان بہ پوز هڻڻ شروع ڪيا. هتي سج تقريبن لهي چڪو هو. اسان بہ ميوزم واري ٽڪري تان لهندا هڪ ڀيرو وري آس پاس جي ماحول جو مزو وٺندا اچي پلازا دي اسپينيا پهتاسين ۽ اتان کان پوءِ وري پلازا دي ڪاتالونيا جو رخ ڪيوسين، جيڪو هتان وري ٻہ ٽي ڪلوميٽر کن پري هئو. هاڻي رات ٿي چڪي هئي پر رونق اڃا وڌندي پي وئي.

پلازا دي ڪاتالونيا تي پهتاسين تہ، پروگرام اهو ٿيو تہ رات جي ماني ڪائي پوءِ ٿا گيسٽ هائوس تي هلون، ڇاڪاڻ تہ صبح سوير وري بڪ ڪرايل ٽرپ تي هلڻو آهي، سو بهتر آهي تہ هلي آرام ڪجي. ڪاتالونيا اسڪوائر تي معز ۽ سالار جي اک فائيو گائيز ريسٽورنٽ تي پئي، پوءِ اتي ئي رات جو ماني لاءِ اچي ويٺاسين. هن فائيو گائيز ريسٽورنٽ وارن جو وري اهو طريقو آهي تہ جيستائين ڪاڌو تيار ٿئي تيستائين مفت ۾ بيهيمگ ويٺا ڪائو. اتي بيهيمگ ڪائيندي مون کي موري جا بيهيمگ ڪائڻ جا شوقين ڪجهہ مائٽ ۽

دوست ياد اچي ويا.

ان ڏينهن اسان تقريبن ويهہ ٻاويهہ ڪلوميٽر پنڌ هليا هئاسين، ڪافي ٿڪاوٽ ٿي چڪي هئي، ماني کان پوءِ ارادو اهو ٿي هو تہ پيسن جي مٿا سٽا وارن جي آفيس مان ڪجهہ پيسا مٽرائي پوءِ وڃي ٿا گيسٽ هائوس تي آرام ڪيون. پر سائين اجا ڪٿي، انهن چيو تہ پاسپورٽ ڏسڻ کان سواءِ پيسا نہ ٿا مٽائي سگهون ۽ اسان جا پاسپورٽ تہ گيسٽ هائوس ۾ رکيل هئا، بهرحال هڪ دفعو وري گيسٽ هائوس تي وڃي وري واپس اچڻو پيو. پر اهي سڀ شيون سفر جي سونهن ۾ شامل آهن، انسان جڏهن سفر ڪري ٿو تہ هر وقت نئين تجربي مان گذري ٿو، جنهن جي ڪري انسان جي سوچ ترقي ڪندي رهي ٿي ۽ انسان آئيندي جي سفر لاءِ ڪجهہ نئون سکي ٿو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اٿي تيار ٿي مقرر وقت کان ڪجهہ وقت پهريان ئي ڪيرير پالائو ڊي لا ميوزيڪا نالي گهٽي ۾ ايڪسپلور ڪاتالونيا سياحتي اداري جي آفيس اڏو اچي پهتاسين. اسان کان اڳ ۾ اتي هڪ آمريڪن جوڙو ۽ سندن پٽ بيٺا هئا، هو ٿورا مُنجهيل پي لڳا، اسان کي ڏسندي ئي پڇا ڪين تہ اوهان بہ باگا، ايڪس ليس ترمس ۽ اندورا واري ٽرپ لاءِ آيا آهيو؟ اسان ڪين ٻڌايو تہ ها بلڪل. پوءِ هو ٿورا رليڪس ٿيا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان ٿورا پريشان هئاسين تہ الائي صحيح جاءِ تي آيا آهيون الائي نہ؟ اسان ڪين ٻڌايو تہ ها بلڪل اها ئي جاءِ آهي ۽ اسان ڪالهہ هتي اچي پڪ ڪري ويا هئاسين. پوءِ تہ همراهہ بہ سندس زال کي چوڻ لڳو تہ ڏس اهو طريقو صحيح آهي جو ماڻهو پهريان اچي ڏسي وڃي، اسان هرو ڀرو صبح کان هتي پريشان بيٺا هئاسين. آهستي آهستي ٻيا سياح بہ اچڻ شروع ٿي ويا ۽ تقريبن سيني جو هڪ ٻئي کان ساڳيو سوال تہ اندورا وڃڻ واري ساڳئي ٽرپ لاءِ هتي بيٺا آهيو؟

اڄ اسان کي اتر اسپين ۾ وچين دور جو ننڍو جابلو ۽ تاريخي شهر باگا، پيرينيز پهاڙن جو انتهائي سهڻو سلسلو، ڏکڻ فرانس جو هڪ ننڍو جابلو شهر ايڪس ليس ترمس ۽ اسپين ۽ فرانس ۽ پيرينيز پهاڙن جي وچ ۾ گهيريل تمام ننڍو ۽ خوبصورت ملڪ اندورا ۽ سندس گادي وارو شهر اندورالاولا گهمڻو هئو.

مسافرن ۾ چوڏهن پندرهن سالن کان وٺي اسي سالن جي عمر جا سياح هئا، گهڻائي آمريڪين ۽ برطانيا جي سياحن جي هئي. جڏهن ڪوسٽر ۾ سفر شروع ٿيو تہ صبح جي هلڪي هلڪي روشني ٿيڻ بہ شروع ٿي. هن سفر جي سونهين ٻڌايو تہ صبح سوير نڪرڻ جا ٻہ مقصد آهن، هڪ تہ سفر وڏو آهي ۽ ٻيو تہ جيڪڏهن دير ڪري نڪربو تہ صبح جو سوير تمام گهڻي رش ٿي ويندي ۽ نڪرندي نڪرندي هرو ڀرو دير ٿي ويندي ۽ گهمڻ لاءِ منصوبو ڪيل جايون رهجي وڃڻ جو خدشو رهي ٿو.

ان کان سواءِ سفر ۽ سڄي ڏينهن جي سرگرمين متعلق ڪافي شيون ٻڌايئين. حقيقت ۾ صبح صبح جو ڪير بہ سونهين جي ڪمينٽري ۾ ڪا خاص ۽ گهڻي دلچسپي نہ پيو وٺي.

بارسلونا کان ٿورو ٻاهر نڪتاسين ته سونهين، هڪ مخصوص علائقي ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو ته هن ايريا ۾ فوٽ بال جي وڏن نالي وارن ڪلاڙين جا وڏا ۽ عاليشان گهر ٺهيل آهن. ڪوسٽر جيئن جيئن بارسلونا کان پري ٿيندو پئي ويو تيئن تيئن قدرتي نظارا پڻ شروع ٿيندا ويا، پر ڪافي ڪوهيڙو پڻ هئو، جنهن ڪري ٿڌ پئي محسوس ٿي. ٿوري دير کان پوءِ اسان محسوس ڪيو ته تقريبن سڀ سياح ستل هئا. ڪالهوڪي ٿڪاوٽ، رات دير سان سمهڻ ۽ وري صبح جو سوير اٿڻ ۽ مٿان وري جو ڪوسٽر ۾ سڀ سمهي رهيا ته اسان کي به ننڊ جا ڪجهه جهوٽا آيا. پهاڙن جو خوبصورت سلسلو به شروع ٿي ويو هو، ڪٿي ڪٿي پهاڙن ۾ گهيريل پري پري گهر ۽ گرجا گهر به نظر اچن پيا. گهرن جي ڇتين ۽ گرجا گهرن جي مينارن تي صبح جي سج جا ڪرڻا پئجي رهيا ها، ڪٿي ڪٿي پالتو جانور پڻ چرندي نظر آيا، لڳي ائين پيو ته آس پاس جا ڳوٺ اڃا هاڻي جاڳي رهيا آهن. صبح جو اهو ماحول انتهائي پرسڪون ۽ وڻندڙ هو.

نائين صديءَ ۾ آباد ٿيل انتهائي خوبصورت ڪارڊي رينج جي پهاڙن جي وادي ۾ ٻه سوا ٻه هزار آبادي وارو هيءُ باڳا شهر بارسلونا کان تقريبن ڪو سئو ڪلو ميٽر پري هئو، اسان جيئن ئي شهر جي ويجهو پهتاسين ته گائيڊ ٻڌايو ته هاڻي پاڻ جلد باڳا پهچنداسين ۽ هتي پاڻ وٽ ڪلاڪ سوا آهي، جنهن ۾ هي شهر جو چڪر ڏياريندي ان بابت آگاهي ڏيندو ۽ اهو به اعلان ڪيائين ته فلاڻي وقت تي پاڻ هتي ئي هن پارڪنگ ۾ ملنداسين. سڀ کان پهريان ته شهر جي هڪ ننڍي چوراهي تي وٺي هليو، جتي هڪ ڪيفيٽيريا ۽ هڪ بيڪري هئي، جتان ماڻهن پنهنجي پنهنجي پسند جو ناشتو ورتو، هر شئي تازي ٺهيل هئي، جيئن پاڻ وٽ ننڍن شهرن ۾ صبح جو ماڻهو تازا پاپا، ڪارا يا ٻئي قسم جا بسڪيٽ وٺڻ ويندا آهن، ته هتي به ائين محسوس ٿيو ته ماڻهو صبح صبح جو ناشتي پاڻي جو سامان وٺڻ پئي آيا. چند ماڻهن وري ڪيفيٽيريا جي مالڪ مرد ۽ عورت سان ڪچهري به پئي ڪئي، ڪافي به پئي پيتي ۽ اخبار به پئي پڙهي، شايد اخبار جي خبرن تي تبصرو پئي ڪين.

اسان به اتان ڪجهه کائڻ پيئڻ جو سامان ورتو ۽ گائيڊ جي پويان هلڻ شروع ڪيو، جيڪو هن پهاڙي شهر ۾ اسان کي گهمائيندو رهيو ۽ معلومات پڻ ڏيندو رهيو. پٿر جي سرن سان ڪٿي ويڪريون ته ڪٿي سوڙهيون ۽ هيٺ مٿي ٺهيل گهٽيون ۽ انهن جون ڏاڪڻيون ۽ هر گهٽيءَ جو نالو، انهن ۾ بجلي جا گلوب لڳل، گهٽين ۾ مينهن جي پاڻي جي نيڪال لاءِ پڻ جوڳو بندوبست ٿيل هو. صفائي انتها جي هئي. ڪٿي ڪٿي گهرن جي ڇتين ۾ ڪاٺ جا گارڊر ۽ ٽيئر پڻ نظر آيا.

ڪافي گهرن جي بالڪنين ۾ مختلف گلن جون ڪونڊيون پڻ نظر آيون ۽ ڏاڪڻين تي وري وَليون ۽ ڪٿي ڪٿي وري وڻن جي ٻنڊن کي وچان ڪوڪلو ڪري ان ۾ مٽي پري ان ۾ پڻ مختلف گل ۽ ٻوٽا پوکيل ها، جيڪي ماحول کي انتهائي خوبصورت بڻائي رهيا هئا. اسان پلازا پورڪسڊا چونڪ ڏسڻ کان پوءِ شهر جي وڏي عمارت پراڻو گرجا گهر

سينٽ ايسٽيو ڏي باگا گهميو، جنهن جي پرسان وري هڪ پهاڙي پاڻي جو نالو گذري ٿو، جيڪو ان جي خوبصورتي ۽ رونق کي وڌائي پيو. وادي ۾ پري موجود گهرن مان ڪٿي ڪٿي صبح سوير وارو دونهون پڻ نڪري رهيو هو، سچ پڇ ته آءُ ته رڳو ان جي ئي سحر ۾ گم ٿي ويس.

ڪلاڪ سوا باگا ۾ گذارڻ ڪان پوءِ اسان جي اڳلي منزل فرانس جو هڪ ننڍو شهر ايڪس ليس ٽرمس هو. باگا ڪان نڪرڻ ڪان پوءِ پيرينيز پهاڙن جو خوبصورت سلسلو به شروع ٿي ويو هو، جيڪو اسپين ۽ فرانس جي وچ ۾ قدرتي بارڊر پڻ ليکيو وڃي ٿو. اصل ۾ اسان جڏهن بارڊر ڪراس ڪيو ته اسان کي ته سچ ۾ خبر ئي نه پئي ته هاڻي اسان فرانس ۾ داخل ٿي چڪا آهيون پراسان واري گائيڊ اسان جو ان ڳالهه طرف ڌيان ڇڪايو. پيرينيز پهاڙن جو سلسلو انتهائي سهڻو هو، اک ڪٿيو وڃي پر پهاڙن جو سلسلو نه پيو ڪٽي. هڪ ٻئي جي پنيان وڏيون وڏيون خوبصورت چوٽيون ٿي نظر آيون. انهن جي وچ ۾ وڻ ۽ وري گهاٽن وڻن جي وچ ۾ ڪٿي انتهائي سهڻا گهر ۽ انهن جي آس پاس پالتو جانورن جا فارم، اتي رهندڙ ڳوٺاڻن جون ڪارون ۽ ٽريڪٽر پڻ نظر پي آيا. سرءَ جي مند جي ڪري وڻن پنهنجو رنگ بدلائڻ شروع ڪري ڇڏيو هو، گهڻائي ڦڪي رنگ جي وڻن جي هئي. مون ايترو قدرتي ماحول ڏسي سوچيو ته هي ٽرپ هڪ ڏينهن جي ڪرڻ جو نه پر هتي ته ماڻهو ڪجهه گهڻو وقت گذاري ۽ شين جو وڌيڪ ويجهڙائي سان مشاهدو ڪري.

ڪٿي ڪٿي مٿي پهاڙن جي چوٽين تي برف به نظر پئي آئي ۽ قدرتي پاڻي جا وهڪرا پڻ تيزي سان وهي رهيا هئا، جن جي مٿان ننڍيون ننڍيون پليون اڏيل هيون. انهن پهاڙن جي هن وادي جي پورڻا واري علاقي جي هڪ ڳوٺ جي تمام ننڍي پر انتهائي خوبصورت برٽنس گيئر نالي هڪ ريلوي اسٽيشن نظر آئي، مون کي اتي ڪوئٽيا ويندي واٽ تي ايندڙ آب گم، مچ ۽ ڪولپور جون خوبصورت ريلوي اسٽيشنون ياد اچي ويون. ايڪس ليس ٽرمس شهر ڪان ڪجهه پهريان شهر جي ٻاهران پٿر جي سرن سان ٺهيل پٽ تي ويلز ڏي ايڪس جو بورڊ نظر آيو، جنهن تي هن علائقي ۾ ٿيندڙ مختلف سرگرمين بابت ڄاڻ ڏنل هئي، جن ۾ اسڪينگ، گرم چشمن ۾ وهنجڻ يا پير پسائڻ ۽ ٻيو وري قدرتي ماحول ۾ ٽريڪنگ يا هائيڪنگ ڪرڻ جا نشان لڳل هئا.

پيرينيز پهاڙن جي وادي جي وچ ۾ گهريل ۽ ٽن دريائن اوهه ييج، ارييج ۽ لوزجي سنگم تي آباد شهر ايڪس ليس ٽرمس ۾ داخل ٿياسين ته عمارتن جي فن تعمير اسپينش مان ڦري فرينچ ٿي چڪي هئي. ڪوسٽر جيئن ئي پارڪنگ ۾ داخل ٿيو ته گائيڊ ٻڌايو ته پاڻ وٽ گهمڻ لاءِ تقريبن ڪلاڪ سوا آهي ۽ گهمي ڦري واپس مقرر وقت تي هتي ئي اچي وڃجو. هي شهر باگا ڪان وڏو هو. هي شهر اونهاري ۾ قدرتي ماحول ۾ هائيڪنگ لاءِ مشهور آهي ۽ سياري جي سرگرمين ۾ وري هتي اسڪينگ پهرين نمبر تي اچي ٿي. ان ڪان سواءِ ماڻهو هتي هتان جا قدرتي گرم چشما ڏسڻ ايندا آهن. گهڻا شايد ڪن بيمارين جي علاج لاءِ پڻ

اڇن ٿا. هن شهر ۾ موجود گرم چشمن جو گرمي پد پيرينيز جي پهاڙن ۾ موجود ٻين گرم چشمن کان وڌيڪ آهي. اهڙي قسم جي گرم چشمن ۾ سلفر هجي ٿو، جيڪي پاڪستان ۾ بہ مختلف جائين تي آهن.

معز، سالار ۽ مون پارڪنگ مان نڪري ٻين سياحن سان گڏ هلڻ شروع ڪيو. روايتي طور تي شهر جي هڪ پاسي گرجا گھر هو ۽ ٻئي پاسي شهر جي بازار ۾ وڃڻ لاءِ گھٽي. لڳي پيو ڪاروباري ماڻهو سياحن جي آمد ڏسي خوش ٿيا. ريسٽورنٽس، ڪيفيٽيريا، بيڪري، ڪاڌي پيتي جا دڪان، دوائن جي فارميسي ۽ ان کان علاوه شهر جي هڪ ڪافي وڏي چوڪ تي هڪ گرم چشمي جو ننڍو پول سنگ مرمر يا موزائق جي پٿرن سان ٺهيل هو، جنهن جي چوڌاري ماڻهو اتي ويهي يا بيهي، پنهنجا هٿ پير پسائي پي سگهيو. اسان رڳو هٿ پسائي ڏٺا ۽ فوٽو وغيره ڪڍيا. ان گرم چشمي جي پول جي آس پاس هڪ وقتي طور تي بازار پڻ لڳل هئي، جتي ڪافي مختلف قسم جو سامان موجود هو. خاص ڪري هٿ سان اڻيل گرم مفلر، هينڊ گلووز، ڪاٺ جو سامان، گلن جا دڪان، فروٽ وغيره جا دڪان. اهڙي قسم جون بازارون دڪاندار صبح سوير اچي لڳائيندا آهن ۽ شام ڌاري وري انهن بازارن جو اتي وجود ئي ناهي هوندو، اهڙي قسم جي بازارن کي موسمي يا سيزنل مارڪيٽ بہ چئجي. هن بازار جي پرسان هڪ همراهہ ميوزڪ وڄائي ماڻهن کان داد بہ وصول ڪري رهيو هو ۽ پيسا بہ ڪمائي رهيو هو. اسان هتي محسوس ڪيو تہ گل تمام گھڻن قسمن جا ها جيڪي اتي پوڪيل تہ هئا ئي پر ان سان گڏوگڏ وڪڻڻ لاءِ پڻ موجود ها. شهر جون گھٽيون پٿر جي سرن سان ٺهيل هيون، ماحول انتهائي صاف سٿرو ۽ وڻندڙ هو.

ان کان پوءِ اسان شهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلڻ شروع ڪيو، هڪ جاءِ تان درياهہ جي پل پار ڪري ٻئي پاسي ٿوري چڙهائي طرف وڃڻ شروع ڪيوسين. هتي جيڪي درياهہ هو، شايد اهو اوهہ ڀيچ درياهہ هو. هتي درياهہ جو پيٽ ڪو ايڏو وڏو نہ هو، ائين چئي سگهجي ٿو جيئن پاڻ وٽ ڪنهن جبل مان هيٺ وهي ايندڙ تيز پاڻي جو نالوهجي. اسان ان رستي تي ڪافي اڳتي وڃي پارڪ دو تش ۾ ويٺاسين، جتي ٻيا بہ ڪجھہ سياح موجود هئا، ڪجھہ وري اجا اڳتي هڪ ننڍي پهاڙي چوٽيءَ طرف پئي ويا جتي کي وڏا مجسما لڳل هئا. اسان جنهن پارڪ ۾ ويٺا هئاسين اتي پاڻي جو هڪ وڏو تلاءُ يا ڪٽي چئجي تہ هلڪي رفتار سان وهندڙ وهڪرو هو، جنهن ۾ مڇيون بہ ڪافي تعداد ۾ پئي ڦريون، ۽ اسان کي ڏٺن تہ اسان طرف هلي آيون، اسان ان ۾ ڪجھہ بسڪيٽ وڌا تہ مڇين جو تعداد اجا بہ وڌي ويو، پوءِ تہ تلاءَ جي جنهن پاسي بہ وياسين ٿي تہ مڇين اسان جو پيڇو پئي ڪيو. هن پارڪ ۾ وڻن مان ٺهيل مجسما، صنوبر ۽ ٻين قسمن جا وڻ، انهن مان ڪجھہ وڻ تہ کي صديون پراڻا هئا. آس پاس جي هنن وادين جي ماڻهن جي گھڻي قدر روزگار جو ذريعو يا تہ زمينداري آهي يا چوپايو مال پالڻ ۽ ان سان گڏوگڏ سياحتي سرگرمين سان بہ گھڻا ماڻهو پنهنجو روزگار ڪن ٿا.

بهرحال، ٿوري دير اتي گذاري اسان شهر طرف وري واپس هلڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ وري درياهه جي ڪناري سان هلندا هلندا اڳتي نڪري وياسين. شهر ۾ موجود هڪ ٻه ٻيون پلون ٻه ڪراس ڪيونسين ۽ هڪ دفعو وري اسان درياهه جي ڪناري سان هلندا رهياسين. هيءُ شايد ساڳيو درياهه هو الائي ته ٻيو، پر هتي درياهه جو پيٽ وڏو هو. انتهائي سهڻو شهر، مٿان وري پيرينيز پهاڙن جو سلسلو، شهر جي چوڌاري پهاڙن ۾ موجود وڻن جو رنگ ڦڪو ٿيڻ شروع ٿي چڪو هو. مون اتي سوچيو ته هي وادي اڳتي هلي سياري جي مند ۾ برف جي اڇي چادر جو ويس پهريندي. اسان مقرر وقت کان ٿورو اڳ ۾ اچي هڪ ڪيفيٽيريا تي ويناسين جتي ٿوري گهڻي پيٽ جي پوڄا ڪئي سين ۽ پوءِ ٻين سياحن سان گڏجي واپس پارڪنگ ۾ ڪوسٽر وٽ اچي وياسين.

هاڻي اسان جي اڳلي منزل انتهائي خوبصورت پيرينيز پهاڙن جي وچ ۾ گهريل لڳ ڀڳ اسي هزارن جي آبادي واري ۽ يورپ جي ڇهون نمبر ننڍي ۾ ننڍي ملڪ اندورا جا منظر ڏسندا ملڪ جي گادي واري شهر اندورا لا ولا پهچڻو هو، جيڪو هتان کان ڪلاڪ سوا جي پنڌ تي هو. اسان هاڻي اصل ۾ ايڪس ليس ٽرمس کان وري هڪ دفعو ڪجهه واپس اچي پوءِ اندورا واري روڊ سان هلڻ شروع ڪيو. هي اسان جي اصل ۾ بارسلونا لاءِ واپسي هئي پر ٻئي رستي سان جنهن ۾ اسان کي اندورا گهمي اتان اڳتي يعني بارسلونا واپس وڃڻو هو.

ڪجهه وقت هلڻ کان پوءِ اسان محسوس ڪيو ته ڪوسٽر هاڻي تمام گهڻي چڙهائي تي وڃي رهيو هو ۽ پهاڙن جي خوبصورتي اڃا ڪلي واضع ٿيندي پئي وئي. اندورا ۽ فرانس جي بارڊر تي پهتاسين ته اسان جي گائيڊ پڇيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي پاسپورٽ تي يادگيري لاءِ رسمي طور تي اندورا جو ٺپو لڳرائڻو هجي ته ڀلي اهي پاسپورٽ ڏين، معز، سالار ۽ مون ۽ تقريبن ٻين سيني پنهنجا پاسپورٽ گائيڊ کي ڏنا. جيستائين گائيڊ پاسپورٽن تي ٺپا هڻائڻ ويو اسان اتي ڪوسٽر مان لهي آس پاس پيرينيز جي پهاڙن جي تمام خوبصورت چوٽين ۽ منظرن جو ديدار ڪرڻ لاءِ وياسين ۽ فوٽو گرافي ڪئيسين. سچ پچ ته اهي منظر وسرڻ جا ناهن. جيئن جيئن ڪوسٽر مٿي چڙهائي تي پيو وڃي تيئن تيئن پهاڙ نڪري نروار پئي ٿيا. مون کي اتي پاڪستان جا اتريان علائقا ياد آيا، جتي جيئن جيئن مٿي چڙهائي طرف وڃبو آهي ته رستا زگ زيگ يا ورن وڪڙن وارا ٿيندا ويندا آهن، هتي به ساڳي ڳالهه هئي.

تقريبن اڌ پنڌ تي وري هڪ جاءِ تي ڪوسٽر بيهاريائون جتان آس پاس جو نظارو تمام بهترين هو، اسان هاڻي تقريبن پهاڙن جي چوٽين کان ڪو ٿورا هيٺ هئاسين، هتي پهاڙن جون چوٽيون واضع نظر اچي رهيون هيون، جن تي برف پڙ هئي، جيڪا شايد رجندي ئي ڪانه هوندي ته وري مٿان ٻي پئجي ويندي هوندي. جتي اسان بيٺا هئاسين اتان ڪافي هيٺ تمام خوبصورت اپارٽمينٽس جون عمارتون نظر اچي رهيون هيون، اسان اصل ۾ انهن

جي پرسان هيٺان ٿي آيا هئاسين پر هتان مٿان کان واقعي نظارو انتهائي سهڻو هئو. هاڻي اتي اسان کي هوا انتهائي تازي محسوس ٿي رهي هئي ۽ موسم بہ ڀهريان کان ڪجهہ ٿڌي ٿي وئي هئي. اتي بہ اسان ڪوڙ نظارن جا فوٽو ڪڍيا ۽ مون، معز ۽ سالار بہ ڪافي پوز هڻي فوٽوڪڍرايا. سفر کان پوءِ يادون ئي رهجي وڃن ٿيون، جيڪي ڪڍيل فوٽن جي ذريعي وقت بہ وقت تازيون ڪري سگهجن ٿيون.

اتان وري ڪجهہ دير هلڻ کان پوءِ هڪ جاءِ تي اندورا لا ولا کان ڪجهہ  ڀهريان ڪوسٽر بيهاريائون. اتي پهاڙن جي وچ ۾ هڪ ڪاٺ ۽ پٿرن جي وچ ۾ ڪو مٽيريل پري گهر ٺهيل هئو، پيرينيز پهاڙن جي وچ ۾ اهڙي قسم جو گهر جنهن جي ٽڪنڊي ڇت مان وري دونهين لاءِ چمني نڪتل هجي ۽ اهڙي قسم جو منظر وري منهنجي سامهون هجي تہ پوءِ قدرت جو اهڙو نظارو ڏسڻ کان پوءِ دل مان پاڻ ئي سبحان الله نڪري وڃي ٿو. ان گهر  جي پويان وري انهن جو جانورن جو فارم هو جتي اسان کي ڍڳيون نظر آيون، هل ڇا تہ خوبصورتي جي انتها هئي، منهنجو اندازو آهي تہ اهو گهر ۽ فارم شايد رڳو اونهاري جي مند ۾ استعمال ٿيندو هوندو.

سفر هڪ دفعو وري شروع ٿيو ۽ سيني سياحن تي آس پاس جي خوبصورتي جو سحر طاري هئو. ڪجهہ وقت کان پوءِ اسان جي گائيڊ اعلان ڪيو تہ هو پنجن کان هيٺ ابتي ڳڻپ ڳڻيندو ۽ جڏهن اها ڳڻپ هڪ تي پهچي تہ سڀ ڪوسٽر جي سامهون واري شيشي مان ڏسجو، ۽ هن جڏهن ابتي ڳڻپ شروع ڪئي تہ اسان سڀ تجسس ۾ هئاسين ۽ جڏهن هڪ تي پهتو تہ اسان جي سامهون پيرينيز پهاڙن جي خوبصورت وادي ۾ اندورا جي گادي وارو شهر اندورا لا ولا نظر آيو. ٻارنهن اسڪوائر ڪلو ميٽرس تي مشتمل اندورا لا ولا يورپ ۾ اونچي ۾ اونچو يا بلند سطح تي گادي وارو شهر آهي.

اندورا جي سرڪاري ٻولي ڪاتالان آهي. اندورا پڻ اسڪينگ جي لاءِ تمام گهڻو مشهور آهي ۽ هتي ٽيڪس ۾ بہ ڇوٽ هوندي آهي، ان ڪري ماڻهو هتان ڪافي خريداري ڪندا آهن. تقريبن اٺ ڏهہ ملين سياح هر سال اندورا گهمڻ لاءِ اچن ٿا پران هوندي بہ  تمام گهٽ ماڻهن کي خبر آهي تہ اهو بہ ڪو ملڪ دنيا جي نقشي تي موجود آهي. جڏهن تہ اندورا ملڪ تمام پراڻو آهي. اندورا جو پنهنجو سڪو ڪڏهن بہ ناهي رهيو، يورو کان ڀهريان هتي اسپين ۽ فرانس جو سڪو هلندو هو ۽ ملڪ ۾ هن مهل تائين پنهنجو ڪوبہ هوائي اڏو ناهي. ملڪ ۾ تماڪ جي تمام گهڻي پيداوار آهي ۽ هتان جا ماڻهو دنيا ۾ ڀهرئين نمبر تي سگريٽ ڇڪڻ ۾ اچن ٿا. هتي گهڻي قدر ماڻهو ٽيڪس فري خريداري ڪرڻ اچن ٿا، خاص ڪري سگريٽن جي خريداري. ملڪ ۾ فوج بہ نہ هئڻ جي برابر يا تمام ٿوري ۽ رسمي آهي، جنهن صدين کان ڪابہ جنگ ناهي وڙهي.

اندورا لا ولا شهر ۾ اسان کي ڪلاڪ ڪ هئا جنهن ۾ اسان کي شهر بہ گهمڻو هئو ۽ ٿوري گهڻي پيٽ پوڄا پڻ ڪرڻي هئي. اسان پارڪنگ کان سڌو شهر جي وچ مان وهندڙ لا

ويليرا درياهہ جي ڪناري سان هلندا اچي پئرس برج تي پهتاسين، جيڪا هن شهر جي مشهور شين مان هڪ آهي، جنهن تي شهر جو نالو پڻ لکيل آهي. اتي مون، معز ۽ سالار ڪافي فوٽو ڪيرايا ۽ آس پاس جي نظارن جا فوٽو پڻ ڪڍيا. ڪي شيون جيڪي رڳو فوٽن ۾ ڏٺل هجن ۽ وري جڏهن ماڻهو انهن کي پنهنجي نظرن سان اڳيان ڏسي ٿو تہ ڪافي مزو ۽ خوشي محسوس ٿئي ٿي. اتان واپس اچي پوءِ اسان شهر جي مک خريداري واري گهٽي جو رخ ڪيوسين. هلندي هلندي اسان کي اتي هڪ همراهہ نظر آيو جنهن ٽانڊڻ تي لاهوري گجرون پي پچايون جيڪي لڳي پيو تہ هتي ڪافي مشهور آهن ڇو تہ انهن کي هتي سئيٽ پٽيٽو ٽا چون. مزي واري ڳالهہ تہ ان همراهہ وٽ تورڻ لاءِ اجا بہ لوهہ وارا وٽ ڪاٽا هئا، اتي مون کي بابا جو دڪان ياد اچي ويو، جتي اهي وٽ ۽ ڪاٽا اسان گهڻو وقت استعمال ڪيا. گجرون بہ کائيندا رهياسين ۽ هن مک گهٽي جو پنڌ ئي پنڌ ديدار بہ ڪندا پي هلياسين. اسان کي اتي اسان وارو گائيڊ بہ مليو جنهن اسان کي گجرون کائيندي ڏٺو. اسان کان پڇيائين تہ وٺيون؟ اسان چيس ها، اسان وٽ پاڪستان ۾ بہ اهي ٿينديون آهن، فرق رڳو اهو آهي تہ هتي ٿوريون ڳاڙهہ سريون آهن ۽ پاڪستان ۾ اچي رنگ جون هونديون آهن. اسان پنڌ ڪندا گهٽي جي آخر تائين وياسين ۽ وري اتان موٽ ڪاڏي سين. هن گهٽي ۾ يورپ جي ٻين شهرن وانگر هربرانڊ جي شين جا دڪان موجود ها. اسان وٽ اجا بہ ڪجهہ وقت هو، سو سوچيوسين تہ هلڻ کان پهريان ٿورو ڪجهہ کائجي تہ پلو ٿيندو، سو مئڪڊونلڊ تي اچي ويٺاسين.

بارسلونا اسان جي واپسي هاٽي ٻئي رستي کان هئي، يعني واپسي ۾ اسان اندورا کان سڌا اسپين ۾ داخل ٿي وياسين ۽ هن پاسي اسان کي وڏيڪ زرعي فارم ۽ فصل نظر آيا. تقريبن اڌ پنڌ تي هڪ ريسٽورنٽ کان بائيس نالي تي اچي بيٺاسين، جتي پيئڻ جو سامان اسان جي ٽوئر ۾ شامل هو، ٻين سيني کان سواءِ اسان رڳو ڪوڪا ڪولا ۽ موسمي جو جوس پيتو. مون محسوس ڪيو تہ جنهن رستي سان صبح ويا هئاسين اهو روٽ وڌيڪ خوبصورت هو. اسان جڏهن واپس بارسلونا پهتاسين تہ اوندهہ ٿي چڪي هئي ۽ پلازا دي ڪاٽالونيا پنهنجي پوري جوبن تي هئو. معز، سالار ۽ مون اتي فيصلو ڪيو تہ هتي ئي گهمي ڦري ۽ رات جي ماني کائي پوءِ گيسٽ هائوس تي ٽا هلون، پوءِ اتي ئي ڪافي وقت گذاري ۽ رات جي ماني کائي پوءِ واپس روانا ٿياسين. رونق تمام گهٽي هئي، دل نہ پي چيو تہ وڃجي پر ڪافي ٿڪاوٽ جي ڪري اهو سوچيوسين تہ بس اڄ لاءِ ايترو ئي ڪافي هو ۽ پوءِ گيسٽ هائوس تي اچي آرامي ٿياسين.

بارسلونا ۾ آخري ڏينهن تي اسان کي ڪا هرويرو جي تڪڙ ڪانہ هئي، صبح جو مزي سان اٿي، تيار ٿي، ناشتو پاڻي ڪري، ڪجهہ رهيل شين کي ڏسڻ جو پروگرام رٿيوسين. ساڳئي طريقي سان اسان وري پنڌ ئي پنڌ گهمڻ شروع ڪيو ۽ هلندا هلندا اچي پالائو ڊي لا ميوزيڪا واري گهٽي ۽ چونڪ گهمندا رهياسين ۽ اتان وري مختلف گهٽين مان ٿيندا

پلازا ڪاتالونيا پهتاسين ۽ ان جي آس پاس مختلف براندن جا دڪان ۽ مختلف پاسا ڏسندا رهياسين. ان ڏينهن اسان اتي منجهند جو پيزا سان پيٽ جي پوڄا ڪئي. معز ۽ سالار جو شوق هو ته پاڻ ڪي دنيا جي مشهور ۽ يورپ جي وڏي ۾ وڏي فوٽ بال جي اسٽيڊيم ڪيمپ نو پڻ ڏسڻ گهرجي، سو ان لاءِ اسان زمين اندر هلڻ واري ريل گاڏي ۾ چڙهي اتي وياسين، اسٽيڊيم ۽ ان جي آس پاس ڪافي وقت گذارڻ کان پوءِ اتي موجود فوٽ بال سان لاڳاپيل شين جي دڪان جو چڪر هنيوسين. اتان واپس اچي وري ڦرندا ڦرندا اچي لا رامبلا پهتاسين، ان وقت اتي رش گهٽ هئي.

ان کان علاوه اسان لا رامبلا جي پرسان ئي بارسلونا جي پراڻي ۾ پراڻي مارڪيٽ لا بوڪيريا وياسين، اندر پانت پانت جا کاڌي جا دڪان هئا، خاص طور تي سڪل گوشت، شراب، وائين جا دڪان هئا. اتي تازن ۽ سڪل ميون، پاڇين، پنير، چانهه، ڪافي، چاڪليٽ وغيره جا دڪان پڻ نظر آيا. اسان اتي تازن ميون ۽ سڪل انب جو مزو وٺي ڏٺو. اتان کان پوءِ ڦري سري اسان ڪيٿيڊرل ڊي بارسلونا پهتاسين، هتي ڪافي رش هئي، ماڻهن ڪيٿيڊرل جي ڏاڪڻين تي ويٺي ويٺي پرسان هڪ وڏي عمر واري همراهه جي ميوزڪ جو مزو پي ورتو، جنهن سندس گٽار تي ڪا ڌن ڇيڙي هئي. اتان کان پوءِ ان جي پرسان ئي اسان گوٿڪ ڪوارٽر ڏسڻ وياسين، جيڪو ڇيو وڃي ٿو ته بارسلونا جو پراڻو پاڙو، خوبصورت ۽ اتان جي دل جي حيثيت رکي ٿو. اتي به ڪافي سياحن جي رش هئي. اسان به ان گهٽيءَ ۾ پهتاسين، جتي هڪ گهٽي جي آمهون سامهون پراڻي دور جي گهرن جي مٿئين حصي جي پٿين جي وچ ۾ هڪ چبوتري نما ڪوٺي ٺهيل هئي ۽ آس پاس ٻيون به ڪجهه پراڻي رومن دور جون عمارتون هيون.

شام جو واپس گيسٽ هائوس ڏانهن ويندي معز کان مون جڏهن سندس ويوز ورتا ته سندس خيال هو ته هي شهر ڏکڻ يورپ جو هڪ مکسڊ شهر آهي. عمارتن ۽ شهر ۾ ٺهيل مجسمن مان لڳي ٿو ته هي رومن اثر هيٺ تمام گهڻو رهيو آهي ۽ هتي ڪافي عربن جو، جنهن ۾ اسلام جو اثر به نظر اچي ٿو. شهر تمام گهڻي آبادي وارو آهي پر اها وڏن شهرن جي نيچر هوندي آهي. معز جو وڌيڪ خيال هو ته هتي جيڪي وچين دور جون عمارتون يا گهٽيون آهن اهي انگريزن جي وچين دور کان تمام بهتر آهن. معز وڌيڪ پنهنجا خيال ونديندي ٻڌايو ته هتي گهڻائي ٻاهران آيل ماڻهن جي گهڻي قدر گڏريل اسپين جي سلطنت جي ماڻهن جي آهي، خاص ڪري ميڪسيڪن مايا ۽ ازٽيڪ نسل جي ماڻهن جي. سندس وڌيڪ خيال هو ته هتي ارجنٽائين ۽ چلي جي ماڻهن جي به گهڻائي آهي، جيڪي لاطيني يا اسپينش ٻولي ڳالهائين ٿا ۽ انهن ۾ سرفهرست فوٽ بال جو مشهور ڪلاڙي ميسي پڻ اچي وڃي ٿو، جنهن جو اصل تعلق ارجنٽينا سان آهي.

اسان رات جو ماني کائڻ لاءِ نڪتاسين ته، سوچيوسين ته اڄ ڪنهن ٻئي رستي سان ٿا هلون، پوءِ گيسٽ هائوس مان نڪري مڪمل ٻئي پاسي وياسين ۽ اتي دي آرڪ ڊي

ٽرائمف گهمندا گهمندا وري هڪ دفعو اچي لا رامبلا تي ٽرڪش ريسٽورنٽ تي ويٺاسين ۽ رات جي ماني کان پوءِ بہ هتي هتي گهمي گيسٽ هائوس ڏانهن واپس ورياسين. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اسان جي لنڊن واپسيءَ لاءِ فلائيٽ هئي.

## ٻَرِين جي ديس ڪيوِ يوڪرين ۾ ڪيل رولاڪيون

جهاز يوڪرين جي گاديءَ واري شهر ڪيو ۾ جيڪو نيپرو درياهہ جي ڪناري آباد آهي، صبح جو لڳ ڀڳ ساڍي اٺين وڳي لٿو. هوائي اڏي کان جيئن ئي ٻاهر آيس تہ خبر پئي تہ شهر وچڻ واري ريل گاڏي تائين يا تہ ايئرپورٽ جي لوڪل بس پڪڙيو جيڪا اتي مفت ۾ مسافرن جي سهولت لاءِ هلي ٿي يا تہ وري پنڌ وڃو. پنڌ بہ گهٽو ڪونہ هيو، پندرنهن ويهن منٽن ۾ آءٌ شهر وچڻ واري ريل گاڏي وٽ پهچي ويس. مون ڪي تڪڙ بہ ڪانہ هئي، هوٽل ۾ منهنجو “چيڪ ان” هونءَ بہ ٻارهين وڳي ٿيڻو هو، سو آرام سان پي هيڏانهن هوڏانهن جي ماحول جو مشاهدو ڪيم.

ٽڪيٽ گهر جي دريءَ وٽ هڪ فئملي ٽڪيٽ وٺي رهي هئي، انهن جي پويان وري هڪ خوبصورت ڇوڪري پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهي هئي، ۽ ان کان پوءِ وري منهنجو وارو هو. سڌريل ملڪن ۽ معاشرن ۾ اهو هڪ وڏو اطمينان هوندو آهي تہ هر ڪو قطار ۾ بيهي پنهنجي واري جو انتظار ڪري ٿو، هرو ڀرو جي افرا تفري ناهي. آءٌ بہ پنهنجي ٽڪيٽ وٺي اچي پليٽ فارم تي بينس ۽ ريل گاڏي جو انتظار ڪرڻ لڳس. ريل گاڏي جي پٽڙي ٻن پليٽ فارمن جي وچ تي هئي، جيئن ئي گاڏي آئي تہ هڪ پاسي جا دروازا کليا ۽ مسافر هوائي اڏي تي وچڻ لاءِ لٿا، پوءِ وري اسان واري پاسي جا دروازا کليا ۽ مسافر شهر وچڻ لاءِ سوار ٿيا. اڄ انهن مسافرن ۾ موري جو سومرو بہ شامل هيو. پهريان بہ هتي موري جو اسان جو ويجهو عزيز قاضي منير احمد صاحب 1982ع ۾ اسٽيل مل جي طرفان ڇهن مهينن جي سکيا وٺڻ لاءِ يوڪرين اچي چڪو هو ۽ بابا ٻڌائيندو آهي تہ قاضي صاحب اتان اسان جي محترم استاد سائين فيض محمد سومري کي خطَ بہ لکندو هو، جيڪي بابا جي دڪان تي ٽپالي ڏئي ويندو هو.

گاڏي هلڻ کان رڳو هڪ منٽ پهريان هڪ ڇوڪرو بہ اچي ريل ۾ سوار ٿيو، ٿورو غور ڪرڻ کان پوءِ سڃاتم، اهو مون سان صبح سوير اسٽاڪهولم ۾ هوائي اڏي لاءِ ساڳي بس ۾ سوار ٿيو هو ۽ پوءِ وري ساڳي جهاز ۾ بہ هو. هڪ ٻئي سان ٿورو مشڪياسين تہ

هو بہ اچي مون واري پر واري سيٽ تي ويٺو. گاڏيءَ بہ هلڻ شروع ڪيو. هڪ ٻئي ڪان حال احوال ورتاسين، مون ٻڌايومانس تہ آءٌ هتي ڪجھ ڏينهن لاءِ گھمڻ آيو آهيان. پاڻ ٻڌايائين تہ هو هتي بہ هفتا هوندو ڇاڪاڻ تہ سندس هتي هڪ يوڪرين جي ڇوڪريءَ سان شادي آهي، همراهہ ڏاڍو خوش هو. اسان جي سامهون واري سيٽ تي وري هڪ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ويٺا هئا، ٿوري دير ڪان پوءِ ڇوڪريءَ پنهنجي پرس مان ميڪ اپ جو سامان ڪڍي ميڪ اپ ڪرڻ شروع ڪيو. پرسان ويٺل سئيڊش ڇوڪري وڏيڪ ٻڌايو تہ هو سندس منگيندي‍ءَ سان هن سال ئي هتي "ڪيو" ۾ مليو هو پوءِ هو ان وقت ڪان وٺي گڏ آهن ۽ هاڻي شادي ڪري رهيا آهن، ۽ شادي ڪان پوءِ سئيڊن ۾ ئي گڏ رهڻ جو ارادو آهي. مون پڇيومانس تہ سئيڊش ڇوڪرين جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي؟ چيائين تہ هو ڪجھ ڇوڪرين سان گڏ ضرور هيو پر مسئلو اهو آهي تہ سئيڊش ڇوڪريون تمام آزاد آهن ۽ اهي مرد جي گهٽي پاڳي ٻڌن ئي ڪونہ ٿيون، ان ڪري سئيڊش مردن کي جيڪڏهن موقعو ملندو آهي تہ ٻين ملڪن جي عورتن سان شادي ڪندا آهن. آءٌ سمجهان ٿو تہ نہ رڳو سئيڊش مردن پر عورتن جي بہ ڪافي ٻين ملڪن جي مردن سان شادي ٿيل آهي.

ڇوڪريءَ جو ميڪ اپ اڃا جاري هئو تہ اعلان ٿيو تہ ٿوري دير ۾ ريل ڪيو جي سينٽرل اسٽيشن تي پهچندي، اهو ٻڌي ڇوڪري ميڪ اپ بند ڪري سامان پرس ۾ واپس رکيو. هوائي اڏي ڪان شهر تائين ريل گاڏي اڌ ڪلاڪ ۾ پڄائي ڇڏيو. ريل گاڏي مان لهڻ ڪان پوءِ مون سئيڊش ڇوڪري کي بيسٽ وشز (نيڪ تمنائون) چيون ۽ هن بہ ساڳئي طرح سان وراڻيو. اسٽيشن تي ۽ ان ڪان ٻاهر مون کي لڳو تہ شايد آءٌ روس ۾ اچي ويو آهيان. يوڪرين پراڻي يو ايس ايس آر جو هڪ حصو هو پر هاڻي هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت سان دنيا جي نقشي تي موجود آهي. اريس هوٽلز جتي مون کي رهڻو هو، اسٽيشن ڪان لڳ ڀڳ هڪ ڏيڍ ڪلو ميٽر پري هو، نقشي جي مدد سان پنڌ ئي پنڌ ان پاسي ويندو رهيس.

اڃا پنڌ ۾ ئي هيس تہ منهنجي ڪيو ۾ رهندڙ هڪ دوست انا جو واٽس ايپ تي ميسيج آيو تہ هوءَ رستي ۾ آهي ۽ جلد مون واري هوٽل تي پهچي ويندي. مون هوٽل جي رسيپشن تي پهچي معلومات ورتي تہ اهو ممڪن آهي تہ آءٌ "چيڪ ان" جلد ڪيان ڇاڪاڻ تہ مون کي پنهنجي دوست سان گڏ ٿوري دير ۾ گھمڻ لاءِ نڪري وڃڻو آهي ۽ جيڪڏهن چيڪ ان هاڻي ٿي سگهي ٿو تہ ٺيڪ آ نہ تہ منهنجو هي بيگ هتي رکو، آءٌ واپسي ۾ اچي پوءِ چيڪ ان ڪندس. رسيپشنسٽ ڇوڪري فون تي ڪنهن سان ڳالهائي چيو تہ تنهنجو ڪمرو بس ٿوري دير ۾ تيار ٿي ويندو ۽ بهتر آهي تہ هاڻي چيڪ ان ڪري سامان پنهنجي ڪمري ۾ رکي پوءِ پلي گھمڻ هليو وڃ. ان وچ ۾ انا بہ پهچي وئي. اتي ئي اڃا هڪ ٻئي ڪان حال احوال پئي ورتوسين تہ رسيپشنسٽ ڇوڪري چيو تہ اوهان جو ڪمرو تيار آهي ۽ پلي چيڪ ان ڪري ڇڏيو. انا کي چيم تون بس اتي ئي انتظار ڪر، آءٌ پنجن منٽن ۾ سامان ڪمري ۾ رکي اجهو موٽيس. آءٌ سمجهان ٿو تہ هڪ سياح لاءِ اها هڪ غنيمت آهي جو ڪيس ڪنهن

نئين جاءِ تي گهمائڻ لاءِ ڪو اتان جو مقامي سونهون گڏ هجي.

انا ۽ آءُ وري هڪ دفعو سينٽرل اسٽيشن تي آياسين ۽ اتان زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي ۾ چڙهي هڪ ٻن اسٽيشنس ڪان پوءِ اچي ميدان اسڪوائر جنهن کي آزادي اسڪوائر به چون ٿا، خرسچيٽڪ اسٽريٽ تي لٿاسين. تقريبن سوا ڪلو ميٽر تي خرسچيٽڪ اسٽريٽ ڪيو جي مک گهٽي آهي، جتي خاص طور تي ويڪ اينڊ تي تمام گهڻي رش ٿئي ٿي. خرسچيٽڪ اسٽريٽ ۽ ميدان اسڪوائر وارو سڄو رستو ڇنڇر ۽ آچر تي ٽريفڪ لاءِ بند هوندو آهي ته جيئن ماڻهو اتي موڪل واري ڏينهن آرام سان گهمي ڦري سگهن. تمام وڏو اسڪوائر هو. صفائي به تمام گهڻي هئي. پاڻي جا ڦوهارا، مختلف قسمن جا مجسما ۽ ننڍا ننڍا گول ۽ چارڪنڊا پارڪ به روڊ جي ٻنهي پاسي هئا. اتي خرسچيٽڪ اسٽريٽ تي پنڌ گهمندي اسان هڪ ڪيفيٽيريا ۾ گهڙي وياسين، مون چانهه ۽ انا ڪافي ورتي ۽ ڪائڻ لاءِ ڪجهه بسڪوٽ به ورتاسين.

پوءِ هلندي هلندي انا مون کي ميدان اسڪوائر تي ان هنڌ وٺي آئي جتي ڪوڙ فريمن ۾ لڳل تصويرون هيون، تصويرن جي هيٺان سندن نالو، پيشو، ڪجهه گل ۽ سندن پيارن ۽ عام ماڻهن جي طرفان سندن لاءِ لکيل تاثر. اهي تصويرون نومبر 2013ع کان فيبروري 2014ع ۾ يوڪرين جي چونڊيل صدر وڪٽريانوڪووچ جي خلاف آيل انقلاب ۾ مارجي ويلن جون هيون، جنهن ۾ 16 سالن کان 73 سالن جي عمر جا 130 ماڻهو مارجي ويا هئا، جن ۾ 18 پوليس وارا به شامل هئا. ڪن انقلابين کي اغوا ڪري ماريو ويو، ڪن کي وري سنائيپرس جي مدد سان نرڙ، پيٽ، ڪنڌ ۽ سيني ۾ گوليون هڻي ماريو ويو. انقلابين جي مٿان مائنس گرمي پد ۾ ٿڌي پاڻي جي ڪينن ۽ گيس جي دستي بمن جو استعمال پڻ ڪيو ويو. ڪن جي گاڏين جي گيس ڪٽڻ تي گوليون وسايون ويون ۽ اهي اتي سڙي مري ويا. ڪي انهيءَ احتجاج دوران دل جي دوري پوڻ سبب به مئا. انهيءَ انقلاب ۾ يوڪرين جي مختلف شهرن ۽ هر مڪتبهءِ فڪر جا ماڻهو هن ميدان اسڪوائر تي گڏ هئا. گهيرو تنگ ٿيندو ڏسي وڪٽر يانوڪووچ روس ڀڄي ويو. مون اتي مري ويلن جي عزيزن کي سندن تصويرن جي اڳيان گل رکندي غمگين ڏٺو. مالڪ اهڙي حڪمراني ۽ طاقت کان پناهه ۾ رکي جتي اقتدار بچائڻ لاءِ ڪنهن جي ٻچن ۽ پيارن جو اهڙي نموني قتل ڪرايو وڃي. ظالم حڪمرانن ۽ طاقتن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته جڏهن ڪنهن به قوم کي پٺ سان لڳايو ويندو آهي ته ان ايڪشن جو ري ايڪشن اچڻ فطري عمل آهي. بهرحال هيءَ دنيا مڪافات عمل ته آهي، جيڪو ڪا زيادتي ڪندو اهو اڳي يا پوءِ لوڙي ضرور ٿو، رڳو سمجهڻ جي ضرورت آهي.

بهرحال انهي ماضي مان واپس اچي وري خرسچيٽڪ اسٽريٽ تي گهمڻ شروع ڪيوسين. آهستي آهستي رش وڌندي پئي وئي. گهڻي قدر يوڪرين ۽ آس پاس جي ملڪن جا سياح هئا. گهڻائي پنڌ گهمڻ وارن جي هئي پر تنهن هوندي به ڪافي سائيڪلن وارا پڻ

نظر آيا. هڪ ڇوڪري اتي وچ رستي تي ويهي گٽار وڄائي رهي هئي ۽ ماڻهو ڪيس پيسا به ڏئي رهيا هئا. آهستي آهستي جلوو نکري نروار ٿيو. مولانا اسدالله ڪهڙي ڪنهن پروگرام ۾ چيو هو "هل ڇا ته خلق آ"، اهو جملو اڪثر بخشڻ مهراڻوي به چوندو آهي ۽ انهي کي وري پوءِ هاڻي سهراب سومرو ڊرتي ٽي وي جي پروگرام لافٽر هائوس ۾ مهمانن کي ڏسي چوندو آهي ته "هل ڇا ته خلق آئي آهي." آءٌ وري هتي اهو ضرور چوندس ته "هل ڇا ته حسن آ يوڪرين ۾"، واقعي به مون کي ته لڳو ته هتي ته ڄڻ ڪي پَريون رهنديون هجن ۽ آءٌ ڪوهه ڪاف جي ڪنهن ماڳ تي پهچي ويو هجان.

گٽار واري ڇوڪريءَ کان وري ٿورو اڳتي، هڪ وڏن وارن وارو همراهه پنهنجي پٽ سان گڏ وچ روڊ تي پنهنجا ساز ۽ ڊرم تيار ڪري رهيو هئو، ٿوري دير ڪان پوءِ اهو به شروع ٿيو ۽ سندس چوڌاري گهڻي تعداد ۾ ماڻهو گڏ ٿي ڪيس پيسا ۽ داد ڏئي رهيا هئا. اتي مزي واري ڳالهه ته ننڍين ٻارن لاءِ سندن مائٽ ننڍيون گاڏيون ڪرائي تي وٺي ڪين هلائڻ لاءِ پيا ڏين جيڪو آءٌ سمجهان ٿو ٻارن لاءِ تمام گهڻو ايڪسائيٽمينٽ جو سبب هو، مون اتي پنهنجو ننڍپڻ ياد ڪيو، جڏهن اسان بيرنگن واريون گاڏيون هلائيندا هئاسين ۽ ان زماني ۾ اها وڏي تفريح هوندي هئي. انا ٻڌايو ته هتي جي پوليس مڪمل طور تي نوجوانن تي ٻڌل آهي ۽ اهي تمام گهڻا فرينڊلي هوندا آهن، مون کي اهو ڏيکارڻ لاءِ پرسان بيٺل هڪ پوليس جي ڪار وٽ وٺي ۽ اتي ٻن نوجوان آفيسرن کي منهنجي باري ۾ ٻڌايائين ته هي منهنجو دوست آهي ۽ اسٽاڪهولم کان آيو آهي، اهي مون سان ڏاڍا گرم جوشيءَ سان مليا ۽ هڪ دم ڦوٽو ڪڍائڻ لاءِ پوز ٺاهي بيهي رهيا، ۽ مون کي وچ ۾ بيهاريائون ۽ انهن مان هڪ پنهنجي ٽوپي لاهي مون کي پائڻ لاءِ ڏني ۽ منهنجي ٽوپي وري پاڻ پاتائين.

خرسچيٽڪ اسٽريٽ گهمڻ کان پوءِ اسان اڳتي وڌڻ شروع ڪيو ۽ پنڌ ئي پنڌ گهمندا پي آياسين. هڪ ته چرچ به واٽ تي آيا. هتي گهڻائي آرٿوڊوڪس عيسائين جي آهي. مون هتي ماڻهن کي ڪارا جبا پهريل پادرين جا هٿ چمندي ۽ ٿورو جهڪي ڄڻ پيرين پئي ملندي پڻ ڏٺو. هڪ چرچ ۾ اندر وياسين ته وڃڻ کان پهريان انا پنهنجي پرس مان هڪ رئو ڪڍي مٿو ڍڪيو ۽ پوءِ اندر وئي، مردن کي وري جيڪڏهن ڪا ٽوپي پاتل آهي ته اها لاهڻي ٿي پئي ۽ مون پنهنجي ڪيپ لاهي رڪ سيڪ ۾ رکي ڇڏي. اندر ڪو خطبو پئي هليو، جيڪو ماڻهن خاموشي سان پئي ٻڌو. اتي موجود ڪجهه سينٽس جون تصويرون فريمن ۾ بند ٿيل هيون، جن کي ماڻهو چمي رهيا هئا، هر ڪو چمڻ کان پوءِ ان فريم جي شيشي کي ٽشو پيپر سان صاف پيو ڪري.

ان کان پوءِ اسان اينڊريوسڪي جي علائقي ۾ آياسين، جيڪو ڪيو جو پراڻو علائقو ۽ حڪومت جي طرفان ملڪ جي تاريخي ۽ قومي سڃاڻپ وارين جاين جي لسٽ ۾ اچي ٿو. هن ٽڪرين تي ٻڌل علائقي جون گهٽيون پٿر جي سرن سان اڏيل هيون. هر پاسي سياح پئي نظر آيا. بار، ڪيفيٽيريا، ريسٽورنٽس ۽ سوونيئر جا دڪان به پريل پئي نظر آيا.

اينڊريوسڪي ۾ اچا ٿورو اڳتي هلڻ کان پوءِ درياهه جي ڪناري سان هڪ گهٽي شروع ٿي جتي يوڪرين جي دستڪاري، هٿ جي هنر سان ٺهيل سامان جهڙوڪ ڪپڙا، ڪاٺ جو سامان، نقاشي يا پينٽنگز جا تمام گهڻا ننڍا ننڍا دڪان آيا، ۽ گهڻن دڪانن تي ته هنرمند اتي ئي اهو سامان پاڻ گراهڪن جي اڳيان ٺاهن پيا. اسان جو اتي سٺو وقت گذري ويو.

ان سان لاڳيتو وري هڪ پارڪ به شروع ٿي ويو جتان درياهه جو کليل نظارو پئي ٿيو، اسان به اتان درياهه بادشاهه جو ديدار ڪيو، ڪافي جوڙا پارڪ ۾ پنهنجي پنهنجي ڌن ۾ مشغول هئا، ڪي پنهنجي ٻارن کي ريجهائڻ ته ڪي وري ڪاٺڻ ۽ پيئڻ ۾ مصروف هئا. هن پارڪ ۾ ڦوڪڻن، پشم ۽ آئسڪريم جا ڪافي اسٽال به هئا، جتي ماڻهن جي ڪافي رش هئي، اسان به آئسڪريم جو مزو ورتو. اچا اتي ئي هئاسين ته هلڪو هلڪو جهڙ ٿيڻ شروع ٿيو ۽ ٿورو ٿورو سيءُ به. اتي ئي پرسان وري هڪ پل هئي، جتي ڪافي ماڻهو پنڌ گهمي ڦري رهيا هئا، ڪي ڳائڻا اتي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيا ها ۽ پيسا ڪمائي رهيا ها، اتي هڪ ڇهن ستن سالن جي ڇوڪريءَ ننڍو دهل پئي وڄايو، ان کي به ماڻهن پيسا پئي ڏنا. هن پل جي ڪجهه حصن ۾ وري شيشو لڳل هو جتي ماڻهو بيهي پنهنجي نروز کي پرکي رهيا ها، آءٌ به اتي ٿورو بينس پر مٿو پي ڦريو. هن پل تان به درياهه ۽ ڪيو جي شهر جو ڏاڍو سهڻو نظارو هو.

سرءَ جي مند هئڻ ڪري وڻن جا ساوا پن پيلا ٿي رهيا هئا، لڳو پئي ته هتي سيارو پنهنجي چادر جلد ڦهلائيندو. پل تان شهر جا نظارا ڪرڻ کان پوءِ اڳتي پنڌ ڪندا اچي هڪ ڏاڍو سان ٺهيل وڏي محراب (جنهن کي دي فرينڊشپ آف نيشنس مانيومينٽ چون ٿا) تي اچي پهتاسين. اهو يادگار روس ۽ يوڪرين جي وچ ۾ اتحاد جي نشاني طور ٺاهيو ويو هو، محراب جي هيٺان وري ڪجهه مجسما ٺهيل ها. هتي به هر پاسي ماڻهو هئا، ڪي اڪيلا ته ڪي جوڙين ۾ هئا، ڪي سرءَ جي پن ڇڻ جو مزو وٺي رهيا هئا ته ڪي وري فوٽو ڪڍڻ ۾ مشغول هئا. ڪافي ٻار وري ٻبل ڪڍڻ لاءِ صابڻ وارو پاڻي وڪڻڻ واري جي چوڌاري گهيرو ڪيو بيٺا ها.

هاڻي ڪافي شام ٿي چڪي هئي، بک به اچي ورايو هو، سو اسان وري اتان خرسچيٽڪ اسٽريٽ جو رخ ڪيو. هڪ ڇنڇر جي شام، ٻيو وري اها ڪيو ۾ ۽ ٽيون وري مٿان خرسچيٽڪ اسٽريٽ، هڪ دفعو وري "هل ڇا ته حسن آ"، اڳتي سمجهڻ وارا پاڻ سمجهن. ڪافي بارس جي ٻاهران وڏيون ڇٽيون لڳل هيون ۽ ملازم ٻاهر ڪرسيون سيٽ ڪري رهيا ها، ۽ ڪافي ماڻهو اتي دنيا کان بي فڪرا ٿيو ويٺا به هئا. انا مون کي اتي يوڪرين جي هڪ روايتي ريسٽورنٽ تي وٺي هلي. اسان اتي هڪ اهڙي سيٽ والاري جتان ٻاهر جو نظارو به ٿي پئي سگهيو، هاڻي هلڪو هلڪو مينهن به شروع ٿي چڪو هو. انا جي ڪوشش هئي ته مون کي يوڪرين جا ڪجهه خاص کاڌا کارائي. دري کان ٻاهر ڏٺم ته هڪ عورت جيڪا ڦهريان هڪ سڄي بينچ والاريو ويٺي هئي، اڌ تي پاڻ ويٺي ويٺي هٿ جا

ٽوپ، سئيٽر ۽ هندڀ گلووز اٽي رهي هئي ۽ ٻئي اڌ بينچ تي اڳ ۾ اٽيل سامان وڪري لاءِ موجود هو، سا مينهن جي ڪري پنهنجو سامان ويڙهي رهي هئي. ان عورت کي ڏسي مون کي موري جون ڪجهه پورهيت مايون ياد اچي ويون جن پنهنجي محنت ۽ پورهئي سان پنهنجن گهرن ۾ خوشحالي آندي. ٻي جنهن شيءِ تي اک پئي اهو هئو هڪي چڪڻ جو دڪان، اچ ڪلهه ان کي شيشو ٻہ چون ٿا، انا ٻڌايو تہ هتي ڪافي ترڪش ماڻهو ٻہ آيا آهن جن هتي اچي ڪاروبار شروع ڪيا آهن ۽ شايد اهي شيشي وارا ٻہ ترڪيءَ جا آهن.

رات جي ماني ڪائي اسان وري هڪ دفعو خرسچينڪ اسٽريٽ تي گهمياسين ۽ ڪجهه دڪانن جو ٻہ هرو ڀرو چڪر ڏنوسين، ميلو صفا متل هو، پر چوندا آهن تہ ميلو متو چڏجي، اتان هڪ ڏپارٽمينٽل اسٽور تان ڪجهه ڪائڻ پيئڻ جو سامان ورتي، انا کي چيم تہ هاڻي اءُ هوٽل تي ويندس ۽ اسان اتي هڪ ٻئي کان موڪلايو، انا چيو تہ باقي ڪجهه شيون رهيون آهن جيڪي سياڻي گهمنداسين ۽ صبح جو نوين ڏاري ڪيوِ جي سينٽرل اسٽيشن تي پهچي وڃجان. آءُ اتان پوءِ هڪ دفعو وري زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي ۾ چڙهي اچي ڪيوِ جي سينٽرل اسٽيشن تي لٿس ۽ اتان وري پنڌ ئي پنڌ اريس هوٽلز تي پهتس. هوٽل جي رسيپشنسٽ مون ڏانهن معني خيز نظرن سان ڏٺو ۽ مشڪي چيائين تہ چا تون وري هڪ دفعو ٻاهر ويندين چا؟ مون چيو مانس تہ نہ، آءٌ تمام گهڻو ٿڪل آهيان، تقريبن سڄو ڏينهن پنڌ گهميو آهيان. مون پڇيومانس تہ تو اهوسوال ڪهڙي خيال کان ڪيو؟ چيائين تہ ٻاهرين ملڪن جا سياح، جيڪي خاص ڪري ويڪ اينڊ تي ايندا آهن اهي تہ سڄي رات ٻاهر نائيٽ ڪلبن ۾ گذاري پوءِ صبح جو سوير هوٽل تي موٽندا آهن. مون مشڪندي چيومانس تہ جيڪڏهن هتي ڪيوِ ۾ رڳو نائيٽ ڪلبن لاءِ اچڻو هجي هان تہ پوءِ اهي تہ اسان وٽ اسٽاڪهولم ۾ ٻہ تمام گهڻيون آهن ۽ مزي جي ڳالهه تہ اهي اوير يورپ جي ملڪن کان وڌيڪ محفوظ آهن. ڪيس گڊ نائيٽ چئي اچي پنهنجي ڪمري تي گرم پاڻيءَ سان وهنجي، چانهه ٺاهي ڪمري جي بالڪوني ۾ اچي ويٺس، مينهن اچا وسي پيو، ٿورو سيءُ محسوس ٿيو تہ وري اندر ڪمري ۾ اچي ٽي وي هلائي ڏٺم ۽ ٽي وي هلندي ئي ننڊ اچي ورايو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ئي اک کلي وئي، مينهن اڃا وسيو پئي، بالڪوني ۾ وڃي ٿوري تازي هوا کائي، هٿ منهن ڌوئي، چانهه ٺاهي وري بيڊ تي اچي چانهه جو مزو ورتم ۽ گڏوگڏ منهنجي پياري دوست سائين پير حمادالله جو يورپ جو سفر نامو "يورپ جا روشن ڏينهن ۽ روشن راتيون" پڙهڻ شروع ڪيم. انهيءَ جي وچ ۾ نيرن بہ ڪيم ۽ هڪ ٻہ دفعو ٻيو ٻہ چانهه ٺاهي پيتم. تقريبن اٺين ڏاري انا جو ميسيج آيو تہ جيئن تہ اچ پاڻ کي ڪي گهڻيون شيون ناهن ڏسڻيون سو جيڪڏهن تون ڪجهه وڌيڪ وقت آرام ڪرڻ چاهين تہ ڪر ۽ پاڻ نوين جي بجاءِ ساڍي ڏهين بجي ملون، مون چيو اها تہ واهه واهه ٿي وئي. خير ننڊ تہ ڪانہ آئي وري پر ٿورو وڌيڪ آرام ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. ڏهين بجي کان پوءِ آءٌ هوٽل کان نڪري پنڌ ئي پنڌ سينٽرل اسٽيشن ڏانهن هلڻ شروع ڪيو. اڄ مون روڊ جو ٻيو

پاسو ورتو، ڪجھ اڳتي هلڻ ڪان پوءِ ڏٺم ته اتي هڪ بسن جو اڏو نظر آيو، ملازمن مختلف شهرن ڏانهن وڃڻ جا هوڪا پئي ڏنا پئي. مون کي اتي حيدرآباد جا بس اڏا جيئن پٺاڻ ڪالوني، بکرا منڊي، بدين اسٽاپ ۽ نئين پل ۽ سکر جا بس اڏا به ياد آيا.

آءٌ سادي ڏهين ڏاري ڪيوِ جي سينٽرل اسٽيشن تي پهچي ويس، انا اتي مون ڪان اڳ اچي وئي هئي. اڄ اسان جو پروگرام هو ته دنيا جي ٻيو نمبر زمين اندر 105 ميٽر يا ٽي سئو ڇائيتاليهه فوٽ گهري اسٽيشن ارسنلنا ڏسون. هي اسٽيشن 1960ع ۾ شروع ٿي ۽ ماڻهوءَ کي ايسڪليٽرز تي ويهڻ کان پوءِ پورا پنج منٽ هيٺ يا ٻاهر وڃڻ لاءِ لڳن ٿا. مون پاڻ اتي محسوس ڪيو ته شايد هاڻي هنن ايسڪليٽرز تي ويهڻ ڪان پوءِ منزل ايندي ئي ڪانه. ارسنلنا اسٽيشن ڪان ٻاهر نڪري اسان پارڪ آف اٽرنل گلوري ڏانهن هلڻ شروع ڪيو. هلڪو سيءُ، جهڙ، پن ڇڻ، هڪ پاسي گهاٽا وڻ ۽ ٻئي پاسي نيپرو درياهه ۽ درياهه جي ٻئي پاسي ڪيوِ جون تمام وڏيون عمارتون، ڪي فل پئي نظر آيون ته ڪي وري ڏنڊ ۽ جهڙ ۾ لڪل هيون. پارڪ آف اٽرنل گلوري ۾ ٻي مهاڀاري جنگ ۾ ريڊ آرمي جي اڻ ڄاتل سپاهين جي لاءِ يادگار ٽاور پڻ ٺهيل آهي ۽ ان ٽاور جي پاڙ ۾ هڪ نه وسامندڙ باهه هر وقت ٻرندي رهي ٿي. اسان جڏهن اتي پهتاسين ته هڪ ڇوڪرو ان باهه واري حصي ۾ ويٺو هو، انا سڌو وڃي پڇيس ته هتي ڇو ويٺو آهين؟ چيائين ائين ئي ويٺو آهيان، انا چيس هتي ويهڻ منع آهي، اتان اٿ نه ته مان پوليس کي ٿي ڪال ڪيان، ڇوڪرو منهن خراب ڪري ويندو رهيو. مون انا کي چيو ڇو اٿاريئيس؟ متان سيءُ ٿيندو هجيس ۽ باهه جي ڪري اچي ويٺو هجي، پر انا چيو ها پلي پر هتي ويهڻ منع آهي سو ان ڪري اٿاريو مانس.

اسان اتان ڪان پوءِ ڪجھ يادگار ڏسندا اڳتي وڌندا وياسين. ٽيهن لکن جي هن شهر ڪيوِ ۾ ڪافي تعداد ۾ مختلف يادگار ٺهيل آهن، رڳو انهن جي باري ۾ ويهي لکبو ته ان لاءِ هڪ الڳ مضمون جي ضرورت پوندي. انا کي جيئن ته اڄ شام هڪ ٻئي شهر نوڪري جي سلسلي ۾ پنهنجي ٻاس سان گڏ وڃڻو هو سو اسان اڄ ڪجھ سفر بس ۾ پڻ ڪرڻ جو سوچيوسين ۽ اتان بس ۾ چڙهي، سينٽ مائيڪل جي خانقاهه جيڪو ڪيوِ جو هڪ وڏو ڪيٿيڊرل آهي، سو گهمڻ آياسين، هتي اندر وڃڻ لاءِ ٽڪيٽ هئي. آچر جو ڏينهن هو ۽ ماڻهو به تمام گهڻا هئا، جتي مڪ تقريب هلي رهي هئي، اسان چيو ته ختم ٿئي ته اوڏانهن پوءِ ٿا گهمون. تيستائين اسان عمارت جي صفا مٿاهين حصي ۾ هليا وياسين جتان شهر، نيپرو درياهه ۽ مدرليند مانيومينٽ يا مادر وطن جي يادگار مجسمي جو نظارو پيو ٿئي. اتي ڪجھ شادي جون تقريبون به هيون، ڪي وڏا پادري ته ڪي وري شاگرد. انا ٻڌايو ته هي يوڪرين جو وڏي ۾ وڏو خانقاهه آهي جتي نه رڳو يوڪرين پر آس پاس جي ملڪن جا شاگرد پڙهائي ڪرڻ ۽ پادري عقيدت وچان ايندا آهن. اتي ماڻهو هڪ هڪ ٿي پنهنجا ذاتي مسئلا انهن پادرين سان ونڊي رهيا هئا، ڪي روئي رهيا ها ته ڪي وري کلي رهيا هئا. انا مون کي اتي انتظار وارين ڪرسين تي ويهاري پاڻ به هڪ پادري وٽ وئي ۽ ڪجھ دير

**ڪان پوءِ واپس آئي. اتي بہ مون ماڻهن کي ڪارا جبا  پهريل پادرين جا عقيدت منجهان هٿ چمندي ۽ ڪين پيرين پوندي ڏٺو.**

**واپسي تي وري بس ۾ پوءِ زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي جي ذريعي گولڊن گيٽ تي آياسين. اها گيٽ يارهين صدي ۾ ٺهي ۽ ڪيو جي اندر داخل ٿيڻ جو اهو ئي رستو هئو، هاڻي اها وچ شهر ۾ اچي وئي آهي. اتي بہ ڪجهہ يادگار مجسما هئا، هڪ اڌ ماڻهن جا ۽ هڪ ٻليءَ جو. اتي آس پاس هڪ مراڪش جي ريسٽورينٽ تي ماني ڪائي، وري پنڌ ڪندا اچي هڪ دفعو ٻيهر خرسچيٽڪ اسٽريٽ تي پهتاسين. اتي آچر واري ڏينهن بہ سياحن لاءِ پوسٽ آفيس کليل هئي، جتان مون ڪجهہ پوسٽ ڪارڊ پوسٽ ڪيا. پوسٽ آفيس کان ٻاهر نڪتاسين تہ لڳ ڀڳ شام جا چار ٿي چڪا هئا. انا اتان مون کان موڪلايو. آءٌ ڪجهہ دير اتي ئي گهمندو رهيس، هڪ دفعو وري دل ۾ آيو “هل چا تہ حسن آ”. اچا اتي ئي گهميم پي تہ پياري دوست اسد جهتيال جو ايڊليڊ آسٽريليا مان واٽس ايپ تي ميسيج آيو تہ پيارن پرين ۽ سهڻن جو ملڪ ٿا گهمو، مون اسد ياءٌ کي رپلاءِ ڪيو تہ يار واقعي هي تہ ملڪ حقيقت ۾ سهڻين پَرين جو آهي. نہ رڳو ماڻهو پر آس پاس جي نيچر بہ تمام گهڻي خوبصورت آهي.**

**واپس هوٽل تي اچي ٿورو آرام ڪيم ۽ پوءِ پيٽ جي پوڄا ڪرڻ لاءِ رات جو ائين ڏاري سينٽرل اسٽيشن جي پرسان مئڪڊونلڊس تي ويس. ٻئي ڏينهن مون کي ڪيو ۾ رهندڙ منهنجي هڪ ٻي دوست اوڪسانا سان گڏ شهر کان ٻاهر اوپن ايئر ميوزم، هڪ ٻيو پارڪ ۽ چرچ ڏسڻ لاءِ وڃڻو هو. سو رات جي ماني ڪائي سوير ئي اچي سمهي رهيس تہ جيئن صبح سوير اک وقت سان کلي. اوڪسانا جو گهر سينٽرل اسٽيشن کان رڳو بہ اسٽيشنون پري هو، سو هن چئي ڇڏيو هو تہ جيڏي مهل اٿين ۽ هلڻ جو پروگرام هجئي تہ مون ڏي ميسيج ڪري ڇڏجان، تون اچا هوٽل کان هتي سينٽرل اسٽيشن تائين نہ پهچندين تہ تو کان اڳ مان پهچي ويندس ۽ مون تنهنجي ڪري اڄ موڪل ڪئي آهي تہ جيئن توکي گهمائي سگهان.**

**ٽئين ڏينهن صبح جو آءٌ مقرر وقت تي سينٽرل اسٽيشن پهچي ويس، اوڪسانا بہ وقت تي پهچي وئي، حال احوال ڪرڻ کان پوءِ اسان سينٽرل اسٽيشن جي ٻئي پاسي هڪ بس اسٽاپ تي آياسين، جتان اسان کي بس جي ذريعي ڪيو شهر جي ڏکڻ ۾ پيروگوف جي ڳوٺ ۾ يوڪرين جو اوپن ايئر ميوزم آف فوڪ آرڪيٽيڪچر اينڊ لائيف آف يوڪرين ڏسڻ لاءِ وڃڻو هئو. بسون لوڪل ۽ پرائيون هيون، بس سان رڳو ڊرائيور ئي هئو، بس ۾ چڙهڻ وقت سندس اڳيان رکيل ٽوڪريءَ ۾ هر ڪو مسافر پيسا پيو رکي، گهڻي قدر سڪا. اسان کي ميوزم تائين پهچندي ڪلاڪ سوا لڳي ويو، ٽڪيٽ وٺي اندر وياسين. اسان جي پويان اسڪول جي ڪا بس بہ اچي پهتي ۽ ڪوڙ ٻار بہ لٿا، سندن اڄ اسٽڊي ٽوئر پي لڳو. کليل ميدان ۾ هڪ ٿورو ڪچو پڪو رستو ٿورو لاهين تي هيٺ پي ويو، پاڻ مرادو گاهہ**

بہ قتل ھو، جيڪو سرءُ جي مند ڪري پيلو ٿي چڪو ھو. وڻن ۾ اجا گھڻائي ساون پنن جي ھئي پر لڳو تہ جلد اھي پنھنجو ويس مٽائيندا. 1969ع ۾، 370 ايڪڙن تي اڏيل ھن ميوزم ۾ ڪافي تعداد ۾ ڪاٺ سان ٺھيل پن چڪيون بہ ھيون جن جي ڪري ميوزم جي سونھن ۾ واڌارو پئي ٿيو. ميوزم ڪي اندر يوڪرين جي مختلف سيڪٽرن ۾ ورھايو ويو ھئو، جيڪي پنھنجن پنھنجن علائقن جي نمائندگي ۽ اتان جي رھڻي ڪھڻي جي ترجماني ڪن پيا. ميوزم ۾ ھڪ ڪاٺ جو 1742ع جو ٺھيل پراڻو گرجا گھر بہ ھئو. ميوزم ۾ ھڪ اندازي موجب لڳ ڀڳ چاليھہ ھزار مختلف قسمن جا گھريلو، روايتي ۽ ثقافتي سامان ملندا، جن ۾ پراڻي دور جي ڊزائين جا ڪپڙا، برتن، قالين، سيرامڪس جو سامان، ڏاتوئن، ڪاٺ ۽ شيشي سان ٺھيل دستڪاريون، موسيقيءَ جو سامان، مختلف قسمن جون پينٽنگز ۽ ٻيو گھڻو گھريلو سامان اتي موجود ھئو، جيڪو ماڻھو خريد ڪري سگھي ٿو.

اتي ميوزم ۾ سڀ ڪم ڪرڻ وارا پنھنجي روايتي ڪپڙن ۾ ڪم ڪري رھيا ھئا. اسان اتي گھمندا اچي ھڪ جڳھہ تي پھتاسين جتي اسان ڪي ڪجھہ وقت لاءِ چيو ويو تہ ھتي ٿورو ويھو، چاڪاڻ تہ اتي ھڪ فلم جو سين رڪارڊ ٿي رھيو ھئو ۽ فلم جو وڏو عملو بہ لڳل ھئو. اتي ماڻھو پنھنجين اڪين اڳيان لوھارن، ڪورين ۽ ڪنيارن ڪي سندن ڪم ڪندي ڏسي سگھي ٿو ۽ اھو بہ ٿي سگھي ٿو تہ ھڪ اڌ ڪو موسيقار اوھان جي اڳيان پنھنجي فن جو مظاھرو بہ ڪري. ميوزم ۾ پراڻي دور جا گھر، اسڪول وغيره جا نمونا ٺاھيا ويا آھن ۽ سيني جون ڇتيون پاڻ وارن ڇپرن يا لانڍين وانگر ھيون. ميوزم کان پوءِ اسان وري بس پڪڙي ڪيو جو فوفينيا پارڪ گھمڻ لاءِ وياسين، بس مان لھڻ کان پوءِ بہ تقريبن ڪو ڪلو ميٽر ھلڻو پيو، پر جڏھن آءٌ اندر داخل ٿيس تہ ٿڪ لھي ويا ۽ منھنجي منھن تي سرھاڻ ڇانئجي وئي. انتھا درجي جو سھڻو پارڪ ۽ اتي موجود ڍنڍ عام ماڻھن جي تفريح ۽ سڪون لاءِ موجود ھئي. ھتي بہ جوڙن، فئملين، ٻارن نيچر ۾ ويھي قدرت جي خلقيل شين جو مزو پئي ورتو. پنڌ ڪرڻ جا بہ ڪافي ٽريڪ ٺھيل ھئا. ھن پارڪ سان لڳو لڳ سينٽ پينٽيليمون نالي وڏي خانقاھ ھئي جيڪا رڳو عورتن ڪي مذھبي تعليم ڏيڻ لاءِ مخصوص ھئي.

مون ڪي نيچر تمام گھڻي پسند آھي، ۽ اڄوڪو سڄو ڏينھن تقريبن نيچر ۾ گذريو، مزو اچي ويو. ترقي ڪيل يا ڪنڊڙ معاشرن وٽ نيچر يا فطرت سان ويجھو ھئڻ جي تمام گھڻي اھميت آھي، ان ڪري ھو آس پاس جي نيچر جي تمام گھڻي حفاظت ڪن ٿا ۽ ڪيو ڪي 2017ع ۾ يورپ جو گرينيسٽ ڪيپيٽل بہ تسليم ڪيو ويو ھو. نہ چاھيندي بہ فوفينيا پارڪ مان نڪري اچي شھر وڃڻ واري بس ۾ ويٺاسين ۽ ھاڻي اوڪسانا مون ڪي ڪيو جي نيشنل يونيورسٽي ڏيکارڻ لاءِ وٺي ھلي، ھن يونيورسٽي ۾ ٻاھرين ملڪن جي شاگردن کي پڙھ داخلا ڏني وڃي ٿي، پر اوڪسانا ٻڌايو تہ ٻاھرين ملڪن جي شاگردن ۾ وڌيڪ ڪيو جي انٽرنيشنل يونيورسٽي مشھورآھي. اتي ٿورو چڪر ڏئي پوءِ اسان اچي ٿوري پيٽ جي

**پوڄا ڪئي ۽ هڪ ڪيفيٽيريا ۾ اچي ڪچهري ڪئي، مينهن ٻه شروع ٿي ويو هيو ۽ ڌري گهڻ سج لهڻ وارو هو، پوءِ اتان پنڌ ئي پنڌ هڪ شهر جي وچ ۾ موجود پارڪ مان ٿيندا اچي مون واري هوٽل جي ٻاهران پهتاسين. مون اتي اوڪسانا کان موڪلايو ۽ سندس وقت ۽ ڪمپني جا ٿورا مڃيا ۽ هوٽل جي ڪمري تي اچي صبح لاءِ سامان پيڪ ڪيو، ٻئي ڏينهن صبح سوير منهنجي اسٽاڪهولم لاءِ واپسي هئي.**

## بوسنيا اينڊ هرزيگووينا ۾ گذاريل گهڙيون

بس صبح سوير ئي ڪروشيا جي شهر دبرونوڪ کان نڪتي ۽ اسان جي منزل بوسنيا اينڊ هرزيگووينا جو شهر موستار هيو. ڊرائيور ۽ سونهي جنهن جو نالو آدم هيو، هر هڪ کان هر هڪ پئي پڇا ڪئي ته اوهان پنهنجو پاسپورٽ يادگيري ڪري کڻي آيا آهيو يا نه؟ اها ڳالهه انهن ان بنياد تي پئي ڪئي جو ڪنهن هڪ جي پاسپورٽ وساري اچڻ جي ڪري ٻين سياحن جو سفر به خراب ٿي پئي سگهيو. بهرحال هر ڪنهن وٽ پنهنجو پاسپورٽ هيو ۽ ننڍي بس موستارجي طرف هلڻ شروع ڪيو. بس ۾ آمريڪا، برطانيا، ڏکڻ ڪوريا، ملائيشيا، انڊيا ۽ آسٽريليا جا سياح ويٺل هيا، آءُ ئي رڳو اڪيلو پاڪستاني سنڌي هيس.

آدم وٺي جو ڪمينٽري ڪرڻ شروع ڪئي ته پوءِ چپ ٿيڻ جو نالو ئي نه پئي ورتائين. مون کي سندس ڪمينٽري مان لڳو ته هي همراهه فارمر يوگوسلاويا جي ٽٽڻ تي رنج هيو، رڪي رڪي پئي چيائين ته ڪاش اسان جو ملڪ اهو ئي هڪ هجي هان ته بهتر هيو. اصل ۾ جڏهن يوگوسلاويا 1991 ۾ ٽٽو ته ڪروشيا کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هيو. دبرونوڪ شهر ۽ آس پاس جو علائقو ٻئي ڪروشيا کان الڳ آهي ۽ وچ تي وري ٻارنهن ميلن جو هڪ ڪاريڊور بوسنيا اينڊ هرزيگووينا کي ڏنل آهي ۽ اهو ٻارنهن ميلن جو ڪاريڊور ئي ملڪ جو سامونڊي علائقو آهي. هاڻي ٿيو ائين جو پهريان اسان ڪروشيا کان نڪتاسين ته هڪ دفعو پاسپورٽ چيڪ ٿيا ۽ وري ڪجهه دير کان پوءِ وري اسان ڪروشيا ۾ داخل ٿياسين ته وري پاسپورٽ ڊيڪارٽا پيا ۽ ائين ئي وري هڪ دفعو بوسنيا اينڊ هرزيگووينا ۾ داخل ٿياسين. ڪير جيڪڏهن چاهي ته سڌو ڪروشيا مان بوسنيا اينڊ هرزيگووينا وڃي پئي سگهيو پر اسان جي ٽرپ ۾ بوسنيا اينڊ هرزيگووينا جي پهرين منزل ان ئي رستي تي هئي، ان ڪري اسان کي ان رستي تان وٺي آيا. آدم ٻڌايو ته واپسي ۾ رڳو هڪ هڪ دفعو ٻنهي ملڪن ۾ پاسپورٽ جي چڪاس ٿيندي.

هاڻي هنن پاڙيسري ملڪن جو پاڻ ۾ ڪيترو پيار آهي اها خبر الله کي، پر هنن پنهنجا بارڊرهڪ ٻئي لاءِ کولي ڇڏيا آهن، مقصد رڳو سياحت کي هٿي وٺرائڻي آهي ته جيئن علائقي ۾ سڀ ملڪ سياحت مان فائدو وٺن ۽ غير ملڪي ناڻو ڪمائين. اڳوڻي يوگوسلاويا مان هاڻي ست مختلف ملڪ وجود ۾ آيا آهن پر ماڻهن جي هڪ ٻئي جي ملڪن ۾ اچ وڃ ائين آهي جڻ ماڻهو پنهنجي ئي ملڪ ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر ۾ ويندو هجي. بوسنيا اينڊ هرزيگووينا ۾ پهرين بريڪ نيم جي شهر ۾ ٿي، جتي سياح ٿورا تازا توانا ٿيا ۽ ڪجهه هلڪو ڦلڪو کاڌو پيتو.

منهنجي پر واري سيٽ تي هڪ ديسي ڇوڪري ويٺي هئي، مون سوچيو ته آهي ته شايد انڊيا يا پاڪستان جي پر وري به پڇيو مانس ته تون ڪٿان آئي آهي؟ چيائين انگلينڊ کان، منهنجو پيءُ انگريز آهي ۽ ماءُ انڊيا جي. ان ”اينگلو انڊين“ ڇوڪريءَ جو رنگ رڳو

ديسي هيو، باقي انگريزيءَ جو لهجو ۽ رويو گورن وارو هيو. آدم مسلسل پيو ڳالهائي، گرمي جي ڪري بس ۾ هلڪي هلڪي اي سي بہ هلي پئي ۽ صبح سوير جي ڪري ماڻهو يا تہ ستل هيا يا آدم ڏي توجهہ گهٽ پيا ڪن. ٿوري دير ۾ مون ڏٺو تہ گوري ديسي بہ سمهي پئي ۽ مٺان جو وري ڪونگهرا هڻڻ شروع ڪيائين تہ مون کي هڪ واقعو ياد اچي ويو.

ٿيو ائين جو اسان جو نڍيڻ جو هڪ دوست هڪ دفعي وين ۾ حيدرآباد کان موري پئي آيو، پر واري سيٽ تي ڪو وڏي عمر جو چاچو ويٺو هيس. اسان وارو دوست بہ ڪو ٽڪل هئو سو رکي رکي ٿي ننڊ جا جهوٽا آيس. هڪ ڀيرو دفعو تہ وجي چاچي سان لڳو، چاچي بہ زور سان جهٽڪو ڏيندي چيس تہ رات ڏوهہ تي ويو هئين ڇا؟ پاڻ جهل ڇوڪرا. چاچي جو ائين چوڻ ۽ اسان واري دوست جي جو ننڊ ڦٽي تہ پوءِ وري موري تائين نہ آيس. هاڻي هتي مون سان بہ تقريبن ساڳيو لقاءُ هيو. ننڊ جي جهوٽن جو تہ خير هيو پرڇوڪري جي ڪونگهرن بيزار ڪري وڌو، بهرحال مون ڪنن ۾ هيڊ فون وجهي ڳانا ٻڌڻ شروع ڪيا تہ جيئن ڪونگهرن جي آواز کي ڪنهن حد تائين گهٽائي سگهجي.

بوسنيا اينڊ هرزيگووينا ۾ ڪراوس واٽرفال اسان جو ٻيو اسٽاپ هيو. اهي 28 ميٽر اونچا ڪراوس آبشار هن بالڪن جي علائقي ۾ تمام گهڻو مشهور آهن، جيڪي بہ سياح بوسنيا اينڊ هرزيگووينا يا بالڪن جو ڪو ويجهو ملڪ گهمڻ اچن ٿا تہ پوءِ هتي ضرور چڪر لڳائين ٿا. ڪراوس آبشارن تي اونهاري جي موسم ۾ هاڻي لکن جي تعداد ۾ ٻاهرين ملڪن ۽ مقامي سياحن جو اچڻ ٿئي ٿو. اسان جڏهن اتي پهتاسين تہ ائين لڳو ڄڻ ڪا وڻن جي وڏي علائقي ۾ ڇت هجي، جيئن جيئن هيٺ وڃڻ ٿيو تہ آهستي آهستي پاڻي جي ڪرڻ جو آواز اچڻ شروع ٿيو ۽ تان جو پهرين اک انهن آبشارن تي پئي تہ وات مان پاڻ ئي نڪري ويو "سبحان الله"، تمام گهڻا سهڻا آبشار جن کي لفظن ۾ شايد بيان ڪرڻ ڏکيو هجي.

هتي اونهاري جي موسم ۾ بہ پاڻي ٿڌو رهي ٿو ۽ تقريبن سڀ سياح انهن آبشارن مان شروع ٿيندڙ درياءَ ۾ وهنجن ٿا، جنهن جي گهرائي اونهاري ۾ ايتري گهڻي ناهي هوندي، ٻار، مرد توڙي عورتون سڀ جا سڀ هتي اچي صاف ۽ شفاف پاڻيءَ ۾ ترڻ ٿا. مون واري سڄي گروپ جا سياح سڀ جا سڀ پاڻيءَ ۾ هيا. ڪي وري مقامي يا آس پاس جي علائقن جا ماڻهو اتي اچي پڪنڪ ملهائين ٿا. اتي ڪاڏي ڪائڻ جا هوٽل، سووينيئر جا دڪان، ڪيفيٽيريا، بار، چڪر ڪائڻ لاءِ ننڍيون توڙي وڏيون ٻيڙيون هر وقت موجود هجن ٿيون. پاڻي ايترو تہ صاف آهي جو پٿر، مڇيون ۽ ٻيڙين جو ترو صاف نظر اچي ٿو. خدا تعالي جي خدائي ۽ عجب نظارو هيو. مون اتي هڪ مقامي ٻيڙيءَ واري سان ڪچهري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پڇيومانس تہ جڏهن اجا هي آبشار مشهور نہ ٿيا هيا تہ اڳ ۾ هتي زندگي ڪيئن هوندي هئي؟ چيائين هي آبشار تہ هوندا هيا پر مقامي ماڻهن کي ئي رڳو خبر هوندي هئي ۽ هتي ڪابہ شئي نہ هوندي هئي، پر پوءِ ان ڳالهہ جي اهميت کي سمجهندي

ته هن علائقي کي ترقي وٺرائي دنيا جي سياحن کي پاڻ طرف متوجهه ڪرائي سگهجي ٿو، ته جيئن پيسو ڪمائي سگهجي ۽ مقامي ماڻهن کي ڪجهه روزگار ملي سگهي ۽ وس وارن ان ڳالهه کي هاڻي يقيني بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي هتي تمام گهڻا سياح هر سال اچن ٿا.

نه چاهيندي به اتان پنهنجي اڳلي منزل يعني موستار لاءِ نڪرڻو پيو. بس جيئن ئي موستار شهر ۾ داخل ٿي ته آدم ٻڌايو ته هتي پاڻ وٽ رڳو ٽي ڪلاڪ آهن، انهن ٽن ڪلاڪن ۾ ماني به ڪائي وٺو ۽ شهر کي به گهمي ڏسو. بس کي پارڪنگ ۾ بيهاري اسان اچا ٻاهر نڪتاسين ته آدم هڪ عمارت ڏي اشارو ڪندي چيو ته هن کي ڏسو. انهي عمارت جي هڪ پاسي واري وڏي پٽ پرڻ جو ڏيک ڏئي رهي هئي، اهي گولين جا نشان هيا، مون کي اهڙي قسم جي ڪا ٻي عمارت نظر نه آئي پر هي شايد يادگار جي طور تي محفوظ ڪري ڇڏي اٿن. آءُ ان وقت اندر ۾ جنبي ويس ته ڪيڏو نه خوفناڪ ماحول هوندو جڏهن شهرن ۾ ائين ماڻهن جي مٿان گوليون هلنديون هونديون. هن بالڪن جي علائقن ۾ به جنگين جي ڪري ماڻهن جو تمام گهڻو قتل عام ۽ رت وهيو آهي، ان تي ڳالهائڻ لاءِ تمام گهڻو وقت ۽ علم گهرجي. اسان اچا ٿورو اڳتي هلياسين ته آدم جي وري يوگوسلاويا واري محبت جاڳي ۽ رڙ ڪري هڪ تمام پراڻي يوگو ڪار ڏي اشارو ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ چيائين ته هتي اچا تائين ماڻهو اها پراڻي يوگو ڪار هلائين ٿا ۽ ڪيس ان تي وڏو فخر پڻ هيو ته اها فارمر يوگوسلايا جي ٺهيل هئي.

اتان ڪان پوءِ اسان سيني موستار جي پراڻي شهر طرف هلڻ شروع ڪيو. جيئن جيئن اسان پراڻي شهر ۾ داخل ٿياسين ته اتي ٻپهري جي ٻانگ پئي آئي، مون يورپ ۾ اهو پهريون دفعو ائين لائوڊ تي ٻانگ ايندي ٻڌي ۽ ڪجهه دير ڪان پوءِ وري گرجا گهر جا گهنڊ به وڄندي ٻڌا. پراڻي شهر ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ اندازو ٿيو ته هتي سياحت کي تمام گهڻي هتي وٺرائي وئي آهي. هر پاسي ٻاهرين ملڪن جا سياح نظر ايندا. خاص ڪري نيريتوا درياهه جي مٿان اڏيل اسٽاري موست جنهن کي موستار جي پراڻي پل به سڏين ٿا، تي هر وقت سياح گهمندي ۽ فوٽو ڪڍائيندي نظر ايندا. تمام پراڻي دور ۾ هن ساڳيءَ جاءِ تي ڪاٺ جي لٽڪيل پل هوندي هئي، جيڪا پوءِ سورهين صدي ۾ سلطنت عثمانيه جي دور ۾ پٿرن سان پڪي ڪري تعمير ڪرائي وئي. جيڪا شهر جي ٻنهي حصن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿي. هن کي اسلامي فن تعمير جو مثال به چيو وڃي ٿو.

پل جي مٿان به نوجوان ڇوڪرا لنگوٽيا پائي سياحن جي توجهه پاڻ ڏي ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هيا، رڪي رڪي واري وٺي سان مٿان پل تان هيٺ درياهه ۾ ٽپو ٿي ڏنائون ۽ وري مٿي اچي سياحن ڪان پيسا تي ورتائون. آءُ اتي هڪ اهڙي ڪاڏي ڪائڻ واري هوٽل تي وڃي وينس جتان درياهه، پل ۽ ايندڙ ويندڙ سياحن ۽ مقامي ماڻهن کي ڏسي سگهان. هر طرف ڪيفيٽيريا، سوونيئر جا دڪان، آئسڪريم جا اسٽال، ڪاڏي ڪائڻ جا هوٽل، دستڪاري جا دڪان ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه سامان اتي وڪري لاءِ رکيو وينا هئا. گرمي به

گھٽي هئي ان ڪري اتي هوٽلن ۽ ڪيفيٽيريائن تي پڪن مان هوا سان گڏوگڏ پاڻي جو صفا هلڪو ڦوهارو به اچي پيو جيڪو انتهائي سڪون پيو ڏئي. ان پڪي مان پاڻي جو ڦوهارو لڳڻ ڪان پوءِ مون کي سنڌ جا ڪوڪڙي ياد آيا جيڪي پنهنجن ڪڪڙن کي وات ۾ پاڻي وجهي پوءِ زور سان ڦوهارو هڻندا آهن.

مانجهاندو ڪرڻ ڪان پوءِ آءُ به ڪجهه وقت ان مشهور زمانه پل تي وڃي ڪجهه وقت لاءِ بيٺس ۽ ڪجهه فوٽو ڪڍيا ۽ ڪن سياحن کي چئي پنهنجا يادگار فوٽو به ڪڍرايا. موستار جو شهر تمام سهڻو آهي، هر پاسي جبل، ساوڪ ۽ شهر جي وچ مان درياهه جو گذر، بالڪل طرز جون عمارتون ۽ گهر، پٿرن سان ٺهيل رستا، شهر هڪ وادي ۾ آباد آهي. جتي ٿي سگهي ته ڪجهه ڏينهن وڃي آرام سان رهجي ۽ آس پاس جي علائقن کي وڃي سانهه ستيءُ سان گهمجي، مون کي اتي اهو احساس ٿيو ته هتي رڳو ڪجهه ڪلاڪن لاءِ اچڻ شهر ۽ هن خوبصورت واديءَ ۽ هتان جي سهڻن ماڻهن سان بي واجبي آهي.

پل تي ڪجهه وقت گذارڻ ڪان پوءِ آءٌ شهر جي ٻئي پاسي ويس، اهو پاسو شايد مسلمانن جي آبادي وارو هيو جو ته ٿي مسجدون ان پاسي ئي هيون. اڳتي گهمندو گهمندو وڃي هڪ دڪان تي چڙهيس. هڪ ننڍي ڇوڪري پليڪار ڇيو ۽ پڇيائين اندين؟ مون چيومانس پاڪستان. ڪلي چيائين ها اوهان سڀ ساڳيا نظر ايندا آهيو، مون چيو مانس ته ها ائين ته آهي ۽ ائين به آهي جيئن توهان سڀ بالڪن هڪ جهڙا لڳندا آهيو، چيائين ها بلڪل. سندس نالو ليلا هيو. ليلا ڪان ڪجهه سووينيئر ورتم، مون ڪان وري پڇيائين ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ٻڌايو مانس ته عبدالله، ڪلي چيائين سچي ۾؟ مون ڪلندي چيومانس ها باقي تنهنجو منهنجو مذاق آهي ڇا جو ڪوڙ ڳالهائيندس، ليلا ٺهڪ ڏيندي چيو ته منهنجي بابا جو نالو به عبدالله آهي، پوءِ مون کي محسوس ٿيو ته شايد ان ڪري اچرج ۾ پئجي وئي ته اهو نالو شايد رڳو اسان وٽ هتي بوسنيا ايند هرزيگووينا ۾ آهي. دڪان  تان لهي اجا اڳتي وڌندو ويس.

سچ ته منهنجي مٿان هڪ سحر طاري هئو ته آءٌ اڄ هتي آهيان. ننڍي هوندي ٽي وي تي پاڻ رڳو هنن ملڪن جي باري ۾ خبرون ٻڌندا هئاسين، پي ٽي وي تي ته هڪ اڌ ڊرامن ۾ به هنن علائقن جو ذڪر هيو ۽ رڪارڊنگ پڻ ٿيل هئي. ڪجهه اڳتي هلڻ ڪان پوءِ هڪ مسجد نظر آئي، آءٌ ان ۾ اندرهليو ويس. مسجد جي خدمتگار مون ڪان پڇيو ته سياح آهين يا نماز پڙهندي، مون چيو مانس ته ٻئي ڪم ڪندس. نماز ڪان پوءِ فارغ ٿيس ته وري مون کي ان ساڳئي خدمتگار چيو ته مٿي هن مينار ۾ چڙهي وڃ، اتان شهر جو ديدار پلو ٿيندئي، مان به چڙهڻ شروع ڪيو، تمام مٿي هيو، سهڪائي وڌائين پر مٿان ڪان واقعي به شهر جو نظارو دلفريب هيو. اتي ڪجهه ٻيا سياح به هيا جن ٻڌايو ته اهي آهن ته اصل ۾ لبنان جا پر جرمني جي شهر برلن ۾ رهندا آهن، مون ٿورو غور ڪيو ته انهن ساڳين همراهن هيٺ مسجد ۾ نماز به پڙهي پئي. وري هيٺ آياسين ته مسجد جي خدمتگار ٻڌايو ته هي مسجد

ترڪن جي اڳواڻ سليمان شاھ جي دور ۾ ٺهي هئي. سليمان شاھ ارطغرل جو پيءُ ۽ سلطان عثمان جو ڏاڏو هيو. ان مسجد ۾ هڪ پراڻي دور جو قرآن شريف به رکيل هيو جنهن کي ايئرڪنڊيشن جي هڪ باڪس ۾ محفوظ ڪري رکيو ويو هيو ته جيئن ان جي ورقن کي گرمي جي شدت کان بچائي سگهجي. شام ڌاري اسان موستار جي شهر کان موڪلايو ۽ وري هڪ دفعو ڪروشيا جي شهر دبرونوڪ ڏانهن راهي ٿياسين، دل ۾ اتي خيال ٿيو ته هتي وري هڪ دفعو ضرور اچبو، پر ڪجھ ڪلاڪن نه پر ڪجھ ڏينهن لاءِ.

# ڳوٺ ويندي استنبول جو چڪر

استنبول استنبول، مون کي لڳو ڄڻ آءٌ جڳ مشهور ريل گاڏي اوريئنٽ ايڪسپريس ۾ هجان ۽ ڪنڊڪٽر مون سميت سيني مسافرن کي استنبول اچڻ جو اطلاع ڏيندو هجي. ننڊ مان سجاڳي ٿي ته، نه اوريئنٽ ايڪسپريس هجي نه ئي ڪو ڪنڊڪٽر، سامهون ٽرڪش ايئر لائينز جي هڪ سهڻي ايئر هوسٽس استنبول اچڻ جو اطلاع ڏئي رهي هئي ۽ مون کي به ننڊ مان اٿاري هدايت ڪيائين ته سيٽ بيلٽ ٻڌي پاڻ کي قابو ڪر ۽ سڌو ٿي ويهه. مون به دل ۾ چيو سائين جيڪو حڪم. اوريئنٽ ايڪسپريس ۾ سفر ڪرڻ جو خواب اڃا خواب ئي رهيو ۽ آءُ به سڌو ٿي ويهي رهيس ۽ انتظار ڪرڻ لڳس. جهاز استنبول جي عطا ترڪ هوائي اڏي تي لهڻ جا سانباها ڪري رهيو هئو. آءُ اسٽاڪهولم کان ڳوٺ موري وايا استنبول وڃي رهيو هوس، منهنجو دوست عالم صديقي به مون سان گڏ هئو. هوائي اڏي تي پاسپورٽن تي ٺپا هڻائي ٻاهر نڪري اچي ٽيڪسي ۾ چڙهي هوٽل پهتاسين، سج لهي چڪو هو، هوٽل تي چيڪ ان ڪري ،ڪمري تان تيار ٿي، نڪتاسين ته ٿورو چڪر چاڙهي ڏيون ۽ آس پاس جي ماحول جو مزو ۽ جائزو پڻ وٺون ۽ ان سان گڏوگڏ رات جي ماني به کائون.

اسان جي رهڻ واري هوٽل استنبول جي يورپ واري پاسي سلطان احمد يا احمت جي علائقي ۾ هئي جيڪو سياحن جي رهڻ ۽ گهمڻ جو مشهور ۽ مصروف علائقو آهي. ٻاهر وڏي رونق لڳي پئي هئي، گهڻائي اولهه جي ملڪن جي سياحن جي پئي لڳي جيڪي رات جي ماني کائڻ ۽ ڪجهه پيئڻ ۾ مصروف هئا. اسان به پهريان اتي هيڏي هوڏي ٿورو چڪر ڏنو جنهن کان پوءِ اچي پيٽ پوڄا ڪئي سين. مون اتي محسوس ڪيو ته ترڪ به پاڻ وانگر گهڻي قدر شهپر رکن ٿا. اسان ٿوري دير اتي گهمي ڦري پوءِ واپس هوٽل تي اچي وياسين.

ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي نيرن ڪري ٿورو رولاڪين لاءِ نڪتاسين. ڀانت ڀانت جا ٻي فڪرا سياح استنبول ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ترڪي اڄ به دنيا جي سياحن کي پاڻ طرف متوجهه ڪيو بيٺو آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته جيڪي ملڪ سياحن کي سهولتون ڏين ٿا ۽ انهن جو خيال رکن ٿا ته ماڻهو انهن ملڪن جو سفر ڪرڻ لاءِ ڇڪجي اچن ٿا. ٽڳ ۽ ٻشني هتي به جام آهن، پر هتي سياحن کي اغوا ڪرڻ يا مارڻ جو ڪو سلسلو ناهي. هتي ناچ گانن جون ڪلبون به آهن ته عبادت لاءِ مسجدون به، جنهن کي جيڏانهن وڻو آهي اهو اوڏانهن وڃي سگهي ٿو، ڪا رنڊ روڪ ناهي.

استنبول ۾ پيسي جي ڏيتي ليتي مهل ٿورو غور ۽ خيال ڪرڻ کپي نه ته ماڻهو ٺڳجي سگهي ٿو ۽ آءُ اتي ٺڳجي ويس. ٿيو ائين جو اتي گهمندي ڦرندي اسان ٽوپ ڪاپي جو عجائب گهر ڏسي ٻاهر آياسين ته خيال ٿيو ته هن عجائب گهر جي باري ۾ ڪجهه ڪتاب دوستن لاءِ وٺان جن جي فرمائش اڳ ئي سنڌ مان ٿيل هئي. اتي موجود هڪ گهورڙئي سان

قيمت ڳالهائي پنج ڪن ڪتاب ورتم، پيسا ڪليا نہ هئا سو ٻڌو نوٽ ڏيڻو پئجي ويو ۽ همراهہ بقايا پيسا ڪتابن سان گڏ ڏنا ۽ اسان اتان روانا ٿي وياسين، اجا ٿورو اڳتي هلياسين تہ هڪ همراهہ ڪا منٽ شئي وڪڻي رهيو هو سو خيال ٿيو تہ اها وٺي ڪائجي، ڪٽي جو ڏسان تہ جيڪي گهورڙئي پيسا واپس ڪيا ها اهي ٻٽونءَ ۾ لين ئي ڪونہ، مون دل ۾ سوچيو گهورڙيو ڏاڍي ڪري ويو. بهرحال بچاءُ ٿي ويو، گهٽو نقصان نہ ٿيو، همراهہ وري بہ ٽيهارو ڪن يوروز جي ڏهاڙي مون مان ڪڍي ويو.

اهو ڏينهن اسان اتي گهمندا ڦرندا رهياسين، اسان جي نصيب ۾ جمع جو ڏينهن هئو، سو اسان اتي جمع جي نماز (سلطان احمد جنهن ڪي بليو مسجد پڻ سڏين) ۾ پڙهي ۽ انهي جي ڪري مسجد گهمڻ جو موقعو پڻ ملي ويو. شام ڌاري واپس هوٽل تي آياسين تہ اتي منهنجي دوست گليزار جو مئسيج آيو تہ استنبول ۾ پلي ڪار ۽ سپاٽي آءُ سلطان احمد ۾ فلاڻيءَ جاءِ تي پهچندس ۽ تون بہ اتي ئي پهچي وڃجانءِ. اسان رات جو هڪ دفعو وري نڪتاسين تہ ماحول جو مزو هلي وٺون، ماني بہ ڪائون ۽ اها جاءِ بہ ڏسجي جتي سپاٽي گليزار ايندي. آءُ ان جاءِ تي اجا پهتس تہ اتي هڪ نوجوان اچي ڳالهائڻ شروع ڪيو، جڏهن خبر پيس تہ پاڪستان جو آهيان تہ ڏاڍي گرم جوشيءَ سان مليو ۽ حال احوال وٺڻ لڳو. پهريان مون ڪي ٿورو شڪ ٿيو تہ متان ڪو ٺڳ نہ هجي پر اهو منهنجو خيال غلط هو.

ٺڳن جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ هي قصو بہ لکڻ وٽان آهي تہ اتي استنبول ۾ مون ۽ عالم ان ساڳئي رات هوٽل تي وينٺي وينٺي اوچتوسوچيو تہ استنبول جي نائيٽ لائيف ڏسجي تہ ڪيئن آهي، سو رٿيوسين تہ هلي ٿا ڪنهن ڪلب ۾ ويهي ناچ گانو ڏسون ۽ ٻڌون. سلطان احمد واري علائقي مان ٽيڪسي ڪري اچي تڪسيم واري علائقي ۾ پهتاسين. ڪٿي ڪنيو ۽ دلالن جي ور چڙهي وياسين. دلالن وڏي عزت سان وٺي وڃي هڪ ڪلب ۾ پڄايو ۽ ڪلب وارَن ڪان پنهنجي ڪميشن وٺي رمندا رهيا. اسان ڪي اجا اتي وينٺي ڪجهہ منٽ ئي گذريا تہ ٻہ نوجوان ڇوڪريون اچي اسان جي پر ۾ وينيون ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيائون ۽ بيرو بہ ڪائڻ ۽ پيئڻ جو سامان اسان سيني جي اڳيان ٽيبل تي رکندو ويو جيڪو اسان آرڊر ئي نہ ڪيو هئو، پر اصل ۾ انهن ڇوڪرين پي اهي آرڊر ڪيا. آءُ اتي سمجهي ويس تہ هتي ضرور ڪا گڙٻڙ آهي، مون پنهنجي پر ۾ وينل ڇوڪري ڪي چيو تہ مون ڪي تنهنجي ڪمپني جي ضرورت ناهي ۽ تون وڃي سگهين ٿي پر سائين ڇوڪري نہ اٿي ۽ ان ڪان پهريان جو بيرو سندس ٻيا آرڊر بہ کٽي اچي آءُ اٿي ڪڙو ٿيس ۽ پاڻ واري دوست ڪي بہ چيم تہ پيارا خيال ڪر مون ڪي هتي گڙٻڙ ٿي لڳي ۽ هل تہ هتان نڪري هلون پر همراهہ ڇوڪري سان ڪچهري ۾ لڳو رهيو ۽ ڇوڪري وڃي پئي آرڊر جي مٿان آرڊر ڏيندي.

آءُ اتان اٿي وڃي ٻئي پاسي ويٺس ۽ ماحول ڪي پرکڻ جي ڪوشش پي ڪيم تہ اڌ منٽ ڪلاڪ ڪان پوءِ عالم جو مئسيج آيو تہ يار جلدي اچ هتي ٿوري گڙ ٻڙ ٿي وئي آهي، اتي پهتس تہ ڪلب وارا، همراهہ جو ڪو چار پنج سئو ڊالرن جو بل ڪڍيو بيٺا هئا ۽ بحث

مباحثو جاري هئو، عالم ڇئي ڇوڪرين جو ٻل وجي ڇوڪرين ڪان وٺو انهن جو ٻل آءُ ڇو پريان، ۽ مون اتي ڏٺو ته اهي ساڳيون ڇوڪريون وري ٻين ٽيبلن تي نون شڪارن سان ويٺيون هيون، بهرحال هٽندي ماريندي ادائي ٿي سئو ۾ يار جي جان ڇٽي. پوءِ اندازو لڳو ته اتي جو ڪو ماحول ائين هئو جو جيڪي ڇوڪريون اتي جنهن سان ڪمپني ڪنديون ته انهن جو ٻل به اهي مرد ڀريندا، ۽ مون کي پڪو يقين آهي ته اهي جيڪو به آرڊر ڪنديون هونديون، بيرا ڏئي انهن کي رڳو پاڻي ويندا هوندا ته جيئن هو پنهنجي هوش حواسن ۾ رهن ته جيئن اهي وڌ کان وڌ شڪار ڦاسائي سگهن.

بهرحال جتي ٺڳ ۽ لالچي ماڻهو آهن اتي وري تمام پيارا ۽ بهترين ۽ مددگار ماڻهو به پريا پيا آهن، بلڪ چوڻ ائين گهرجي ته دنيا ۾ سٺن ماڻهن جو تعداد خراب ماڻهن کان وڌيڪ آهي. هونءَ به ٽيڪسي ڊرائيور، هوٽلن وارا يا اهي ماڻهو جن جو واسطو سڌو سنئون ٻاهرين ملڪن جي سياحن سان آهي انهن جو موازنو عام ماڻهن سان ڪرڻ صحيح ناهي ۽ ائين به ناهي ته ڪو ٽيڪسين، هوٽلن، ريسٽورنٽس يا جن جو سياحن سان واسطو پوي ٿو، سڀ جا سڀ خراب يا لالچي آهن، انهن ۾ به بهترين قسم جا ماڻهو هوندا آهن.

ٻئي ڏينهن صبح جو ساڳي ڪرت، تيار ٿي ٻاهر آياسين، عالم کي اڄ پنهنجي منهن سان گهمڻو هئو ۽ مون کي وري منهنجي ترڪ دوست گليزار سان ملڻو هئو ۽ آءُ ان مقرر هنڌ تي پهتس ته گليزار اڳ ئي اتي پهچي چڪي هئي. هڪ دفعو وري استنبول ۽ ترڪي ۾ پلي ڪار ڪندي مرحبا چيائين ۽ مون کان پڇيائين ته اوهان جو پهريون ۽ ٻيون ڏينهن هتي ڪيئن گذريو، سڄو حال احوال ڏنو مانس، پاڻ رنج به ٿي پر وري کلي به ڏاڍو ۽ چيائين ته تو واري دوست کي رات ننڊ نه آئي هوندي، مون چيو مانس ها بلڪل ائين ته آهي. مون کيس چيو ته تنهنجي مهرباني جو وقت ڪڍي ملڻ لاءِ آئي آهين، گليزار پنهنجي مصروفيت مان هڪ سڄو ڏينهن ڪڍي مون سان ملڻ ۽ استنبول گهمائڻ لاءِ آئي هئي. هونءَ به ڪن سياڻن جو چوڻ آهي ته جيڪو انسان اوهان کي پنهنجي زندگي مان ڪجهه پل ڏئي ٿو ته اها ان جي مهرباني آهي ڇاڪاڻ ته اهي پل جيڪي هو اوهان کي ڏئي ٿو اهي هو واپس ڪڏهن به زندگي ۾ موٽرائي نٿو سگهي، ته اهڙن ماڻهن جي واقعي به مهرباني. ترڪيءَ جا ماڻهو پاڻ سنڌين وانگر مهمانواز به واهه جا آهن.

ڪڇهري ڪندا پنڌ ئي پنڌ اسان اتي گهمندا ڦرندا رهياسين، پوءِ چانهه ڪافي جي طلب تي ته گليزار مون کي هڪ اهڙي ڪيفيٽيريا تي وٺي وئي جتان آيا صوفيا ۽ سلطان احمد مسجد جو نظارو تمام بهترين، صاف ۽ ڪليل نظر اچي رهيو هو. ترڪش ڪافي ڏاڍي گهاٽي ۽ تيز هئي. دنيا ۾ ڪاڏا به تمام گهڻن قسمن جا آهن، ماڻهو منجهيو پوي ته ڇا ڪائجي، پلو تڏهن ٿئي ٿو جڏهن ڪو مقامي دوست گڏ هجي ته پوءِ سولائي ٿيو پوي.

اتان واندا ٿي ٽرام ۾ چڙهي اچي استنبول جي جڳ مشهور گرانڊ بازار پهتاسين جيڪا پڻ گهمڻ وٽان آهي. هن الف ليلوي بازار ۾ نئين ماڻهوءَ لاءِ ڪافي ڏکيو آهي ته هو

جنهن دروازي کان اندر داخل ٿئي ۽ ان مان ئي واپس ٻاهر نڪري وڃي سگهي. اندر گهڙڻ کان پوءِ مون پنهنجي پاڻ کي ڪنهن الف ليلا جي طلسماتي بازار ۾ محسوس ڪيو. ننڍا وڏا دڪان وڏي ترتيب ۽ شوق سان سينگاريل هئا. هر دڪان تي ماڻهو چاهي ته ڪلاڪ ويٺو رهي ۽ ويٺو ڏسي ۽ هر شئي به وٺڻ چاهي ۽ اتي اگهه به بارگين وارا آهن، معني پنج هزار چئي پنج سئو ۾ ڏيڻ لاءِ راضي. پندرهين صدي عيسوي جي هن ٿي چار هزار دڪانن ۽ سٺ ستر گهٽين تي مشتمل بازار ۾ هڪ ئي ڇت جي هيٺان سڀ ڪجهه مليو وڃي. استنبول جي هن ڍڪيل بازار ۾ تقريبن چار لک ماڻهو روز اچن ٿا ۽ هر هڪ کي چيڪ ۽ اسڪين ڪري پوءِ ئي اندر وڃڻ ڏين ٿا. استنبول جي گرانڊ بازار واقعي به بار بار گهمڻ جي جاءِ آهي.

ترڪي ۾ تمام گهڻن ماڻهن جو نالو مصطفي آهي، نوانوي سيڪڙو مسلمانن جي آبادي آهي پر ٻين مذهبن جا ماڻهو به سڪون سان رهن ٿا. نماز جي وقت هر پاسي آذان ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. گهڻا مسلمان سياح اها ڪوشش ڪندا آهن ته سلطان احمد مسجد جمعي واري ڏينهن نماز پڙهڻ لاءِ وڃجي، جنهن سان ماڻهو نماز به ادا ڪندو ۽ مسجد پڻ گهمي وٺندو، جيئن اسان اتفاق سان جمعي واري ڏينهن اتي هئاسين. باقي آيا صوفيا مسجد ٽڪيٽ کان بغير نه ٿي گهمي سگهجي. زندگي رهي ته اول خير اها به ڪڏهن نه ڪڏهن اندران ڏسي اچبي. هتي دنيا جي ٻين گهڻن ملڪن وانگر زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي اتان جي ماڻهن کي سهولت ڏيڻ لاءِ روان دوان آهي. هتي جي هيءَ زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي دنيا جي ٻيون نمبر پراڻي زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي آهي. جيڪا 1875 ۾ ٺهي تيار ٿي. پاڻ وٽ به زمين اندر هلندڙ ريل گاڏين جي تمام گهڻي ضرورت آهي. استنبول ۾ زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي سان گڏوگڏ ٽرام ۽ بسن جي سهولت ۽ انهن جو نظام به بهتر آهي.

ترڪي يا خاص ڪري استنبول ۾ گهڻي قدر جيڪي سياح مرد توڙي عورتون اچن ٿا اهي هتان جي مشهور ترڪش باٿ ۾ وڃڻ ڄڻ فرض سمجهن ٿا، جتي پهريان ڪين مساج ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ وري وهنجاريو وڃي ٿو. اتي ڪنهن ٻڌايو ته هن سڄي عمل کان پوءِ ماڻهو پاڻ کي هلڪو ۽ تازو توانو محسوس ڪري ٿو. چون ٿا ته جيڪو استنبول اچي ۽ اسٽيمر ۾ چڙهي باسفورس جو چڪر نه لڳائي ته ڄڻ اهو استنبول آيو ئي ڪونه، سو آءُ به ڪونه چڙهي سگهيس، سو معني هڪ دفعو وري استنبول وڃبو.

انسان هر هنڌ مڙئي ساڳيا، ڀلي اهي پنهنجي ديس جا هجن يا وري ٻين ملڪن جا، هر هنڌ احساس ساڳيا آهن، هتي استنبول ۾ به مون کي عورتون پنهنجي ڳلن تان نير وهائيندي نظر آيون، خوشيون،غميون، وفائون، ڏوڪا دنيا ۾ هر هنڌ آهن. گرانڊ بازار کان پوءِ گليزار مون کي هڪ سينٽر گهمايو جتي هٿ جي هنر سان شيون ٺهيل ۽ سينگاريل هيون، ماڻهن اتي اهي شيون ٺاهيون به پئي. اتي به اسان ترڪش ڪافي پيتي ۽ پوءِ اسان واپس سلطان احمد جي علائقي ۾ اچي مانجهاندو ڪرڻ کان پوءِ موڪلايوسين. رات جو

**اسان جي ڪراچي لاءِ فلائيٽ هئي ۽ خوشي به ته ماڻهو هاڻي ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ پنهنجن سان گڏ پنهنجي وطن ۾ هوندو.**

## مالٽا ۾ ڪجهه ڏينهن جي مهماني

هونءَ ته هر ماڻهو خواب ڏسي ٿو ۽ خواب ڏسڻ ان جو حق پڻ آهي، ڪي خواب ننڊ ۾ ڏسن ٿا ته ڪي وري جاڳ ۾. جاڳ ۾ ڏٺل سپنا لفظن جي شڪل وٺن ٿا ۽ جيڪڏهن انسان ۾ همٿ هجي ته اهي لفظ وري ان خواب کي ساڀيان واري پاسي وٺي وڃن ٿا. ڪن ماڻهن لاءِ انهن سپنن کي ساڀيان ڪرڻ سولو آهي ته ڪن لاءِ وري تمام ڏکيو. سولائي ۽ ڏکيائي جو دارو مدار ملڪي ۽ ذاتي معيشت، ملڪي جاگرافي ۽ تعليم تي هجي ٿو. بهرحال اهو هڪ وڏو بحث آهي جنهن تي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو.

آءُ ۽ منهنجو دوست شعيب اسٽاڪهولم کان ميڊيٽيرينين سمنڊ ۾ يورپ جي ننڍن ٻيٽن تي مشتمل ملڪ مالٽا وڃي رهيا هئاسين. مالٽا يوناني ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معني آهي ماکي. مالٽا ۾ هڪ خاص قسم جي ماکي جي مکين جو نسل آهي، جيڪي هڪ خاص قسم جي ماکي ڏين ٿيون. مالٽا تي عربن ٻن صدين کان به وڌيڪ حڪومت ڪئي آهي، جيڪا اتان جي ٻولي ۾ پڻ صاف نظراچي ٿي. مالٽي ٻوليءَ ۾ گهڻا لفظ عربيءَ جا آهن. انگريزن پڻ مالٽا تي حڪومت ڪئي آهي، جيڪا ڏيڍ سئو سالن کان به وڌيڪ عرصي تي مشتمل آهي. مالٽا جي ماڻهن جي ٻولي آهي ته مالٽي پر انگريزي عام جام ڳالهائي وڃي ٿي ۽ يورپ جي ڪافي ملڪن جا شاگرد هتي رڳو انگريزي سکڻ لاءِ اچن ٿا.

جهاز ۾ ته تقريبن رڳو گورا هئا پر جڏهن اسان مالٽا جي هوائي اڏي لوقا کان ٻاهر آياسين ته محسوس ٿيو ته هتي ڪافي تعداد ۾ آفريڪا جي ملڪن جا ماڻهو اچي ويا آهن. ان سان گڏوگڏ انڊيا جا ماڻهو به ڪافي تعداد ۾ نظر آيا. آفريڪا جي ملڪن مان آيلن جو گهڻو تعداد انتهائي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي پوءِ هتي پهتو هيو، چاڪاڻ ته انهن کي پهريان ته اتر آفريڪا جي ملڪ لبيا تائين اچڻو پوي ٿو. ان کان پوءِ وري ٻيڙين جي ذريعي مالٽا، اٽلي جي ٻيٽن خاص ڪري سسلي يا يونان جي ڪنهن ٻيٽ تائين پهچي پوءِ سياسي پناهه لاءِ درخواست ڏين ٿا. ڪي شايد تيونس يا الجيريا کان پڻ وڃڻ جي ڪوشش ڪندا هوندا ۽ مان سمجهان ٿو اهو سڄو عمل ايترو سولو نه هوندو، جيترو مون هنن پنجن ستن سٽن ۾ لکيو آهي.

مالٽا جي گادي واري شهر ويليٽا ۾ ڪشميرين جو هڪ ڪاڏي پيتي جو هوٽل هيو، انهن ٻڌايو ته مالٽا هاڻي تازو انڊيا جي ڏهه هزار ماڻهن کي اسپيشل ويزائون ڏئي گهرايو آهي. انڊيا توڙي آفريڪا جي ملڪن جا ماڻهو هتي سڀ نظر آيا، ڪي سولائي سان سڌيون ويزائون وٺي آيا هوندا ڪي ٻيڙين ۾ جان جوکم ۾ وجهي پهتا هوندا، سپنا سيني جا ساڳيا هوندا، بهتر کان بهتر زندگي جي ڳولها.

مون گهڻو وقت اڳ هڪ ڪالم لکيو هيو جنهن ۾ مون پنهنجن لاءِ لکيو هيو ته اهي بي دعوتيا مهمان سنڌ ۾ اچي ويا آهن، مون کي ائين شايد نه لکڻ گهرجي هان، هر هڪ

ماڻهو پنهنجا پنهنجا سپنا ڏسي ٿو ۽ انهن کي ڪٽي اڳتي وڌي ٿو. ڪنهن پٺاڻ جو شايد رڳو اهو ئي خواب هجي ته مون کي ڪراچي ۾ ڪمائڻو آهي. مان پاڻ به پنهنجو ملڪ ڇڏي سئيڊن ۾ پيو رهان، انهن ئي خوابن کي پورو ڪرڻ جي چڪر ۾. ها اها ٻي ڳالهه آهي ته اتان جي حڪومت ۽ ادارن وٽ ڪيتري قابليت آهي جو اهي ٻاهران آيل ماڻهن کي ڪيئن ٿا ڪنٽرول ڪن ته جيئن اهي اتان جي مقامي ماڻهن جي لاءِ ڪنهن به صورت ۾ هاڃيڪار ثابت نه ٿين. باقي روزي ۽ بهتر زندگي جي ڳولها ۾ ڪير ڪٿي به وڃي سگهي ٿو، ان لاءِ ماڻهو پنهنجيون زندگيون پڻ داءَ تي لڳائي ڇڏين ٿا.

مالٽا جي شهر ويليٽا جي بس جو اڏو شهر ڪان ڪجهه ٿي سئو ميٽر ٻاهر آهي، جتان ماڻهو پنڌ ڪندو، ٽريٽون ڦوهارن ڪان ٿيندو، اچي شهر جي دروازي جنهن کي سٽي گيٽ ٿا چون اچي داخل ٿئي ٿو. سٽي گيٽ جو نالو ٻڌي ماڻهو ماضي ۾ هليو ٿو وڃي ۽ مان به هليو ويس. مون کي به حيدرآباد، هيرآباد، پرگڙي فليٽس، ڪيپري سينيما، جيل روڊ، مارڪيٽ، ٽاور، يونيورسٽي جو دور، دلبر دوست ۽ ٻيو به الائي ڇا ڇا ياد اچي ويو. اهي ماضيءَ جون يادگيريون ساريندو اچي شهر ۾ داخل ٿياسين. مالٽا ۾ هئي ته سياري جي مند پر موسم ڏاڍي وڻندڙ هئي، شايد اسان کي سئيڊن جي حساب سان سيءُ صفا گهٽ پئي لڳو، ٻين ماڻهن کي اسان ڪان وڌيڪ آٿر پاتل هيا.

اسان جي رهڻ واري هوٽل لا فالڪونيريا ويليٽا جي مشهور گهٽين ريپبلڪ ۽ اولڊ منٽ اسٽريٽ جي وچ تي ميليتا گهٽيءَ ۾ فرانس جي سفارتخاني جي بلڪل سامهون هئي. اسان جڏهن هوٽل ۾ چيڪ ان ڪيو ته سج لهي ويو هيو، پر لڳي ائين پيو ته ويليٽا جو شهر اڃا هاڻي جاڳيو هجي، وڏي گهما گهمي ۽ رش هئي، شايد ڪرسمس جي ڪري شهر کي پڻ ڪنوار وانگر سينگاريو ويو هيو. شهر نه رڳو سياحن سان پر اتان جي مقامي ماڻهن سان پڻ ڀريل هيو. ڪاڏي جا هوٽل، بار، چانهه، ڪافي جا هوٽل لڳ ڀڳ سڀ جا سڀ ڀريل هيا. اسان به هيڏانهن هوڏانهن مختلف گهٽين ۾ چڪر هڻي اچي اتان جي مشهور گهٽي ريپبلڪ اسٽريٽ تي پهتاسين ۽ اتي به هيڏي هوڏي پنڌ ڪندا ۽ فوٽو ڪڍندا رهياسين. ڪجهه دڪانن تي نالن ۽ بورڊن مان خبر پئي ته دڪان ننڍي ڪند جي ديسين جا آهن، اها خبر هاڻي خدا کي ته اهي هتي هاڻي تازو ئي آيل هيا يا گهڻي وقت ڪان اتي رهيل آهن.

پنڌ ڪري ڪري جڏهن اچي ٿڪاسين ته مون واري دوست شعيب چيو ته يار هل ته هاڻي هوٽل تي هلي ٿورو تازا ٿي پوءِ پيٽ جي پوڄا ڪرڻ لاءِ ٿا نڪرون. شعيب منهنجو سئيڊن جو پهريون دوست آهي جيڪو مون کي سئيڊن ۾ پهرين ڏينهن آگسٽ 2008ع ۾ اسٽاڪهولم جي هوائي اڏي تان منهنجي دوست عالم صديقي جي چوڻ تي وٺڻ آيو هئو. شعيب آهي ته پنجابي پرسندس تعلق کي پي کي جي بنون شهر سان آهي. مون هڪ دفعي ڪانئس پڇيو هو ته اوهان جا وڏا بنون تائين ڪيئن پهتا. چيائين ته پاڪستان ٺهڻ ڪان پهريان اسان جا وڏا هندستان جي ڪنهن شهر ڪان لڏي اچي سيالڪوٽ ۾ رهيا هيا ۽ وري اتان ڪان

پوءِ منهنجو ڏاڏو بنون هليو ويو جتي منهنجو والد پيدا ٿيو ۽ اسان به اتي ئي پيدا ٿياسين، پر هاڻي سندس ماءُ ۽ پيءُ رڳو اتي ٿا رهن، باقي سندس ڪجھ پائر پنڊيءَ ۾ ٿا رهن ته ڪي وري يورپ اچي ويا آهن. پنجابين جي هڪ خاصيت آهي ته جتي به رهن ٿا اتان جي ٻولي ڪي ضرور سکن ٿا. شعيب به پنهنجي مادري ٻولي پنجابي ۽ قومي ٻولي اردو سان گڏوگڏ پشتو ۽ سئيڊش مڪمل ڄاڻي ٿو. مٿان وري پولش ٻولي به ٺوري اچيس ٿي جو سندس زندگي جي ساٿياڻي پولينڊ جي آهي.

هوٽل تي ڪجھ وقت ساهي پٽي پوءِ وري پيٽ جي پوڄا ڪرڻ لاءِ نڪتاسين. هلندي هلندي اچي ڪشميرين جي ڪاڌي واري هوٽل تي پهتاسين. اتي ماني ڪائيندي انهن سان ڪچهري پڻ ڪندا رهياسين، ميرپور جا سردار هيا. سو ڪشمير جي سردارن جو ٺاهيل ڪباب مالٽا جي گاديءَ واري شهر ويليٽا ۾ ڪائي ڍوءُ ڪيوسين. سردارن پنهنجا قصا ٻڌايا ته ڪٿان ڪٿان ڪان ٿيندا اچي هتي پهتا آهن. پاڻ ٻڌاياٸون ته هتي مالٽا ۾ پرمننٽ ريزيڊنٽ ملڻ ۾ پندرنهن سال لڳيو وڃن ۽ ان ڪان پوءِ به سندن مرضي ته شهريت ڏين يا نه ڏين.

صبح جو مزي سان تيار ٿي ناشتو پاڻي ڪري هلياسين شهر ڪي پيلڻ. ڏينهن جي روشني ۾ ٻاهر نڪرڻ ڪان پوءِ محسوس ٿيو ته هتي ٻلا ۽ ٻليون تمام گهڻا آهن، هر پاسي ٻلا ۽ ٻليون. اتي اهي رڳو ٻلا ئي ٻلا ڏسي مون ڪي موري جو سرهين جو پاڙو ياد اچي ويو، جتي گهٽن جون اڪيون شيريون آهن ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي ڪي يا شهر وارا ڪين ٻلا سڏين ۽ اهي يار به دل ۾ صفا ڪونه ڪن.

ويليٽا گهمڻ جو مزو پنڌ ۾ آهي ۽ اسان ڪيو به ائين، هڪ چيڙي ڪان شروع ڪيوسين ويندي ٻئي چيڙي تائين، اصل ۾ اهو گول ڦري پئي آيو، اسان ڪي اهو گول ڦيرو ڏيڻ ۾ تقريبن چار ڪلاڪ لڳي ويا ۽ اسان ان وچ ۾ گرانڊ هاربر، اپر باراڪا گارڊنس، فورٽ سينٽ المو، نيشنل وار ميوزم، لوئر باراڪا گارڊنس، آئوبرگي ڊي ڪيسٽيلي جي عمارت، سئج بيل وار ميموريل، هيسٽنگ گارڊنس، بيسيليڪا آف اورليڊي آف مائونٽ ڪارميل چرچ ۽ سينٽ پيليس پارش چرچ گهمي ڏٺاسين.

جتي جتي به گهمندا رهياسين ۽ جتان جتان به لنگهياسين شهر ۾ صفائي واهه جي نظر آئي، مطلب ٽيڪس جا پيسا صحيح ڪمن تي خرچ ٿيندا هوندا ۽ اتي ڦرلٽ ۽ ڪرپشن گهٽ يا نه هئڻ جي برابر هوندي. ڪرپشڻ تان ڳالھ ذهن ۾ آئي ته اڄ ڪلھ پاڪستان ۾ ڪرپشن جا قصا عام جام پيا ٻڌجن. ڪي ماڻهو ڪنهن جي ٿا حمايت ڪن ته ڪي وري ڪنهن جي، پاڻ هتي ڪنهن ڪي ڏوهي نه ٿا چئون، پاڻ رڳو هتي مولانا روم جي ڪتاب مثنوي مولانا روم ۾ لکيل هڪ حوالي ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون. مثنوي مولانا روم ۾ آهي ته ڪنهن به ڳالھ ڪي مڃڻ يا ڪنهن به ڳالھ تي يقين ڪرڻ ڪي ٽن طبقن ۾ ورهائي ان تي يقين ڪري سگهجي ٿو يا ان ڪي رد ڪري سگهجي ٿو. ان ۾ پهريون آهي علم اليقين، جنهن جو مطلب آهي ته جيڪڏهن ڪو چڱو، اعتبار وارو ۽ نيڪ انسان ڪا

ڳالهه ٻڌائي ته ان ڳالهه تي اعتبار کي علم اليقين چئبو، مثال طور ڪنهن شاهدي ڏني ته باهه ساڙيندي آهي. معني اهو اسان کي ڪنهن جي طرفان علم مليو ته باهه ساڙيندي آهي. ان سلسلي جي ٻي ڪڙي آهي عين اليقين ۽ ان بابت چيو ويو آهي ته اِهو اهو علم آهي جيڪو اسان پاڻ پنهنجي اکين سان ڏسون، جيئن باهه ۾ ڪنهن شئي کي سڙندي پنهنجي اکين سان ڏسون ته ان طبقي جي علم کي عين اليقين چئبو. ٽيون ۽ آخري طبقو آهي حق اليقين، معني اهو علم جنهن جو اوهان کي پاڻ ذاتي تجربو ٿئي، جيئن پاڻ جيڪڏهن باهه ۾ پنهنجو هٿ ساڙي ڏسون ته ان طبقي جي علم کي حق اليقين چئبو. هاڻي انهن ٽن طبقن يا بنيادن تي اوهان پاڻ حساب لڳايو ته ملڪ ۾ يا خاص طور تي سنڌ ۾ ڇا پيو ٿيندو رهيو آهي. اوهان ڪنهن جي واتان ڪا ڳالهه ٻڌي؟ اوهان ڪا شئي ٿيندي ڏٺي؟ يا اوهان تي ڪنهن شئي جو سڌي طرح اثر ٿيو؟ جيڪڏهن جواب ها ۾ آهي ته پوءِ اسان کي پنهنجي سوال جو جواب ملي ويو. ٻيو مثال ٻاهر جو حال اصل ۾ اندر جي حال جي خبر ڏيندو آهي. انسان جيڪڏهن اندران بيمار هوندو ته ان جي بيماري ظاهر مان نظر ايندي، اسان ۽ اسان جي شهرن جي حالت اصل ۾ وس وارن جي اندر جي حالت ظاهر ڪري ٿي.

واپسيءَ تي هلڪي ڦلڪي پيٽ جي پوڄا ڪري پوءِ هوٽل تي اچي ساهي پٽيسين. مان گهٽو ڪري ٽي وي ناهيان ڏسندو پر شعيب ٽي وي هلائي ته ٻين ڪوڙ چينلن سان گڏوگڏ برطانيه جو ڪو اردو چينل پڻ هليو پئي، جتي برطانيه جي يورپين يونين کان ڌارٿيڻ بابت ڳالهه ٻولهه هلي رهي هئي، جيڪا پوءِ ڦري سري پاڪستاني سياست تي اچي بيٺي.

شام ڌاري وري ٻاهر وياسين، ريپبلڪ اسٽريٽ، اولڊ منٽ اسٽريٽ، ٽريٽون ڦوهاري ۽ سٽي گيٽ جا چڪر ڏيندا رهياسين. يورپ جي ٻين ملڪن وانگي هتي به تقريبن ساڳي ڳالهه هئي، گهٽين ۾ ڪرتب ڏيکاريندڙ فنڪار، ڳائڻا، ڪاڌي جي هوٽلن ٻاهران گراهڪن کي اندر اچڻ لاءِ سهڻين ڇوڪرين جا سڏ ڪرڻ وغيره وغيره. اسان به دڪانن تان اگهه پڇائيندا پڇائيندا ۽ مختلف ڪاڌي وارين هوٽلن تي ڪاڌا ڏسندا اچي ميرپورڪشمير وارن سردارن جي هوٽل تي پهتاسين، جيڪو مليو شڪر ڪري ڪاڌوسين. رات دير تائين آءٌ ۽ شعيب هوٽل جي بالڪني ۾ ڪچهري ڪندا رهياسين. سمهڻ کان پهريان هوٽل جي بالڪني کان هيٺ جهاتي پائي ڏٺم، فرانس جي سفارتخاني جي ٻاهران گارڊ چوڪس بيٺل هيو.

ٻئي ڏينهن اسان ٽريٽون ڦوهارن وٽان بس ۾ چڙهي مالٽا جي پهرين گاديءَ واري شهر مدينه (جيڪو چون ٿا ته ڪي چارهزار سال کن پراڻو آهي) وياسين، هن شهرکي خاموش شهر پڻ سڏين ٿا. بس ۾ تقريبن اڌو اڌ ماڻهو آفريڪا جي ملڪن جا هيا ۽ ڪجهه ديسي هندساني پڻ. ويليٽا کان مدينه پهچڻ تائين بس تقريبن کي پنجاهه منٽ لڳايا. مدينه شهر ۽ رباط جو شهر پاڻ ۾ گڏ آهن. مدينه شهر کي چوڌاري پٽيون آهن ۽ اندرلاجواب ۽ طلسماتي شهر اڏيل آهي جتي اڄ به ماڻهو رهن ٿا. شهر جون تقريبن سڀ گهٽيون سوڙهيون آهن جن ۾ هر وقت سياح نظر اچن ٿا. شهر ٽڪري تي ٺهيل آهي ۽ اتان سمنڊ کي سولائي سان ڏسي يا انگريزي

۾ مانيٽر ڪري سگھجي ٿو. چون ٿا تہ اهو شهر ٽڪريءَ تي اڏيو ئي انڪري ويو هيو تہ سمنڊ تي ٻاهرين حملو ڪندڙن تي نظر رکي سگھجي، پر ان هوندي بہ انگريز ۽ عرب مٿائن حڪومت ڪري ويا.

مدينہ ۾ ڪارميلائيٽ چرچ، پلازو فالزون جي عمارت، سينٽ پائولس ڪيٿيڊرل، چيپل آف سينٽ آگاٿا چرچ، بانڪا جيوراٽالي جي عمارت، مدينہ ڊنجنس ( پراڻي دور ۾ شهر جا اندروني ڳجها رستا)، نونيري آف سينٽ بينيڊڪٽ (پراڻي دور جي عمارت جيڪا عورتن جي اسپتال هئي) ڏسڻ وٽان آهن. چون ٿا مدينہ جو شهر رات جو وڌيڪ سھڻو ۽ طلسماتي ٿي وڃي ٿو، ان ڪري رات جو پڻ گھمي ڏسجي پر سائين هاڻي ايترو وقت ڪنهن وٽ آهي جو رات تائين انتظار ڪجي.

اسان بہ جڏهن گھمي گھمي ٿڪاسين تہ اچي هڪ ڪاڌي پيتي واري هوٽل تي پهتاسين، اتي ڪم ڪرڻ وارن ۾ بہ ڪافي ديسي نظر آيا، هندستان جي آنڌرا پرديش ۽ تلنگانا رياستن جا هيا. انهن ۾ ہ ٽي نوجوان پڙهيل لکيل نظر آيا ۽ انهن سان ڳالھ ٻولھ شروع ڪئي سين تہ خبر پئي تہ انهن مان هڪ سول انجنيئرنگ ڪئي آهي ۽ ٻيو آئي ٽي پڙهيل آهي. مون پڇيومان تہ اوهان هتي ڪيئن پهتا. ٻڌايائون تہ اسان ليٿونيا جي شهر رگا جي يونيورسٽين ۾ داخلا ورتي ۽ اتي ڪجھ پڙهائي ڪرڻ کان پوءِ هتي اچي ويا آهيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن رگا ويندا آهيون جڏهن ڪو امتحان ڏيڻو هوندو آهي، نہ تہ هتي ڪمائڻ لاءِ هوندا آهيون. مون انهن کي سندن ٻوليءَ ۾ ہ اهي لفظ ٻڌايا جيڪي اسڪاٽلينڊ ۾ منهنجي يونيورسٽي جي هڪ آنڌرا پرديش جي ڪلاسي دوست مون کي سيکاريا هيا. ٻڌڻ کان پوءِ سندن کل آخر تائين نہ بيٺي، اهي بہ لفظ هتي ڏڪا لکي سگھجن.

يونيورسٽين تان ڳالھ ياد آئي تہ مالٽا ۾ 1592 ۾ هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي وئي هئي، جيڪا دنيا جي پراڻين يونيورسٽين مان هڪ آهي. هاڻي بہ مالٽا ۾ ڪافي تعليمي ادارا آهن جيڪي ملڪي توڙي ٻاهرين ملڪن جي شاگردن کي سولائيءَ سان داخلا ڏين ٿا. هتي جي يونيورسٽين ۽ ٻين تعليمي ادارن ۾ يونيورسٽي آف مالٽا، مالٽا ٽوئرازم ائنڊ لئنگويج انسٽيٽيوٽ، مالٽا ڪاليج آف آرٽس، سائنس ائنڊ ٽيڪنالوجي، آمريڪن يونيورسٽي آف مالٽا، سينٽ مارٽنس انسٽيٽيوٽ آف هائر ايجوڪيشن ۽ انسٽيٽيوٽ آف ٽوئرازم اسٽڊيز اچي وڃن ٿا.

مدينہ گھمڻ کان پوءِ اسان رباط جو رخ ڪيو ۽ اتي جي گھٽين ۾ گھمندا رهياسين، تان جو تمام تيز هوا شروع ٿي وئي جنهن اتي وڌيڪ بيهڻ نہ ڏنو. واپس ويليٽا جي بس ۾ چڙهي اچي هوٽل پيڙا ٿياسين. شام ۽ رات جو وري اهي ساڳيا هيڏانهن هوڏانهن جا چڪر ڏناسين، هاڻي ويليٽا جي سوڙهين، لهوارين ۽ چڙهائين وارين گھٽين کان چڱيءَ ريت واقفيت ٿي وئي هئي پر اها اسان جي اتي آخري رات هئي ۽ اسان کي بہ هتان وڃڻو هو جيئن مالٽا جا مالڪ پاڻ بہ هتان هليا ويا آهن، چون ٿا تہ مالٽا جا ماڻهو پنهنجي ملڪ کان

وڏيڪ آسٽريليا جي شهر ميلبورن ۾ ٽا رهن. شايد مالٽا جي ماڻهن کي سنڌن ملڪ ۾ رهڻ کو گهڻو پسند ناهي. آمريڪا جي مشهور ڳائڻي برٽني اسپيئرس جو پڙ ڏاڏو ايڊورڊ رچرڊ پورٽيلي پڻ مالٽا جو هيو ۽ اتي ئي ڄائو هيو، پوءِ هو پاڻ يا شايد سندس پيءُ آمريڪا لڏي ويو. رات جو وري هوٽل جي بالڪني مان ڏٺم، ساڄيو گارڊ فرانس جي سفارتخاني ٻاهران موجود هيو. ٻئي ڏينهن صبح جو اسان جي اسٽاڪهولم لاءِ واپسي هئي.

## يورپ جي مختلف ملڪن ۾ تجربي هيٺ آيل شين جون ساروڻيون

هتي سئيڊن ۾ يا ڪٿي ائين چئجي ته سڌريل ملڪن جي خانگي يا سرڪاري ادارن ۾ موجود وسيلن جو استعمال مناسب طريقي سان ڪيو ويندو آهي. آءُ اڄ ڪلهه اسٽاڪهولم

۽ ان جي آس پاس تمام وڏن ۽ ميگا پراجيڪٽس تي ڪم ڪان پهريان، ڪم دوران ۽ ڪم مڪمل ٿيڻ تائين ان علائقي ۾ زمين اندر موجود پاڻي تي ڪنٽرول يا نظر رکڻ واري پروگرام جو حصو آهيان. مون کي يا منهنجي ٻين ڪليگس کي جيڪڏهن ڪنهن پراجيڪٽ جي وزٽ ڪرڻي هوندي آهي ته اسان پهريان سسٽم ۾ گاڏي چيڪ ڪندا آهيون ته ڪهڙي گاڏي فارغ ۽ موجود آهي، پوءِ اها گاڏي پنهنجي نالي بک ڪري، پوءِ ڪٽي ويندا آهيون. سڀ تفصيل ڏيٽا هوندا آهن ته ڪهڙي پراجيڪٽ تي ويئو، پهريان گاڏي ڪيترا ڪلو ميٽر هليل هئي ۽ واپسي تي هاڻي ڪلو ميٽرجو ڪانٽو ڪٿي بيٺو آهي وغيره. گاڏي جيڪڏهن پنهنجي ڪنهن ذاتي ڪم ۾ استعمال ڪرڻي آهي ته اهو پڻ پهريان کان ئي ٻڌائبو جنهن جو ٽول ٽيڪس يا هڪ اڌ ٻيو ٽيڪس پاڻ کي ڀرڻو پوندو ۽ گهٽي قدر ذاتي ڪم لاءِ گاڏي تڏهن ئي ڪٽي سگهجي ٿي جڏهن اها ڪنهن پراجيڪٽ جي ڪم لاءِ بُک ٿيل نه هجي.

هتي انجنيئرس يا ٻين کي ڪنهن به قسم جو ڪو ڊرائيور، بورچي يا ملازم ناهي مليل هوندو. اسان پاڻ گاڏي ڪاهي پراجيڪٽس تي ويندا آهيون. سڄي ڏينهن ۾ جيڪي به پاڻي، چانهه يا ڪافي جا ڪوپ ۽ گلاس ٽيبل تي گڏ ٿيندا اهي وڃڻ کان پهريان ٿانون ڌوئڻ واري مشين ۾ وجهي پوءِ آفيس ڇڏيندا آهيون. هتي پوليس وارا به پنهنجي نوڪري جي وقت تي آفيس ۾ ايندا آهن، ڪپڙا مٽائي پوءِ نوڪري شروع ڪندا آهن، سرڪاري گاڏي به نوڪري دوران ۽ سرڪاري ڪم لاءِ استعمال ڪندا آهن، مجال آهي جو ڪو پنهنجن سادن ڪپڙن يا ذاتي ڪم لاءِ سرڪاري گاڏي اجازت کان بغير استعمال ڪري. ان حوالي سان پاڻ وٽ سنڌ يا پاڪستان ۾ ته ڪم ان جي بلڪل ابتڙ آهي، ان کي ڪي وڏي عياشي ۽ بادشاهي سمجهندا هوندا، ته ڪي وري ان کي بي حيائي. جيڪڏهن وچ ٽري ڳالهه ڪجي ته ائين چئي سگهجي ٿو ته اها غير مناسب ڳالهه آهي ته سرڪاري وسيلن کي پنهنجي ذاتي استعمال ۾ ڪتب آندو وڃي.

آسٽريا ۾ خاص ڪري ويانا ۾ تمام گهڻا ننڍا ننڍا ڪيفيٽيريا آهن، جتي ماڻهو ويهي سڪون سان ارد گرد جي ماحول جو مزو وٺي سگهي ٿو. هڪ دفعي آسٽريا جي شهر ويانا ۾ گهمڻ دوران اتان جي هڪ دوست کي مون چيو ته اوهان وٽ جيڪي ننڍا ننڍا ڪيفيٽيريا آهن انهن ۾ مون کي ويهي چانهه ۽ ڪيڪ جو مزو وٺڻ تمام گهڻو پسند آهي، ان تي ان ٻُڌايو ته هتي اهي جيڪي ڪيفيٽيريا آهن اهي هتي ترڪ ڪٽي آيا ها، ان کان پهريان هتي انهن شين جو رواج نه هو. مون کيس چيو ته مهرباني جو تو منهنجي ڄاڻ ۾ اهو واڌارو ڪيو.

هالينڊ جو شهر ايمسٽرڊئم به تمام سهڻو آهي، وچ شهر مان گذرندڙ ڪينال ۽ انهن جي مٿان وري پلين جي اڏاوت، رنگ برنگي عمارتون شهرکي انتهائي سهڻو ڪري پيش ڪن ٿيون. شهر ۾ سائيڪل جو استعمال تمام گهڻو آهي. هر ماڻهو تقريبن سائيڪل جي سواري کي پسند ڪري ٿو. هڪ دفعي آءٌ ۽ ڪجهه يونيورسٽي جا دوست شهر ۾ چڪر ڏئي

رهيا هئاسين تہ مون کي هوا ۾ چرس يا مارجوانا جي ڌپ محسوس ٿي، مون سوچيو تہ شايد کو پرسان لنگهي ويو هوندو جنهن جو چرس پيتل هوندو، پر سائين اها ڌپ وڃڻ جو نالو ئي نہ پئي وٺي، پوءِ اها خبر پئي تہ هاليند ۾ کيفيٽيريا ۾ ويهي اهڙي قسم جو نشو ڪري سگهجي ٿو جنهن کي اتي قانوني شڪل ڏنل آهي، ۽ اهو ائين تہ کيفيٽيريا وارا ٿوري مقدار ۾ پاڻ اها پوکي پوءِ تيار ٿيڻ جي صورت ۾ پنهنجي ئي کيفيٽيريا ۾ ان کي وڪرو ڪري سگهن ٿا ۽ اتي ئي ان کيفيٽيريا ۾ ئي ان جو استعمال قانوني آهي، ٻاهر کڻي وڃڻ، پيئڻ يا وڪڻڻ تي پابندي آهي. اهو منهنجي لاءِ هڪ نئون ۽ انوکو تجربو هو.

پنهنجي دوست مارڪ ۽ سندس گهر واري ناديہ سان هڪ ڏينهن اسان بيلجيم جي اتر ۾ شهر برجز جو رخ ڪيو، جنهن کي يورپ جي اتر جو وينس پڻ ڪوٺين ٿا. مارڪ ۽ سندس گهر واري مون کي چيو تہ اسان توکي ڪنهن بہ شئي جا پيسا پرڻ نہ ڏيندا سين. هنن ڪجهہ کائڻ پيئڻ جون شيون گهران ۽ ڪجهہ سپر اسٽور تان پڻ ورتيون. صبح جو سوير اسان روانا ٿياسين. برجز واقعي وينس وانگر پي لڳو، شهر جي وچ ۾ ڪينال ۽ انهن ۾ ٻيڙيون، ماحول ۾ ٿورو سيءُ محسوس پي ٿيو. برجز ۾ اسان چاڪليٽ ٺهڻ جون فيڪٽريون ڏٺيونسين. اتي جا مقامي وافل کائي ڏٺاسين. شهر ۾ موجود قلعا ۽ وڏا وڏا چوراها پڻ ڏسڻ جو موقعو مليو. برجز ۾ مون هڪ ڳالهہ نوٽ ڪئي تہ برجز جي مقابلي ۾ اٽلي جي شهر وينس ۾ تمام گهڻا سياح گهمڻ لاءِ اچن ٿا. باقي اٽلي جا شهر وينس ۽ روم ائين لڳندا ڇڻ نئيو بنگلاديش هجي، هر پاسي بنگالي نظر ايندا. هڪ دفعي مون وينس جي پرسان ايئر بي اين بي جو فليٽ ڪجهہ ڏينهن لاءِ بڪ ڪيو هو، هڪ ڏينهن شام جو ٻاهر نڪتس تہ هڪ وڏي پارڪ جي بينچن تي رڳو بنگالي ويٺل هئا، هر هڪ جي فون ڪنن تي ۽ بنگالي ۾ تيز تيز ڳالهائي رهيا هئا، شايد بنگلاديش ۾ پنهنجن پيارن کي پرديس جا حال احوال ڏيندا هوندا.

يورپ ۾ ماڻهو ٻن ڏينهن واري هفتيوار موڪل کي ڀرپور گذارين ٿا، بيلجيم ۾ ئي هڪ ڏينهن مارڪ، سندس گهر واري ۽ سندن ڏهاڪو کن دوستن مراڪش جي هڪ ريسٽورنٽ تي رات جي ماني کائڻ جو پلان ڪيو، ماني سان گڏوگڏ بيلي ڊانس جو بہ اتي اهتمام هو. ريسٽورنٽ تمام وڏو ۽ رش بہ تمام گهڻي هئي. ڪافي ماڻهن جو ماني طرف گهٽ ۽ بيلي ڊانسر طرف وڌيڪ ڌيان هو. ٻئي ڏينهن وري اسان سندن دوستن سان گڏجي بيڊ منٽن کيڏڻ ويا هئاسين جتي ناديہ منهنجا بيڊ منٽن کيڏڻ دوران ڪافي فوٽو بہ ڪڍيا ها.

روم شهر ۾ گهمندي گهمندي پياري دوست پريم ساگر سان گڏجي ويٽيڪن سٽي گهمڻ جو موقعو پڻ مليو، ويٽيڪن سٽي جي ڪيٿولڪ عيسائين ۾ وڏي مذهبي ۽ اهميت واري حيثيت آهي. جتي پوپ پنهنجو ديدار ڪرائيندو آهي. اتي ڪجهہ پاڪستاني سونهان بہ هئا جن چيو تہ اندر هن گرجا گهر ۾ هلڻ جو ارادو هجي تہ ٻڌايو، ان لاءِ هيتري في آهي ۽ اوهان کي لائين ۾ بيهڻو نہ پوندو، اسان کين چيو نہ اسان رڳو هتان ٻاهران ئي ڏسڻ لاءِ

آيا آهيون. ويٽيڪن سٽي جي حيثيت ته هڪ الڳ ملڪ جي آهي پر محسوس ائين ئي ٿيندو ته جڻ اٽلي جو ئي حصو آهي، هلندي هلندي خبر ئي نه پوندي ته ماڻهو اٽلي مان ويٽيڪن سٽي پهچي ويو.

اسٽاڪهولم ۾ منهنجي پاڙي ۾ هڪ فيملي هڪ ننڍي ڪتي کي ٻاهر پئي گهمائيندي آهي، اهو ڪُتو به ڏاڍو پيارو لڳندو آهي، سندس نالو شپ آهي. هڪ ڏينهن آءُ شام جو ڪاڏي ويس پي ته بس اسٽاپ تي ان ڪُتي کي سندس مالڪ سان گڏ بس جو انتظار ڪندي ڏٺم، مون کانئس پڇيو ته ڪاڏي پيا وڃو؟ چيائين ته شپ بيمار آهي سو هن کي جانورن جي اسپتال ٿا وٺي وڃان، سو به ڪلاڪ مني جي سفر تي. وڌيڪ ٻڌايائين ته هن پاڻ واري علائقي ۾ رڳو نارمل وقت تي جانورن جي اسپتال آهي، باقي ايمرجنسي ۾ ان فلاڻي جانورن جي اسپتال ۾ وڃڻو پوندو جيڪا هر وقت کليل هوندي آهي. مون کي اها ته خبر هئي ته انسانن جي علاج لاءِ ته هر وقت ايمرجنسي واري اسپتال هجي ٿي پر اها منهنجي لاءِ نئين ڄاڻ هئي ته جانورن جي لاءِ به هتي ايمرجنسي اسپتال آهي.

ناروي جا فيورڊز تمام گهڻا سهڻا ۽ مشهور آهن، فيورڊز دراصل سمنڊ مان نڪتل ڊگهو، سوڙهو ۽ گهرو پهاڙن جي وچ ۾ قائل هڪ پاڻي جو سلسلو هجي ٿو جيڪو اڳيان کان بند هوندو آهي. ڪافي وڏا پاڻي جا جهاز سياحن کي گهمائڻ لاءِ وٺي ويندا آهن. انهن فيورڊز کي وري پهاڙن جي مٿان ڏسڻ جو به پنهنجو مزو آهي. مون کي هڪ دفعي اوڏانهن وڃڻ جو موقعو مليو، ناروي جي شهر اسٽاوانگر شهر مان پاڻي جي جهاز ۾ چڙهي ٽائو شهر ۾ اچي لٿس، جتان وري بس ڪٽي اچي پري اکي اسٽولن جي پارڪنگ ايريا ۾ لاٿو، جتان ڪان پوءِ ٽريڪنگ شروع ٿي.

ٽريڪنگ چار ڪلوميٽر اوٽ ۽ چار ڪلوميٽر موٽ هئي، جنهن مان رڳو ست اٺ سئو ميٽر سڌي هئي باقي مٿي پهاڙ تي چڙهڻو هو. ڪافي ماڻهو آيا ويا پي. مون وٽ سنو ٿيو جو پاڻي جو بندوبست گهڻو هو، مون اتي هر ٻن ٻن منٽن ۾ پاڻي پي پيتو، چڙهائي انتهائي سخت هئي، واٽ تي آرام ڪرڻ لاءِ جايون پڻ هيون جتي  اتي ماڻهن جا خيما به لڳل هئا. خير سان جڏهن ٽريڪنگ پوري ٿي ته دل مان پاڻ ئي نڪري ويو "سبحان الله"، چا ته قدرتي خوبصورتي هئي. پري اکي اسٽولن جي پهاڙ تان فيورڊ بلڪل سامهون نظر ٿو اچي، ڪٿان شروع ۽ ڪٿي ختم ٿيڻ جي حد پڻ ماڻهو اتان ڏسي سگهي ٿو. پري اکي اسٽولن جي پهاڙ جي ٽاپ پنجويهه بائي پنجويهه جي آهي، جتي تمام گهڻي تعداد ۾ سياح موجود هجن ٿا ۽ بلڪل ڪناري تي ويهي ڦوٽو ڪڍائڻ جي لاءِ پنهنجي واري جو انتظار ڪن ٿا. مون ۾ همٿ نه هئي جو مان بلڪل ڪناري تي وڃي سگهان، هڪ ته فرش تمام لسو، مٿان وري ايڏي وڏي اونچائي، اتي مون ٻڌو ته سيلفين جا ڪي شوقين اتان ڪري پنهنجون حياتيون به وڃائي چڪا آهن. بهرحال، جڏهن ماڻهو پري اکي اسٽولن تان واپس اچي ٿو ته سندس مشڪ منفرد هجي ٿي ۽ اندر ۾ هڪ خوشي ته واهه منهنجا مولا  پنهنجي

خلقيل اهڙي قدرت تو مون کي ڏيکاري.

اسپين جي شهر علي ڪانتي ۾ ڪجهہ ڏينهن رهڻ جو موقعو مليو، مون اتي جيڪو گيسٽ هائوس بڪ ڪرايو هو ان جي ريٽنگ ڏهن مان ڏهہ هئي، وچ شهر ۾، ۽ مٿان وري سستو. اهو گيسٽ هائوس اٽلي جي هڪ ماءُ ۽ سندس ڌيءُ هلائي رهيون هيون. اصل ۾ اهو هڪ فليٽ هو، جنهن کي گيسٽ هائوس جي ڪمرن مطابق ترتيب ڏنو ويو هو. هي شهر جيڪو صوبو پڻ آهي، ان کي ميڊيٽيرينين سمنڊ جو اهو حصو لڳي ٿو جنهن کي ڪوسٽا بلانڪا بہ چيو وڃي ٿو ۽ اها سامونڊي پٽي تقريبن بہ سئو ڪلو ميٽرن تي مشتمل آهي. شهر ۾ سمنڊ سان گڏوگڏ پهاڙ بہ لڳي ٿو. سانٽا باربرا شهر جو مشهور قلعو آهي جيڪو شهر جي بيني ڪانٽل پهاڙ تي اڏيل آهي ۽ سياحن جو پاڻ طرف ڌيان ڇڪائي ٿو. علي ڪانتي جي معني آهي سٽي آف لائيٽس، علي ڪانتي ۽ بيني ڊورم جي وچ واري سامونڊي پٽي وارياسي آهي، جيڪا مون گهمي ڏٺي، مون محسوس ڪيو تہ بيني ڊورم ۾ ڪافي تعداد ۾ سئيڊش ماڻهو رهن ٿا يا انهن جا اتي فليٽ يا گهر ورتل آهن، جتي هو سال جا ڪجهہ مهينا گذارين ٿا. انهن سامونڊي وارياسن ڪنارن ۽ پٽين تي اهو ساڳيو ماحول هجي ٿو يعني پاڻي ۾ تڙڳڻ ۽ وري اچي اس ۾ واريءَ تي ليٽي بت سيڪڻ.

علي ڪانتي کان هڪ ڏينهن جو بنيول لاءِ منهنجو ٽرپ بڪ ٿيل هو. صبح سوير ئي تيار ٿي اچي مقرر جاءِ تي پهتس، جيڪا آءُ هڪ ڏينهن اڳ ئي ڏسي ويو هوس. هن ٽرپ ۾ علي ڪانتي کان بنيول تائين ڪوسٽر جو سفر، لا ٽوماٽينا فيسٽيول جي اينٽري ۽ شرٽ شامل هئي. ڪوسٽر ۾ آمريڪن، روس، انگليند جا ماڻهو شامل هئا. بنيول پهچڻ کان پوءِ اتي اندازو لڳو تہ هن تهوار ۾ انڊيا جا بہ تمام گهڻا ماڻهو اچن ٿا شايد ان ڪري جو هن لا ٽوماٽينا فيسٽيول جو ذڪر ۽ ڪلپ بالي ووڊ جي هڪ فلم "زندگي نہ ملي گي دوبارا" ۾ پڻ آهي ۽ اتي ڪجهہ ماڻهن واقعي بہ ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ اسان هن فيسٽيول جو ذڪر ان فلم ۾ ئي ٻڌو هو ۽ ان ڪري ئي هتي آيا آهيون.

لاٽوماٽينا اصل ۾ هڪ ٻئي مٿان ٽماٽا ڦسائي اڇلائڻ آهن. هڪ ڪلاڪ جو اهو فيسٽيول بنيول جهڙي ننڍي شهر ۾ لکين يوروز جي اڪانومي انجيڪٽ ڪري ٿو وڃي. آءُ جنهن ڏينهن اتي بنيول ۾ لاٽوماٽينا فيسٽيول ۾ هيس تہ منهنجي ننڍي ڀيڻ خيرالنساءِ (جنهن امان جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اسان جي ماءُ وانگر ئي سار سنڀال ڪئي) کي ڪڪي ڄائي هئي، جنهن جو نالو همايل رکيو ويو آهي پر آءُ وري ان کي لاٽوماٽينا جي فيسٽيول جي ياد جي طور تي ۽ پيار مان ٽماٽو چوندو آهيان. مالڪ سائين سڀني جي نياڻين جا ڀاڳ بخت بلند فرمائي.

لنڊن ۾ زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي ۾ آءُ، ڀائو مشتاق، ادي سڪينہ ۽ سندن ٻار معز ۽ سالار، آڪسفورڊ اسٽريٽ جي ڪنهن اسٽيشن تان اچي ريل گاڏي ۾ ويٺاسين. هڪ ٻن اسٽيشنن کان پوءِ هڪ گوري ڇوڪري بہ اچي ساڳئي ڊبي ۾ ويٺي. جيئن جيئن گاڏي هلڻ

شروع ڪيو تيئن تيئن ان گوري ڇوڪريءَ جي اکين مان بہ ڳوڙها ھلڻ شروع ٿيا ۽ ھلندي ھلندي ڇوڪري جي ڳلن تان ترڪندا سندس ڪپڙن تي ٿي ڪريا.اھڙن ڪوڙ ڪردارن خاص ڪري ڇوڪرين ڪي مون يورپ جي مختلف ھوائي اڏن ۽ ريلوي اسٽيشنن تي روئندي ڏٺو آھي.اسان سنڌي بہ سائين حساس , ان گوري ڇوڪري ڪي روئندو ڏسي اسان بہ ٿورو غمگين ٿي وياسين، پر مون ڏٺو تہ ادي جي اکين ۾ تہ ذري گھٽ ڳوڙھا تري آيا. ان گوري ڇوڪري سان الائي ڪھڙي ويڌن ھئي، جيڪا خبر خدا ڪي ڀي ان ڇوڪري ڪي. بھرحال جلد اسان جي اسٽيشن اچي وئي ۽ اسان وري لنڊن جي گھما گھمي واري زندگي ۾ روان دوان ٿي وياسين.

سئٽزرلينڊ آھي تہ ننڍو ملڪ پر ملڪ ۾ ٽي مکيہ ٻوليون فرينچ، جرمن ۽ اٽالين ڳالھائيون وڃن ٿيون. پاڻ وٽ تہ جتي آيو ماڻھو سگريٽ ڇڪن ٿا ، سئيڊن ۾ مخصوص جاءِ ڪان سواءِ سگريٽ جتي ڪٿي نٿو ڇڪي سگھجي، پر ھڪ دفعي مون سئٽزرلينڊ ۽ بيلجيم ۾ ماڻھن ڪي عام جام جتي ڪٿي سگريٽ ڇڪيندي ڏٺو، شايد ھاڻي اتي بہ قانون سخت ٿي ويا ھجن.

## سڊني آسٽريليا ۾ الطاف سان رولاڪيون

ڪٿان جا آھيو؟ سکرنڊ ۽ موري جا، وراٽيوسينس، اوھان ڪٿي جا آھيو؟ چيائين مان خيرپور ميرس جو آھيان پر سڊني ۾ گذريل ٽيھن سالن کان رھان ٿو. اوبر ٽيڪسي جو ڊرائيور ھيو تہ پنجابي پر سنڌي صاف پئي ڳالھايائين، بلڪ چيائين تہ مون کي خوشي پئي ٿئي جو مان سنڌي گھڻي وقت کان پوءِ پيو ڳالھايان، ھونءَ بہ سنڌي ۽ پنجابي ۾ تمام گھڻا

لفظ ۾ جملا بلڪل ساڳيا آهن. سفر وڏو هو، اسٽاڪهولم کان دبئي، وري دبئي کان بئنڪاڪ ۽ پوءِ وري بئنڪاڪ کان سڊني. هوائي اڏي کان ٻاهر آيس ته الطاف مظهر آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ خيرپور واري سائين جي ٽيڪسي ۾ سڊني يونيورسٽي جي پرسان رهائش تي پهتاسين. گهر ۾ اندر گهڙياسين ته مون سوچيو ته شايد ڪنهن ڇانوڻي ۾ پهچي ويا آهيون، صوفن تي فوجي ڊريسون پيون هيون. الطاف ٻڌايو ته هي گهر اتر سنڌ جي ڪنهن سنڌي جو آهي، جيڪو آسٽريليا ۾ ڪي 32 سال کن پهريان آيو هو، پر هاڻي ڳوٺ ٿو رهي ۽ هتي سندس پٽ اڪيلو ٿو رهي، جيڪو هتي آسٽريليا جي فوج ۾ آهي. ان آسٽريليا جي سنڌي فوجيءَ سان به ملاقات ٿي. سندس لهجو انگريزي سنڌي گاڏڙ هو. الطاف مون کي مونواري سمهڻ واري ڪمري ۾ هٿيڪو ڪري پاڻ يونيورسٽي هليو ويو، مون به ڪجهه آرام ڪري ورتو. شام جو واءُ سواءُ تي نڪتاسين. هئي ته سياري جي مند پر سڊني ۾ ايترو سيءُ ڪو نه هو.

الطاف يونيورسٽي جو ٽڪڙو چڪر لڳرايو، ساڳيا ڇوڪرا ڇوڪريون، ڪمپيوٽرن جي اسڪرينن جي اڳيان ويٺل، ٽيبلن تي ڪتاب، چانهه يا ڪافي جا ٿرماس، ڪجهه کائڻ پيئڻ جو سامان، مون کي اسٽاڪهولم جو رائل انسٽيٽوٽ آف ٽيڪنالاجي ۽ اسٽاڪهولم يونيورسٽي جو بزنس اسڪول ياد اچي ويو، جتي آءُ پاڻ انهيءَ ساڳئي ماحول جو حصو رهيو آهيان. اتان کان پوءِ ريل گاڏي ۾ چڙهي، سڊني جي سي بي ڊي يعني سينٽرل بزنس ڊسٽرڪٽ ۾ آياسين، پوءِ پنڌ ئي پنڌ گهمندا اچي جڳ مشهور سڊني جي اوپرا هائوس تي پهتاسين، وڏي رونق لڳي پئي هئي. يانت يانت جا ماڻهو پئي ڦريا. هڪ ڇوڪري ته لڳي پيو ته الائي سڌو هوائي اڏي تان هتي آئي هجي، سندس وڏو ٿيلهو ساڻس گڏ هيو ۽ فوٽو پئي ڪڍيائين، اسان پڇيوسينس ته يا ته تون سڊني هاڻي پهتي آهين يا ته اڄ تون واپس پئي وڃين، ڪلي چيائين ها بلڪل صحيح ٿا چئو، هاڻي ئي سڊني پهتي آهيان ، اصل ۾ انگلينڊ جي آهيان، ڪيس رات جو اوپرا هائوس جا فوٽو ڪڍڻا هئا. اسان به ڪيس پنهنجي ڪيميرا ڏيندي چيوسينس ته اسان ٻنهي جا به ڪجهه گڏ فوٽو ڪڍ.

اتان واپسي تي اسان ڊارلنگ هاربر جي علائقي ڪوڪل بي تي پهتاسين ته هڪ پاسي وڏيون عمارتون ته ٻئي پاسي هاربر جي پاڻي جو نظارو، عمارتن اندر ٻرندڙ بتين جي روشني جڏهن پاڻي تي پئي ته ڪم صفا رومانوي پئي لڳو. هر طرف ڪاڏي پيتي جا هوٽل نظر آيا، بک به لڳل هئي ۽ مٺان وري ڪاڌن جي خوشبو اڳتي وڌڻ کان روڪيو، اتي ئي رات جي ماني کائڻ جو پروگرام ڪيوسين. صلاح بيٺي ته اڄ آسٽريليا جي مشهور سلو روسٽ لئمب شانڪ کائجي، سولن اڪرن ۾ رڌ جو گوشت آهستي آهستي پچايل هو، ايسٽائين جو وچي صفا نرم ٿي کائڻ جي لائق ٿئي. ان سان گڏ وري پٽاٽو ماش، ٻين لفظن ۾ پٽاٽن جي ڪريم ڏنائون، کائي ڍئو ڪيوسين.

واپسي تي رهائش واري پاسي ويندي سيون اليون تان چانهه ورتيسين، دڪان تي ڪم ڪندڙ همراهه لاهور جو هو. چيائين صبح جو پڙهائي ۽ هتي رات جو نوڪري، پڙهائي

جي پڙهائي ۽ خرچ جو خرچ. ترقي يافته ملڪن ۾ پڙهائي لاءِ ايندڙ ديسين جي هڪ حقيقت.

سيون اليون کان ٻاهر نڪتاسين ته هڪ نوجوان جوڙو پاڻ ۾ پاڪرن ۾ ورتل هو، رڪي رڪي هڪ ٻئي کي چميون به ڏنائون پئي، نه چوڪري کي ڪاري ٽيڻ جو ڊپ ۽ نه ئي وري چوڪريءَ کي ڪاري ٽيڻ جو. اسان به چانهه جا ڍڪ هٽندا اچي انهيءَ هڪ فوجيءَ واري چانوٽي ۾ گهڙياسين، ٻئي ڏينهن اسان کي سڊني جي پرسان هنٽر ويلي گهمڻ لاءِ وڃڻو هو جنهن جي اسان اڳواٽ بڪنگ ڪرائي ڇڏي هئي. سمهڻ کان پهريان آن لائن سنڌي اخبارون پئي پڙهيم، سوچيم ته الله ڪري اهڙي ڪا خبر اڳيان نه اچي جنهن ۾ ڪنهن نياڻي نماڻي کي ڪاري ڪري ماريو هجين.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اٿي تيار ٿي وقت تي سڊني جي ريلوي اسٽيشن جي پرسان ٻڌايل روڊ تي اچي بيٺا سين، اسان اڃا چانهه به ختم نه ڪئي هئي ته دائود ( ڊيوڊ) پنهنجو ڪوسٽر ڪاهي آيو. ڪجهه گهوماڪڙ اڳ ۾ ئي ويٺا هئا،اسان به بسم الله ڪري چڙهي ويٺاسين. هڪ ٻن بين جڳهين تان به سياح چڙهيا. آخر ۾ انگليند جون ٽي چوڪريون چڙهيون ۽ قافلو هنٽر ويليءَ طرف روانو ٿيو. انگريز چوڪرين سان ڳالهه ٻولهه ٿي ته ٻڌايائون ته ٽنهي ڇٽين ڏندن جي ڊاڪٽري پڙهي پوري ڪئي آهي ۽ هاڻي آسٽريليا گهمڻ آيون آهن. هنٽر ويلي سڊنيءَ کان تقريبن 120 ڪلو ميٽر اتر ۾ نيو سائوٿ ويلز جو علائقو آهي ۽ علائقي تي نالو 1797 ۾ برطانيه جي نيو سائوٿ ويلز تي مقرر ڪيل گورنر ڪيپٽن جان هنٽر جي پويان رکيل آهي. دائود گاڏي هلائڻ سان گڏوگڏ علائقي جي باري ۾ پڻ ٻڌائيندو پئي هليو. ڪن غور سان پئي ٻڌو، ڪن ٻڌو اڻ ٻڌو پئي ڪيو پر همراهه رڳو پئي ڳالهايو جيڪو سندس نوڪري جو حصو هئو. تقريبن ٽيهارو ڪن ڪلو ميٽر اسڪوائر تي ڦهليل هن هنٽر ويلي ۾ 150 جي لڳ ڀڳ وائنريز آهن جتي مقامي توڙي ٻاهرين ملڪن جا سياح اچن ٿا ۽ مختلف وائنريز ۾ وائن کي پرکين ٿا. دائود ٻڌايو ته هي علائقو آسٽريليا جو مشهور ۽ پراڻي ۾ پراڻو وائن پيدا ڪندڙ علائقو آهي. هنٽر ويلي ۾ جهنگلي ڪئنگرو به جام هئا، ٿورو ويجهو وڃجي ته ڀڄي پئي ويا. وائن ٽيسٽ ڪرڻ وارن وائن پئي ٽيسٽ ڪيو، الطاف ۽ مون ڪئنگرو پئي ڳٺيا. شام جو دير سان واپسي ٿي.

ٽيون ڏينهن اسان رڳو سڊني کي گهمڻ لاءِ رکيوسين. انهيءَ هڪ فوجيءَ واري چانوٽي مان نڪري سڌو سڊني يونيورسٽي آياسين، جيڪا پنڌ ئي پنڌ رڳو ڪجهه منٽن جي فاصلي تي هئي يا پاڻ جنهن کي سنڌي ۾ چئون ته سڏ پنڌ تي هئي. سڊني يونيورسٽي ۽ سڊني شهر ۾ گهٽي ۾ گهٽا چيني نظر ايندا. اڄ اسان سڊني جو اوپيرا هائوس ڏينهن جي روشني ۾ ڏٺو. الطاف کي انهن سيني جائين جي خبر هئي ته ڪٿان کان ڦوٽو سٺا ايندا، ڪٿي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ان هنڌ پهتاسين ته ڪٿي پنڌ ئي پنڌ. سڊني جي مشهور پل پڻ گهمي سين. پل تان اوپيرا هائوس جو نظارو پلو هو ۽ هيٺان وري گذرندڙ ٻيڙين پڻ ماحول کي لاجواب پئي ڪيو.

سڊني جو سي بي ڊي يعني سينٽرل بزنس ڊسٽرڪٽ انتهائي سهڻو علائقو آهي. تمام وڏيون عمارتون، ماڻهن جي اچ وڃ ، گهما گهمي، زندگي روان دوان، هي ڪارپوريٽ ورلڊ جو نمايان مثال آهي. مون کي وڪٽوريه بلڊنگ تمام گهڻي وڻي، تمام حسين جهڙي اندران تهڙي ٻاهران. اندر تمام گهڻا سجايل دڪان اٿس، جنهن کي وڻي سامان وٺي. شام جو الطاف ۽ مان وري تيار ٿي سڊني ۾ رهندڙ منهنجي هڪ پراڻي قلمي دوست سان ملڻ لاءِ وياسين. قلمي دوستن سان ملڻ جو به هڪ پنهنجو مزو آهي، ڪافي ڪچري ٿي، نه چاهيندي به اٿياسين جو ٻئي ڏينهن وري اسان کي صبح سوير اٿڻو هو، ڪنهن ٻئي ماڳ جي کوجنا ڪرڻ لاءِ.

جروس بي ۽ هائمز بيچ تي وڃڻ لاءِ اچ 2 ڇوڪريون ڪوسٽر ڪاهي آيون. هڪ آسٽريلين ۽ ٻي وري ڊينمارڪ جي هئي، شايد ورڪنگ هاليڊيز تي آيل هئي. هن ٽرپ ۾ اچ رڳو شاگرد هيا، جيڪي سڊني جي مختلف يونيورسٽين جا هيا، ڪي ايڪسچينج ته ڪي پروگرامن ۾ داخل هيا. الطاف اتي ڪافي شاگردن کي پڻ سڃاڻي پيو جيڪي سندس هاسٽل واري بلڊنگ ۾ رهندا هئا. سفر جي دوران ڊينمارڪ واري سونهين ڇوڪريءَ تمام ڪليل ۽ ڪچا سوال پئي ڪيا جيڪي هتي لکي نه ٿا سگهجن، انهن سوالن جا جواب يورپ جي ٻين ملڪن جي ڇوڪرين پڻ ڏيڻ کان پئي شرمايو.

جروس بي ۽ هائمز بي نيو سائوٿ ويلز جي ڏکڻ وارو سامونڊي ڪنارو آهي، جيڪو دنيا ۾ سندس اڇي واريءَ واري ڪناري طور مشهور آهي. اتي پهچڻ کان پوءِ اسان هڪ ٻيڙي ۾ چڙهياسين، تقريبن 25 کن سياح هئاسين. ٻيڙي پهريان ته تمام تيزي سان هلي وچ سمنڊ ۾ هلي بيٺي جتان پوءِ اتان کان آهستي آهستي ڊولفن مڇين کي ڳولهڻ لڳاسين، ڪافي تعداد ۾ هيون جيڪو سڄو سال اتي موجود هجن ٿيون. اتي ڪڏهن ڪڏهن وهيل به اچيو وڃي، بهرحال اسان کي ڊولفن کان سواءِ ٻيو ڪجهه نظر نه آيو. ڪنارو انتهائي سهڻو ۽ صاف سٿرو هيو، جيئن اتي اجا سيارو هو ان ڪري گهڻا ماڻهو ڪناري تي نه هيا. جروس بي ۽ هائمز بي پنهنجي قدرتي خوبصورتي سان گڏوگڏ ڪايڪنگ، پيڊل بورڊنگ، سيلنگ ۽ اسڪوبا ڊائيونگ جي ڪري پڻ گهڻا مشهور آهن. واپسي تي رات جو اسان منهنجي رائل انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالوجي اسٽاڪهولم جي هم ڪلاسي پيٽي ڊيوس سان ملاقات ڪئي ۽ ڪافي وقت ڪچهري ڪندا رهياسين، ڊيوس ٻڌايو ته سندس چار نسل پهريان اسڪاٽلينڊ کان ڪوئنزلينڊ آيا هيا. ڊيوس هاڻي سڊني جي ٽرانسپورٽ واري کاتي ۾ انجنيئر آهي. ٻئي ڏينهن صبح سوير الطاف ۽ مون کي سڊني کان ميلبورن ريل رستي منهنجي دوست رابرٽ وٽ ٽن ڏينهن لاءِ وڃڻو هو ۽ اچ اسان الطاف واري هاسٽل تي ئي رهياسين.

ميلبورن کان واپسي تي مون وٽ رڳو هڪ ڏينهن هيو، يا ته ماڻهو بس آرام ڪري جو اڳيان وري وڏو سفر هيو، يعني سڊني کان دبئي 14 ڪلاڪ رڳو جهاز ۾ وري دبئي ۾ ڪجهه ڪلاڪ انتظار ۽ وري ڪراچي ۽ پوءِ وري موري. اسان جي موري ۾ سائين عباس

علي شاهه هوندو هيو، مالڪ جنت نصيب ڪريس، سائين چوندو هو تہ بابا بادامي پلي ڪڙي هجي پر تيل ان مان بہ ڪيبو آهي، اهو ئي سوچيم پئي تہ هتي سدني ۾ هڪ ڏينهن چو خراب ڪيان. ٽڪ تہ ضرور ٿيندو پر هڪ ٻہ ٻيون جايون چونہ گهمي وٺان. انهيءَ آخري ڏينهن تي الطاف ۽ مون بليو مائونٽين ۽ جينولن غار گهمڻ جو رٿيو.

ساڳي جاءِ تان وري اسان جو سفر شروع ٿيو، ڪوسٽر هلائڻ وارو بہ ساڳيو تہ سونهون بہ ساڳيو. ڏاڍو تا ڳالهائين سائين، صفا ٽڪجن ئي ڪونہ ٿا. پهريان بليو مائونٽين تي وٺي آيو، انتهائي دلڪش ۽ سهڻو نظارو هيو، هتي بہ ماڻهو مختلف شيون جن ۾ راڪ ڪلائمبنگ، جبلن ۾ سائيڪلون هلائڻ، هائيڪنگ ۽ ڪئمپنگ ڪري سگهي ٿو. اسان اتي ٻيهي پري ڪان ئي جيميسن ويلي، ٿري سسٽرز، سوليٽري پهاڙ ۽ نارونيڪ پلاٽو جو ديدار ۽ نظارو ڪيو، چاڪاڻ تہ اتي ٻيون شيون ڪرڻ لاءِ ڏينهن گهرجن. آخر ۾ اسان قدرت جا خلقيل غار ڏسڻ وياسين. اندر گهڙڻ کان پوءِ سج جي روشني ٻاهر رهجي وئي، انهن غارن ۾ بہ وري مختلف روٽ هيا، ڪن سياحن جو ڪو ٽرپ بڪ هيو تہ ڪن جو وري ڪو ٻيو،اسان جنهن غار ۾ وياسين ان جو نالو هيو لوڪس جيڪو 1860 ۾ لڌو هو. تقريبا اسان ڪلاڪ اندر هئاسين، چن جي پٿر جا اهي غار هيا، هٿ نہ لائڻ جي لاءِ هر هر پئي چيائون. غار تمام وڏا آهن ۽ ڪوڙ اندر ۽ ٻاهر وڃڻ جا رستا آهن پر چون ٿا تہ اجا انهن تي وڌيڪ کوجنا جاري آهي. اندر چن جي پٿرن جون عجيب و غريب شڪليون نظر اچن ٿيون، هر جڳهہ تي روشني جو بندوبست ڪيل آهي تہ جيئن سياح سولائي سان هن قدرت جي عجوبي کي ڏسي سگهن.

## خوشبوئن جي شهر پئرس جون سار وڻيون

يورپ ۾ رهڻ دوران خوشبوئن ۽ پيار جي شهر پئرس ۾ منهنجن دوستن پئٽرڪ ۽ ڪرسٽين وارن وٽ منهنجو ڪافي دفعا وڃڻ ٿيو آهي. جڏهن بہ وٺي ملندي آهي تہ ڪا سستي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ وٺي هليو ويندو آهيان. يورپ ۾ هونءَ بہ بس يا ريل گاڏي مهانگي ۽ جهاز سستو ٿو پوي، سو وقت ۽ پيسو بہ بچيو وڃي.

هڪ دفعي آچر واري ڏينهن صبح سوير ڪرسٽين منهنجي ڪمري جو دروازو کڙڪايو ۽ چيائين تہ اسان قبرستان ٿا وڃون ۽ تون بہ جيڪڏهن هلڻ چاهين تہ هلي سگهين ٿو، پاڻ سندس ڏاڏيءَ جي قبر تي وڃي رهي هئي. منهنجي هڪ دل چيو تہ اجا ٿورو آرام

ڪجي، پر پوءِ مون سوچيو تہ اهو هڪ نئون تجربو ٿيندو، سو سمهڻ ڪي چڏ. مون چيو مانس تہ مون ڪي اڌ منو ڪلاڪ ڏيو تہ تيار ٿي وڃان. قبرستان ۾ پهچڻ سان ڪرسٽين سندس ڏاڏيءَ جي قبر تي گلن جون نيون ڪونديون رکيون، ۽ پراڻن گلن ڪي پاڻي ڏنو، ۽ ٿوري صفائي ڪئي. مون ٿورو غور ڪيو تہ هن قبر تي هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهن جا نالا لکيل هئا، آءٌ ٿورو سوچ ۾ پئجي ويس تہ اها ڪهڙي ماجرا آهي ۽ رهيو نہ ٿيو سو مون ڪائن ان بابت پڇيو. سندن مطابق تہ هتي هڪ قبر ۾ ٻہ يا ٽي مردا ٻہ دفنائي سگهجن ٿا. هتي، خاص طور تي هن قبرستان ۾ جاءِ وٺڻ ڏاڍي مهانگي آهي ۽ ان جو حل اهو آهي تہ هڪ ئي قبر ۾ هڪ ئي خاندان جا ماڻهو دفنائجن ۽ ان ڪي ممڪن ڪرڻ لاءِ قبر ڪي تمام اونهون کوٽي ان جي پٽين ۾ ڪاٺ جي تابوتن ۾ مُردن ڪي دفنايو وڃي ٿو. اها قبر شايد ٻن ماڻهن لاءِ هئي يا شايد اجا ٻہ وڌيڪ گنجائش واري هجي ٿي. هن قبر ۾ ان وقت تائين ڪرسٽين جي ڏاڏي ۽ ڏاڏو دفنايل هئا. پوءِ ٿورو غورڪرڻ ڪان پوءِ مون اهڙي قسم جون قبرون سئيبن ۾ ٻہ ڏٺيون جن تي پنج پنج نالا ٻہ لکيل هئا.

مزي واري ڳالهہ تہ هي قبرستان مون ڪي خوفناڪ بنهہ ڪونہ لڳو، چڻ تہ ڪنهن باغ يا پارڪ ۾ آيا هجون، هرطرف وڻ، چبر ۽ گل ٻوٽا. نہ ڪو قبرن وٽ موالين جا ديرا ۽ هيروئنين جون آماجگاهون ۽ نہ ئي قبرون ڊاهي گهر اڏيل. هتان جا قبرستان ٻہ اسان جي گهٽن شهرن ڪان وڌيڪ صاف سٿرا ۽ خوبصورت ٿين ٿا.

فرينچ قوم انگريزن يا انگريزي ڪي ٿورو گهٽ ئي پسند ڪري ٿي پر چيز سان تمام گهڻو پيار ڪري ٿي، هر ويلي تي مختلف قسم جو چيز نہ ڪاڏن تہ چڻ ماني ئي نہ ڪاڏن. فرانس ۾ هاڻي ننڍي عمر جا نوجوان جيڪي يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن اهي هاڻي انگريزي ڄاڻن ٿا پر جيڪڏهن ڪير شهر ۾ ڪٿي پلجي پوي ۽ ڪنهن وڏي عمر واري ماڻهو ڪان ڪٿي انگريزي ۾ ڪو ڏس پتو پڇي تہ بنهہ ڪونہ مدد ڪندو، ماڻهو ڄڻ ڦاسيو پوي. فرانس جا ماڻهو ٿوري ڳالهہ ڪي تمام وڏي ڪري پيش ڪرڻ جا عادي آهن. پوءِ پلي اهو ڪو ننڍو مسئلو ئي چونہ هجي يا ڪا ننڍي خوشي يا ٿورو ڪٽي مٽي ۾ سور، آسمان مٿي تي ڪڻندا. ڪرسٽين جي مطابق تہ فرانس ۾ عربن ۽ آفريڪا جي ماڻهن ڏاڍا مسئلا پيدا ڪيا آهن، سندس چواڻي تہ هنن جو پهريون نسل جيڪو فرانس ۾ لڏي آيو هو انهن هتي وڏي محنت ڪئي، پر هاڻي ٻيون ۽ ٽيون نسل بلڪل محنت نہ ٿو ڪري، نہ ٿا گيس ۽ بجلي جا بل ڏين ۽ رڳو نشي آور شين جو وڪرو ڪري سولائيءَ سان پيسا ٿا ڪمائين ۽ انهن جي علائقن ۾ وڃڻ ٻہ خطري ڪان خالي ناهي، پر ساڳئي هنڌ ڪافي فرينچ ڇوڪرين يا ڇوڪرن عربن يا آفريڪن سان شاديون ٻہ ڪيون آهن.

پئرس ۾ زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي (جنهن ڪي اتي ميٽرو چون) جي نظام ڪي ٻہ سمجهڻ ۾ شايد عرصو لڳيو وڃي. ڪرسٽين ۽ پئٽرڪ سڄي عمر اتي ئي رهيا آهن، پر تنهن هوندي ٻہ ڪرسٽين جڏهن اڪيلي وڃي تہ پلجيو پوي، پوءِ ان آزار ڪان بچڻ لاءِ گهڻي

قدر ڪار جو استعمال ڪري. ماڻهو فرانس ۾ به ريل جي اڳيان ٽپو ڏئي خود ڪشي ڪن، اهڙي صورت ۾ سڄي ريل گاڏي خالي ڪرائي واپس گئراج ۾ موڪلين ۽ ان کي اتي مڪمل صاف ڪري پوءِ ٽريڪ تي ڇڏين. ڪنهن همراهه جيڪڏهن ريل اڳيان خود ڪشي ڪئي ته ڇڙ ڊرائيور جي سوٽلي ڪلي، ڪيس ٻن چئن ڏينهن جي لاءِ آرام ڪرڻ جي موڪل مليو وڃي، اهو رڳو ان ڪري آهي ته متان اهو واقعو ڊرائيور جي ذهن تي نه سوار ٿي ويو هجي ۽ ڪو وڏيڪ نقصان نه ٿي پوي.

پئرس ۾ ڏوهه به ڪافي ٿين ٿا، خاص ڪري ٻشني ڪيسن مان پرس يا موبائل فونون ڪڍڻ يا خاص ڪري عورتن کان ڪا شي ڦري ڀڄيو وڃن. نئين يا سياح ماڻهو کي تمام گهڻو چوڪس رهڻو پوي ٿو. اهڙن ڏوهن ۾ خاص ڪري اهي ماڻهو ملوث آهن جيڪي فرانس ۾ غير قانوني آيل آهن ۽ پيٽ گذر ۽ پيسا ڪمائڻ لاءِ ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار آهن. پوليس انهن تي ٿورو دٻدٻو ڪري وري ڇڏيو ڏئي.

پئرس ۾ اونهاري جي موسم ۾ تمام گهڻا سياح اچن ٿا، ٽولن جي صورت ۾ هر پاسي نظر ايندا. وڏا وڏا شاپنگ مال ۽ وري انهن ۾ خوبصورت چهرا، پرسان لنگهن ته ڪافي دير تائين نه خوشبو وڃي ۽ نه ئي انهن جو خيال. هونءَ به پئرس حسن، خوشبو ۽ پيار جي حوالي سان مشهور آهي.

جڏهن به ڪرسمس واري ٽائيم ۾ خوشبوئن جي هن پئرس شهر ۾ وڃڻ ٿيو آهي ته جڳ مشهور شانزي ليزي اسڪوائر جو چڪر ضرور لڳو آهي. ڪرسمس واري ٽائيم ۾ اتي وڏو ميلو متل هوندو آهي. ننڍا وڏا خريداري ۽ ڪائڻ پيئڻ جا اسٽال هر طرف نظر ايندا آهن. ڪرسمس ۽ نئين سال جي تحفن سان اهي اسٽال ڀريل هوندا آهن. مقامي ماڻهن توڙي سياحن جي اتي پيهه پيهان هوندي آهي. شين جو اگهه ٻيڻو يا ٽيڻو نه ٿئي بلڪ ان جي ابتڙ شيون ڪرسمس ۽ نئين سال جي خوشيءَ ۾ رعايتي اگهن تي وڪڻن.

هڪ ڏينهن آءُ مهمانن واري ڪمري ۾ رکيل سندن ڪمپيوٽر تي ڪا اخبار پئي پڙهي ته اوچتو لائيٽ هلي وئي. ٿوري سوچ ٿي ته موري ۾ ته ڪونه ويٺو آهيان جو لائيٽ هلي وئي؟ اجا انهي سوچ ۾ ئي هوس ته ڪرسٽين اچي ٻڌايو ته ڪو نقص ٺيڪ ڪرڻو اٿن ۽ لائيٽ ويهن منٽن لاءِ وئي آهي ۽ اسان کي پهريان ئي خبر هئي پر توکي ٻڌائڻ وسري ويو هو. بهرحال بجلي ويهن منٽن جي بدران پندرنهن منٽن ۾ اچي وئي.

يورپ ۾ ماڻهو ڪتا ۽ ٻليون پالين ۽ انهن کي نالا پڻ ڏين ۽ اهي سندن نالي پٺيان سندن مالڪن جي نالي ئي رجسٽر ٿين. سندن خيال مطابق ته انسان به جان وارا آهن ۽ جانور به جان وارا آهن، سو انهن جا به نالا هئڻ گهرجن، ۽ مزي واري ڳالهه ته انهن جانورن کي جڏهن سندن نالي سان سڏ ڪبو ته اهي ان جو باقائدي جواب ڏين. ڪتا ۽ ٻليون گهڻن ماڻهن جي اڪيلائي جا ساٿي پڻ آهن. اهي وقت به وقت انهن سان پنهنجن ٻارن وانگر مڪمل پيار ته ڪڏهن ڪڏهن وري ٿوري ڪاوڙ ۽ سختي پڻ ڪن. اها ڳالهه مون ڪرسٽين ۽ پيٽرڪ

وارن کي سندن ٻلي جنهنو نالو مِنٽ هئو، سان ڪندي ڏٺي.

پئرس ۾ مون ڏٺو تہ جاپان يا شايد چين جا سياح ويهن ٽيهن جي ٽولي ۾ گهمن ٿا، تمام گهڻا ڦوٽو ڪڍڻ جا شوقين. آئفل ٽاور وٽ تہ ڄڻ چريا ٿيو پون. وقت جو فائدو وٺندي اتي آئفل ٽاور جي ڀرسان گهورڙيا ڪين آئفل ٽاور جا ڇلا وڪڻن جيڪي شايد سندن ئي ملڪ مان ٺهي آيا هجن پر هتي عقيدي طور بنا اگهہ ڇڪائڻ جي خريد ڪن. آئفل ٽاور تي مٿي ڪنهن حصي ۾ ريسٽورنٽ پڻ آهن پر اتي وڃڻ لاءِ ڀيريان ڪان بڪنگ ڪرائڻي پوندي آهي ۽ اتي پهچندي پهچندي ڪافي وقت لڳيو وڃي.

پئرس جي آسمان تي هر وقت ڏهہ پندرنهن جهاز نظر ايندا آهن، ڪي لهڻ لاءِ تياري ڪندا هوندا تہ ڪي وري هوائي اڏي تان اٿيا هوندا. هتي رات جو بہ جهاز لهن ۽ اڏن، شايد لنڊن جي شهر واري هوائي اڏي تي رات جو جهازن جي لهڻ ۽ اڏڻ تي ڪنهن حد تائين پابندي آهي. پئرس ۾ هڪ وڏو هوائي اڏو آهي جيڪو چارلس ڊيگال جي نالي سان مشهور آهي، پر مقامي فرينچ ان کي روزي سڏين. ان ڪان علاوه ٻيا بہ ڪجهہ ننڍا هوائي اڏا آهن. پئرس جا ماڻهو يا فرينچ پئرس کي پئرس نہ پر پئري سڏين.

# دبرونوڪ ڪروشيا جو سير

ڇا تون شهر گهمڻ وڃي رهيو آهين؟ مون ڪلي وراڻيو مانس ته ها هتي اچڻ جو اهو ئي مقصد آهي. پاڻ به ڪلي ڇيائين ته ها بلڪل ۽ هل ته گڏجي ٿا گهمون. آءُ صبح سوير واري فلائيٽ وٺي اسٽاڪهولم ڪان ايڊرياٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي آباد ڪروشيا جي شهر دبرونوڪ پهتوهيس. وهنجي سهنجي هاسٽل ۾ پنهنجي بيڊ تي ڪئمرا ۽ رڪ سيڪ پئي سيٽ ڪيم ته منهنجي پر واري بيڊ تي ويٺل جاپان جي نوجوان ڇوڪري مون سان گڏ هلي شهر کي گهمڻ جي صلاح ڪئي، جيڪا مون مڃي ورتي.

پوءِ آءُ ۽ سورنهن سالن جو جاپاني ڇوڪرو جنهن جو انگريزي نالو ڪينن هو، گڏجي فلائي برڊ هاسٽل مان ٻاهر نڪري دبرونوڪ شهر جي پراڻي حصي ڏانهن راهي ٿياسين، جيڪو هاسٽل کان اڌ ڪلاڪ جي پنڌ تي هيو. 2019ع جولاءِ جو مهينو هيو، موسم ٺيڪ ٺاڪ گرم هئي، اسان ٻنهي وٽ پاڻي جون بوتلون ساڻ هيون. هلندي هلندي ڪينن ٻڌايو ته هو جاپان ۾ ٻالڪن علائقي بابت تعليم حاصل ڪري رهيو آهي ۽ هي سندس تعليمي دورو آهي ۽ پاڻ فارمر يوگوسلاويا معني هن وقت ست مختلف ملڪ يعني سلووينيا، ڪروشيا، سربيا، بوسنيا اينڊ هرزيگووينا، ميسيدونيا، ڪوسوو ۽ مونٽينيگرو گهمي پوءِ واپس جاپان ويندو. آءٌ ان وقت ٿورو سوچ ۾ پئجي ويس ته هن عمر ۾ پاڻ وٽ نوجوان سنڌ ۾ ڇا ڪندا آهن؟

جيئن جيئن اسان پراڻي شهر جي ويجهو پئي ٿيندا وياسين تيئن تيئن محسوس ٿيندو پئي ويو ته ها ٻيلي هيءُ شهر ته سياحن ۾ گهڻو مقبول آهي. پانت پانت جا ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦريا ۽ اسان به انهن ۾ شامل ٿي وياسين. شهر جو پراڻو حصو سمنڊ جي ڪناري تي آهي، جنهن کي ٻاهرين حملي آورن کان بچائڻ لاءِ وڏين وڏين پٿر جي ڀتين سان چوطرف بند ڪيو ويو آهي ۽ باقي شهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪجهه داخلي دروازا ڇڏيا ويا آهن. اهي پٿر جون وڏيون ڀتيون سورهين صدي ۾ ٺهي راس ٿيون. جيڪي ان وقت حفاظت لاءِ هيون ۽ هاڻي دنيا مان هتي آيل سياحن لاءِ هڪ دلچسپي ۽ مقامي ماڻهن لاءِ روزگار ۽ پيسن ڪمائڻ جو هڪ وڏو ذريعو.

گرمي جي ڪري ماڻهن جو وس هلي هان ته شايد جسم تي رهيل ڪپڙا به لاهي ڇڏين هان. ڪينن ۽ آءُ پراڻو شهر گهمڻ دوران وري ٽڪيٽ وٺي انهن پٿر جي ڀتين جي مٿان هلڻ شروع ڪيو، جنهن کي وال واڪ چئجي ٿو، جيڪو پڻ وڏو رستو هيو، جيئن پاڻ وٽ رني ڪوٽ يا ڪوٽڏجي جي قلعن جون ڀتيون ويڪريون آهن، هتي به ائين ئي هيون، پر هتي انهن ڀتين تي به ڪيفيٽيريا، ڪاڏي پيتي جا هوٽل، آئسڪريم جا اسٽال هيا. هڪ جاءِ تي ته عمر ڪوٽ واري قلعي جهڙي توب پڻ رکيل هئي. هتي پاڻي سان لاڳاپيل راندين جو رجحان

تمام گهڻو هيو، ڪي ماڻهو رڳو تري رهيا هيا ته ڪي ٻيڙين ۾ چڙهي ماحول جو مزو وٺي رهيا هيا. هنن پٿين جي مٿان شهر ۽ سمنڊ جو نظارو تمام گهڻو سهڻو ۽ وڻندڙ هيو، مٿان ڪان هر طرف ماڻهن سمنڊ جي پاڻي ۾ ترگندا يا ڪايڪ ٻيڙيون هلائيندي نظر آيا. تمام گهڻا سياح هوندي به هتي صفائي جو انتظام تمام بهترين هيو، هرو پرو ڪٿي گند نظر نه آيو. سمنڊ جو پاڻي به تمام گهڻو صاف ۽ نيري ۽ ڪٿي ڪٿي سائي رنگ جو هئو. پوري دنيا مان آيل جوڙا هٿ هٿ ۾ ڏيو پئي گهميا. مون اهو اندازو لڳايو آهي ته اڄ به انگريز ماڻهو تمام گهڻي سياحت ڪري ٿو.

سڄي پراڻي شهر ۾ ريسٽورانٽ، ڪيفيٽيريا، سووينيئر جا دڪان پريا پيا هيا، جتان لنگهو اتي ڪو نه ڪو ريسٽورئنٽ واري جو ايجنٽ اچي گهيريندو ته اسان وٽ اچي ماني کائو يا وري هڪ دفعو ٽراءِ ضرور ڪجو، پوءِ ڪنهن ڪي دم دلاسو ته ڪنهن کي آسرو ڏئي وياسين پئي اڳتي وڌندا. اسان به اتي سوچيو ته هاڻي ڪا پيٽ جي پوڄا ڪجي سو آءُ ۽ ڪينن اچا اتي ئي ويٺا هياسين ته هڪ ڇوڪري اسان ڪان اچي پڇيو ته اوهان کي گيم آف ٿرون جون لوڪيشنس گهمائڻ لاءِ ڪنهن سونهي جي ضرورت هجي ته ٻڌايو. مون ڇيو مانس ته نه مون کي ته ضرورت ناهي، ڪينن به ڪيس جواب ڏنو. ڊبرونوڪ جي هن پراڻي شهر ۾ هالي ووڊ ۽ بالي ووڊ جون فلمون پڻ رڪارڊ ٿي چڪيون آهن ۽ جڳ مشهور گيم آف ٿرون جون به ڪافي قسطون هتي ئي رڪارڊ ٿيل آهن. خير هاڻي جن گيم آف ٿرون ڏٺي هوندي انهن کي ئي دلچسپي هوندي ته انهن جائين تي وڃي ڏسن ۽ فوٽو ڪڍائين.

مون ۽ ڪينن اهو فيصلو ڪيو ته هتي هن پراڻي شهر ۾ ماني مهانگي هوندي، سو ڇونه ٻاهر هلي پوءِ ڪٿي کائجي. اسان کي رلندي رلندي تقريبن سڄو ڏينهن گذري ويو. ڊبرونوڪ ۾ سياح شام جو سج لهڻ جو نظارو شهر جي پهاڙي مٿان وڃي ڪندا آهن جتان شهر هٿ جي تري تي بيٺل نظر ايندو آهي. اسان به جلدي جلدي ماني کائي ڪيبل ڪار جي ٽڪيٽ وٺي مٿي وياسين. ڇا ته نظارو هيو سبحان الله، هڪ پاسي سمنڊ ۽ آس پاس جا ٻيٽ، شهر جي گهرن جون نارنگي ۽ ڳاڙهي رنگ جي سرن جون ڇتيون، سج لهڻ جو نظارو پهاڙي تان واقعي انتهائي سهڻو هيو. سج لهڻ کان پوءِ مون کي نن کان موڪلايو ۽ چيومانس ته هاسٽل تي ملون ٿا، پوءِ آءُ پنڌ ئي پنڌ هلندو اچي هاسٽل تي پهتس ته اتي وري ٻين ملڪن جي نوجوان سياحن جا ميلا متا پيا هيا جيڪي زندگي ۽ دنيا جي مسئلن کي هڪ پاسي ڪري موجود وقت مان ڀرپور مزو ماڻي رهيا هيا. اتي ڪجھ نوجوانن ٻڌايو ته اهي سال سوا کان سفر ۾ آهن ۽ اڃا به سندن گهر واپس وڃڻ جو ارادو ناهي.

ٿڪاوٽ جي ڪري آءُ ته جلدي سمهي رهيس، ٻئي ڏينهن اک کلي ته مون واري بيڊ تي ڪي نن هڪ تحفو ۽ جپان جي پهاڙ فيوجي جو پوسٽ ڪارڊ رکي هليو ويو هيو ۽ اهو به لکي ويو ته توسان گڏ گهمڻ ۾ تمام گهڻو مزو آيو ۽ سندس ڳوٺ فيوجي پهاڙ جي پرسان آهي ۽ اتي اچڻ جي لاءِ پڻ لکيائين، وڌيڪ لکيائين ته آءُ رات دير سان هاسٽل تي آيس ته

تون گهري ننڊ ستل هئين ۽ هاڻي مون کي صبح سوير بس پڪڙڻي آهي ان ڪري جلدي نڪري رهيو آهيان ۽ اميد ته وري ملنداسين. آءٌ جيڪي ڏينهن اتي ان هاسٽل ۾ رهيس، روز روز نون نون سياحن سان ملاقات ٿيندي هئي، اهو منهنجو هاسٽل ۾ رهڻ جو پهريون تجربو هيو. دبرونوڪ جي پراڻي شهر ۾ گهمندي مون کي چڙ ائين لڳو ته آءٌ شايد مالٽا جي مدينه جيڪو اتان جو پراڻو شهر آهي اتي گهمندو هجان.

هڪ ڏينهن آءٌ دبرونوڪ جي پرسان ٻي بيٽ سپان، لوپڊ ۽ ڪولوسپ گهمڻ لاءِ لوڪل ٽوئر بڪ ڪرايو. وڏي ٻيڙي ۾ دنيا جهان جا سياح هيا، پر گهڻائي وري به انگريزن جي هئي. مون واري ٽيبل تي هڪ آئرلينڊ جو ريٽائر جوڙو هيو ۽ ٻيو جوڙو انگلينڊ جو هيو. انگلينڊ واري مائي برٽش ايئرويز ۾ ايئرهوسٽس ۽ سندس مڙس وري برطانيه جي فوج ۾ هيو، ٻئي اڌڙوٽ عمر جا هيا. هي لوڪل ٽرپ انهن کي وڌيڪ سٺو لڳندو جيڪي سمنڊ جي نمڪين پاڻي ۾ ترڻ کان پوءِ وري اچي واريءَ تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليٽي بت سيڪڻ جا شوقين هجن، جيڪو ٿڌن ملڪن جي ماڻهن تمام گهڻو پئي ڪيو. مون پنهنجي دل ۾ چيو ته پاڻ سنڌ مان اچي گهڻي اس کائي آيا آهيون سو هتان جي اس جي ڪا گهڻي ضرورت في الحال ناهي، شام جو واپسي تي آءٌ هاسٽل تي وڃڻ بدران شهر جو ٻيو پاسو گهمڻ ويس ۽ چوطرف شهر کي ڦري آيس. هڪ هڪ ڏينهن ۾ پندرنهن يا ويهه ڪلوميٽر هلڻ ۾ ٿڪاوٽ ته ضرور ٿيندي پر پنڌ گهمڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي. مون سميت گهڻن سياحن کي مون پاڻ چوندي ٻڌو آهي ته جيستائين اسان ڪنهن شهر يا نئين جاءِ کي پنڌ گهمي نه ڏسنداسين تيستائين اسان اهو نه چونداسين ته اسان کو اهو شهر يا جڳهه گهمي آهي.

هاسٽل ۾ هڪ سياح ٻڌايو ته جيترا ماڻهو هن شهر ۾ رهن ٿا تقريبن اوترا روز هتي سياح پڻ اچن ٿا. هرپاسي سياحن جا ٽولا ۽ انهن جا اڳواڻ جيڪي سندن مخصوص قسم جي رنگ جي جهنڊي کڻي سندن اڳيان ٿي هليا ته جيئن پلجي پوڻ جي صورت ۾ سولائي سان هڪ ٻئي کي ڳولهي لهن. اهڙي قسم جا جهنڊين وارا ٽولا مون گهڻي قدر چائنا جي ماڻهن جا ڏٺا آهن. فوٽو ڪڍڻ جا شوقين، اوهان به جيڪڏهن فوٽو ڪيرائڻ جو شوق ڪيو ۽ اتفاق سان انهيءَ ساڳي جاءِ تي هجو، مجال آ جو ٿورو هيڏي هوڏي ٿين ته کو ٻيو به فوٽو ڪيرائڻ جو شوق پورو ڪري. ڪڏهن ڪڏهن کو نئون شهر گهمندي پلجي پوڻ جو مزو به پنهنجو آهي ۽ ائين جيڪڏهن مون سان ٿيندو آهي ته آءٌ اندازا لڳائي پيرين پنڌ اڳتي وڌندو ويندو آهيان پوءِ ڪٿان نه ڪٿان وڃي ماڻهو صحيح رستي تي پهچندو آهي. ائين ڪرڻ سان هڪ مزي واري ڳالهه مون محسوس ڪئي آهي ته جڏهن ماڻهو پلجي شهر جي انهن حصن ۾ هليو ويندو آهي جتي سياح هرو پرو ناهن ويندا ته اتي شهر جو اصل مزاج ۽ مقامي ماحول ڏسڻ ۽ پروڙ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ۽ مون کي وري اهڙين جائين تي وڌيڪ مزو ايندو آهي.

ڪروشيا يورپين يونين جو ملڪ هوندي بہ اجا تائين شنگن زون ۾ شامل ناهي ٿيو پر هن سال گهٽي قدر ٿي ويندو. دبرونوڪ ڪان سواءِ ڪروشيا جا ٻيا بہ سمنڊ جي ڪناري سان آباد شهر تمام سهڻا آهن. دبرونوڪ ۾ هونءَ تہ زلزلي جي ڪري تباهي پڻ ٿي هئي پر جيڪا تباهي يوگوسلاو فوج هتي نوي واري ڏهاڪي واري جنگ ۾ ڪئي هئي ان سڄي شهر جو نقشو مٽائي ڇڏيو هو. تباهہ ٿيڻ ڪان پوءِ وري اٿڻ ۽ دنيا جي سياحن ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي اچڻ بہ هڪ قسم جو ڪمال آهي، جيڪو ڪروشيا يا خاص ڪري دبرونوڪ جي ماڻهن ڪيو آهي.

## استنبول ۾ رولاڪيون ۽ سنڌ جي عورت جي آزادي جي سوچ

اسٽاڪهولم ڪان ڳوٺ موري ويندي ڪجهه ڏينهن لاءِ ترڪي جي مشهور شهر استنبول ۾ رهڻ ۽ گهمڻ جو رٿيم. هن دفعي پيگاسس هوائي جهاز جي ڪمپني ۾ اچڻ ٿيو ۽ پيگاسس ڪمپني جا جهاز استنبول جي ڪمال اتا ترڪ هوائي اڏي (جيڪو استنبول جي يورپ واري پاسي واقع آهي) جي بدران هڪ ٻئي هوائي اڏي صبيحه يا گوڪچن تان هلن ٿا، اهو هوائي اڏو استنبول جي اناطوليا يا ايشيا واري پاسي آهي.

هوائي اڏي ڪان ٻاهر آيس ته سج لهي چڪو هو، ٿوري دير ۾ ئي منهنجي ترڪ دوست گيمزي سندس ڪار ۾ اچي پهتي، اتي ئي ڪار ۾ سامان رکندي هڪ ٻئي کان حال احوال ورتاسين. مون گيمزي کي پنهنجي هوٽل لوڪا سئيٽس (جيڪو استنبول جي اناطوليا واري پاسي ڪديڪوئي جي علائقي ۾ هئو) جي ايڊريس پهريان ئي موڪلي ڇڏي هئي ته جيئن هوءَ پهريان ئي ٿورو اندازو لڳائي ڇڏي ته هوٽل هوائي اڏي ڪان ڪيترو پري آهي. ڪار ۾ ويهندي ئي ٻڌايائين ته هوٽل تائين پهچڻ ۾ ڪلاڪ سوا لڳي ويندو پر وري به ٽريفڪ تي منحصر آهي، چاڪاڻ ته استنبول جي ٽريفڪ تي ڪو به اعتبار ناهي. ڪيڏي مهل به جام ٿي سگهي ٿي.

گيمزي مون ڪان پڇو ته هن ڀيري استنبول ۾ ڇا ڇا ٿو گهمڻ چاهين؟ مون چيو مانس ته استنبول کي پهريان به گهمي چڪو آهيان، سو هاڻي ڪو خاص نه، هن ڀيري استنبول ۾ هڪ مقامي ماڻهو وانگر هرو ڀرو هيڏانهن هوڏانهن چڪر ڏيڻ ٿو چاهيان، سو هاڻي اهو توتي آهي.

گيمزي گاڏي جي شيشي مان چنڊ ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته هلال ڏس، ربيع الاول جي شايد ٻين يا ٽين تاريخ هئي، چنڊ انتهائي سهڻو پي لڳو. ماضي ۾ لنڊن ۾ ٻه ٽي سال رهڻ جي ڪري گيمزي جي انگريزي تمام سٺي آهي. گيمزي ۽ آءُ جڏهن به ڳالهائيندا آهيون ته ٻين ڳالهين جي وچ ۾ ترڪش ٻولي ۽ پاڻ وارين ديسي ٻولين جي ساڳين لفظن جي باري ۾ پڻ ڳالهائيندا آهيون، گهڻا لفظ ترڪش، سنڌي، اردو، پنجابي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ ساڳيا آهن.

گيمزي مون ڪان ڪورونا جي باري ۾ پڇيو ته سئيڊن ۾ ڇا پوزيشن آهي، مون ٻڌايو مانس ته اتي به ڪيسز ته ضرور آهن پراسان وٽ اتي هرو ڀرو جي هراسمينٽ ناهي، حڪومت جي گائيڊ لائينز تي ماڻهو عمل ڪن ٿا جنهن ۾ سوشل ڊسٽنس تي ماڻهو ڪوشش ڪري عمل ڪن ٿا، جيڪو اتي هوڻ به معاشري ۾ اڳ ۾ ئي موجود هئو. گيمزي ٻڌايو ته هتي استنبول ۾ به ڪافي ڪيسز آهن پر هتي جيڪڏهن ڪيس هزار آهن ته حڪومت ٻڌائي ٿي ته هڪ سئو آهن، سو ڪو به اعتبار ناهي، سو هر ڪو پاڻ احتياط ڪري ۽ پنهنجي حفاظت پاڻ ڪري.

گيمزي ٻڌايو تہ هوءَ سندس والد کي جهاز ۾ ازمير کان استنبول اکين جو چيڪ اپ ڪرائڻ لاءِ وٺي پي آئي ۽ حيران ٿي تہ ڪلاڪ کان بہ گهٽ جي فلائيٽ هئي پر ماڻهو نہ پي مڙيا ۽ ڀرپور ڪاڌا پي کاڌن، چيائين جهاز جي ڪمپني وارن کي هن ڪورونا جي ڏڪئي وقت ۾ گهٽ ۾ گهٽ کاڌو تہ نہ کارائڻ گهرجي، آءٌ تہ ماڻهن جي بي احتياطي مان ڏڇي وئي هئس. وڌيڪ ٻڌايائين تہ آءٌ خوش آهيان جو تون سياحتي جائين بدران عام مقامي ماڻهن وانگر ٿو گهمڻ چاهين نہ تہ سياحتي ماڳن تي گهڻي رش جي ڪري پاڻ اسٽريس ۾ رهون هان.

اسان ڪچهري ڪندا تقريبن سوا ڪلاڪ ۾ ڪديڪوئي جي علائقي ۾ پهچي وياسين. گيمزي مون کي هوٽل جي ڀر واري روڊ تي لاٿو ۽ چيائين تہ آءٌ گاڏي پارڪ ڪري ٿي اچان، آءٌ بہ جلدي جلدي هوٽل کي ڳولي اچي چيڪ ان ڪيو، سامان رکي بس ڪيم تہ گيمزي جو مئسيج آيو تہ هوءَ بہ هوٽل جي رسيپشن تي اچي وئي آهي، مون چيو مانس تہ مون کي رڳو پندرنهن منٽ ڏي تہ تيار ٿي اچهو آيس.

تيار ٿي هيٺ آيس تہ گيمزي پڇيو تہ بک لڳي هوندئي، ان ڪري پهريان ماني کائي پوءِ ڪاڏي چڪر ڏيون. مون چيو ها ضرور. هوٽل کان ٻاهر اچي مون مرمرا سمنڊ جي ڪناري تي آباد هن استنبول جي ڪديڪوئي واري علائقي کي ٿورو غور سان ڏسڻ شروع ڪيو، ريسٽورنٽ ڀريل ۽ وڻلن جا جام بہ ڀريل، سگريٽن يا شيشن مان نڪرندڙ دونهان، هر پاسي ترڪش کاڌن جي خوشبو، گهڻي قدر مقامي ترڪ يا ترڪي جي ٻين علائقن مان آيل ترڪ پئي نظر آيا. استنبول جي ٻين سياحتي ماڳن کان هتي ماحول سکون وارو هو. تازي مڇي، فروٽ ۽ ڀاڄين ۽ مصالحن جا دڪان هر پاسي نظر پئي آيا. مرمرا سمنڊ ۾ پاڻي جا ننڍا ننڍا جهاز ايشيا ۽ يورپ جي وچ ۾ مسافرن کي هر وقت ڍوئڻ ۾ رڌل هئا.

ڪديڪوئي جي هن علائقي جي پويان هڪ تاريخ آهي، ڪدي معني جج ۽ ڪوئي معني ڳوٺ، چيو وڃي ٿو تہ استنبول تي جڏهن اوٽمن يا عثماني سلطنت جي سلطان محمد فاتح قبضو ڪيو تہ ان کان پوءِ استنبول جي پهرئين عثماني خضر نالي جج کي هي علائقو ڏنو ويو جنهن کان پوءِ هن تي اهو نالو پئجي ويو، يعني جج جو ڳوٺ.

اسان ٿورو هيڏانهن هوڏانهن ڦري سري اچي سليم تاتار جي ريسٽورنٽ تي وياسين، گيمزي ٻڌايو تہ سڄي استنبول ۾ هنن جا رڳو ٻہ ريسٽورنٽ آهن، جن تي گوشت سندن پنهنجي ذاتي فارم تان ايندو آهي.

اتي اچا ماني جو انتظار پي ڪيوسين تہ هڪ فقير آيو، سٽو اچي مون کي چيائين تہ ويهن ليرن جو نوٽ ڏي، مون کان اڳئي گيمزي ترڪش ۾ ڪجهہ چيس تہ ماٺ ڪري هليو ويو، پهرين سوپ ۽ سلاد آيو، اهو سوپ پاڻ واري مڱن واري دال هئي، سلاد ۾ وري ڏاڙهون پيل هئا، انتهائي لذيذ. اتي وري هڪ ٻيو همراهہ آيو، گيمزي کي ڪجهہ ڪتاب ڏيکاريائين، ٿوري دير ڪجهہ ڳالهائڻ کان پوءِ گيمزي موبائل ڪڍي ڪا شئي چيڪ ڪئي،

پوءِ همراهہ ويندو رهيو، مون گيمزي کان پڇيو هي ڇا چڪر هو، چيائين هي ليڪ هو، پنهنجا ڪتاب ائين سڌا سنوان پاڻ پيو مارڪيٽ ۾ ڪپائي. ليڪ چيس تہ جيڪڏهن وٺو نہ ٿا تہ پلا مون کي انسٽاگرام تي پسند ڪري ڇڏيو. اسٽاڪهولم ۾ جيڪو ترڪش ڪباب ملندو آهي، هتي ترڪي ۾ وري ٻئي قسم جو هو، ماني جي مٿان گوشت ۽ وري مٿان ٻہ ٻيون مانيون، واقعي تمام لذيذ هيو. مون ريسٽورنٽ تي نوٽ ڪيو تہ جيڪا ڪٽلري ڏنائون اها بہ پيڪ ٿيل هئي، جيئن جهازن ۾ ڏيندا آهن، شايد پليٽن جي مٿان بہ اڇي ڪلي ويڙهيل هئي.

ماني ڪائي پوءِ اتي ئي ڪيڪوئي جي علائقي ۾ ۽ مرمرا سمنڊ جي ڪناري تي چڪر ڏيندا رهياسين، وڏي رونق لڳي پئي هئي. مون کي لڳو هي علائقو شايد سڄي رات کليل رهندو هوندو. ماحول ۾ ٿوري ٿڌڪار ٿي تہ اڇي ترڪي جي مخصوص چانهہ مخصوص ڪوپن ۾ پيتي سين. تقريبن رات جو يارهين وڳي اسان هڪ ٻئي کان موڪلايو. مون هوٽل تي اچي ٿورو هوٽل جو جائزو ورتو، ڪو خاص وڏو هوٽل نہ هو، شايد اٺ ڏهہ ڪمرا هوندس، صفائي جو تمام گهڻو خيال رکيل هو. ٿي سگهي ٿو ڪورونا جي ڪري عام حالتن کان ٿورو وڌيڪ خيال ڪندا هجن. هوٽل جي ڪمري ۾ پاڻي گرم ڪرڻ واري ڪٽلي، ٽي بيگز ۽ کير رکيل هو، مون چيو ڪم پلو ٿي ويو، چانهہ جو بندوبست ٿي ويو باقي ڇا کپي؟ ٽي وي هلائي ڏٺم تہ ٽي آر ٽيءَ تي ارطغرل ڊرامو پي هليو، جيڪو هاڻي پاڪستان ۾ ڪافي مشهور ٿيو آهي، مون اهو ڊرامو بہ ٽي سال پهريان ڏٺو هو. اڄ ڪلهہ پاڪستان ۾ يونس ايمري ڊرامو شروع ٿيو آهي، اهو ڊرامو جنهن بہ ڏٺو ان کان ارطغرل وسري ويندو. يونس ايمري جي ڊرامي جو تقريبن هر جملو نصيحت ۽ سبق حاصل ڪرڻ لاءِ آهي.

صبح جو تيار ٿي هوٽل جي ڇت تي موجود هوٽل جي مهمانن لاءِ نيرن واري هال ۾ آيس، مون کان اڳ هوٽل ۾ رهيل ڪجهہ مهمانن ناشتو پئي ڪيو، آءٌ ناشتي کان پهريان ان هال کان ٻاهر نڪري کليل ڇت تي آيس، هوا ۾ سمنڊ ۽ مڇي جو هڳاءُ هو، هيٺ ماڻهن جي اچ وڃ شروع هئي. آس پاس جي گهرن جون تقريبن ڇتيون لهواريون ۽ انهن تي وري ڪپريل واريون سرون لڳل هيون، شايد برف باري جي ڪري تہ جيئن برف رجي پاڻ ئي هيٺ وهي وڃي. انهن سڀني ۾ نمايان وري مسجد جو منارو هو. موسم تمام وڻندڙ هئي، مقامي ماڻهن لاءِ هتي تقريبن سيارو هو، مون ٿوري گرمي پي محسوس ڪئي پر جيڪٽ پاڻ سان گڏ هئو. مون کي تڪڙ ڪانہ هئي، گيمزي اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ هوءَ ساڍي ڏهين يا يارهين ڌاري ايندي. ناشتي واري هال جي ٻاهران ڇت تي هڪ وڏي عمر جي عورت ۽ ان سان گڏ ٻہ نوجوان ڇوڪريءَ سگريٽن جا سوٽا پي هنيا. آءٌ ٿورو ٻاهر جو نظارو ڪري اچي ترڪي جي روايتي نيرن ڪرڻ لاءِ وينس. ٻاهر ڇت تي ويٺل نوجوان ڇوڪري اچي مون کان ڪمري جو نمبر پڇيو ۽ چيائين تہ تنهنجي ڪمري جي صفائي ڪرڻي آهي يا نہ، مون چيو مانس تہ آءُ رات ئي آيو آهيان ۽ ايتري ڪا صفائيءَ جي گهرج ناهي، پر وري بہ

اوهان ڏسجو جيڪڏهن ٿوري گهٽي ضرورت هجي تہ ڪري ڇڏجو ۽ پاڻي جون بوتلون، ٿي بيگز ۾ ڪير رکڻ نہ وسارجو.

هال ۾ نيرن ڪرڻ وارا تقريبن سڀ ترڪ ڇوڪريون ۽ ڪجهہ وڏي عمر جون عورتون هيون، اتي هڪ ترڪ ڇوڪري پنهنجي ڪنهن يورپ جي گوري دوست سان پڻ آيل هئي، ان گوري ڇوڪري ٻڌايو تہ هي خاص ڪري استنبول پنهنجي هن دوست سان ملڻ آيو آهي. آءٌ اجا اتي ناشتو ئي پي ڪيو تہ گيمزي جو مئسيج آيو تہ هوءَ اڌ ڪلاڪ ڇاليهن منٽن ۾ پهچي ويندي. آءٌ تيار ٿي هوٽل ڪان ٻاهر آيس تہ رونق ميلو وڏيل هو، دڪاندارن جي ماڻهن هوڪا پي ڏنا، آءٌ بہ گهمندو ڦرندو اچي ان ساڳي جڳهہ تي بينس جتي رات مون کي گيمزي لاٿو هو، ٿوري دير ۾ گيمزي بہ اچي وئي ۽ اسان ٻنهي استنبول کي مقامي ماڻهن وانگر گهمڻ لاءِ راهہ ورتي.

گيمزي چيو تہ گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي باسفورس وارو پاڻي جي جهاز وارو ٽوئر ڪرڻ گهرجي، مون چيو مانس تہ ٺيڪ آ اهو ڪري سگهجي ٿو. باسفورس استنبول جو ٽيهہ ڪلو ميٽرن جو هڪ قدرتي پاڻي جو رستو آهي جيڪو ڪاري سمنڊ ۽ مرمرا سمنڊ کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو ۽ هن جي هڪ پاسي استنبول جو يورپ وارو پاسو ۽ ٻئي طرف وري استنبول جو اناطوليا يا ايشيا وارو پاسو آهي. اسان ڪيڪوئي واري علائقي مان نڪري يورپ وچڻ واري رستي تي اچي چڙهياسين. اناطوليا يا ايشيا واري پاسي، اسڪودار ميونسپالٽي جي علائقي بيلربي مان باسفورس تي اڏيل پهرين سسپينشن پل تي اچي چڙهياسين، هي پل پندرهين جولاءِ 2016ع تي ترڪي ۾ فوجي بغاوت جي خلاف مارجي ويل شهيدن جي نالي تي سڏجي ٿي. يورپ واري پاسي وري بشڪتاش ميونسپالٽي جي علائقي اورٽيڪوئي اسڪوائر تي آياسين. استنبول ۾ هڪڙي مزي واري ڳالهہ آهي تہ اوهان گاڏي مان لهي چابيون ڪار پارڪنگ وارن کي ڏيو، رسيد وٺي هليا وڃو، اهو انهن جي مٿي جو سور آهي تہ گاڏي ڪٿي پارڪ ڪرڻي آهي، اسان بہ ائين ئي ڪيو. گيمزي ٻڌايو تہ هن اورٽيڪوئي واري علائقي ۾ ڪافي جديد تعليمي ادارا آهن ۽ ميرٽ انتهائي سخت هوندي آهي.

اورٽيڪوئي جي معني آهي وچون ڳوٺ، ڇاڪاڻ تہ هي باسفورس جي تقريبن وچ تي آهي. هي علائقو سلطنت عثمانيہ جي دور ۾ هڪ ننڍو مڇي مارڻ جو علائقو هوندو هئو، جيڪو پراڻي وقت ڪان وٺي سياحن جي دلچسپي جو مرڪز رهندو اچي. هن علائقي ۾ ڪافي ڪيفيٽيريا، ننڍا ننڍا چانهہ جا اسٽال، مهانگا تہ ڪي سستا ريسٽورنٽ، بار، ڪي باسفورس جي ڪناري سان تہ ڪي وري ٿورو پرڀريا. هن علائقي ۾ هر قسم جا ڪافي ننڍا ننڍا دڪان هئا. هينئر رش نہ هئڻ جي برابر هئي، گيمزي ٻڌايو تہ هتي هونءَ ڪافي رش ٿيندي آهي، ۽ گهڻو ڪري هتي رات جو ننڍا ننڍا ڪنسرٽ پڻ ٿين ۽ هن علائقي ۾ ڪافي نائيٽ ڪلبس پڻ آهن. مک چوڪ تي ماڻهن ڪبوترن کي داڻو پي ڏنو ۽ فوٽو پي ڪيرايا.

کي جوڙا وري باسفورس جي پاڻي ۾ نظرون وجهو ويٺا هئا. هونءَ ته هن علائقي ۾ باسفورس جي ڪناري سان هڪ خوبصورت اورٽيڪوئي مسجد هئي پر خبر پئي ته هن ئي علائقي ۾ عيسائين جو چرچ ۽ يهودين جي عبادتگاهه سينوگوگ پڻ هتي ئي آهي.

اسان اتان چڪر ڏئي اچي باسفورس واري ٻيڙي جي وقت جي پڇا ڪئي، اجا ڪلاڪ کن هو، سو اسان صلاح ڪئي ته هاڻي ٿورو چانهه جو دور هلي. اتي پرسان ئي اسان وڃي بيلتاش ريسٽ ڪيفي تي ويٺاسين. اتي ڪچهري ڪندي گيمزي ٻڌايو ته هتي ترڪي ۾ گاڏي رکڻ مهانگي آهي ۽ اجا تائين ان کي هڪ ضرورت نه پر عيش ۽ عشرت جي نگاهه سان ڏٺو ٿو وڃي ۽ ٽيڪس به ان حساب سان لڳايو ٿو وڃي. بهرحال قصو ڪوتاهه، چانهه پي اسان باسفورس ۾ هلڻ واري پاڻي جي سياحتي جهاز ۾ ٽڪيٽ وٺي اچي ويٺاسين، هيڏي وڏي جهاز ۾ رڳو ڪي پنجاهه کن ماڻهو هئا ۽ سڀ جا سڀ جهاز جي مٿئين کليل حصي ۾ اچي ويٺا. گهڻي قدر ترڪ ئي هئا. نظارو انتهائي سهڻو هئو، باسفورس، سهڻا ماڻهو، اسان جي مٿان هي ڏيڍ ڪلو ميٽر پل، استنبول جي پهاڙن تي گهر، ترڪي جا چند وارا ڳاڙها جهنڊا، باسفورس ۾ هر پاسي ننڍيون وڏيون ٻيڙيون، جهاز جي ڪاٻي پاسي کان ڪجهه تاريخي محلن جون عمارتون به آيون جن ۾ فهيمه سلطان ۽ خديجهه سلطان جا محل شامل هئا. مڇي ۽ ٻين سي فوڊ جا ريسٽورنٽ، قهوا خانا، ڪجهه مشهور ۽ مهانگيون هوٽلون، ڪجهه مسجدون، سفارتخانا، بابڪ جو علائقو ۽ روميلي حصار يعني روميلي جو قلعو آيو، هي قلعو سلطنت عثمانيه جي دور ۾ سلطان محمد ٻئين جي حڪم تي1451ع ۽ 1452ع ۾ ٺهيو.

روميلي جي قلعي کان ٿورو اڳتي هلي جهاز کي باسفورس تي اڏيل ٻيون نمبر پل فاتح سلطان محمد جي هيٺان واپس ورايائون ۽ هاڻي اسان باسفورس جي ٻئي يعني اناطوليا واري ڪناري سان هلڻ شروع ڪيو. گيمزي ٻڌايو ته باسفورس ۾ جهاز رڳو ماهر ڪپتان ئي هلائيندا آهن ڇاڪاڻ ته ماضي ۾ ڪجهه نون ڪپتانن مرڳو جهاز ٿي وڃي گهرن ۾ هنيا، ۽ ٻيو ته باسفورس جو جيڪو ترو آهي اهو غير هموار آهي ان ڪري هتي وڏي مهارت جي ضرورت آهي. باسفورس جي هن پاسي ڪافي تاريخي محل، ڪيفيٽيريا، هڪ قلعو، معني تقريبن ٻنهي پاسي ڪم ساڳيو هو. گيمزي مٿي پهاڙي تي ڪجهه گهرن ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو ته اهي گهر تمام گهڻا مهانگا آهن ۽ واقعي لڳا به پي، ۽ وري مزي جي ڳالهه ته انهن گهرن جي پرسان ئي وري عام رواجي گهر ٺهيل ها، گيمزي چيو اهو اٿئي استنبول، هتي توکي اهو ڪلاس جو وڏو فرق اٿين ئي ملندو. بيلربي جي محل ۽ باسفورس تي اڏيل پهرين پل جي هيٺان جهاز وريو ۽ اچي پنهنجي اصل جڳهه تي لنگر انداز ٿيو.

اسان واپس اچي اورٽيڪوئي واري پارڪنگ مان ڪار ڪئين ۽ هاڻي وري باسفورس جي ساڄئي ڪناري پرڪار ۾ اڳتي وڌڻ لڳاسين، ارناوتڪوئي جي علائقي کان ٿيندا اسان جڏهن بي بڪ جي علائقي مان لنگهياسين ته گيمزي ٻڌايو ته هن علائقي جو نالو بي بڪ

يعني ترڪش ۾ ٻار آهي ۽ هن علائقي ۾ ڪافي مشهور ماڻهو نظر ايندا آهن. بي بڪ ڪان پوءِ آشيان ۽ ٻويا جيڪوئي جي علائقن مان ٿيندا اسان اميرگان پارڪ ڏانهن روانا ٿياسين. واٽ تي گيمزي پنهنجي يونيورسٽي بہ ڏيکاري ۽ يونيورسٽي، پنهنجا ۽ ڪلاس فيلوز جا قصا بہ وڏي جوش ۽ خروش سان ٻڌايائين. جڏهن گيمزي پنهنجي يونيورسٽي جا قصا پئي ٻڌايا تہ اتي مون کي منهنجي پياري دوست پير حمادالله خياروي جو يونيورسٽي جي زندگي تي لکيل ڪتاب "ڄامشوري جو الوداعي پاڪر" ذهن تي تري آيو. اهو ڪتاب سنڌ يونيورسٽي جي ان دور جي روزاني جي ڊائري آهي جنهن ۾ روزاني جا واقعا لکيل آهن، جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي خاص ڪري آرٽس فيڪلٽي، هاسٽل، حيدرآباد، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا گڏيل ٽوئر، ان دور جي شاگرد سياست، شاگردن ۽ شاگرديائين جي پيار ۽ محبت جا قصا ۽ گهڻو ڪجهہ ان ڪتاب ۾ پڙهڻ لاءِ ملي ٿو. ڪتاب ۾ سائين عبدالعزيز مگسي جا قصا بہ انتهائي دلچسپ ۽ ڪتاب جو محور لڳن ٿا. ڪتاب کي پڙهڻ دوران ڪيڏي مهل تہ وڏا ٽهڪ نڪريو وڃن تہ ڪٿي وري ماڻهو ٿورو ڏڪارو بہ ٿي پئي ٿو. طارق عالم ابڙي جي مطابق تہ آءٌ چاهيندي بہ هن ڪتاب جا آخري صفحا نہ پڙهي سگهيو آهيان. آءٌ پاڻ اها ڪيفيت سمجهي سگهان ٿو، جڏهن اهو ڪتاب مارڪيٽ ۾ آيو هو تہ اسان بہ انهن ئي ڏينهن ۾ يونيورسٽي مان تعليم مڪمل ڪري نڪرڻ وارا هئاسين.

ٻي هڪ جاءِ تي گيمزي ڪنهن عمارت ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايو تہ هي اتي بہ ننڍي هوندي رهيا آهن ۽ سنڌس پيءُ ڪيس صبح سويل هنن رستن تان اسڪول وٺي ويندو هو.

اميرگان باغ پهاڙي تي ٺهيل آهي ۽ ڪٿي هيٺ تہ ڪٿي مٿي. اسان گاڏي اتي پارڪ ڪري پنڌ ئي پنڌ گهمڻ شروع ڪيو. انتهائي سهڻو پارڪ، خوبصورت گل، تلاءَ ۽ انهن ۾ مختلف قسمن ۽ رنگن جون مڇيون، پاڻي جا آبشار، پنڌ ڪرڻ جا رستا، اتي هڪڙو ننڍو اسٽال بہ هو جتي مختلف گلن ۽ ٻوٽن جا ٻج ۽ ڇڪيون پئي مليون، گيمزي ٻڌايو تہ پهريان هتان ماڻهو گلن جون ڇڪيون پٽي ويندا ها، پوءِ هنن اهو فيصلو ڪيو تہ ماڻهن جي سهولت خاطر انهن کي ٻج ۽ ڇڪيون وڪرو ڪجن تہ جيئن باغ بہ بچي ۽ ماڻهن کي سهولت بہ ٿئي. هن باغ ۾ مختلف رنگن جون پراڻي دور جون ڪجهہ عمارتون هيون جن ۾ انهن ريسٽورنٽ کولي ڇڏيا آهن. گيمزي ٻڌايو تہ هتي استنبول ۾ ڪافي ريسٽورنٽ آهن جيڪي ميونسپل جي ملڪيت ۾ اچن ٿا ۽ ان وقت جو شهر جو ميئر انهن جو باس هوندو آهي، ان جو سبب اهو آهي جو شهرين کي هرعلائقي ۾ صاف سٿري، سستي ۽ معقول رقم تي کاڌو ملي ۽ ان سان گڏوگڏ ماڻهن کي نوڪريون پڻ ملن ٿيون، گيمزي چيو تہ پاڻ صبح بہ جهاز تي ٽوئر ڪرڻ کان پهريان جنهن ڪيفيٽيريا تي وينا هئاسين اهو بہ استنبول جي ميونسپالٽيءَ جي ملڪيت ۾ اچي ٿو. اسان اتي مانجهاندو ڪيو، هونءَ تہ باغ ۾ رش گهٽ هئي پر ريسٽورنٽ ڪافي پريل هو.

گيمزي مون کي ٻڌايو تہ هوءَ مٿئين هفتي ستن انتهائي سهڻين ڏينن جي علائقي

بولو ۾ پنهنجين ڪجهه ساهيڙين سان گڏ ڪيمپنگ ڪرڻ لاءِ ويندي ۽ جيڪڏهن منهنجي دل چوي ته ترسي پوان، مون ڪيس مهرباني چئي ٻڌايو ته نه هن دفعي ٿوري جلدي آهي پر ٻئي دفعي انشاءَالله.

اسان اميرگان پارڪ تقريبن چئين بجي ڇڏيو. گيمزي چيو ته هاڻي هلون ٿا منهنجي ننڍي هوندي جي پاڙي ۾ جتان استنبول هٿ جي هڪ تريءَ تي نظر ايندو. اسان هن دفعي يورپ واري پاسي روميلي قلعي جي ويجهو باسفورس تي اڏيل ٻيون نمبر پل فاتح سلطان محمد تان ڪراس ڪري اچي اناطوليا واري پاسي ڪاواجڪ جي علائقي ۾ پهتاسين ۽ مختلف روڊن ۽ رستن تان ٿيندا اچي چمليجا واري علائقي ۾ پهتاسين ۽ اتي هڪ هنڌ گيمزي ڪلندي چيو ته هاڻي تيار ٿي. اوچتو رستا پهاڙي طرف وڃڻ لڳا ۽ انتهائي اونچا ها هڪ هنڌ ته ذري گهٽ نوي ڊگري تي ڪار هئي پر آءُ ته نارمل ويٺو هيس، گيمزي پڇو توکي ڊپ ڪونه ٿيو، مون چيو مانس ٿورو ٿيو پر هرو ڀرو اهڙي ڳالهه به ناهي، مون پاڪستان ۾ ان ڪان به خطرناڪ رستن تي سفر ڪيو آهي، خاص ڪري نانگا پربت جي بيس ڪيمپ واري پاسي ويندي، قراقرم هائي وي ڪان متي جيڪو جيپ جو ٽريڪ تتو ڳوٺ تائين وڃي ٿو رڙيون ته ماڻهوءَ جون اتي ٿيون نڪرن، چيومانس توکي ڪڏهن اوڏانهن وٺي هلندس. سندس هن ننڍپڻ واري علائقي ۾ گيمزي ڏاڍي جوش ۽ جذبي ۾ اچي وئي، مون کي سندس پرائمري ۽ هاءِ اسڪول ڏيکاريائين ۽ هڪ هنڌ وري ذري گهٽ نوي ڊگري تي گاڏي بيهاري چيائين ته هن متين عمارت کي ڏس، مون ڏٺي، چيائين منهنجو ننڍ پڻ ان گهر ۾ گذريو آهي، ٻارن کي اتي راند ڪيڏندي ڏسي چيائين ته اسان به بلڪل ائين ئي هنن گهٽين ۾ راند ڪيڏندا هئاسين. گيمزي ڏاڍي خوش هئي هتي اچي.

اسان جي اڳلي منزل چمليجا جي پهاڙي هئي، اسان پارڪنگ ۾ گاڏي بيهاري، متي چڙهڻ شروع ڪيو، هن پهاڙيءَ تان استنبول کي ائين ڏسي سگهجي ٿو جيئن اهو هٿ جي تريءَ تي هجي، انتهائي سهڻو نظارو، هتي ڪافي ماڻهو هئا، گهڻي قدر سيِ ترڪ، ڪن پڪنڪ پي ڪئي ته ڪي وري نماز لاءِ مسجد ڏانهن پي ويا، ڪي فوٽو ڪيڏائڻ ۾ مشغول ته ڪن جي ڪنن تي موبائل فون هئا. هن پهاڙي تي ڪجهه فوٽوگرافر پڻ گهميا پئي جيڪي اتي جو اتي فوٽو ڪيڍي پرنٽ ڪري پيا ڏين. هتي به ڪيفيٽيريا ۽ ڪاڏي پيتي جا ڪجهه اسٽال هئا، ۽ ڪافي ايريا ۾ وري هڪ وڏڪار جي هيٺان پارڪ ٺهيل هئو ۽ اتي مختلف قسمن جا گل، ڦوهارا ۽ ننڍا ننڍا اسٽول ٽيبلن جي چوڌاري رکيل هئا، گيمزي ٻڌايو ته هتي خاص ڪري اونهاري جي موسم ۾ ماڻهو رات دير تائين اچي ويهندا آهن ۽ راڳ جو مزو وٺندا آهن، چيائين اسان به جڏهن هن علائقي ۾ رهندا هئاسين ته گهڻو ڪري رات جو هتي ئي ايندا هئاسين.

اسان کي هتي سج لهڻ جو نظارو ڪرڻو هو ۽ سج لهڻ ۾ اڃا ڪجهه وقت هو، سو هڪ ريسٽورنٽ ۾ وياسين ۽ وڃي هڪ خوبصورت کليل ٽيرس ۾ ويناسين ۽ اتي چانهه

جو مزو ورتوسين. اتي ڪجهه وڏي عمر جون عورتون اچي پرسان واري ٽيبل تي ويٺيون جيڪي پاڻ ۾ دوست پي لڳيون ۽ ساڳئي طرح سان وري ڪجهه ڀيون نوجوان ڇوڪريون ٿورو پر پرو تي اچي ويٺيون، اهي به پاڻ ۾ دوست تي لڳيون. مون انهن کي ڏسي گيمزي کي چيو ته اها منهنجي خواهش آهي ته پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي عورت کي به ايتري آزادي هجي جو هوءَ پاڻ ٻاهر اڪيلي وڃي پنهنجين ساهيڙين سان ائين ڪنهن ڪيفيٽيريا تي بي خوف ٿي وڃي ويهي. گيمزي چيو هڪ ڏينهن ائين ضرور ٿيندو، مون چيومانس ته پاڪستان ۾ وڏن شهرن ۾ ته هاڻي اهو ممڪن آهي پر اجا ننڍن شهرن ۾ عورت ايتري آزاد ناهي ٿي. گيمزي ٻڌايو ته هو پاڻ ۾ ٽي ڀينر آهن ۽ سندن والدين ٽنهي کي اعلي تعليم ڏياري آهي، تعليم سان گڏوگڏ تربيت تي پڻ گهڻي توجهه ڏني وئي آهي ۽ اسان کي غلط ۽ صحيح جي باري ۾ پڻ ٻڌايو ويو آهي.

پاڻ وٽ سنڌ ۾ عورتن جي حوالي سان شيون هن وقت متوازن ٿيون هلن، هڪ پاسي پاڻ هاڻي اهو واضع ڏسي سگهون ٿا ته سنڌ جون ڇوڪريون تعليمي ميدان ۾ پاڻ ملهائين پيون، هاڻي اهي علم حاصل ڪرڻ لاءِ چين کان به گهڻو اڳتي نڪري آمريڪا، آسٽريليا، يوڪرين، بلغاريا، يوڪي، فنليڊ ۽ ٻين الائي ڪهڙن ڪهڙن ملڪن تائين اڪيلي سر نڪري پيون آهن ۽ ظاهري ڳالهه آهي ته انهن کي سندن گهر ڀاتين جي مڪمل مدد ۽ حمايت حاصل هوندي، نه ته پاڻ وٽ رڳو بازار ۾ به عورت اڪيلي نه وڃي سگهندي هئي.

گذريل سال ادي رخسانه ڪانڌڙو (جيڪا فنلينڊ ۾ پي ايڇ ڊي پئي ڪري) وٽ سنڌ کان ادي ڪالاونتي ۽ سندس ڌيءَ روشني فنلينڊ ۾ گهمڻ آيون، اتي ڪجهه وقت گذارڻ کان پوءِ انهن ٽنهي سنڌ جي نياڻين پنهنجي سر پاڻ يورپ جا ڪجهه ملڪ گهمڻ جو ارادو ڪيو، سڀ کان پهريان اهي پاڻي واري جهاز جي ذريعي سئيڊن آيون، اتي ڪجهه ڏينهن رهڻ کان پوءِ ريل گاڏي جي رستي ڊينمارڪ ويون، وري اتان کان پوءِ جرمني، هالينڊ، بيلجيم، فرانس، سئٽزرلينڊ کان ٿينديون وري هڪ دفعو جرمني، چيڪ ريپبلڪ، پولينڊ ۽ بالٽڪ ملڪن لتوينيا ۽ ليٽويا کان ٿينديون اسٽونيا جي شهر ٽالن کان پاڻي واري جهاز ۾ چڙهي واپس فنلينڊ پهتيون. منهنجي خيال ۾ اها ايڏي همٿ هجڻ داد لائق آهي، ۽ ڇوندا آهن ته جنس يا جسماني مضبوطي نه پر انسان جي ارادي ۾ اصل طاقت هوندي آهي. هاڻي پاڻ اهو به ڏسون ٿا ته سنڌ جي عورت هاڻي ڪميشن جا امتحان پاس ڪري پوليس ۽ روينيو جهڙن کاتن ۾ پنهنجون ذميواريون نڀائڻ پيون.

ٻئي پاسي پاڻ وري ڏسون ته پاڻ کي سنڌ جي عورت وري تمام گهڻي مظلوم ۽ پيڙيل به لڳي ٿي، روز اخبارن ۾ هانءُ ڏاريندڙ واقعا رپورٽ ٿين ٿا ۽ انهن کي پڙهڻ کان پوءِ لڳندو آهي ته سنڌ جي ان مظلوم عورت کي اهڙي دلدل مان نڪرڻ لاءِ اجا تمام گهڻو وقت لڳندو، منهنجي خيال ۾ ان جو واحد حل تعليم سان گڏوگڏ تربيت آهي، جتي عورت کي مڪمل آزادي هجي پر ان جي تربيت ۾ اهو شامل ضرور هجي ته اها آزادي پنهنجي

خاندان، مذهب، معاشري، روايتن ۽ ثقافتن کي ڪنهن بہ صورت ۾ ڇيهو نہ رسائي. جتي تربيت جو سوال آهي اتي آءٌ اهو بہ ضرور چوندس تہ نہ رڳو ڇوڪرين پر ڇوڪرن جي بہ تربيت ساڳئي نموني هئڻ گهرجي. اسان کي ان لاءِ فريڊم ود ريسپانسيبلٽي Freedom with Responsibility جو ماحول تيار ڪرڻ گهرجي.

چمليجا جي ٽڪريءَ تان اسان استنبول جو ۽ استنبول جي مٿان سج لهڻ جو ڀرپور نظارو ڪيو. واپسيءَ تي گيمزي مون کان پڇيو تہ تنهنجو سڀاڻي جو پروگرام ڪيئن آهي، آءُ آفيس کان پوءِ اچي سگهان ٿي، مون چيو مانس تون تڪليف نہ ڪر، منهنجي فلائيٽ آهي رات جو سو آءٌ شام ڌاري تہ هونءَ ئي هوائي اڏي لاءِ نڪري ويندس ۽ سڀاڻي منجهند جو منهنجي هڪ ٻي دوست جانن مون سان ڪيڊيڪوئي ۾ ملڻ ايندي. واپسي تي باسفورس تي رات جو نظارو ڪرڻ لاءِ هڪ ٻن جائين تي بہ ٿورو بيٺاسين. گيمزي مون کي واپس هوٽل تي ڇڏيو، مون کيس چيو تہ تنهنجي تمام گهڻي مهرباني جو هيڏو وقت تو منهنجي لاءِ ڪڍيو. وري ملڻ جو چئي هڪ ٻئي کان موڪلايوسين.

هوٽل تي واپس اچڻ کان پوءِ وري ٿورو ٻاهر وڃي پيٽ جي پوڄا ڪئي پوءِ واپس اچي دوست ناهيان ميمڻ سان فون تي ڳالهايم، ناهيان حيدرآباد جو اصل رهاڪو آهي، جيڪو هن وقت استنبول ۾ رهي ٿو ۽ سندس گهر واري اتي جي ڪنهن يونيورسٽي ۾ پي ايچ ڊي پئي ڪري. ميمڻ صاحب موري جي هڪ بئنڪ ۾ پڻ ڪم ڪري چڪو آهي. ترڪي، استنبول ۽ ترڪ ماڻهن جي روين تي ڪافي وقت ڪچهري ٿي. ڪنهن سنڌي دوست سان استنبول ۾ ڪچهري ڪري ڏاڍو مزو آيو.

صبح جو اک کلي تہ ڀائو فاروق جو مئسيج آيل هو تہ اسان جي چاچي فاطمہ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي آهي، ان خبر انتهائي ڏکارو ڪري ڇڏيو.

چاچي جيئن تہ بيمار هئي ۽ منهنجو ارادو هو تہ آءٌ جڏهن ڪراچي پهچي موري ويندس تہ چاچي سان حيدرآباد ۾ ملندو ويندس پر ائين نصيب نہ هو. اسان جي خاندان ۾ مون چاچي فاطمہ، ڦڦي نورخاتون ۽ پنهنجي امڙ شهناز کي ڪڏهن بہ نماز قضا ڪندي نہ ڏٺو. چاچي فاطمہ تہ هي فاني جهان ڇڏڻ کان ٿورو اڳ بہ فجر جي نماز اشارن ۾ ادا ڪئي. الله سائين ٿنهي کي جنت ۾ جاءِ ڏي.

منهنجو ٿورو پروگرام هو تہ صبح جو جانن جي اچڻ کان ٿورو ٻيڙي ۾ چڙهي وري هڪ دفعو يورپ وارو پاسو گهمي ايندس پر پوءِ دل نہ چيو، نيرن ڪري اتي ئي هوٽل جي ڪمري ۾ ويٺو رهيس. جانن چيو هو تہ هوءَ تقريبن هڪ وڳي ڌاري ايندي، آءُ تقريبن يارهين لڳي ڌاري هوٽل کان نڪري اتي ڪيڊيڪوئي ۽ مودا جي علائقن ۾ ڦرندو رهيس، هڪ بجي ڌاري جانن آئي ۽ اسان ٿورو منجهند جي ماني کائڻ جو ارادو ڪيو. مون جانن کي نہ ٻڌايو تہ ٿورو اسان جي خاندان ۾ قضيو ٿي پيو آهي، ڪوشش ڪري مون عام رواجي رويو رکيو. اسان مانجهاندي کان پوءِ اتي وري ساڳين جاين تي گهمندا رهياسين.

مودا جي علائقي ۾ نوجوان جوڙا جوڙا مرمرا سمنڊ جي ڪناري تي ويٺا ها. اتي ڪنهن ڊرائنگ پي ڪئي ته ڪو وري ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو. جانن ٻڌايو ته هوءَ اڄ هڪ نئين نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ڏئي آئي آهي ۽ اميد آهي ته اها نوڪري ڪيس ملي ويندي. اسان اتان ڪان پوءِ پنڌ ڪندا اڳي هڪ ڪيفيٽيريا ۾ ويٺاسين. ڪيفيٽيريا ۾ نوجوان سگريٽن جي سوٽن ۾ مشغول هئا. اسان اتي چانهه ڪيڪ جو مزو ورتو ۽ مختلف موضوعن تي ڪچهري ڪندا رهياسين. جانن ٻڌايو ته هاڻي سندس ذميواريون وڌي ويون آهن ڇاڪاڻ ته سندس وڏو ڀاءُ جيڪو پهريان هتي استنبول ۾ پوليس ۾ هو ان جي بدلي ترڪي جي ڪنهن ٻئي علائقي ۾ ٿي وئي آهي ۽ هوءَ هاڻي سندس ماءُ ۽ پيءُ سان اڪيلي ٿي رهي، جنهن جي ڪري هاڻي سندس ذميواريون وڌيل آهن.

تقريبن ڇئين لڳي اسان ڪيفيٽيريا تان اٿي واپس ڪيڊيڪوئي واري علائقي ۾ آياسين، جتي مون جانن کان موڪلايو ۽ سندس وقت ڪڍي اچڻ جي لاءِ سندس مهرباني ادا ڪئي ۽ هوٽل تان بيگ کڻي سڌو هوائي اڏي جو رخ ڪيم.

## بيلجيم ۾ نانگا پربت جون سارونيون

بيلجيم جي شهر هالي ۾ پنهنجي دوست مارڪ ايلين ۽ سندس فيملي سان ڪجهه ڏينهن گذارڻ جو موقعو مليو، هالي جو ننڍو شهر ملڪ جي گادي واري شهر برسلز کان سورنهن ڪلو ميٽر پري آهي. مارڪ ۽ منهنجو واسطو سن 2000ع ۾ فيئري ميڊوز ۾ ٿيو هو. فيئري ميڊوز پاڪستان جي اترين علائقن ۾ نانگا پربت جي وادي ۾ آهي جتي اسان جا خيما هڪ ٻئي جي پرسان لڳل هئا. مارڪ رکي رکي پنهنجي گهر واري ناديه کي چئي رهيو هو ته عبدالله جو تعلق دنيا جي اهڙي ملڪ سان آهي جتي جيئري جنت موجود آهي. مارڪ نه رڳو فيئري ميڊوز پر اتر پاڪستان جي ٻين به ڪافي خوبصورت علائقن جو ذڪر ڪري ٿڪڙا ساهه پري رهيو هو. هن وڌيڪ چيو ته آءُ هڪ دفعو وري پاڪستان ۽ خاص ڪري فيئري ميڊوز وڃڻ چاهيان ٿو پر افسوس جو تنهنجي ملڪ جا حالات اجازت نٿا ڏين. مون مارڪ کي هرو ڀرو جو حوصلو ڏيندي چيو ته تون هڪ ڏينهن ضرور ويندين. پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي، ملڪي سياح به شايد محفوظ ناهن، جيئن نانگا پربت تي غير ملڪي سياحن کي ماريو ويو ۽ هاڻي تازو ئي ڪوهه مري وارو واقعو هانءُ ڏاريندڙ آهي. سو ڪڏهن ڪڏهن چاهيندي به مڪاني ۽ ملڪي سياح به سفر نه ٿو ڪري سگهي.

مون کي ياد آهي ته مارڪ جڏهن پنهنجي ملڪ موٽي ويو هو ته ڪجهه هفتن کان پوءِ مون ڏي خط لکيو هئائين ته توهان نوجوانن کي گهرجي ته پنهنجي جنت نظير قدرتي نظارن سان مالا مال نيچر جي هر صورت ۾ حفاظت ڪريو ۽ اهو توهان جو اثاثو آهي. بهرحال مون کي اتي خيال آيو ته اسان رڳو پنهنجي سنڌ کي بچائي سگهاسين ته اها ئي اسان لاءِ وڏي ۽ فخر جي ڳالهه هوندي.

فيئري ميڊوز جي جنت دنيا جي نائين نمبر وڏي پهاڙ نانگا پربت جي واديءَ ۾ لڪل آهي. هن جڳهه تي خاص طور تي ملڪي يا ٻاهرين ملڪن جا سياح جيڪي وڏن پهاڙن ۽ حسين وادين ڏسڻ سان گڏوگڏ ٽريڪنگ ڪرڻ جا شوقين آهن، رخ ڪن ٿا. پاڪستاني عام رواجي سياح هتي ڪونه وڃن ڇاڪاڻ ته هي ڪو ڪوهه مري، ڪاغان، ناران يا سوات وغيره وانگر هرگز ناهي جو ماڻهو وين يا جيپ ۾ چڙهي پهچي وڃي. هتي ملڪ جا ايڊوينچرسٽ سياح ضرور وڃن ٿا. فيئري ميڊوز ۾ وڃڻ لاءِ ڪجهه خاص قسم جو بندوبست ڪرڻو پوي ٿو. جنهن ۾ خاص طور تي رهائش لاءِ خيما ۽ سليپنگ بيگز، ڪائڻ پيئڻ جو سامان پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻو پوي ٿو. ان سان گڏوگڏ ٿورو حوصلو ۽ همٿ جي پڻ ضرورت هجي ٿي.

فيئري ميڊوز وڃڻ لاءِ گلگت يا چلاس کان ماڻهو سنڌو درياهه جي مٿان اڏيل رائي ڪوٽ واري پل تي پهچڻ کان پوءِ اتان جي مقامي ماڻهن سان جيپ تي تتو ڳوٺ تائين اوٽ موٽ جي سواري بڪ ڪرائي ٿو ۽ انهن کي وقت ٻڌائي ٿو ته واپس ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت اهي واپس اچي اوهان کي تتو جي ڳوٺ مان واپسي لاءِ کڻن. رائي ڪوٽ واري پل وٽ جيپ ۾ ويهڻ کان پوءِ ئي اصل ايڊوينچر شروع ٿئي ٿو.

ٻن اڍائي ڪلاڪن وارو اهو جيپ جو رستو دراصل هانءُ ڏاريندڙ آهي، هڪ پاسي

وڏيون وڏيون کاهيون آهن ۽ جيپ گهٽي قدر رڳو ٻين گيئر ۾ ئي پٿرن جي مٿان آهستي آهستي رڙهي رڙهي اڳتي وڌي ٿي. الله الله ڪري اهو رستو پورو ٿئي ٿو ته ان ڪان پوءِ وري ستن اٺن ڪلاڪن جي مسلسل ۽ سخت ٿڪائيندڙ ٽريڪنگ شروع ٿئي ٿي جيڪا آهستي آهستي مٿاهين ۽ بلندي ڏانهن وجي ٿي. اتي بيهي ٿورو آرام ڪجي ته سخت سيءُ ورائي وجي ۽ هلڻ شروع ڪجي ته گرمي ۽ پگهر اچڻ شروع ٿي وجي.

فيئري ميڊوز پهچڻ ڪان پوءِ جيڪا اندروني خوشي محسوس ٿئي ٿي ۽ منهن تي جيڪا سرهاڻ اچي ٿي اها رڳو اهي ئي ٻڌائي سگهن ٿا جيڪي ان سچي عمل مان گذريا هجن. سامهون برف سان ڍڪيل نانگا پربت جو پهاڙ جتي مسلسل برف جا وڏا وڏا تودا هيٺ ڪري رهيا هوندا آهن ۽ انتهائي خوفناڪ آواز پيدا ڪري رهيا هوندا آهن. پهاڙ جي پاڙ مان رائي ڪوٽ گليشيئر نڪري ٿو، جنهن جي اندر ئي اندر رجندڙ برف جو درياهه وهندو رهي ٿو، جنهن جو آواز پڻ هر وقت ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

هر پاسي گهاٽا گهاٽا وڏا وڏا وڻ ۽ چئو طرف ساواڻ سان ڀرپور وادي پاڻ ڪي ڀلي ڪار ڪري ٿي. ڪٿي ڪٿي غير ملڪي سياح پنهنجن پنهنجن خيمن اڳيان باهه ٻاري ويٺل هوندا آهن، ته ڪٿي وري ڪي گهوڙي سواري ڪري رهيا هوندا آهن. خان شير خان جيڪو اسان جو اتي سونهو هو اسان ڪي نانگا پربت جي بيس ڪيمپ ڪان ٽريڪنگ ڪرائيندو واپس رائي ڪوٽ گليشيئر ڪان واپس پي وٺي آيو ته ٺيڪ وچ گليشيئر تي اسان ڪي اچي بک ورايو. هن جو ڳوٺ گليشيئر جي ٻئي پاسي واري پهاڙي پويان ڪٿي هو. اسان ڪي اتي ويهڻ جو چئي پاڻ هليو ويو، ۽ ڪلاڪ ڏيڍ ڪان پوءِ لسي جي بوتل ۽ اڦراٽا ڪٽي آيو جيڪي اسان اتي گليشيئر تي ويهي ڪاڌا ۽ بک جي باهه ڪي اجهايوسين. اسان ڪان خان شير خان مهمان نوازي جو سلوڪ ڪندي پيسا نه ورتا ۽ چيائين ته اسان رڳو غير ملڪين ڪان پيسا وٺندا آهيون.

هن وادي ۽ ڀرپاسي جي وادين جا ماڻهو تمام مهمان نواز ۽ پر امن هيا يا شايد اجا به هجن ۽ اسان ڪي ٻڌايائون ته سندن گذر سفر گرميءَ جي موسم ۾ غير ملڪين ڪي سهولتون ڏيڻ تي ئي هلي ٿو ۽ هر ڪنهن ڪي گنج مليو وجي ۽ سياري جي مند ۾ وري برفاني طوفانن جي ڪري اهي گلگت، استور يا آس پاس جي ٻين شهرن ڏانهن هليا ويندا آهن ڇاڪاڻ ته سياري ۾ اتي رهڻ ناممڪن آهي.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته هن جنت نظير وادين ۾ به جيڪڏهن دهشت گرد پهچي ڪري پنهنجون خوني ڪارروايون ڪري واپس هليا ٿا وڃن ته پوءِ ان ۾ آخر ڪير ٿو ملوث ٿي سگهي؟ هتان جا مڪاني ماڻهو ته ائين ڪرڻ ڪان رهيا ڇاڪاڻ ته انهن جو روزگار ئي انهن غير ملڪي سياحن جي اچڻ سان هلي ٿو. باقي هڪ ڳالهه ٿي سگهي ٿي ته شايد هنن جا پاڻ ۾ اختلاف هجن، مثال طور تي ته اهو اسان پاڻ ڏٺو آهي ته جيڪڏهن سوات گهمڻ وجو ته اتان جا ماڻهو اسان ڪي پيا ڊيڄاريندا ته گلگت واري پاسي ويندئو ته

اتان جا ماڻهو اوهان کي ڦريندا ۽ ساڳئي طرح اسڪردو وڃجي ته اتي وري ڪنهن ٻئي علائقي جي باري ۾ پيا ڊيڄاريندا. بهرحال اهڙين پر امن ۽ حسن سان مالا مال وادين تي دهشت گردي ڪري اتان جي ماڻهن کان جن پنهنجي مدد پاڻ جي تحت روزگار جا موقعا پيدا ڪيا آهن انهن کان اهو روزگار ڦرڻ مذمت جوڳو عمل آهي. ظاهر آهي ته جيڪي ٿورا گهڻا سياح انهن علائقن جو رخ ڪندا به آهن ته پوءِ اهي به پڇي ويندا ۽ ٻين پرامن ملڪن جو رخ ڪندا.

## مونٽينيگرو ۾ هڪ ڏينهن

آءُ هاسٽل فلائي برڊ جي رڌڻي مان چانهه ٺاهي اچي ٻاهر رکيل ڪرسين تي ويٺس، اڄ مون کي مونٽينيگرو گهمڻ لاءِ وڃڻو هيو. اهو ملڪ به فارمر يوگوسلاويا جي ٽٽڻ کان پوءِ وجود ۾ آيو هو. چانهه پي اڃا مس بس ئي ڪيم ته اسٽافن اچي ويو، جيڪو اڄ اسان

جو سونهو هيو. مون کي صفا تيار ٿيل ڏسي خوش ٿيو ته وڏيڪ انتظار ڪرڻو نه پوندو. مون ڪاري رنگ جي وين ۾ ويهندي پڇو مانس ته اڄ گهڻا سياح آهن هن گروپ ۾؟ چيائين تو ڪان سواءِ اجا ڇهه ٻيا به ڪٺا آهن. پوءِ اڳتي هلي  هڪ هوٽل تان چار فرانس جا صفا نوجوان ڇوڪرا ڪنيائين ۽ وري هڪ ٻي هوٽل تان هڪ جوڙو ڪنيائين ۽ اسان پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿياسين.

آءُ جيئن ته اڳيان ويٺو هيس ته اسٽافن ڪمينٽري سان گڏ وڳڏ مون سان ڪچهري به ڪندو پئي هليو. هن ڪچهري دوران ٻڌايو ته آءُ پڙهيو ته وڪالت آهيان پرهتي به سفارش ڪان سواءِ ماڻهو ڪنهن سٺي جاءِ تي لڳي نه ٿو سگهي، منهنجي انگريزي سٺي هئي ۽ ڊرائيونگ لائسنس به هيو ان ڪري هن سياحتي اداري ۾ ڊرائيور ۽ سياحتي گائيڊ جي نوڪري جي آڇ ٿي ته اها قبول ڪيم. هاڻي ڏاڍو خوش آهيان جو هن نوڪري ۾ آزادي وڏي آهي. چيائين ته منهنجو پاسپورٽ ته بوسنيا اينڊ هرزيگووينا جو آهي پر نوڪري هن ڪروشيا جي سياحتي اداري ۾ ڪندو آهيان. اهو به ٻڌايائين ته منهنجي ڏاڏي مونٽينيگرو جي هئي ۽ ڏاڏو بوسنيا اينڊ هرزيگووينا جو. اسٽافن وڌيڪ ٻڌايو ته هن سڄي بالڪن ۾ مونٽينگرو جا ماڻهو خاص ڪري اتان جون عورتون تمام گهڻيون سهڻيون آهن. پوءِ مون کلندي چيومانس ته شايد تنهنجي ڏاڏي به ان ڪري  اتان شادي ڪئي هئي؟ ان ڳالهه تي سندس ٽهڪ نڪري ويو.

ڪروشيا ۽ مونٽينيگرو جي وچ تي نومين لينڊ  به هئي جتي اسان وين مان لهي آس پاس جو ديدار ڪيو، هڪ طرف سهڻا پهاڙ ته ٻئي پاسي سمنڊ جو نيرو پاڻي. بارڊر تي پاسپورٽ چڪاسڻ وارو ڪم به ڏهن منٽن ۾ لهي ويو. اسٽافن وڌيڪ ٻڌايو ته هتي مونٽينيگرو ۾ تمام گهڻي ڪرپشن آهي، ماڻهو قانون کي گهٽ ٿا ليکن، اسان جڏهن اجا اڳتي هلنداسين ته ڏسجان ته ماڻهو ڪيئن ٿا پيا روڊن تي هلن، ۽ قانون جي لتاڙ ڪن. هتي ٻين ملڪن جا ماڻهو به ڪرپشن جا پيسا سولائيءَ سان آڻي هتي اچي سيڙپ ڪن ٿا. مون اتي سوچيو ته شايد پاڪستان جي ڪرپٽ ماڻهن کي اجا هن ملڪ جو ڏس پتو ڪنهن ناهي ٻڌايو نه ته هتي به پهتل هجن هان، پر سائين ڪهڙي خبر، متان اڳ ۾ ئي پهتل هجن.

مونٽينيگرو ۾ اندر اڳتي اچڻ کان پوءِ اسٽافن وين هڪ سمنڊ جي ڪناري تي ٺهيل ريسٽورنٽ تي اچي بيهاري. مونٽينيگرو ۾ هر پاسي پهاڙ يا خاص ڪري هن حصي ۾ رڳو پهاڙ ئي پهاڙ هئا. پهاڙن جي وچ ۾ هتي سمنڊ جو نظارو هيو، هرپاسي ننڍيون وڏيون ٻيڙيون نظر پئي آيون. اتي جڏهن هڪ ٻئي سان ٿورو ڳالهايوسين ته خبر پئي ته هي جيڪو جوڙو هيو اهي پاڻ ۾ گرل فرينڊ ۽ بواءِ فرينڊ هيا، ڇوڪري ميڪسيڪو شهر جي هئي ۽ ڇوڪرو وري اصل فرانس جي شهر نينٽ جو هيو پر هاڻي لي آن ۾ ٻئي گڏ پئي رهيا. ڇوڪري جو نالو رونن هيو باقي ڇوڪريءَ جو نالو خبر خدا کي. رونن ۽ ميڪسيڪو واري ڇوڪري ڏاڍا گهلي ملي وڃڻ وارا يا انگريزي ۾ جنهن کي چئجي فرينڊلي هيا. ٿوري دير

۾ اسان ڇهن سفر ۾ هڪ ٻئي جا ساٿي ٿي وياسين. باقي ٻيا جيڪي چار فرينچ ڇوڪرا هيا اهي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان مشغول هيا، شايد سندن انگريزي ڪچي هئي. رونن ۽ سندس گرل فرينڊ ٻڌايو ته اهي سال ۾ هڪ ڀيرو دفعو دنيا جي ڪنهن نه ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ گهمڻ لاءِ ويندا آهن.

اسٽافن واقعي صحيح ٻڌايو، مون ٿورو غور سان ڏٺو ته ماڻهو واقعي به مک روڊن تي بي فڪرائي ۽ لاغرزائي سان ڇڙهي پئي آيا، پاڻ وٽ ته اهو معمول آهي پر هتي يورپ ۾ مون اهو پهريون دفعو ڏٺو. جيئن جيئن اسان اڳتي وڌندا پئي وياسين تيئن تيئن علائقو تمام خوبصورت ٿيندو پئي ويو، پهاڙن جي وچ ۾ سمنڊ، سمنڊ ڪناري انتهائي لگزري گهر، گهرن جي آڏو ٻيڙيون بيٺل، مرد، عورتون توڙي ٻار سڀ گرمي جي ڪري پاڻي جي ويجهو هيا ۽ پاڻي سان لاڳاپيل رانديون به پئي ڪين. ان ۾ مون کي لڳو ته هتي ماڻهو هتان جا مقامي به آهن ته ٻين ملڪن جي امير ماڻهن جا جيڪي گهر ورتل آهن اهي به شايد گرمين جي موڪلن ۾ اتي آيل هيا.

اڳتي هلي اسان جبلن جي وچ ۽ بي آف ڪوتور جي ڪناري آباد انتهائي خوبصورت ننڍڙي شهر پراسٽ ۾ پهتاسين. ڇا ته سهڻو شهر هيو، سبحان الله. هتي به وڏو رنگ هيو، سمنڊ جي ڪناري سان ريسٽورنٽ، ڪيفيٽيريا، سووينيئر جا دڪان، آئسڪريم جا اسٽال، ماڻهن جون خانگي ٻيڙيون توڙي عام مسافرن ۽ سياحن لاءِ پڻ هيون. هتي اسان وٽ ڪلاڪ ڏيڍ جو وقت هيو. اسان سڀ اتان عام مسافرن واري ٻيڙي ۾ ڇڙهي بي آف ڪوتور جي پاڻي ۾ موجود تمام پراڻي دور ۾ هٿراڌو ٺاهيل ٻيٽ آور ليڊي آف راڪس تي پهتاسين، ٻيڙي ۾ ويهڻ ڪان پوءِ به نظارو اچا وڌيڪ نکري نروار ٿيو. هن هٿ راڌو ٺاهيل ٻيٽ تي وڏي ۾ وڏي عمارت هڪ چرچ هيو ۽ سندس لڳو لڳ وري هڪ عجائب گهر، سووينيئر جو دڪان ۽ لائيٽ هائوس هيو. ان جي پرسان وري اتي هڪ ٻيو قدرتي ٻيٽ سينٽ جارج جي نالي سان پڻ هيو جتي وري عيسائين جي ڪا ٻارهين صدي ڪان مونسٽري يا خانقاهه ۽ قبرستان هئو، اتي اسان وڃي نه سگهياسين. اتي ٻيٽ تي رونن کي مون پنهنجي ڪئميرا ڏئي چيو ته منهنجا ڪجهه يادگار فوٽو ڪڍ ۽ ڪچهري دوران مون ڪانئن اهو به پڇيو ته ميڪسيڪو ڪيئن آهي؟ اتي ٻڌو آهي ته ڪرائم تمام گهڻو آهي. ان تي رونن ٻڌايو ته آءُ اتي ڏهه سال رهي آيو آهيان، مون سان انهن ڏهن سالن ۾ ڪو به اهڙو وٽندڙ واقعو پيش نه آيو. سندس گرل فرينڊ به چيو ته آءُ به اتي ئي پيدا ٿي آهيان ۽ وڏي ٿي آهيان پر مون سان به ڪو اهڙو واقعو نه ٿيو آهي. مون کي وڌيڪ چيائون ته جيڪڏهن اتي ويندين ته توکي تمام گهڻو وٽندو ۽ تمام گهڻو مزو ايندئي، بس ماڻهو ڪوشش ڪري ته اويلي وقت تي هرو پرو اهڙين جائين تي نه وڃي جتي ڪو خطرو محسوس ٿيندو هجي يا جنهن علائقي ڪان منع ٿيل هجي.

اسان آور ليڊي آف راڪس ٻيٽ تان واپس اچي چار سئو ڪان به گهٽ آبادي واري

پراسٽ شهر کي گهمڻ شروع ڪيو، اسان وٽ اچا اڌ ڪلاڪ ڪن هيو، شهر ننڍو هئڻ ڪري ان کي گهمڻ ۾ مسئلو نہ ٿيو. ڪنهن دور ۾ هي شهر ملاحن جي شهر طور پنهنجي سڃاڻپ رکندو هيو. شهر ۾ پراڻي وقت جون نهيل سوڙهيون گهٽيون ۽ ڳاڙهي رنگ جي ڇتين ۽ پٿر جا گهر اڃا بہ نظر ايندا. رونن ۽ سندس گرل فرينڊ کان مون پڇيو تہ اوهان پاڻ ۾ ڪٿي مليا هيا؟ رونن ٻڌايو تہ هي پاڻ ميڪسيڪو ۾ نوڪري جي سلسلي ۾ ويو هيو ۽ اتي ڏهہ سال گذارڻ کان پوءِ واپس آيو آهي ۽ پاڻ سان گڏ سندس ميڪسيڪن گرل فرينڊ کي بہ فرانس وٺي آيو آهي. مون ان مان اندازو لڳايو تہ رونن ۽ سندس گرل فرينڊ ان ڪري فرينڊلي آهن جو هي ماڻهو دنيا ڏسيو ويٺا آهن ۽ هنن کي ٻئي ڪنهن نئين ماڻهو سان ڳالهائڻ يا ڪمپني ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا گهبراهٽ محسوس نہ ٿي ٿئي. اها حقيقت بہ آهي تہ جيئن جيئن انسان جو دنيا ۾ ايڪسپوير وڌي ٿو تہ ان ۾ حد درجي جو اعتماد وڌي ٿو جيڪو زندگي ۾ ڏاڍو ڪم اچي ٿو ۽ زندگي آسان ۽ سولي بہ ڪري ٿو.

منهنجو ۽ پياري دوست ممتاز چاچڙ جو اهو خيال آهي تہ ڪتاب پڙهڻ ۽ سفر ڪرڻ سان انسان جو اعتماد وڌي ٿو، سفر ڪرڻ جا موقعا جيڪڏهن ناهن تہ ماڻهو ڪتاب پڙهي پنهنجي اعتماد ۾ واڌارو ڪري سگهي ٿو. انهن کان علاوهہ ٻيا بہ ڪي طريقا ٿي سگهن ٿا. منهنجي خيال ۾ والدين کي گهرجي تہ پنهنجن ٻارن نياڻين توڙي پٽن جو هن دنيا ۾ اعتماد وڌائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن ۽ انهن کي وس آهر اهي موقعا پيدا ڪري ڏين جن سان انهن جي اعتماد ۾ واڌارو اچي.

اسان هاڻي پنهنجي سفر جي آخري منزل يعني رومنس جي هٽان ڏهين صدي ۾ آباد ٿيندڙ شهر ڪوتور جو رخ ڪيو. ڪوتور شهر ايڊرياٽڪ سمنڊ جي بي آف ڪوتور يا گلف آف ڪوتور جي هڪ ڪناري سان آباد آهي. لونلي پلانيٽ هن شهر کي ڪجهہ سال پهريان گهمڻ لاءِ دنيا جو پهريون نمبر شهر قرار ڏنو هئو. مون جڏهن نقشي تي غور سان ڏٺو تہ خبر پئي تہ اصل ۾ اسان بي آف ڪوتور يا گلف آف ڪوتور جي چوڌاري پئي ڦرياسين. جڏهن ڪوتور ۾ داخل ٿياسين تہ تمام گهڻا سياح منهن ۾ پيا. شهر کي ساڍا چار ڪلو ميٽرن جي پٿ پڻ آهي، جيڪا پراڻي زماني ۾ شهر جي بچاءَ لاءِ اڏي وئي هئي. اسٽافن اسان کي هتي ٽن ڪلاڪن جو وقت ڏنو، جنهن ۾ شهر کي بہ گهمڻو هيو ۽ منجهند جي ماني بہ کائڻي هئي. آءُ اڪليو ئي اڪيلو اڳتي وڌندو ويس. پراڻي شهر ۾ داخل ٿيس تہ ٻاهرين ملڪن جا سياح ڪولين وانگر نظر آيا جيڪي هيڏي هوڏي گهمي رهيا هئا. هتي بہ ريسٽورنٽ، ڪيفيٽيريا، سووينيئر جا دڪان، مون کي ڊبرونوڪ، مالٽا ۽ هتي ڪوتور جو پراڻو شهر سڀ تقريبن هڪ جهڙا لڳا.

هن شهر ۾ سياحن جي اچڻ ۾ سن 2000ع کان واڌ شروع ٿي آهي جيڪا لڳاتار وڌندي ئي رهي ٿي. سياحن کي هڪ تہ اتي موجود قدرتي نظارا ۽ ٻيو شهر جو پراڻو حصو پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. شهر جو اهو پراڻو حصو لڳ ڀڳ ٻہ هزار سال پراڻو آهي ۽ هڪ اهم

بندرگاهہ جي حيثيت پڻ هن ئي شهر کي ملندي رهي آهي. هن وقت هن شهر ۾ روڊ جي رستي تہ سياح اچن ئي ٿا پر گهڻا وري وڏن وڏن پاڻي جي سياحتي جهازن ۾ اچي لنگر انداز ٿين ٿا. شهر ۾ هتي بہ سياحن توڙي مقامي ماڻهن جو ساڳيو مشغلو هيو يعني پاڻي سان لاڳاپيل رانديون، سمنڊ ۾ ترڻ ۽ پوءِ اس ۾ اچي بت سيڪڻ. تمام گهٽيون خانگي ماڊرن ٻيڙيون ڪنارن سان لڳل هيون. آءُ شهر گهمندو گهمندو تمام گهڻو اڳتي نڪري ويس، پر هر پاسي ڪان نظارو الڳ ۽ نرالو هيو. اڄ مون سوچيو تہ ماني ڪنهن اهڙي جاءِ تي کائڻي آهي جتي سياح گهٽ هجن. پوءِ اتي هڪ ننڍو ريسٽورنٽ هٿ ڪري اندر اچي ويٺس. ماني تمام سستي هئي ۽ وري تمام لذيذ پڻ. مک همراهہ جيڪو اتي ماني ڏاهي پيو شايد مالڪ هيو پر اتي ٻيا بہ ڪافي ملازم هيس جيڪي پڻ ڪم ڪار ۾ رڌل هيا. مالڪ تمام گهڻو خوش مزاج هيو. اتي ڪجهہ فلپائين جا سياح اندر آيا، پوءِ انهن سان ڏاڍي مشڪري پئي ڪيائين. آءُ اجا اتي ماني کاڌي ئي پئي تہ ڏٺم تہ رونن ۽ سندس گرل فرينڊ بہ ساڳئي ريسٽورنٽ مان ماني کائي ٻاهر پئي نڪتا.

پراڻي شهر مان مٿي پهاڙي تي وڃڻ جو ٽريڪ بہ هيو جتان هن ڪوتور شهر جو فضائي نظارو ٿي پئي سگهيو، پر وقت جي گهٽتائي جي ڪري آءُ ان ٽريڪ تي نہ وڃي سگهيس. مون کي هتي بہ محسوس ٿيو تہ هتي بہ رڳو ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ اچڻ هن خوبصورت علائقي سان بي واجبي آهي. دل چيو تہ ايترو وقت هجي جو بي آف ڪوتور جي چوڌاري سڀ شهر سانهہ ستيءَ سان گهمي ڏسجن. واپسي تي رونن چيو تہ جيڪڏهن تنهنجو فرانس ۾ لي آن اچڻ ٿئي تہ مون سان ضرور رابطو ڪجان ۽ مون بہ کيس ائين ئي اسٽاڪهولم جي لاءِ چيو. بارڊر تي واپسي ۾ ڪجهہ رش هئڻ ڪري اسان کي اتي اڌ منو ڪلاڪ ڪن لڳي ويو.

# دبئيءَ جو سير

جنوري 2020ع ۾ موري کان اسٽاڪهولم واپس وڃڻو هو. هن دفعي پنهنجي پياري ۽ نندي هوندي جي دوست محمد معروف چانڊئي سان دبئي ۾ ڪجهه ڏينهن گڏجي گهمڻ ڦرڻ ۽ ملڻ جو پروگرام رٿيل هئو. دبئي سان منهنجي پهرين سڃاڻپ ننڍي هوندي ئي بابا جي دوست سائين محمد رمضان ميمڻ جي معرفت ٿيل هئي، جيڪو ان وقت دبئي ۾ اصيل صافي ڪمپني ۾ نوڪري ڪندو هو. اسان جڏهن ننڍا هوندا هئاسين ته هو جڏهن به موڪلن ۾ ڳوٺ موري ايندو هو ته بابا ان جي دعوت ڪندو هو ۽ ان دعوت ۾ چاچا هادي بخش ميمڻ ۽ چاچا علي اڪبر ميمڻ ۽ ٻيا به ڪجهه بابا جا دوست شريڪ ٿيندا هئا. اسان کي ان وقت دبئي لاءِ وڏو تجسس هوندو هو ۽ ان ڪچي عمر ۾ جيڪي به ڪچا ڦڪا سوال ذهن ۾ ايندا هئا اهي سائين محمد رمضان ميمڻ کان پڇندا هئاسين. ان ڪچهري ۾ هڪ بلوچ صاحب جو ذڪر به ايندو هو جيڪا بعد ۾ خبر پئي ته اهو سائين امداد ٻهراڻي بلوچ صاحب آهي.

ڪراچي ۾ پياري ۽ محترم دوست ٽي وي ۽ پرنٽ ميڊيا جي ناليواري صحافي ۽ رپورٽر ڀائو منصور مغيري ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ محمد فاروق جي ڪلاسي ۽ اسان جي گڏيل دوست ناصر مورائي جن سان رات جي ماني تي ملاقات ڪرڻ کان پوءِ، ادا منصور مون کي جناح ٽرمينل ڪراچي تي ڊراپ ڪيو. جتان آءُ فلائي دبئي جي جهاز ۾ چڙهي اچي دبئي پهتس. تمام گهڻو مينهن وسيل هو ۽ جهاز به ان ڪري ڪافي ليٽ پي ٿيا. بهرحال اميگريشن جي ڪائونٽر تي آيس جتي عرب سڳوري پاسپورٽ تي ٺپو هنيو ۽ ان سان گڏو گڏ سم ڪارڊ ۽ سياحتي ڪتابچا ڏيندي چيائين ويلڪم ٽو دبئي عبدالله. مون کيس مهرباني چئي ۽ پڇيو مانس ته هون ته آءُ ٽن ڏينهن کان پوءِ هليو ويندس پر ٿورو تجسس ۾ آهيان ته هتي قانوني طريقي سان گهڻو وقت رهي سگهان ٿو، مشڪي چيائين ته نوي ڏينهن. دبئي جي هوائي اڏي کان ٻاهر آيس ته صبح جا يا ڪٽي چئجي ته اڌ رات جا شايد ڍه اوائي ٿيا هئا ۽ هلڪي هلڪي ڦڙ ڦڙ هلي رهي هئي. ٽيڪسي ڪري ڊيرا دبئي جي علائقي ۾ هوٽل آئيبيس الرگا اسٽريٽ تي اچي چيڪ ان ڪيم.

هوٽل جي رسيپشن وارن مون کي صبح جو ناشتي جو وقت ۽ جڳهه ٻڌائي ۽ هوٽل جي ڪمري جي ڪي هولڊر تي لکيل وائي فائي جو پڻ ٻڌايائون. هوٽل جو ڪمرو مون کي شايد نائين يا ڏهين فلور تي مليو هو. هئي ته جنوري پر هلڪي ايئر ڪنڊيشن هلائڻي پئي. ڪمري ۾ پاڻي جون بوتلون، چانهه، ڪافي ۽ ڪير جو بندوبست موجود هيو. ٿڪاوٽ جي ڪري جلد اکيون ڳريون ٿيڻ لڳيون سو بهتري ان ۾ ئي سمجهيم ته بستري ۾ سمهي پئجي ته ڀلو جيئن صبح جو ماٿهو وري تازو توانو هجي. اتي پياري معروف سان به ڳالهه

ٻولهه ٿي ۽ ڪيس خير خيريت سان هوٽل تي پهچي وڃڻ جو ٻڌايم ۽ معروف جي آفيس جي ڪري اسان ٻنهي شام جو سندس آفيس ڪان پوءِ ملڻ جو پروگرام رٿيو.

ٻئي ڏينهن ناشتي واري ايريا ۾ ويس ته اتي هر نسل جا ماڻهو پئي نظر آيا، ناشتو به ساڳيو جيئن تقريبن هر هنڌ هوٽلن ۾ هوندو آهي، ناشتي مان فارغ ٿي رسيپشن تي اچي اتي موجود هڪ ٻن سياحتي ڪمپنين جي نمائندن سان انهن جي سياحتي ماڳن ۽ قيمت بابت حال احوال ڪيم ۽ ڪجهه سياحتي ڪتابچا پڻ ڪنيم. ڪمري ڏانهن ئي ويس پي ته معروف جو فون آيو، جنهن سندس اچڻ ڪان پهريان اتي آس پاس ڪجهه شين گهمڻ ۽ ڏسڻ جي صلاح ڏني، جن ڪي مون نوٽ ڪري ڇڏيو. ڪمري تان تيار ٿي پنهنجي رڪ سيڪ ۾ ضرورت واريون شيون، ڪيميرا، پاڻي وغيره کڻي اچي الرگا روڊ تي هڪ سيلاني سياح وانگر پنڌ هلڻ شروع ڪيم. آس پاس جو جائزو وٺندو اڳتي وڌندو رهيس. روڊ صاف سٿرا هئا. پر اتي هڪ عجيب ڳالهه منهنجي مشاهدي ۾ آئي ته اتي هر ٿوري گهٽي پنڌ ڪان پوءِ مختلف وزيٽنگ ڪارڊ پٽ تي اڇليل هئا، جن تي مساج جي سروس ۽ سندن رابطي جا نمبر لکيل هئا. پوءِ جنهن ڪي کڻي کڻي.

بهرحال معروف جي صلاح مطابق اتي موجود الغرير مرڪز جيڪو هڪ وڏو شاپنگ مال هو گهمڻ ويس، ٿورو هيڏانهن هوڏانهن اتي چڪر ڏئي اچي هڪ دفعو وري الرگا روڊ تي پهتس ۽ جتان وري شارع عمر بن الخطاب تي پهتس. هن روڊ تي جڏهن هلڻ شروع ڪيم ته مون ڪي مراڪش جي هوٽل ياد آئي، اها هوٽل به عمر بن الخطاب روڊ تي هئي. وڏيون ۽ جديد قسم جون عمارتون، گاڏيون ۽ ان سان گڏوگڏ ڪجيءَ جا وڻ هر پاسي نظر پئي آيا. اتي ڪجهه پاڪستاني به نظر آيا جيڪي پاڪستاني انداز ۾ ڪانچ قميص پهري سائيڪلن تي چڙهي ڪاڏي وڃي رهيا هئا. هڪ ٻه چوراها پار ڪري روڊ جي آخر ۾ پهتس ته دل مان واقعي نڪري ويو واهه سائين واهه زبردست، منهنجي سامهون دبئي ڪريڪ هئي جنهن ۾ ننڍيون وڏيون ٻيڙيون هلي رهيون هيون، اتي هڪ دم مون ڪي اٽلي جو شهر وينس ياد آيو. پر هتي دبئي ڪريڪ جي آس پاس تمام گهڻيون ڊگهيون عمارتون هيون جيڪي وينس ۾ ناهن.

بني ياس نالي ٻيڙين جي اسٽاپ تي اچي ٽڪيٽ گهر واري ڪان معلومات ورتي ته دبئي ڪريڪ جي پرئين پار يعني بر دبئي وڃڻ لاءِ ٻيڙي ڪيڏي مهل ايندي ۽ ان جو ڪرايو ڪيترو آهي؟ ڪرايو شايد ڪو هڪ يا ٻه درهم هئو ۽ ٻيڙي پندرنهن ويهن منٽن ۾ اچي وئي، هلائڻ وارو به شايد ڪو پاڪستاني يا انڊيا جو هئو. دبئي ڪريڪ جو پاڻي انتهائي صاف سٿرو هو. بقول معروف جي ته هي دبئي ڪريڪ پهريان هڪ پاسي بند هوندي هئي، پوءِ ان ڪي ٻئي پاسي به کوٽائي ڪري سمنڊ سان ملايو ويو آهي، جنهن جي ڪري هاڻي بر دبئي هڪ ٻيٽ جي صورت اختيار ڪري ويو آهي.

مون ٻيڙيءَ ۾ ويٺي ويٺي دبئي جي ٻنهي پاسن يعني بر ۽ ديرا دبئي جا نظارا ڪيا

۽ انهن نظارن کي ڪيميرا جي اک سان محفوظ ڪندو رهيس. ڊيرا دبئي جا جاڙا يعني ٽوئن ٽاورز پڻ هتان واضع نظر اچي رهيا ها. انتهائي دلفريب، جديد ۽ سهڻيون عمارتون هر طرف نظر پئي آيون، آسمان ۾ چڙ وچڙ ڪڪرن جو هجڻ، وري انهن ڪڪرن جي وچان نيرو آسمان ۽ دبئي ڪريڪ جي مٿان اڏامندڙ پکي لڳي پيو ته سڀ جا سڀ ٻيڙي جي مسافرن ڏانهن ليئا پائي رهيا هئا. ٻيڙي تقريبن پنجن منٽن ۾ اسان کي ڊيرا کان بر دبئي جي السيف ميرين ٻيڙين جي اسٽاپ تي پهچائي ڇڏيو. جتان کان پوءِ مون وري هلڻ شروع ڪيو.

هن السيف جي علائقي ۾ عمارتون ته نيون آهن پر پراڻي دور جي طرز جون ٺهيل آهن، دبئي اولڊ سٽي يا السيف هيريٽيج سوق انتهائي دلچسپ ۽ سهڻو علائقو آهي، جيڪو سياحن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. هتي ڪافي تعداد ۾ دڪان، ڪيفيٽيريا، ريسٽورنٽس، تحفن، سووينيئرس ۽ ڪپڙي لٽي جا دڪان نظر ايندا. هتي دڪان اهڙي طرز سان ٺاهيا ويا آهن ته جيئن سياحن کي دبئي جي پراڻي دور جي رهڻي ڪهڻي جي جاڻ ملي سگهي. هتي مون ڏٺو ته گاري جي لمبائي سان ٺهيل گهر جن ۾ ڪاٺ جا بنڊ استعمال ٿيل هئا، ڪاٺ جي درين ۾ لوهي شيخون، ڪاٺ جي پڃرن يا لڪڙن ۾ ڇپر ڦاسايل، لوهه جي ڪڙي سان ڪاٺ جي تاڪن جا در جيڪي مختلف حصن ۾ هوندا آهن، پاڻي جي ننڍي نادي جيڪا ڪاٺ جي چئن پاون يا گهڙا منجي قسم جي شئي ۾ ڦاسايل هجي، هڪ ننڍو بلب جيڪو محدود قسم جي روشني ڏيندو هجي، ڪجين جا وڻ، گاسليٽ واري بتي، تيل يا گاسليٽ جا ڊرم، گهرن جي مٿان ڪوئن تان پتين ۾ چاريون، ڪٿي ڪٿي وري پتين تان گارو لٿل، جنهن مان سرون نظر اينديون هجن، گهرن جي ٻاهران سائيڪلون بيٺل، گهرن جي وراندن جي دروازن ۾ گول پلر ۽ انهن جي مٿان وري گول ونگن جي ڊزائن، ڪٿي ڪٿي عرب پنهنجي روايتي ڪپڙن ۾ اٺ سان بيٺل نظر اچي ٿو ته ڪٿي وري عربن جو ننڍو خاندان ڏيکاريل آهي. هتي به سياحن جي ڪافي رونق لڳل هئي. هن علائقي ۾ مون کي گهمندي ڏاڍو مزو آيو. هتي مون کي لڳو ته ڄڻ هي ڪو سنڌ جو علائقو هجي، چاڪاڻ ته پاڻ وٽ اجا به اهي مٿي ذڪر ڪيل شيون استعمال هيٺ آهن ۽ اهڙي قسم جو ماحول اجا به آهي.

مون ڪافي وقت هن علائقي ۾ گذاري يادون اندر ۾ سانديون ۽ اڳتي هلي اچي الفهيدي ميرين ٻيڙين جي اڏي تان هڪ دفعو وري ڊيرا واپس وڃڻ لاءِ ٻيڙي ۾ چڙهيس، جنهن پنجن منٽن ۾ السبخة ميرين ٻيڙين جي اڏي تي اچي لاٿو. اجا وقت ڪافي هو سو السبخة ميرين ٻيڙين جي اڏي کان آءُ واپس هوٽل وڃڻ کان بهتر سمجهو ته اجا اڳتي وڃان ۽ هلندو هلندو اچي ڊيرا اولڊ ميرين سوق ٻيڙين جي اڏي تائين پهتس جتي آءُ هڪ سحر ۾ طاري ٿي ويس. هتي پراڻي وقت جا ڪاٺ مان ٺهيل مال بردار ٻيڙا بيٺل هئا، ڪن ۾ شايد مختلف قسم جو مال چاڙهيو پئي ويو ۽ ڪن مان وري لاٿو پئي ويو. ڪن ٻيڙن تي ڪن نماز پئي پڙهي ته ڪن وري ڪا راند پئي ڪئي، ڪي وري شايد ڪچهري ۾ مشغول هئا ته ڪي وري موبائل ۾ منهن وجهيو ويٺا هئا، ڪن وري ماني پچائڻ جي تياري پئي ڪئي. هڪ

ٻيڙي جي بلڪل مٿانهين حصي تي عقيدت منجهان الهم صل عليٰ محمد وآل محمد لکيل هو. معروف ٻڌايو هو ته هونءَ ته دبئي پڻي ڪيڏي به ترقي ڪري وڃي پر پنهنجي اها پراڻي سڃاڻپ اڃا تائين برقرار رکيو اچن، اتي خبر پئي ته اهو پراڻو پورٽ گهڻي قدر ايران سان پراڻن وقتن کان ڪاروباري سرگرمين لاءِ استعمال ٿيندو اچي. مون کي اتي دل ۾ هڪ خواهش پيدا ٿي ته ڪاش آءُ ڪڏهن اهڙي قسم جي ٻيڙي ۾ سفر ڪيان ۽ انهن جي زندگين جي باري ۾ ٿوري تحقيق ڪري ڪجهه لکان. مون کي اتي مائيڪل پيلن جو پروگرام ارائونڊ دي ورلڊ ان ايٽي ڊيز پڻ ياد آيو، جيڪو بي بي سي ٽي وي تي گهڻو وقت اڳ هليو هو، جنهن ۾ مائيڪل اهڙي قسم جي ٻيڙن ۾ پڻ سفر ڪيو هو.

اتان کان اڃا به اڳتي هلندو هلندو هيڏانهن هوڏانهن گهمندو رهيس، جتي هڪ پراڻي بازار نظر آئي، جتي گهڻي قدر مصالحن ۽ جڙي ٻوٽين جا دڪان هئا پر ان سان گڏوگڏ ٻيا به ڪافي دڪان ان بازار ۾ موجود هئا، هن کي پراڻي بازار يا دبئي اسپائس مارڪيٽ پڻ چون. اتي آس پاس ٻيا به مارڪيٽ ۽ دڪان هئا جن ۾ سون ۽ هيرن جي زيورن جا دڪان، مرشد بازار جنهن ۾ ڪپڙي جي وري هڪ گهڻي نظر آئي، جيڪا ڪافي مصروف پئي لڳي. اتي ٻيون به ڪافي ڪاروباري ادارن جون آفيسون نظر آيون. هن علائقي ۾ به گهمي تمام گهڻو مزو آيو. هتان کان پوءِ مون هوٽل واپسي جو ارادو ڪيو ۽ هڪ دفعو وري پنڌ ئي پنڌ گهمندو ڦرندو پيٽ پوڄا ڪندو اچي هوٽل پيڙو ٿيس، جتي مون شام جي چانهه ٺاهي پيتي ۽ ٿورو اهليس ته جيئن وري ٿوري توانائي ملي ته جيئن وري معروف سان گڏجي رات ڏاري ڪجهه ٻيون شيون گهمي ڏسان.

معروف تقريبن سج لٿي ڏاري سڌو آفيس کان آفيس جي ڪپڙن سوٽ، ٻوٽ ۽ ڪوٽ ۾ ئي هوٽل آيو، هڪ ٻئي کي پري کان ئي ڏسي ۽ ملندي منهن تي سڪ، مشڪ ۽ خوشي جي لهر ٻنهي محسوس ڪئي. پهريان ته اتي هوٽل جي لابي ۾ ويهي ڪجهه ٽڪڙي ٽڪڙي ڪچهري ڪئيسين، پوءِ وري رٽيوسين ته پهريان هلي پيٽ پوڄا ڪجي ۽ وري پوءِ دبئي جي ٿوري نائيٽ لائيف ڏسجي. هوٽل جي پرسان ئي ڪي ايف سي تي رات جي ماني کائي، پوءِ اسان معروف جي گاڏي ۾ هيڏانهن هوڏانهن جا چڪر ڏيندي ڊيرا دبئي ڪلاڪ ٽاور کان ٿيندا پل پار ڪري بر دبئي واري علائقي ۾ داخل ٿي وياسين. ٿوري دير هلڻ کان پوءِ اسان شيخ زيد روڊ تي هئاسين ۽ اسان جي ڪاٻي پاسي ميوزم آف فيوچر عجائب گهر جي انتهائي سهڻي بيضوي شڪل جي عمارت هئي، ان ۾ گڏيل عرب عمارتن جي سربراهه شيخ محمد بن راشد المڪتوم جا عربي خطاطيءَ ۾ مستقبل بابت چيل جملا اڪريل آهن. هتي به تمام ڊگهيون عمارتون هيون ۽ هتان برج خليفا پڻ نظراچي رهيو هو. اسان اڃا اڳتي وڌندا وياسين ۽ جميرا واري علائقي ڏانهن سمنڊ واري پاسي هلندا هلندا اچي برج العرب پهتاسين، جنهن کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ رنگ برنگي روشنين جو سٺو بندوبست ٿيل هو.

اسان جي اڳلي منزل وري مدينة جميرا هئي، هي عربي طريقي جو خوبصورت

۽ گڏيل عرب عمارتن جو وڏي ۾ وڏو ريزارٽ يا سير گاهه آهي، جيڪو چاليهه هيڪٽرس تي مشتمل آهي ۽ عربن جي ڪنهن پراڻي شهر جي مشابهت سان اڏيل آهي. هتي ڪئين ريسٽورنٽس، ڪجهه هوٽلون، ڪاٽيجز ۽ شاپنگ مال وغيره موجود آهن. مون کي جنهن ڳالهه هتي وڏيڪ متاثر ڪيو اهو هو اتان جو شاپنگ مال جنهن ۾ عرب پراڻي طريقي جا دڪان نئين انداز ۾ ٺهيل آهن ۽ انهن ۾ وري پراڻين شين يعني اينٽيڪ قسم جي شين جا دڪان وري پاڻ ڏانهن سياحن کي متوجهه ڪن ٿا. هتي ٻي جيڪا ڳالهه مون کي تمام گهڻي وڻي اهو هو اتان جو پاڻيءَ جو ڪئنال جيڪو هن مدينة جميرا کي چوڌاري گهيري ويٺو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي وري اهو وچان پڻ وهي ٿو ۽ ننڍين ننڍين پلين سان ڳنڍيل آهي. هتي وينس وانگر ٻيڙيون پڻ هلن ٿيون. اسان هتي سٺو وقت گذاريو، هتي به ماڻهو پنهنجي زندگي جا ڀرپور پهر گذاري رهيا ها، ڪي ڪاٺ ۾ ته ڪي وري پيئڻ ۾ ته ڪي ڪچهري ڪندي وڏن وڏن ٽهڪن ۾ مشغول هئا. هتان برج العرب به تمام ويجهو هو ۽ اسان کي ڪافي ويجهڙائيءَ کان تصويرون ڪڍڻ جو موقعو مليو.

واپسي تي اسان جميرا بيچ تي چانهه جي چسڪي جو مزو وٺڻ لاءِ وياسين، فلي چانهه لڳ ڀڳ ديسي طريقي جي ئي هئي، جيڪا اتي موجود ننڍي ڪيفيٽيريا تان مليو وجي، اتي سمنڊ جي ڪناري تي ڪچهري به ڪندا رهياسين ۽ موسم ۽ آس پاس جي ماحول جو مزو پڻ وٺندا رهياسين، آس پاس ماڻهن ديسي ٻوليون پئي ڳالهايون. واپسي تي وري ٻي چانهه جو مزو اسان وري هوٽل جي ڪمري تي ورتو ۽ ننڍي هوندي ۽ اسڪول جي ڏينهن کي ياد ڪندا رهياسين ۽ وڏا وڏا ٽهڪ پڻ ڏيندا رهياسين. اها ڪچهري تقريبن رات جو ٻين اڍائين بجي تائين هلي.

ٻئي ڏينهن صبح جو اٽيس ته ناروڀجيئن ايئر لائنز وارن جو ميسيج آيل هو ته اوهان جو جهاز سياڻي دبئي کان اسٽاڪهولم لاءِ روٽ مٽائڻ جي ڪري مقرر وقت کان وڌيڪ وقت لڳائيندو ۽ هاڻي دبئي کان پوءِ سائپرس جي شهر پافوس ۾ تيل ڀرائڻ لاءِ تقريبن هڪ ڪلاڪ بيهندو. پوءِ ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته انهن ڏينهن ۾ ايران يوڪرين جو جهاز غلطي ۾ ڪيرايو هو، جنهن جي ڪري ايران جي مٿان جيڪا ايئر ٽريفڪ گذرندي هئي، انهن پنهنجا روٽ مٽائي ڇڏيا هئا. بهرحال صبح جو ناشتو پاڻي ڪري الرگا جي زمين اندر هلندڙ ريل يعني دبئي ميٽرو ۾ چڙهي ڊائون ٽائون دبئي، دبئي مال ۽ برج خليفه ڏسڻ لاءِ نڪتس. ريل جا پليٽ فارم ۽ ريل اندران به ڏاڍي صاف سٿري هئي. ٽرين تقريبن پنجويهن ٽيهن منٽن ۾ برج خليفه دبئي مال جي اسٽيشن تي اچي لاٿو جتان وري ڪلو ميٽر کن کان ٿورو سوايو دبئي مال تائين پنڌ هو، هلندو هلندو ۽ دبئي مال پاسي ويندڙ هدايتون ۽ نشان ڏسندو اچي پهتس.

دبئي مال انتهائي وڏو شاپنگ مال آهي، مون کي ياد نه ٿو اچي ته مون ڪو ايترو وڏو مال پهريان ڪٿي ڏٺو هجي. صاف سٿرو، وڻ وڻ جي ڪائي ۽ دنيا جهان جا ماڻهو هتي

پي گهميا، آءُ نہ ٿو سمجهان تہ هتي ڪنهن برانڊ جو دڪان نہ هوندو. بهرحال منهنجي خريداري سان ڪا خاص دلچسپي ناهي، سو اتي ٿورو گهڻو چڪر ڏئي اتان اندران ئي برج پارڪ ۾ ويس جتي برج خليفہ ۽ دبئي فائونٽين آهي. هتي بہ پانت پانت جا ماڻهو گڏ ٿيل هجن، جيڪي سڀ جا سڀ فوٽو ڪڍڻ ۾ مشغول هئا. انتهائي صاف شفاف پاڻي جي ڀئي پاسي تمام ڊگهيون عمارتون ۽ انهن ۾ وري برج خليفہ جي عمارت جي اڳيان ڀيون سڀ بونيون پي لڳيون. اتي پارڪ ۾ اجا گهميس ئي پئي تہ مون محسوس ڪيو تہ ڪافي ماڻهو هڪدم اتي گڏ ٿي ويا، پوءِ اوچتو ساز وڄڻ شروع ٿي ويا ۽ پاڻي جي وچ ۾ ڦوهاري انهن سازن جي ڌن سان نچڻ شروع ڪيو، سازن جي ڌن هيٺ مٿي ٿيڻ سان پاڻي بہ هيٺ مٿي پي ٿيو. اهڙي قسم جو ڦوهارو مون مراڪش ۾ بہ ڏٺو هو پر اهو تمام ننڍو هو. هي پارڪ بہ انتهائي ڪاريگري سان تعمير ڪيو ويو آهي، جيڪو دبئي ايندڙ سياحن کي پاڻ طرف متوجهہ ضرور ڪري ٿو. اتان واپسي تي ٿورو ڊائون ٽائون دبئي جو چڪرڏيندو، هڪ دفعو وري اچي ٽرين ۾ چڙهيس. ٽرين ۾ چڙهي وينس تہ منهنجي پر واري سيٽ تي جيڪو ڇوڪرو ويٺو هئو ان سنڌي ۾ پي ڪنهن سان ڳالهايو، ڳالهائي بس ڪيائين تہ پڇومانس تہ ڪٿان جا آهيو، هڪدم چيائين تہ موري جو، مون چيو واهہ واهہ. پاڻ موري جي پرسان جو سولنگي هئو، جيڪو دبئي ۾ ايئرڪنڊيشن جي سروس جو ڪاريگر هئو.

هاڻي منهنجو ارادو هو تہ دبئي ميرينا ۽ جميرا بيچ ريزيڊنس ۽ ان جي آس پاس ڪجهہ علائقا گهمي ڏسجن. ٽرين مان صوبحا ريئلٽي ميٽرو جي اسٽيشن تي اچي لٿس جتان گهمندو ڦرندو اچي دبئي ميرينا واري علائقي ۾ پهتس ۽ وات مان پاڻ ئي واهہ واهہ نڪري ويو. دبئي ميرينا ٽن ڪلو ميٽرن تي اڏيل هٽرادو شهر آهي، جيڪو پرشين گلف جي ڪناري سان آهي، هڪ قسم جو ٻيٽ آهي، جنهن جي چوڌاري هڪ ڪينال ٺهيل آهي. انتهائي خوبصورت عمارتون، ڪجين جا وڻ ۽ انهن جي چوڌاري ڪئنال جو صاف شفاف پاڻي ۽ انهن ۾ بيٺل انتهائي جديد ٻيڙيون، جيڪي شايد گهڻي قدر سياحن کي گهمائڻ لاءِ بيٺل هيون، اتي ڪجهہ ڪمپنين جي ماڻهن انهن بابت بروچرز پڻ ڏنا پئي، جن ۾ پام جميرا جو چڪر لڳرائڻ جا پيسا، وڃڻ جو وقت ۽ واپسي جو وقت لکيل هو. پام جميرا سمنڊ مان حاصل ڪيل زمين ۾ ڪجي جي وڻ نما وڏو علائقو ناهيل آهي، جيڪو پڻ سياحن کي پاڻ طرف متوجهہ ڪرائي ٿو. ڪافي وقت اتي گذريو ۽ ڪافي فوٽوگرافي پڻ ٿي.

اتان وري اڳتي هلندو هلندو اچي جميرا بيچ ريزيڊنس پهتس، انتهائي سهڻو علائقو جتي جديد قسم جون رهائشي ۽ هوٽلن جون عمارتون آهن. واريا سا سمنڊ جا ڪنارا مون کي ائين لڳا جڻ تہ يورپ جي ڪنهن سمنڊ جو ڪنارو هجي، جتي ماڻهو پاڻيءَ ۾ ترڳي وري اچي واري تي ليٽن ۽ اس سان بت کي سيڪين. هتي بہ جديد طرز جا ڪيفيٽيريا، ريسٽورنٽس، دستڪاريءَ جا دڪان ۽ برانڊيڊ شين سان پريل شاپنگ مال وغيرهہ آهن. هتي ماڻهو گهڻي قدر پنڌ گهمڻ کي ترجيح ڏين پيا. يورپ جي طرز جا ننڍا ڦوهارا يا ننڍا پارڪ

پڻ هئا جن ۾ ماڻهن، پکين ۽ جانورن جا مجسما پڻ ٺهيل ها. آخر ۾ ڦري سري هوٽل واپس وجڻ لاءِ اچي ڊِي ايم سي سي جي اسٽيشن تي پهتس، جنهن اچي الرگا اسٽيشن تي چاليهارو ڪن منٽن ۾ پهچايو. ٿوري پيٽ پوڄا ڪري پوءِ اچي ڪمري تي چانهه ٺاهي پيتي ۽ ٿوري چيلهه ڍگهي ڪئي.

شام ڏاري جڏهن معروف آيو ته وري هڪ دفعو رولاڪين لاءِ نڪري پياسين، پهريان اسان اتي ئي الرگا روڊ جي آس پاس گهمندا رهياسين ۽ پوءِ وري ديرا دبئي جي علائقي پورٽ سعيد جو رخ ڪيوسين جتي ديرا دبئي سٽي سينٽر ۾ گازيبو ريسٽورنٽ تي ديسي ماني کائڻ جو پروگرام هئو. هن شاپنگ مال ۾ اهي سڀ شيون موجود هيون جيڪي اهڙي قسم جي مالز ۾ هجن ٿيون. اتي ڪافي رش پڻ محسوس ٿي. ماني کائيندي، گورنمينٽ هائي اسڪول موري جي ڪلاسين ۽ ڪلاس ٽيچرز سائين محمد يوسف سومري ۽ سائين احمد خان لانگاهه کي پڻ ياد ڪيوسين. اسان هڪ ڳالهه ياد ڪري ڏاڍو کلياسين ته اسڪول جي موڪل کان اڌ ڪلاڪ ڪن پهريان جڏهن شاگردن جو حساب ڪتاب ٿيندو هو ته بڪ فيئر ڪيا آهن يا نه، يا سبق ياد آهي يا نه يا وري ڪي ٻيا معاملا ته جڏهن اهو وقت ايندو هو ته معروف نڪري ويندو هئو، سيد ظهور شاهه جهانيان کي وري سائين احمد خان لانگاهه سيد هئڻ جي ناتي ڇوندو هو ته سائين اوهان ويهو ۽ آءُ وري ڪلاس جو مانيٽر هئڻ جي چڪر ۾ بچي ويندو هوس.

ريسٽورنٽ تي ڪم ڪندڙ هڪ ديسي کي عرض ڪيوسين ته ٻيلي اسان جا ڪي يادگار فوٽو ڪڍ جيڪي هن انتهائي خوشيءَ سان ڪڍيا. واپسي ۾ وري ٿورو هيڏانهن هوڏانهن جا چڪر، ڪجهه پنڌ ته ڪجهه وري معروف جي گاڏي ۾ ڏناسين ۽ پوءِ هڪ دفعو وري اچي هوٽل جي ڪمري ۾ چانهه جي ڪوپن تي ڪچهري ڄمائيسين جيڪا رات دير تائين جاري رهي. ٻئي ڏينهن صبح سوير ئي معروف اچي ويو ۽ دبئي جي هوائي اڏي طرف ويندي اسان هڪ دفعو وري ديرا دبئي ۾ فلي چانهه جو مزو ورتو.

## جمهوريت جي جنم ڀومي يونان ڏانهن اڏام

ارسطو ۽ پلاٽو / افلاطون جو ديس ۽ جمهوريت جي جنم ڀومي يونان توڙي جو

يورپ جو هڪ ترقي يافته ملڪ آهي، پر اتي به عام ماڻهن جو حڪومت ۽ سياستدانن تي اعتبار گهٽ ۽ بيزاري گهڻي آهي. سڪندر اعظم جي ڏرتيءَ تي سال جا ٻه سئو پنجاهه ڏينهن سج پنهنجي پوري جوڀن سان نروار ۽ روشن رهي ٿو ۽ دنيا جي ٽِڙن ملڪن جا ماڻهو يونان ۾ سندس ڀيٽن جو رخ ڪن ٿا.

هڪ اندازي مطابق هر سال يونان ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ايندڙ سياحن جو تعداد لڳ ڀڳ ڏيڍ ۽ ٻن ڪروڙن جي وچ ۾ رهي ٿو ۽ اهو انگ هر سال وڌندو رهي ٿو. تقريبن ٻه هزار ٻيٽن تي مشتمل هن ملڪ ۾ سياحن جي سهولت لاءِ ڪافي بين الاقوامي هوائي اڏا قائم ڪيا ويا آهن، ته جيئن هر ڪو سياح پنهنجي منزل ڏانهن سولائيءَ سان وڃي سگهي.

هتي جي موسم گهڻي قدر خشڪ هئڻ ڪري، مقامي ماڻهن سان گڏوگڏ سياحن جي لاءِ پاڻي جو جوڳو بندوبست ڪرڻ لاءِ حڪومتي پاليسين جو اڀياس ڪرڻ لاءِ سئيڊن جي مختلف يونيورسٽين جا مون سميت تقريبن ويهارو ڪن شاگرد يونان ۾ پاڻيءَ جي مختلف مسئلن تي تحقيق ڪرڻ لاءِ جڏهن يونان جي شهر ايٿنس پهتا ته موسم ڊسمبر جي مهيني هوندي به ٿوري گرم محسوس ٿي ۽ جنهن وقت اسان اسٽاڪهولم ڇڏيو هو ته اتي سخت سيءُ ۽ برف هئي. ايٿنس ۾ محسوس ٿيو ته هتي آبادي گهڻي آهي ۽ ماڻهو ڇڻ ته آرام ڪن ئي ڪو نه. هر پاسي ماڻهن جي اچ وڃ، ڀيهه ڀيهان ۽ ڀڃ ڀڃان هئي. ڪي ماڻهو بسن جي پويان ته ڪي وري زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي جي پويان ڀڄي رهيا هئا. ڪي وري بي فڪرا ٿيو ڪائڻ پيئڻ ۽ ڪلڻ ۾ مشغول هئا.

ايٿنس ۾ ڪجهه شاگردن ڪي ناروي جي سفارتخاني ۾ رهڻو هئو ۽ ڪن ڪي وري ان جي پرسان هڪ هوٽل ۾، چاڪاڻ ته ٻئي ڏينهن صبح جو پهرين اسان ڪي ناروي جي سفارتخاني ۾ پاڻي جي ماهرن طرفان هڪ پريزنٽيشن ۾ شريڪ ٿيڻو هو ۽ ان کان پوءِ پنهنجي تحقيق لاءِ نڪرڻو هو. ٻئي ڏينهن هوٽل تان ناشتو پاڻي ڪري ناروي جي سفاتخاني ۾ پاڻي متعلق پريزنٽيشن ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ نڪري پياسين.

اسان جي پاڻيءَ متعلق تحقيق ايٿنس ۽ نفپلين شهرن ۾ ٿيڻي هئي ۽ مون هتي محسوس ڪيو ته هتي جو نوجوان طبقو انگريزي ڄاڻي پيو، ۽ جيئن ته اسان جي تحقيق جو هڪ حصو يونان جي پاڻي جي ماهرن ۽ سرڪاري ادارن جي عملدارن سان گڏوگڏ عام ماڻهن کان به پاڻي جي مسئلن متعلق سوال جواب ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ هئو سو جنهن کان به سوال پڇي ڪياسين ته انهن صحيح طريقي سان جواب پئي ڏنو. پر پهريان اسان متعلق به سوال پڇي ڪيائون ته اسان ڪير آهيون ۽ ڇا جي ڪري هيءَ تحقيق ڪري رهيا آهيون. بهرحال اهو ڏينهن ڏاڍو دلچسپ رهيو ۽ اسان مختلف ماڻهن کان پاڻي متعلق سوال جواب منجهند تائين ڪندا رهياسين ۽ پوءِ موٽي وڃي هوٽل تي ٿورو ٽڪ ٽڪ ڀڳوسين. شام جو وري هاڻي شاگردن جي هر هڪ گروپ ڪي پنهنجي ان ڏينهن جي ڪيل تحقيق بابت پنجن ڏهن منٽن جي پريزنٽيشن ڏيڻي هئي ته اسان ڇا ڇا ڏٺو / محسوس ڪيو ۽ ماڻهن جا پاڻي جي

مسئلن بابت ڪھڙا رايا آھن ۽ عام ماڻھن ۽ عملدارن جي بيانن ۾ ڪھڙو فرق آھي، وغيرھ.

جيئن تہ شاگرد مختلف ملڪن جا ھئا ۽ سيني کي مختلف گروپن ۾ ورھايو ويو ھئو، ھڪ گروپ ۾ وري يو ايس اي جو شاگرد آدم بہ ھئو جنھن پنھنجي پريزنٽيشن ۾ انڪشاف ڪيو تہ ھو جيئن ئي ڪنھن کي بيھاري يا ڪنھن دڪان ۾ گھڙي وڃي ڪنھن کان پڇي ٿو تہ ھو ان کان پڇن ٿا تہ تون ڪٿان جو آھين ۽ ھو جڏھن ڪين ٻڌائي ٿو تہ يو ايس اي تہ ھو لنوائي ٿا وڃن. اسان جي پروفيسرن مان ھڪ ڪيس صلاح ڏني تہ توکي يو ايس اي ٻڌائڻ جي ضرورت ناھي، رڳو ايترو ٻڌاءِ تہ تون سئيڊن ۾ ايم ايس سي ڪري رھيو آھين. ٻئي ڏينھن کان پوءِ آدم خوش نظر آيو. سيني کان وڌيڪ انٽرويوز ۾ سئيڊن جي ڇوڪرين کي توجھ ملي رھي ھئي ۽ ملي بہ ڇونہ ھڪ تہ سھڻيون، ٻيو قد وڏا.

ايٿنس جي تقريبن ھر گھر ۾ موسمين جا ٻوٽا لڳل نظر اچن ٿا ۽ ايڏيون تہ انھن ۾ نارنگيون يا موسميون ھجن ٿيون جو ماڻھو پٽي پٽي ٿڪجي پئي، پر اھي نہ ڪٽن، پر جو وات ۾ ڪٽي وجھجن تہ اندر سڙيو وڃي، ڪٽيون ٿڙھ. پوءِ خبر پئي تہ اھي رڳو مربو وغيره ٺاھڻ جي ڪم اينديون آھن. ھتي گلن ۽ ٻوٽن سان ڇڻ عشق ھجين، ھر گھر يا فليٽ جي دري يا بالڪونيءَ مان خوبصورت گلن جون ڪونڊيون نظر اچن، جنھن جي ڪري دل کي راحت پئي ايندي.

ھونءَ تہ ھن شھر ۾ عام رواجي آمد رفت جو بھترين نظام پبلڪ ٽرانسپورٽ جي صورت ۾ موجود آھي، پر تنھن ھوندي بہ ماڻھو پنھنجون ذاتي گاڏيون پنھنجي سھولت لاءِ رکن. حڪومت طرفان ٽريفڪ جي نظام کي قابو ۾ رکڻ لاءِ ايٿنس ۾ ھڪ ڏينھن تي رڳو اڪي نمبر پليٽ واري گاڏي روڊ تي اچي سگھي ٿي تہ وري ٻئي ڏينھن رڳو ٻڏي نمبر پليٽ واري گاڏي، پر ماڻھن وري پنھنجي سھولت لاءِ اڪي ۽ ٻڏي نمبر پليٽ واريون مختلف گاڏيون پاڻ وٽ رکيون آھن.

يورپ جي ھن پراڻي ۾ پراڻي شھر ايٿنس ۾ بہ ڪي اھڙا علائقا آھن جن ۾ اوائلي ويل وڃڻ خاص ڪري سياحن لاءِ نقصان ڪار ٿي سگھي ٿو، اتي بہ ڦورو يا ٻشني موقعي جو فائدو وٺي سگھن ٿا. منھنجي ھڪ دوست جوئانا سندس ملڪ بابت ڪجھ دلچسپ ڳالھيون ٻڌايون ھيون تہ يونان ۾ طلاق جو تناسب يورپ جي ٻين ملڪن کان گھٽ آھي پر يونان ۾ ٻار ڪيرائڻ جو تناسب وري يورپ ۾ سيني کان وڌيڪ آھي. يونان جا نوجوان پڻ يورپ ۽ دنيا جي ٻين مختلف ملڪن جو رخ ڪري رھيا آھن. ڪجھ تہ نواڻ جي چڪر ۾ تہ ڪن جو وري خيال آ تہ ملڪ ۾ بي روزگاري وڌي رھي آھي، ان ڪري سٺي کان سٺي جي ڳولا ۾ آھيون. اڄ ڪلھ اتر يورپ جي ملڪن ڊينمارڪ، ناروي، سئيڊن ۽ فنلينڊ ۾ ڪافي ماڻھو اچي رھيا آھن. يونان ۾ ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ تمام ضروري آھي، جيڪڏھن ڪير نہ ڪندو تہ ان جو اتي ڏنڊ ۽ سزا مقرر آھي. يونان ۾ گڏيل خانداني نظام مطابق اڄ بہ ماڻھو رھن ٿا، اولڊ ھوم ۾ پنھنجي پوڙھن کي رھائڻ جو اجا رواج عام ناھي.

ايٿنس ۾ وقت گهٽ ۽ مقابلو سخت هئو، هڪ پاسي پڙهائي لاءِ روز ڪا نہ ڪا تحقيق ۽ ان سان گڏوگڏ سياحت، وقت جي گهٽتائي هوندي بہ وس آهر ڪجهہ مشهور جايون جن ۾ شهر جي بلڪل مٿان پهاڙي تي موجود تاريخي يادگار ڪنڊر ۽ ايٿنس جو لينڊ مارڪ ايڪرو پوليس ۽ ان ۾ موجود مختلف تاريخي يادگار پارٿي نون، اريڪٿائنن، ٽيمپل آف هيفيسٽس، ٽيمپل آف ايٿينا نائڪي ۽ ان کان علاوه شهر ۾ پلاڪا جو علائقوءِ ٿيٽر آف ڊائنيوسس گهمي ڏٺيون. ايٿنس ۾ آخري رات اسان ڪافي شاگرد گڏجي سيري جي علائقي ۾ رات جي ماني کائڻ وياسين، تمام گهڻو ڳتيل علائقو هو ۽ رونق تمام گهڻي هئي. اتي مون محسوس ڪيو تہ هتي بشني روزي سٽي ڪندا هوندا، خاص ڪري جڏهن ماڻهو مدهوش ٿيندا هوندا تہ بشني هوشيار ٿيندا هوندا.

اڳئين ڏينهن اسان کي نفپلين ڏانهن نڪرڻو هو ۽ صبح جو سوير ئي اٿي تيار ٿياسين ۽ هوٽل جي ٻاهران ڪوسٽر بہ اچي چڪو هو. نفپلين ويندي ويندي اسان کي بہ ٽي مختلف تاريخي جايون پڻ ڏيکاريون ويون جن جو تعلق پاڻي سان هئو. نفپلين ويندي واٽ تي اسان جي پروگرام ۾ هتراڊو ٿهيل ڪورنٽ ڪئنال کي گهمڻ جو پروگرام بہ هئو، جيڪو مون کي ڏاڍو وڻيو. هي ڇويهہ فوٽ گهرو، ستر کان اسي فوٽ ويڪرو ۽ ساڍا ڇهہ ڪلو ميٽر ڊگهو ڪئنال آئيونين سمنڊ جي ڪورنٽ نار/ گلف کي ايجين سمنڊ جي سارونڪ نار/ گلف کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ سئو پنجاسي ساموندي ناٽيڪل ميل سفر گهٽجيو وڃي. ڪئنال کي اجا بہ وڌيڪ جديد دور جي حساب سان ترتيب ڏنو پيو وڃي.

اسان کي نفپلين ۾ هوٽل تي چيڪ ان ڪري پوءِ ٿوري ئي پنڌ تي موجود هارورڊ يونيورسٽي جي سينٽر فارهيلينڪ اسٽڊيز ان گريس تي پهچڻو هئو جتي اسان کي هن علائقي ۽ آس پاس جي جاگرافي ۽ پاڻي جي باري ۾ هڪ پريزنٽيشن ۾ پهچڻو هئو. اسان کي نفپلين ۾ اڳلا جيڪي ڏينهن بہ رهڻو هئو اوترن ڏينهن لاءِ هن سينٽر ۾ اچڻ وڃڻ ۽ اتي جا ڪمپيوٽر، پرنٽر ۽ انٽرنيٽ استعمال ڪرڻ لاءِ ڪارڊ ٺهي مليا.

نفپلين ۾ رهڻ دوران هڪ ڏينهن ٻيڙي ۾ چڙهي بورٽزي قلعو جيڪو نفپلين جي پرسان هڪ ٻيٽ تي اڏيل آهي گهمڻ لاءِ ويس، هن قلعي تي اجا تائين ترڪش نالو آهي. هي قلعو 1471ع ۾ ٻاهرين حملي آورن کان بچاءَ لاءِ اڏيو ويو هئو، جيڪو هاڻي سياحن جي توجهہ جو مرڪز وڃي رهيو آهي. ان سان گڏوگڏ پالاميدي قلعو، اڪرونافپليا قلعو ۽ آس پاس ڪجهہ سمنڊ جا ڪنارا پڻ گهمڻ جو موقعو مليو.

هيلينڪ سينٽر جي عملدارن بہ اسان جا ڪافي ماڻهن سان انٽرويو ڪرايا، جن ۾ اتان جا سرڪاري عملدار ۽ مختلف ڪارونهوار سان سلهاڙيل عورتون شامل هيون. اسان هڪ ڏينهن شهر مان سائيڪلن تي چڙهي شهر جي آس پاس موجود ٻين پاسن ڏانهن پڻ نڪري وياسين جتي اتان جي باغن جي زميندارن سان پاڻي متعلق سوال جواب ڪرڻا هئا، ڏاڍا

دلچسپ ماڻهو هئا، اتي هڪ موسمين جي باغ تي جڏهن باغ جي يوناني مالڪ سان انٽرويو پي ڪيوسين تہ اتي هڪ پاڪستاني سان پڻ ملاقات ٿي، جيڪو ان باغ جو سپروائيزر هئو. نفپلين ۾ بہ لڳو تہ ماڻهو رات دير تائين جاڳن ٿا، ريسٽورنٽ، بار، ڪيفيٽيريا دير تائين کليل نظر آيا. شهر جا اسڪوائر يا چوڪ بہ ڏاڍا سهڻا نهيل هيا. شهر ۾ ڪافي ماڻهن جا انٽرويو ڪرڻ جو موقعو مليو. نفپلين شهر ۾ هڪ ٻئي بہ ويهن ايڪيهن سالن جي پاڪستاني نوجوان سان ملاقات ٿي جنهن جي ڪهاڻي بہ دلچسپ هئي، پاڻ اتي سي ڊيز پي کپايائين، مون حال احوال ورتومانس تہ ڏي خبر هتي ڪيئن پهتو آهين جنهن تي ٻڌايائين تہ پاڻ ترڪي تائين تہ جهاز ۾ آيو هئو ۽ اتان کان پوءِ لانچن، ٻيڙين ۽ مال ڍوئيندڙ ٽرڪن ۾ لڪي لڪي هتي پهتو آهي. سندس اڳلي منزل جرمني هئي.

ايٿنس ۽ نفپلين ۾ پاڻي جي مسئلن ۽ معاملن متعلق ڪيل تحقيق ۾ تقريبن سيني شاگرد گروپن جو اهو خيال هو تہ سندن ڪيل تحقيق مان اهو پتو پوي ٿو تہ جيئن تہ هتي هر سال تمام گهڻا سياح اچن ٿا ۽ مڪاني آبادي بہ وڌي رهي آهي، پر جيئن تہ يونان هڪ ترقي يافتہ ملڪ آهي ۽ ان سان گڏوگڏ يورپين يونين جو حصو پڻ آهي ۽ يورپين يونين جي مقرر ڪيل معيارن ۽ مخصوص حدن کان هيٺ نہ ٿو وڃي سگهي ۽ رياست ماڻهن کي سندن پاڻي جو بنيادي حق ڪين درن تائين پهچائي ڏئي ٿي.

اولمپڪس راندين جي شروعات واري هن ملڪ يونان ۾ مون محسوس ڪيو تہ هتي ماڻهو بار بار اچڻ چاهيندو، سندس نيرو سمنڊ ۽ نيرو آسمان دنيا جي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو ۽ اها خوبصورتي ڏسي ماڻهو اندازو لڳائي ٿو تہ آخر اتي ايتري تعداد ۾ سياح هر سال ڇو ٿا اچن. يونان ۾ آخري ڏينهن تي اسان سڌو نفپلين کان ايٿنس جي هوائي اڏي تي پهتاسين، جتان اسان جي اسٽاڪهولم لاءِ واپسي هئي ۽ مون اتي سوچيو تہ زندگي رهي تہ هتي هڪ دفعو وري موٽبو.

## دنيا جو پر امن ملڪ آئسلينڊ ۽ هٿيارن جي ريل پيل

ڊسمبر جي هڪ ٿڌي شام جو آئيسلينڊ ايئر جي جهاز اسٽاڪهولم کان ڪٽي اچي آئيسلينڊ جي ڪيفلاوڪ هوائي اڏي تي لاٿو، جيڪو رئيڪجيوڪ شهر کان ڪو اڌ مني ڪلاڪ جي پنڌ تي آهي. منهنجو دوست ايوي مون کي کڻڻ لاءِ اتي اڳ ئي موجود هئو. ڏاڍي گرم جوشيءَ سان مليو ۽ اسٽاڪهولم ۾ گڏيل دوستن جا حال احوال پڻ وٺندو رهيو. چوڌاري برف ئي برف هئي. سندس گهر پهتاسين تہ اتي هن جي ماءُ ۽ پي اسان جو انتظار ڪري رهيا هئا. اهي بہ ڏاڍي گرم جوشيءَ سان مليا ۽ آڌر ڀاءُ ڪيائون. سندس ماءُ چيس تہ

عبدالله کي سندس رهڻ وارو ڪمرو جلدي ڏيکار ته جيئن پاڻ وري گڏجي ماني ڪائون. مون زندگي ۾ پهريون ڀيرو سوشي اتي کاڌي.

آئسلينڊ ۾ توڙي جو هر ٽئين ماڻهوءَ وٽ هٿيار آهي پر تنهن هوندي به ملڪ جو شمار دنيا جي پُرامن ملڪن ۾ پهرين نمبر تي اچي ٿو. اهي هٿيار انسانن تي نه پر رڳو بوقت ضرورت شڪار لاءِ ڪتب آندا وڃن ٿا. هتي ائين هرگز ناهي ته هٿيار ڪي طاقت جو توازن برقرار رکڻ لاءِ هجن، پر هتي جي ماڻهن جي تعليم ۽ پالنا جو طريقو ئي اهڙو آهي جيڪو ڪين هٿيار ڪنهن انسان تي هلائڻ لاءِ ٻنهه ڪونه اڪسائي. پر اها به هڪ حقيقت آهي ته اسان واري معاشري ۾ هٿيار شو بازي سان گڏوگڏ گهڻن ماڻهن جي حفاظت به ڪري ٿو، خير حفاظت ته پالڻهار پاڻ ٿو ڪري، هٿيار ته هڪ سبب يا بهانو هجي ٿو.

آئسلينڊ جيڪو اتر ائٽلانٽڪ سمنڊ جو هڪ ٻيٽ آهي جتي وڻ ٻنهه نه ڀين يا تمام ٿوري تعداد ۾ آهن. چيو وڃي ٿو ته هتي جيڪي ماڻهو شروع شروع ۾ آيا انهن وڻ وڍائي يا ته ٻارڻ جي ڪم آندا يا انهن کي گهر ٺاهڻ جي ڪتب آندو، پوءِ خبر پئين ته هن ملڪ ۾ هڪ وڻ تقريبن پنجاهه سالن کان پوءِ وڃي ٿو وڏو وڻ ٿئي ۽ پوءِ پنهنجي ان غلطي کي ميجيندي هاڻي ڪافي ڪوششون ڪري رهيا آهن ته وري وڻ پوکي ۽ انهن جي حفاظت ڪئي وڃي.

ملڪ جي آبادي ساڍا ٽي لک کن آهي ۽ ان جو وڏو حصو ملڪ جي گادي واري شهر رئيڪجيوڪ ۾ رهي ٿو. مڇي ڦاسائڻ ۽ المونيم جا ڪارخانا هتان جي مکيه صنعت ۾ شمار ٿين ٿا. ڏوهه نه هئڻ جي برابرآهي ۽ نتيجي ۾ پوليس کان ٻيا ڪم به ورتا وڃن ٿا مثال طور وقتي طور تي ايمبولينس هلائڻ يا فائر برگيڊ جي گاڏي هلائڻ وغيره. ملڪ ۾ رڳو هڪ سئو سٺنيهه قيدي آهن ۽ اهي به ڪن سنگين ڏوهن ۾ ملوث ناهن رهيا. هتي ڪنهن کي جيڪڏهن ڪا گولي لڳي به آهي ته اها اتفاقن لڳي آهي ۽ ان جو تعداد به نه هئڻ برابرآهي. جيئن ڏهن سالن ۾ هڪ اڌ اهڙو واقعو ٿيو ۽ ان ۾ به ڪو مئو ناهي پر رڳو زخمي ٿيڻ جي صورت تائين قصو ڪوتاهه آهي.

هتي ٻين ملڪن جا ماڻهو نه هئڻ جي برابر آهن، شايد هڪ ته ملڪ پري اتر آئٽلانٽڪ سمنڊ ۾ آهي، ٻيو تمام ٿڌو ۽ اجا تائين آئس ايج جي پروسس مان پيو گذري، جتي ٻرندڙ جبل هر وقت ايڪٽو رهن ٿا. پر هتي رڳو آمريڪين جي موجودگي ڪولڊ وار واري دور ۾ ضرور رهي آهي، جيڪي آئسلينڊ کي پنهنجو ٻيو گهر سمجهندا هيا. ان کان پوءِ چائنا به ڪوشش ڪئي آهي ته انهن  کي وڏي ايراضي ملي ته جيئن هو چائنا ٽائون اڏي سگهن. پر اجا تائين ڪين اها ايراضي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿي آهي.

آئسلينڊ هوڻ ته يورپ ۾ اچي ٿو، پر جيئن ته آمريڪا کي به ويجهو آهي ته هتي ماڻهن جو لاڙو ٻنهي طرف محسوس ٿئي ٿو. ڪافي ماڻهو آمريڪا کان يورپ يا يورپ کان آمريڪا ويندي هتي پڻ ڪجهه ڏينهن ترسڻ کان پوءِ اڳتي سفر ڪن ٿا. سياح گهڻي قدر بلو

لگون جي گرم چشمن ۾ ترڻ اچن ٿا يا هتي جا ڀرندڙ جبل ڏسڻ اچن ٿا. اهي جيو ٿرمل نہ رڳو سياحن کي پاڻ طرف ڇڪين ٿا پر ملڪ جي بجلي ۽ انرجي پڻ پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا.

آءُ آئسلينڊ ۾ پنهنجي جنهن دوست ايوي وٽ رهيل هيس، ان بين الاقوامي تعلقات ۾ تعليم حاصل ڪئي آهي ۽ سندس پڙهائي جو ڪجھ حصو وري اسٽاڪهولم يونيورسٽي ۾ بہ هئو ۽ اسان اسٽاڪهولم ۾ ساڳئي شاگردن واري هاسٽل جي ساڳئي ڪاريڊور ۾ ڪو سال ڪن گڏ رهيا آهيون. جتي تقريبن رات جو روز ڪاريڊور جي رڌڻي ۾ ماني گڏجي پيا ٺاهيندا ۽ کائيندا هئاسين. پاڻ جپان ۾ پڻ رهيو آهي ۽ کيس جاپاني ٻولي تي پڻ عبور حاصل اٿس. سندس ماءُ ۽ پيءُ بہ ڏاڍا پيار ڪرڻ وارا هيا، پاڪستان ۽ خاص طور تي سنڌ جي باري ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺي معلومات ورتائون. ايوي جي ماءُ توڙي جو پنجاھ سالن ڪان بہ وڏي هئي پر اڄ بہ کيس گڏين سان راند ڪرڻ ۽ انهن کي گڏ ڪرڻ جو شوق هو. ايوي جو مامو وري ڏاڍو دلچسپ انسان هئو. اسان کي هڪ رات جو ماني جي دعوت ڏنائين. جيئن ئي سندس گھر ۾ داخل ٿياسين تہ هڪدم هٿ اڳتي وڌائي پنهنجو نالو ٻارڊي ٻڌايائين ۽ يڪدم سندس ٻلين ۽ ٻلن جي طرف اشارو ڪندي سندن نالا ٻڌائيندو ويو.

ٻارڊي جو گھر هڪ ننڍو عجائب گھر هئو، هر شي ٻاهر رکيل ۽ سينگاريل هئي. سندس ڏاڏيءَ جي دور جون شيون بہ هن محفوظ ڪري رکيون هيون. پاڻ وڏو مهمان نواز هئو. مون جڏهن سندس مهمانن واري ڊائري ڏٺي تہ هن وٽ منهنجي جمڻ کان پهريان کان گھڻو وقت اڳ اهو مهمانن جو سلسلو جاري هيو. پاڻ ملڪ جي قومي هوائي ڪمپني ۾ نوڪري بہ ڪري ٿو ۽ ان سان گڏوگڏ فلمن جي ڊائريڪشن پڻ ڪري ٿو. مون کي ڪجھ فلمن جون سي ڊيز پڻ تحفي ۾ ڏنائين جيڪي هن پاڻ ڊائريڪٽ ڪيون هيون.

هڪ ڏينهن ايوي جي گھر جي بالڪوني ۾ چانھ پئي پيتيسين تہ هڪ گھر جيڪو سمنڊ جي آس پاس هئو، ان طرف اشارو ڪري ٻڌايائين تہ اهو گھر هتان جي صدر جو آهي. اهو گھر بہ ٻين آس پاس موجود گھرن جھڙو هئو ۽ مون کي ڪنهن بہ قسم جي ڪا سيڪيورٽي ظاهرن نظر نہ آئي. جيترا ڏينهن بہ آءُ اتي رهيس هر ڏينهن ڪنهن نہ ڪنهن ايوي جي دوست ماني جي دعوت پئي ڏني. سندس دوست بيورن جوناسن، سندس گھر واري ۽ سندن ٻارن جي دعوت تمام گھڻي قابل ذڪر چئي سگھجي ٿي، جنهن ۾ انهن ٻين مَقامي دوستن کي بہ دعوت ۾ گھرايوهئو ۽ آءُ سمجهان ٿو کي ويهارو ڪن ماڻهو هئاسين. ڪاڏي ۾ مڇي ۽ ٻين سي فوڊ جي گھڻائي هئي. مون کي اتي هڪ مڇي جو قسم ڏاڍو وڻيو پر ان ۾ ٿورو لوڻ وڌيڪ محسوس ٿيو، سو رهيو ڪونہ ٿيو ۽ بيورن کان پڇيم تہ هن قسم جي مڇي ۾ لوڻ وڌيڪ پوندو آهي ڇا؟ تنهن تي ورائيائين تہ نہ، اسان ان ۾ لوڻ ناهي وڌو پر ان مڇي جو قسم ئي اهڙو آهي جنهن ۾ قدرتي لوڻ آهي، اهڙي قسم جي مڇي کائڻ جو منهنجو اهو پهريون تجربو هئو. آئيسلينڊ ۾ سندن مکيہ کاڌو مڇي يا سي فوڊ هئڻ ڪري

شايد هتان جي ماڻهن جون عمريون دنيا ۾ ٻين کان وڏيون ٿين ٿيون. ايوي ۽ بيورن ٻئي ڪراٽي جا ماهر پڻ آهن. بيورن ان دعوت کان پوءِ منهنجو به دوست ٿي ويو، پاڻ پنهنجي والدين سان گهڻو وقت اڳ اسٽاڪهولم ۾ پڻ رهي چڪو هئو ۽ مون سان اسٽاڪهولم جي باري ۾ ڏاڍي ڪچهري ڪيائين ۽ اتي گهاريل پلن ۽ ڏينهن کي ياد ڪندو رهيو.

آئيسلينڊ جو ڪو ماڻهو جيڪڏهن هن مهل تائين پنهنجي ملڪ کان ٻاهر نه ويو آهي ته اها پڪ ڄاڻو ته ان کي اڃا تائين ريل گاڏي ۾ سفر ڪرڻ جو موقعو ناهي مليو. هتي اڃا تائين ريل گاڏي جو نظام ناهي، رڳو بسن ۽ ڪارن تي ڀاڙن ٿا. هتان جا ماڻهو ٿي دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ سراسري طور تي گاڏيون ٻاهرين ملڪن کان گهرائين ٿا. آئيسلينڊ جي ماڻهن جي اها دعويٰ آهي ته آمريڪا ڪرسٽوفر ڪولمبس نه پر آئيسلينڊ جي همراهه ليف ارڪسن ڳولي لڌي هئي. سندس مجسمو به شهر جي هڪ مکيه چونڪ تي نهيل آهي، جتي هر وقت ايندي ويندي ان ڳالهه کي ياد به ڪن ٿا ته فخر پڻ. آئيسلينڊ جا ماڻهو جنن ۽ ڀوتن تي مڪمل يقين ڪن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته اها مخلوق ضرور آهي، بلڪ ڪجهه روڊن جو هلندڙ ڪم اڌ ۾ بند ڪري اڳتي نه ٺاهيو اٿن ڇاڪاڻ ته ڪين ان ڳالهه جو يقين هو ته ان جي وچ ۾ ڪنهن مخلوق جو رهڻ ڪهڻ آهي. دنيا ۾ جنهن قوم پهريان ڪنهن عورت کي ملڪ جي سربراهي ڏني اها آئيسلينڊ جي قوم آهي، جن 1980ع ۾ وگڊس فنبوگوڊوٽر کي ملڪ جو سربراهه چوندي هڪ مثال قائم ڪيو. هتان جي ٻولي ۾ گذريل هڪ هزار سالن کان ڪا به تبديلي ناهي آئي. جنهن مان ظاهر آهي ته هتان جا ماڻهو پنهنجي ٻولي سان ڪيترو پيار ڪن ٿا.

ايوي سان گڏجي مون بلو لگون، شهر جو ڊائون ٽائون يا سٽي سينٽر گهميو جتي ڪافي جديد عمارتون هيون. شهر ۾ هال گرمس نالي هڪ تمام وڏو گرجا گهر به آهي جنهن جو سامهون وارو مينار تمام گهڻو اونچو هئو. آئيسلينڊ ۾ گهمڻ ڦرڻ جون ٻيون به ڪافي شيون آهن جن جي لاءِ وقت گهربل آهي. اتي آخري رات اسان ڪافي ٻاهر گهمياسين ۽ رات دير سان واپسي ٿي. ايوي مون کي ٻڌايو ته جيئن ته تنهنجي فلائيٽ صبح سوير آهي سو منهنجو پيءُ توکي صبح جو هوائي اڏي تي ڇڏي ايندو. اسان هڪ ٻئي سان وري ملڻ جو چئي رات جو ئي موڪلائي ڇڏيو.

هن روڊ تي آءُ هزارين دفعا آيو ويو آهيان ڇاڪاڻ ته منهنجي نوڪري هُتي هئي، منهنجي دوست ايوي جي پيءُ روڊ جي کاٻي پاسي ڪلوميٽر کن پري ڪجهه عمارتن ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو. اهي عمارتون هاڻي شاگردن جي رهائش طور ڪم اچن ٿيون. صبح سوير جو وقت هيو، هر طرف برف ئي برف هئي، روڊ تي گاڏيون نه هئڻ جي برابر هيون. ايوي جو پيءُ گاڏي ڏاڍي پُرسُڪون طريقي سان هلائي رهيو هئو، منهنجي اسٽاڪهولم لاءِ جهاز ۾ اڃا به ٽي ڪلاڪ هئا ۽ اسان آئيسلينڊ جي شهر رئيڪجيوڪ مان ڪيفلاوڪ طرف وڃي رهيا هئاسين، جتي اتان جو هوائي اڏو آهي. مون ڪائنس پڇيو ته اوهان جي اتي ڪهڙي

**نوڪري هئي؟ چيائين تہ جڏهن آمريڪي هتي آئيسليند ۾ هئا تہ آءُ سندن ائڊمنسٽريشن ۾ هئس ۽ آمريڪين جي آئيسليند ۾ موجودگي روس خلاف سرد جنگ جو حصو هيو ۽ جڏهن روس ٽٽو تہ هتان آمريڪي هليا ويا ۽ اهي عمارتون هاڻي ليفٽ اوورس آهن جن کي هاڻي شاگرد رهائش طور استعمال ڪن ٿا.**

# ڇميل سمنڊ تي ۽ سنڌي ۽ رگا ڏانهن روانگي

۽ جڏهن اوچتو ئي اوچتو اسان جي ڪمري ۾ وڏا وڏا آواز اچڻ شروع ٿيا ته مون پريشاني وچان ارشد ميمڻ کان پڇيو ته يار هي آواز ڇا جا پيا اچن؟ ٿورو غور ڪرڻ کان پوءِ احساس ٿيو ته پاڻي وارو ڪروز جهاز هاڻي ڇميل سمنڊ جي برف کي چيريندو ليٽويا جي گادي واري شهر رگا ڏانهن تيزي سان وڌي رهيو هو. اسان کي پوءِ احساس ٿيو ته اسان وارو ڪمرو جنهن کي ڪيبن چئبو آهي سا بلڪل هيٺين سطح تي هئي، جنهن جي ڪري اسان کي اهي آواز وڌيڪ ويجها ۽ ڳرا پئي محسوس ٿيا. بهرحال آواز کان بچڻ لاءِ اسان لفٽ ۾ چڙهي وڃي جهاز جي اٺين فلور تي پهتاسين، جتي ڪباب ۽ شباب جو ميلو متل هئو ۽ ماڻهو هيڏي هوڏي گهمي ڦري رهيا هئا ۽ ڊيوٽي فري جي دڪانن تان اگهه پڇي رهيا هئا.

اهو منهنجو پهريون اتفاق هئو جو آءُ پاڻي واري جهاز تي هجان ۽ سمنڊ ڄميل هجي. جهاز جي ڊيڪ واري حصي ۾ ويس ته ٻن منٽن کان وڌيڪ اتي بيهي نه سگهيس، گرمي جو درجو ڪاٽو سورنهن هو ۽ تيز هوا پڻ لڳي رهي هئي. هن کان پهريان آءُ پنهنجي دوست عالم صديقي سان گڏ اونهاري جي مند ۾ فنلينڊ جي گادي واري شهر هيلسنڪي ويو هوس، تڏهن جهاز تي تمام گهڻا سياح موجود هئا. پر هاڻي سخت سيءَ جي ڪري سياحن جو تعداد گهٽ هئو.

هيءُ پاڻي وارا جهاز وڏا شاندار آهن، هيٺن ڪٽي چئجي ته ٻارنهن ماڙ عمارت آهي، جيڪا پنهنجي اندر هڪ ننڍي شهر جو ڏيک ڏئي ٿي ۽ هي هڪ ننڍو شهر وٺي ٿو پاڻي تي ترندو ۽ ملڪ لتاڙيندو. هنن جهازن تي وڏا شاپنگ سينٽر، مختلف قسم جا ريسٽورنٽس، بارز، راند ذريعي جوا کيڏڻ جون مشينون، ناچ ڳاني جا ڪلب، مساج سينٽر ۽ ڪيفيٽيريا وغيره سياحن لاءِ هر وقت ڪليل رهن ٿا. هر سياح پنهنجي پسند جي مشغلي ڏانهن رخ ڪري ٿو. جهاز تي وائي فائي به سياحن لاءِ هر وقت موجود رهي ٿي.

ماڻهو اهڙي قسم جي جهازن تي روز مره جي زندگي کان ٿورو پاسيرو ٿيڻ لاءِ خاص ڪري هفتي جي موڪل وارن ڏينهن تي گهمڻ لاءِ نڪريو وڃن. هڪ ننڍي ڪمري ۾ چار ماڻهو مزي سان رهي سگهن ٿا ۽ ڪمرا هوندا ته ننڍا آهن پر اهڙي طريقي سان ڊزائن ٿيل آهن جو سوڙهه گهٽ محسوس ٿيندي، ڪمرن ۾ فون، ٽي وي، ننڍي فرج، اٽيچ باٿ روم وغيره جي سهولت پڻ هجي ٿي. اسان رات جي ماني کان پوءِ پنهنجي ڪمري ڏانهن واپس ورياسين، آواز به ڪافي گهٽجي ويو هئو ۽ جهاز هاڻي بالٽڪ سمنڊ جي وچ ۾ هئو ۽ برف جا ننڍا وڏا ٽڪرا ٿورو پرپريو نظر اچي رهيا هئا.

صبح جو اک کلي ته ڪمري جي فون ۾ لڳل اسپيڪر تي اعلان ٿي رهيو هئو ته اسان هڪ ڪلاڪ تائين رگا پهچي ويندا‌سين. جهاز جيستائين بندرگاهه تي پهچي ان وچ ۾

اسان تيار ٿي ناشتو وغيره ڪري واندا ٿي چڪا هئاسين. بندر گاهه تان اسان ٽيڪسي ڪرائي سڌو اچي رگا جي مشهور لائما چونڪ تي لٿاسين. شهر ۾ هر هنڌ برف ڄميل هئي، گهٽيون صاف ۽ ماڻهن جي اچ وڃ جاري هئي. گهرن جي مٿان چمنين مان نڪرندڙ دونهون ان ڳالهه جي ثابتي ڏئي رهيو هئو ته هتي ماڻهو ڪاٺ ٻاري گهرن کي گرم رکن ٿا.

اڳوڻي روسي رياست ليٽويا يورپين يونين ۾ شامل ٿيڻ ڪان پوءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪري رهي آهي ته يورپ جي ٻين ملڪن وانگر مقرر ڪيل قانونن ۽ اصولن تي پورو لهجي ۽ ٻين دنيا جي صف مان نڪري پهرين دنيا جي صفن ۾ جلد کان جلد شامل ٿجي، پر جيئن ته پهرين، ٻين ۽ ٽين دنيا جو تصور ٻين شين سان گڏوگڏ اتان جي رهاڪن جي مختلف شين مسئلن اخلاقيات ۽ روين مان پڻ اخذ ڪيو ويندو آهي پر هي ڪوشش ضرور ڪري رهيا آهن. سوچيان پيو پاڻ کي الائي اجا گهڻو وقت لڳندو، منهنجي خيال ۾ جنهن ڏينهن اسان قطار ۾ بيهي پنهنجي واريءَ جو انتظار ڪرڻ ۾ ڪو عار محسوس نه ڪيو ته اهو ڏينهن اسان جي پهرين دنيا ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پهرين وک هوندي، پر لڳي ٿو ڪم گهڻو آ، ماڻهو ڪپن.

رگا جيڪو بالٽڪ ملڪن جي شهرن ۾ سيني کان وڏو آهي. ۾ اجا تائين پراڻي سوويت يونين جي دور جون ڪافي شيون نظر اينديون، خاص طور تي پراڻيون عمارتون، شهر ۾ اجا تائين ذري گهٽ اڌ آبادي روسي ٻولي ڳالهائڻ وارن جي آهي، جن کان هتان جا ماڻهو اندر ئي اندر ۾ ڏاڍي خار کائيندا آهن. يورپ جي ٻين شهرن وانگر، رگا ۾ به پراڻي ۽ نئين شهر جو فرق واضع آهي، جيڪو سياحن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. پراڻي شهر ۾ گهمڻ جو هڪ پنهنجو مزو آهي، سوڙهيون پٿريليون گهٽيون، جن اندر هوٽل، ريسٽورنٽس، سياحن لاءِ سوکڙيون خريد ڪرڻ جا انيڪ ننڍا وڏا دڪان، شراب خانا ۽ ڪلبن جي ڀرمار آهي. سخت سي جي ڪري شهر ۾ سياحن جو تعداد گهٽ هئڻ ڪري هر دڪان جي سيلز گرل جي اها ئي ڪوشش هئي ته اسان ڪا نه ڪا سوکڙي ضرور وٺون، مون انهن کان رڳو به چاٻين وجهڻ جا ڇلا ورتا جن تي رگا جو نقشو نهيل هئو.

توڙي جو هتان جا ماڻهو تمام گهڻا امير نه آهن پر تنهن هوندي به انهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ڪپڙي لٽي مان اهو محسوس ٿئي ٿو ته اهي ڪي غريب به ناهن ۽ ڪو به صفا غربت واري زندگي هتي نه ٿو گذاري مطلب ته هتي ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ هڪڙا غربت جا معيار ۽ حدون مقرر ٿيل آهن ۽ ماڻهو جو ايترو خيال ڪيو وڃي ٿو ته جيئن اهي ان مقرر ڪيل حد کان هيٺ هرگز نه وڃن.

هتي به هر شئي ميسر هئڻ جي باوجود هتان جا ماڻهو به ٻين ملڪن ڏانهن وڃن ٿا ۽ بهتر کان بهتر جي ڳولا ۾ رهن ٿا. رگا مون کي صفائيءَ جي لحاظ کان اسٽاڪهولم جي ٽڪر جو لڳو، بلڪ رگا 2007ع ۾ يورپ جي صاف ترين شهرن جو اعزاز پڻ ماڻي چڪو آهي ۽ 2014ع ۾ وري يورپ جي ثقافت جي گاديءَ وارو شهر پڻ ٿيو، جيڪو اتان جي ماڻهن

لاءِ هڪ اعزاز آهي.

هتي ٻه نوجوان 18 سالن جا ٿيڻ کان پوءِ الڳ رهڻ کي پسند ڪن ٿا، پر هر ڪو ائين ڪري نه ٿو سگهي، سو گهٽي قدر خاندان ۾ ئي رهن ٿا ۽ جڏهن ٻه ڪين موقعو يا وٿي ملي ٿي ته مائٽن کي ڇڏي الڳ رهڻ لڳن ٿا. هتي ٻه هر ڪو آزاد آهي ته پنهنجي مرضي سان پنهنجي زندگي جو ساٿي چونڊي. يورپين يونين ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ يورپ جا ملڪ پنهنجن ميمبر ملڪن کي ڏاڍي هٿي وٺرائن ٿا. رڳا ۾ مون کي ساڳيا اسٽاڪهولم وارا وڏا دڪان ۽ بئنڪون نظر آيون، مطلب ته اوسي پاسي جا ملڪ انهن جي ڀرپور مدد ڪن ٿا ته جيئن اهي ترقي جا ڏاڪا تيزيءَ سان پار ڪري پنهنجن پيرن تي بيهي سگهن.

# آئرلينڊ، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سئيڊن جون ڳالهيون

توڙي جو مون يورپ جي مختلف ملڪن جي ريل گاڏين ۾ چڙهي سفر ڪري ڏٺو آهي، پوءِ پلي اهو سفر اٽلي جي شهر ميلان کان وينس وچٿو هجي، آئرلينڊ جي شهر ڊبلن کان ڪاسلبار وچٿو هجي، سئٽزرلينڊ جي شهر جنيوا کان لوزان وچٿو هجي، ريل گاڏيون آرامده ۽ جديد ٿين ٿيون، پر جيڪو مزو مون کي دادوءَ کان ڪوئٽا بولان ميل ۾ ويندي دلڪش لڳي ٿو ان جو مٽ هتان جي سفر ۾ ڪونہ آهي. ريل گاڏي جڏهن سبي ريلوي اسٽيشن ڇڏي ڪوئٽا ڏانهن وڌڻ شروع ڪندي آهي تہ اهو نظارو، آس پاس، ننڍا وڏا پٿريلا رستا، ننڍا ننڍا پاڻي جا وهڪرا نظاري کي انتهائي دلڪش ڪريو ڇڏين. لنڊن جي وڪٽوريا اسٽيشن پنهنجي جاءِ تي پر بلوچستان آب گم، مچ، ڪولپور ۽ ٻيون ننڍيون ننڍيون پهاڙن جي وچ ۾ اسٽيشنون مون کي وڌيڪ پياريون لڳنديون آهن. منهنجي اها خواهش رهي آهي تہ انهن اسٽيشنن جي آس پاس ڪجهہ ڏينهن گذارجن، جيڪي سرنگهون آهن اتي آس پاس خيما کوڙجن.

ڊبلن کان ڪاسلبار وچڻ وارو ريل گاڏي ۽ روڊ جو رستو پڻ انتهائي سهٿو ۽ خوبصورت آهي، اڪ چنيڻ تي بہ دل ناهي چوندي تہ متان ڪو نظارو نظرن کان اوجهل رهجي وڃي. سبي کان ڪوئٽا يا ڊبلن کان ڪاسلبار ويندي جيڪا شئي هميشہ متوجهہ ڪري ٿي اها آهي ريڊارن جي هڪ ڪرت جيڪا بلڪل ساڳي آهي. پلي ريڊار آئرلينڊ جو آئرش هجي يا بلوچستان يا ڪٽي سنڌ جو، سيني جو پنهنجين رڍن کي نيرو، گلابي، ڦڪو يا ڳاڙهو رنگ هڻڻ ساڳيو عمل آهي. ٻنهي ريل يا روڊ رستي ويندي رڍن جا رنگ برنگي ڌڻ نظر ايندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن آءُ جڏهن ڊبلن کان ڪاسلبار ويندي اهڙن ڌڻن کي ڏسندو آهيان تہ هڪڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي ۽ منهن تي هلڪي هلڪي مشڪ پاڻ ئي اچي ويندي آهي. پوءِ ڪو سامهون ويٺل مسافر شڪي نگاهن سان مون ڏي ڏسي جوابي مسڪراهٽ جو حملوڪندو يا ڪندي آهي، پر ڪين ڪهڙي خبر تہ هن وقت آءُ ذهني طور تي آئرش ريل سان گڏوگڏ بولان ميل ۾ پڻ سفر ڪري رهيو آهيان ۽ انهن ويرانن ۾ موجود رڍن جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان ۽ مڪمل طور تي اها ڪسوٽي حل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهيان تہ آئرلينڊ ، سنڌ ۽ بلوچستان جي ريڊارن ۾ ڪهڙو ۽ ڪڏهن جو ڳانڍاپو آهي. اهو رنگن جو استعمال شايد ٻن سبب جي ڪري آهي، هڪ تہ سندن رڍون سهٽيون لڳن ۽ ٻيو تہ هو جيئن پنهنجي مال کي سڃاڻي سگهن.

خوبصورتي جو ذڪر نڪتو آهي تہ مون اهو محسوس ڪيو آهي تہ گهٽي قدر يورپ جون عورتون ميڪ اپ پلي نہ بہ ڪن تڏهن بہ خوبصورت لڳن ٿيون، ڇڻ گڏيون هجن، ڇڻ تہ دنيا جون حورون، قدرت مٿن مهربان آهي. بهرحال قدرتي خوبصورتي هوندي بہ ميڪ اپ ڪن، ۽ ويندي ريل گاڏين ۽ بسن ۾ سفر دوران وقت بچائڻ لاءِ پڻ ميڪ اپ ۾

مشغول ٿين. يورپ ۾ گهڻي قدر ماڻهو قيمت نہ پر ڪواليٽي جو خيال ڪن ٿا ۽ گهڻي قدر نالي وارين ڪمپنين جون شيون خريد ڪن ٿا، ٻين لفظن ۾ براندبڊ ڪٽي چئون.

هتي جا ريسٽورنٽس يا ڪيفيٽيريا مردن توڙي عورتن سان ڀريل رهن، ائين ناهي تہ عورت رڳو پنهنجي سنگتياڻين سان اچي ويهي، جنس جو عمل دخل گهٽ نظر ايندو آهي، ڇوڪريون ڇوڪرن سان، ڇوڪرا ڇوڪرين سان، ڇوڪريون ڇوڪرين سان يا ڇوڪرا ڇوڪرن سان اچي ويهن ۽ پنهنجو وقت گذارين. ساڳئي طريقي سان انهن ريسٽورنٽس ۽ ڪيفيٽيريا تي وري ننڍي عمر جا ڇوڪرا يا ڇوڪريون اسڪول جي موڪلن يا اسڪول کان پوءِ پارٽ ٽائيم بيرا گيري پڻ ڪن، پر ڪين کو ڇورا يا ڇوري ڪري ڪونہ سڏي. هتي ڪوبہ گهٽ يا وڌ عزت وارو ڪونہ ليکيو وڃي.

سئيڊن ۾ مارچ ۽ اپريل جي مهينن ۾ جڏهن هتان جي ٽيڪس آفيس ٽيڪس ريٽرن جا ڪاغذ موڪليندي آهي تہ ان ۾ ڪنهن کي پيسا واپس ملندا آهن تہ وري ڪن کي جمع ڪرائڻا هوندا آهن. انهن ٻنهي مهينن ۾ ماڻهن جو خاص طور تي ويجهن دوستن جو محبوب مشغلو ٿيو وڃي تہ هڪ ٻئي کان پيا پڇندا آهن تہ تو کي گهڻا پيسا واپس ايندا يا وري توکي ڏيڻا پوندا. ڪڏهن ڪڏهن پيسا تمام ٿورا بہ واپس اچن جو ماڻهو چون تہ ٽيڪس آفيس اهي پيسا پاڻ وٽ ئي رکي هان تہ سٺو هو. ڪي وري ڏاڍا خوش ٿين تہ ايترا پيسا آيا آهن جو يورپ جي هڪ ٻن ملڪن جو ڪجهہ ڏينهن لاءِ سفر ڪري اچي سگهجي ٿو.

سفر ڪرڻ تان ياد آيو تہ يورپ ۾ رڳو آئرلينڊ اهڙو ملڪ آهي جتي اڄ ڏينهن تائين ٻهراڙيءَ واري زندگي موجود آهي، واٽ ويندي ڪڏهن ڪڏهن ڇيڻن جي ڏپ اچو وڃي ۽ ڍڳين، گهوڙن ۽ رڍن جا وڏا وڏا فارم نظر اچن. ان ڪري آئرلينڊ اڄ بہ يورپ جي ماڻهن کي پنهنجي ٻهراڙي واري زندگي ڪري متوجهہ ڪيو بيٺو آهي. هتان جي ٻهراڙي پاڻ واري ٻهراڙي وانگر بلڪل ناهي، هتي جي ٻهراڙيءَ وارن گهرن ۾ دنيا جي هر سهولت ۽ انهن تائين پهچڻ لاءِ ۽ آس پاس روڊ رستا هجن ٿا. وڏا وڏا مهل نما گهر هجن ٿا، رڳو جانورن جا فارم ۽ انهن جو رهڻ ڪهڻ ٻهراڙي جو تصور ۽ ڏيک ڏئي ٿو. انهن ٻهراڙين ۾ پلي هڪ ئي گهر چونہ هجي پر ڊپ بنهہ ناهي. ماڻهو ڄڻ دنيا جي جنت ۾ پيا گذارين جتي دنياوي حورون بہ آهن، امن بہ آهي، صحت بہ آهي، پيار بہ آهي ۽ حق حلال ڪمائي کائڻ جي همٿ ۽ جستجو پڻ آهي.

## ميلبورن آستريليا ۾ انٽارڪٽيڪا جي ڪنڊ کان ايندڙ تيز ۽ ٿڌين هوائن ۾

## الطاف سان رولاڪيون

سگريٽ جو وڏو ڪش هڻندي چيائين ته عبدالله مون کي تمام گھڻو ڏک ٿيو، جڏهن مون سيوهڻ ۾ ملنگن تي حملي جي خبر ٻڌي. جيڪو به ٿيو تمام گھڻو ڏکوئيندڙ ۽ خراب ٿيو. مون کي ياد آهي ته رابرٽ مون وٽ موري اچڻ کان پهريان ڪراچي کان سيوهڻ گھمڻ ويو هو. رابرٽ سان منهنجي دوستي 2006ع کان هلندي اچي جڏهن اسان هڪ ئي جيپ ۾ گلگت کان شندور ميلو گھمڻ لاءِ ويا هئاسين ۽ پرويز مشرف کي اتي نچندي ڏٺو هئوسين. پوءِ آءٌ واپس گلگت موٽي آيو هئس ۽ رابرٽ وري شندور کان چترال واري پاسي هليو ويو هيو. ۽ ڪجھه سالن کان پوءِ مون وٽ موري گھمڻ آيو هيو.

ميلبورن ۾ انٽارڪٽيڪا جي ڪنڊ کان ايندڙ تيز ۽ ٿڌيون هوائون هيون، آءٌ ۽ منهنجو سوٽ الطاف مظهر سڊني کان ميلبورن ريل گاڏي جي رستي تقريبن سڄي ڏينهن جي سفر کان پوءِ پهتا هئاسين ۽ رابرٽ اسان کي سندس جيپ ۾ ٽيشڻ تان کڻڻ آيو هيو، سندس آڌر ڀاءُ ۽ خلوص ڏسڻ وٽان هيو، اسان کي ڏسي سندس منهن مان خوشي صاف ظاهر هئي ۽ ڪيس لفظ نه پئي مليا ۽ رڳو پئي چيائين ته مان اوهان کي هتي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. اسان کي پهريان سٽو هڪڙي ديسي ڪاڌي جي هوٽل تي وٺي هليو جتي ٿن چئن قسمن جي ڪاڌن جا آرڊر ڏنائين جن ڪاڌن کان هو پاڻ به واقف هئو. هڪڙي ٿڌ ۾ ديسي ماني صفا ٽڪ ئي لاهي ڇڏيا.

سندس گھر پهتاسين ته وري ڪچهري ۽ چانهه جو دور هليو ۽ پاڻ جڏهن چانهه پي ٺاهيائين ته مون پنهنجي ڪمپيوٽر تي نصرت فتح علي خان جو گانو فصل گل هي ڪلا هي مي خانه هلايو ته ڪلندي چيائين ته ’ نصرت فتح علي خان‘. پوءِ نصرت فتح علي خان جي ڳالهه تان ٿيندو سندس گھميل ملڪن بابت ٻڌائيندو هليو ۽ سيوهڻ واري واقعي جو ذڪر ڪري افسوس ڪرڻ لڳو. پوءِ اهو سلسلو ٽن ڏينهن تائين هلندو رهيو، صبح جو سوير اٿي اسان سيني لاءِ نيرن تيار ڪندو هئو، گڏجي ڪائيندا هئاسين، پوءِ اسان کي اسٽيشن تي ڇڏي ايندو هئو ۽ پاڻ اتان وري سندس نوڪري تي ويندو هئو ۽ آءٌ ۽ الطاف پنهنجي بڪ ڪرايل مختلف سفرن ڏانهن نڪري ويندا هئاسين ۽ رابرٽ وري واپسي تي رات جو کڻڻ ايندو هئو، ميلو مچندو هئو، ڪچهريون ٿينديون هيون، چانهين جا هڪ به دور هلندا هئا.

سائين هاڻي هلو ته ميلبورن گھمون. پهرئين ڏينهن اسان کي گريٽ اوشين روڊ جي ٽوئر تي وڃڻو هئو، اسان کي مقرر وقت تي ڪوسٽر ميلبورن جي مک ٽيشڻ فلينڊ رتان کنيو، ڪوسٽر ۾ اسان کان پهريان به ڪجھه گھوماڪڙ ( سياح) ويٺا هئا، ڪجھه اسان سان ڪوسٽر ۾ چڙهيا ۽ ڪجھه وري اسان کان بعد ۾. گھمڻ ڦرڻ جي عاشقن جو قافلو روانو ٿيو. گريٽ اوشين روڊ آسٽريليا جي ڏکڻ اوڀر ساموندي پٽي تي 243 ڪلو ميٽر روڊ آهي،

جيڪو ٽورڪي ۽ النسفورڊ شهرن جي وچ ۾ آهي. هي روڊ 1919ع ۽ 1932ع جي وچ ڏاري پهرين وڏي جنگ مان بچي آيل فوجين هٿان، جنگ ۾ مارجي ويل پنهنجن ساٿي فوجين جي ياد ۾ ٺاهيو ويو. گريٽ اوشين روڊ اڄ ڪلهه سياحن جي ڪشش جو مرڪز آهي. روڊ سمنڊ ڪناري انتهائي دلڪش نظارو پيش ڪري ٿو، مٿان وري پورٽ ڪيمپبيل نيشنل پارڪ ۾ 12 ايپوسٽليس ڪم ڪي صفا ڪنيو بيٺا آهن. اهي 12 ايپوسٽليس سمنڊ جي ڪناري پاڻي ۾ چن جي پٿر جا قدرتي ايا قبا نما ٺهيل آهن. هاڻي ٽي ڪري پيا آهن، باقي 9 بچيل آهن، سمنڊ جي مستي ڏسي محسوس ٿيو ته اهي به ٿوري وقت ۾ آ ڪندا. جنهن ڪي ڏسڻا آهن ڏسي وڃي. ڪنهن سچ چيو آهي ته پيار ۽ پيار جو اظهار ڪري وڃو سياڻي جي ڪا خبر ناهي، آءُ سمجهان ٿو دنيا ۾ شيون به ائين آهن، ڏسي وڃو، سياڻي جي ڪا خبر ناهي.

ميلبورن ڪان نڪرڻ ڪان پوءِ تقريبن اڍ مني ڪلاڪ ڪان پوءِ ڪوسٽر چانهه بسڪيٽ جي وقفي لاءِ هڪ ساموندي پٽي تي اچي بيٺو، سمنڊ جو اهو پاسو سمنڊ ۾ سرفنگ ڪرڻ وارن لاءِ مشهور آهي، پر اسان ڪي اتي ڪوبه سمنڊ ۾ سرفنگ ڪندي نظر نه آيو. ڪوسٽر ۾ سنگاپور، آمريڪا، جاپان، ملائيشيا ۽ انگلينڊ جا گهوماڪڙ هيا، اسان رڳو به پاڪستاني سنڌي جن چانهه مان بسڪوٽ ٻوڙي پئي ڪاڌا. ٿورو اڳتي هلڻ ڪان پوءِ باقائدي هن جڳ مشهور روڊ جي شروعات هڪ ارچ يا گيٽ ڪان ٿي جتي ڪوسٽر پڻ پنڌرنهن منٽن ڪنن لاءِ بيٺو جتي سيني فوٽو ڪيرايا. پوءِ مانجهاندي تائين گاڏي هلندي رهي ۽ گاڏي ۾ ويٺي نظارا پئي ڪياسين، ڪجهه سياح ته ڊڪرن ۾ هيا پر الطاف ۽ آءُ چرچا ٻوگ ڪندا پئي هلياسين ۽ ماحول جو مزو پئي ورتوسين، مٿان وري جو مينهن وسڻ شروع ٿيو ته اصل صفا ڪم مچي ويو ۽ مزو اچي ويو. هڪ سياح اسان ڪان پڇيو ته اوهان ڪهڙي ٻولي ۾ ٿا ڳالهايو، اسان وراڻيس ته سنڌي ۾، ڪانه سمڊي ۽ وري پڇيائين هندي ۾، اسان وري چيس نه سنڌي ۾. روڊ تي خاص ڪري چينين لاءِ سندن ٻولي ۾ بورڊ لڳل هيا جن تي گاڏي هلائڻ جي رفتار ڪان وٺي ٻيون هدايتون پڻ لکيل هيون. رابرٽ اسان ڪي ٻڌايو هئو ته هتي گهڻا چيني اهڙا به اچن ٿا جيڪي انگريزي ٽپ ڪونه ٿا سمجهن ۽ پوءِ جتي آيو اتي گاڏي بيهاري ٿا ڇڏين ان ڪري انهن لاءِ اهي خاص بورڊ سندن ٻولي ۾ لڳرايل آهن.

مانجهاندي لاءِ ڪوسٽر سمنڊ ڪناري انتهائي دلفريب ۽ سهڻي شهر اپولو بي جي هڪ ڪاڏي واري هوٽل تي اچي بيٺو، هلڪو هلڪو مينهن به وسي رهيو هئو، سڄو شهر مينهن ۽ ساموندي گهم جي ڪري پسيل هيو، آءُ ٿورو سمنڊ جي ڪناري هليو ويس ته جيئن هن سهڻي نظاري کي اندر ۾ سانڍي سگهان. مينهن ٿورو تيز ٿيو ته واپس آيس جتي الطاف ٻين سياحن سان ڪچهري ۾ مشغول هئو. اسان واري ٽيبل تي سنگاپور جي ڇوڪري ۽ اٽلي جو نوجوان ڇوڪرو اليساندرو ويٺل هيا. اليساندرو ٻڌايو ته هو ائڊليڊ ۾ پڙهائي پوري ڪري اٽلي ڳوٺ وڃڻ ڪان پهريان آسٽريليا جا ڪجهه شهر پيو گهمي. سنگاپور واري ڇوڪري رڳو سنگاپور ڪان سيڙجي ميلبورن ۽ آس پاس گهمڻ آيل هئي.

وري سفر شروع ٿيو، اڳتي هلي هڪ جڳهه تي گاڏي بيهاريائون، هاڻي وارو هئو وڻن ۾ ٽنگيل ڪئالا ڏسڻ جو، هڪ ته نظر آيا باقي ڪل خير، باقي اتي رنگ برنگي طوطا ڏاڍا هئا جيڪي مٿي تي، ڪلهن ۽ هٿن تي اچو ٿي ويٺا. اتان وري هل هلان شروع ٿي، اوشين روڊ ڪان ٿورو مٿئين پاسي اوٽوي جي رين فاريسٽ ۾ وٺي هليا، اهو منهنجي زندگي جو پهريون تجربو هئو جو ڪنهن رين فاريسٽ ۾ اڌ ڪلاڪ ڪن جو پنڌ ڪيو هجي، وڻ سوين سال پراڻا هيا ۽ تمام وڏا، ڪي ته پاڙان پٽجي اتي ئي ڪري اتان جي ماحول جو حصو ٿي چڪا آهن. مينهن اسان جو پيڇو ڪندو پئي هليو، الطاف ۽ آءُ خوش ته انهيءَ ۾ هئاسين پر ٻيا سياح شايد بيزار پئي ٿيا. پاڻ ڇاڻن.

رين فاريسٽ ڪان پوءِ اسان مٿي ذڪر ڪيل 12 ايپوسٽليس ۽ آس پاس پهتاسين، اهو قدرتي نظارو ڏسڻ وٽان هئو، اتي مينهن جو پوڻ عجيب هئو، ته منٽ تيز ته وري ٻه منٽ هلڪو يا صفا بند، سمنڊ ڪافي مچريل هئو، زور زور سان سامهون پهاڙ ڪي پئي اچي ٽڪرايو ۽ ڇن جا ايپوسٽليس ته سمنڊ اڳيان ڪجهه به نه هيا پر رڳو نظارو سهڻو ڪيو بيٺا هيا. اتان ڪان پوءِ وري اسان ٻن مختلف جائين تي سمنڊ جي ڪناري تي وياسين، هڪ هنڌ ٻن پهاڙين جي وچ ۾ هڪ قسم جو آرڇ يا سوڙهو سامونڊي رستو هيو، جيڪو وچ سمنڊ ۾ پئي کليو، اتي سمنڊ جو پاڻي تيزيءَ سان اندر اچي رهيو هئو، اتي  هڪ غار به هيو پر اندر وڃڻ تي شايد پابندي هئي. آخري سمنڊ جي ڪناري تي وياسين ته هڪ هنڌ لکيل هيو ته هتي زهريلا نانگ آهن ۽ هن مخصوص جڳهه واري پاسي نه وڃجو، بس پوءِ اسان به اتي تڪڙ تڪڙ ۾ ايپوسٽليس ۽ پهاڙي جي وچ ۾ فوٽو ڪڍرائي اتان نڪرڻ جي ڪئي سين.

ميلبورن واپس پهچڻ تي اٽلي جي اليساندرو چيو ته مون سان فوٽو ڪڍرايو ۽ پڇيائين ته جيڪڏهن اوهان سياڻي ميلبورن ۾ هجو ته گڏجي شهر گهمون، اسان ڪيس چيو ته نه سياڻي اسان جو فلپ آءِ لينڊ (ٻيٽ) جو ٽوئر بڪ آهي باقي پرهين ملنداسين. ٻئي ڏينهن فلپ آءِ لينڊ تي وڃڻ ٿيو، اصل ۾ مقصد هئو مني فوٽ جا پين گئين ڏسڻ جو، پهريان هڪ زو ۾ وٺي هليا، جتي اسان ڪئالا ۽ ڪينگروئن سان فوٽو ڪڍرايا، هن ٽوئر ۾ به دنيا جي مختلف ملڪن جا سياح هيا ۽ آسٽريليا جي ٻين ڏورانهن علائقن جا سياح به هيا. پين گئين ڏسڻ ڪان وڌيڪ جيڪا ڳالهه مون کي وڻي سا هئي ڪاٺ جي تختن تي واڪ ڪرڻ ۽ سمنڊ جي موجن جو مزو وٺڻ، پري سمنڊ ۾ ٽي پاڻي جا جهاز به نظر آيا جيڪي تسمانيا پئي ويا.

ٽئين ڏينهن اسان جو پروگرام هيو ته ميلبورن کي اٽالين اليساندرو سان گهمجي، ۽ شام جو دلبر سائين سعيد ٽالپر سان ملڻ جو پروگرام هيو. اسان جيئن ئي فلينڊر اسٽيشن ڪان ٻاهر نڪتاسين ته اليساندرو اسان جو انتظار پئي ڪيو. اسان سڀ گڏجي پهريان ٿورو هتي هتي چڪر ڏنوسين، پوءِ ميلبورن جي مشهور نيرن ڪرڻ جي گهٽي ڊيگريوز اسٽريٽ تي آياسين، جتي گڏجي ناشتو ڪيوسين. اليساندرو جي اڄ ڳوٺ واپسي هئي ۽ اسان جي وري سڀاڻي، وري ڪٿي ۽ ڪنهن هنڌ ملڻ جو هڪ ٻئي کي چئي موڪلايوسين. پوءِ الطاف،

آءُ ۽ ميلبورن هئاسين، يارا درياهه جي آس پاس چڪر ڏنوسين، يونيورسٽي ۽ لائبريري ڏٺيسين. هرو ڀرو هڪ جڳهه کان ٻي ۽ ٻي کان ٽين جڳهه تائين گهمندا رهياسين. اصل ۾ گهمڻ جو مزو ئي ائين آهي، پيرين پنڌ. ساڳيا ماڻهون هر هنڌ.

شام جو سعيد ٽالپر صاحب سان ملاقات ٿي، اها اسان جي ٻين ملاقات هئي، پهرين ملاقات ٽنڊو ڄام ۾ ٿي هئي. جڏهن پاڻ ناروي پڙهائي لاءِ پئي ويو. هڪ افغان جي ڪاڏي واري هوٽل تي رات جي ماني تي ۽ هڪ ديسي جي فالودي واري جي دڪان تي ڪچهري ڪندا رهياسين، سندس ناروي جا تجربا ۽ ان کان پوءِ سندس ملائيشيا ۽ آسٽريليا ۾ رهڻ جا تجربا ۽ الطاف جي آسٽريليا ۾ رهڻ ۽ منهنجي سئيڊن ۾ رهڻ جا تجربا هڪ ٻئي سان ونڊ ڪندا رهياسين. اتي ئي ويٺا هئاسين ته رابرٽ جي فون آئي ۽ پڇيائين ته جيڪڏهن ويجها هجو ته مان اچان، اسان چيس نه بس فون تي ئي موڪلايون ٿا ۽ اسان سندس ٿورا مڃيا. سعيد ٽالپر صاحب جي مهرباني جنهن تمام گهڻو قيمتي وقت ڏنو، آخر ۾ اسان کي ميلبورن جي هوائي اڏي تي ڇڏيائين.جيٽ اسٽار جو جهاز هو ۽ الطاف ۽ آءُ هوائن ۾.

# ڪافڪا جي شهر پراگ ۾

ولٽاوا درياهه جي ڪناري آباد چيڪ ريپبلڪ ملڪ جي گاديءَ واري شهر پراگ ۾ آخري ڏينهن هيو، سڄو ڏينهن پيرين پنڌ گهمي ٽڪجي ٽني اچي شهر جي مشهور چارلس پل جي آس پاس چونڪ تي ساهي پٽڻ لاءِ هڪ چرچ جي ٻاهرين ٿلهين تي ويٺاسين. شيدي جن ڪي پاڻ ڏاڏا سڏيون سي پئي آس پاس ڦريا ۽ سندن ڪوشش هئي ته گهمندڙ ڦرندڙ سياحن کي ڪنهن ٻيڙيءَ ۾ چڪر ڏيارڻ يا ڪنهن ريسٽورنٽ جي ٽڪيٽ وڪڻي وجهون ته روزي نهي. سندن ڪلٽي منهن مهانڊي ۽ مذاق ڪرڻ جي ڪري گهڻا ماڻهو ڪائن ٽڪيٽون وٺن به پيا. پراگ هڪ تمام سهڻو شهر آهي، جنهن جي تعريف جيتري ڪجي اها گهٽ آهي. آءُ جڏهن به ڪو نئون شهر گهمڻ ويندو آهيان ته اتي جيترا ڏينهن به رهڻو هوندو آهي انهن ڏينهنِ جي لوڪل بسن، ٽرام يا زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي جي ٽڪيٽ وٺي پوءِ شهر کي گهمندو آهيان، اهو تمام سولو ۽ سستو طريقو آهي ڪنهن به نئين شهر کي گهمڻ لاءِ. ڪٿي ماڻهو مُنجهي پئي ته پڇڻا نه منجهڻان واري اصول تحت واٽ ويندڙ ماڻهن کان رهنمائي مليو وڃي. پيرين پنڌ گهمڻ جو به وري پنهنجو مزو آهي.

پراگ شهر ٻن حصن تي مشتمل آهي، هڪ اوپر وارو پاسو ۽ وري ٻيو اولهه وارو پاسو. هر گهمڻ واري جڳهه پيرين پنڌ گهمي ڦري سگهجي ٿي. چارلس پل تي هر وقت سياح پنڌ ڪندي ۽ تصويرون ڪڍائڻ ۾ رڌل رهن ٿا. پل تي بيهي نظارو ڪرڻ سان لطف اچيو وڃي، درياهه مٿان ٺهيل ٻين پلن کي به آساني سان ڏسي سگهجي ٿو. بشني پوري دنيا ۾ پيا ڦرن، سو چارلس پل گهمڻ مهل اهو خيال ڪرڻ ضروري آهي ته مٿان ڪو بشني ڪيسو نه ڪٽي وڃي ۽ پرديس ۾ جيڪڏهن ائين ٿئي ته ماڻهو واقعي به ڏچي ۾ اچي سگهي ٿو. شهر ۾ هر طرف ٽرام هلي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ زمين اندر هلندڙ ريل گاڏي ۽ بسن ذريعي شهر جي هر حصي ۾ سولائي سان اچي وڃي سگهجي ٿو. ملڪ سستو هئڻ ڪري ٻين مهانگن ملڪن جيئن ته اسڪينڊينيويا جي ملڪن جا ماڻهو گهڻو ڪري اچن وڃن. خاص ڪري اتان جي بيئر کي واپرائڻ لاءِ به گهڻا ماڻهو وڃن. شهر جو رات ۽ ڏينهن جو پنهنجو پنهنجو نظارو آهي. پراڻي زماني جون عمارتون ۽ سندن وچ ۾ هلندڙ ٽرامون صفا دل کي موهي وجهن ٿيون. شهر جو پراڻو چونڪ جنهن کي اولڊ ٽائون اسڪوائر به چون جيڪو تقريبن هر وقت ماڻهن سان پريل رهي ٿو، چونڪ جي آس پاس دڪان، کاڌي کائڻ جا ريسٽورنٽس ۽ چانهه بسڪوٽ کائڻ لاءِ وري ڪوڙ ڪيفيٽيريا آهن، جتي ماڻهو ويهي ٽڪ به لاهي ۽ چانهه بسڪوٽ جو مزو به وٺي. شهر جي انهي پراڻي چونڪ ۾ وري هڪ پراڻو چرچ به آهي، جنهن جا ٽاور وري اسي ڪن ميٽر ڊگها آهن. انهن ۾ وري هڪ آسٽرونامي گهڙيال لڳل آهي، جيڪو وقت، تاريخ، ڏينهن، سج ۽ چنڊ جي جڳهه ٻڌائي ٿو. اهو گهڙيال

1410ع کان انهن ٽاورن ۾ لڳل آهي. انهيءَ پراڻي چونڪ ۾ ماڻهو اتي گهوڙي گاڏي يا پراڻين گاڏين ۾ شهر جو سير به ڪري سگهي ٿو. شهر ۾ هڪ هنڌ پيٽرن هل جو پارڪ ۽ ان ۾ هڪ ٽاور آهي جنهن تي چڙهڻ کان پوءِ سڄي پراگ شهر کي ڪنهن پکي جي اک سان مٿان کان ڏسي سگهجي ٿو.

شهر جي پهاڙي حصي تي دنيا جو قديم ترين چرچ به ڏسڻ وٽان آهي ۽ ان کي ڏسڻ بنا ڪڻ ماڻهو پراگ ئي نه گهميو. اتي پهچڻ لاءِ پهاڙي طرف پنڌ وڃڻو پوي ٿو، ماڻهو اتي ڏاڪڻ جي ذريعي ٻئي پاسي کان به پهچي سگهي ٿو. مون ۽ منهنجي دوست پرنيلا اتي چارلس پل تي پنهنجي هڪ ٻي چيڪ دوستِ مائيڪلا جو انتظار ڪري رهيا هئاسين، جيڪا آفيس کان پوءِ اسان کي شهر جا ڪجهه ٻيا حصا به گهمائڻ لاءِ وٺي وڃڻي هئي. مائيڪلا کي اچا اچڻ ۾ ڪلاڪ ڪن لڳڻو هيو، تيستائين مون ۽ پرنيلا سوچيو ته چارلس پل جي پرسان ٽارچر نالي ميوزم گهمي ڏسجي ته اتي ڇا آهي. ٽڪيٽ به گهڻي مهانگي نه هئي ۽ وقت کي گذارڻ جو به موقعو هيو.

ٽارچر ميوزم ٽن منزلن تي مشتمل آهي، جنهن جي هر منزل تي يورپ ۾ پنجين کان پندرهين صدي جنهن کي مڊل ايج يا ميڊيول پيرڊ به چيو وڃي ٿو، جي دوران ٽارچر طور استعمال ٿيندڙ تمام اذيت ڏيندڙ لڳ ڀڳ سٺ کن اوزار هن ميوزم ۾ رکيل آهن. اوزار ۽ انهن کي جنهن طريقي سان استعمال ڪيو ويندو هيو، اهو ڊيڪاريل آهي. هر حساس دل رکندڙ انسان ڏسي اچرج ۾ اچيو وڃي ته ڇا انسان به انسان تي ايترو ظلم ڪري سگهي ٿو. ميوزم گهمڻ دوران مون ڪجهه ماڻهن کي پاڻ ۾ چوندي ٻڌو ته "شڪر آهي جو اسان ان وقت هن دنيا ۾ اچا ڄاوا ئي نه هئاسين." ڪن کان ڇرڪ نڪري ٿي ويا ته ڪن وري ان دور جي انهن ماڻهن سان همدرديءَ جو اظهار پئي ڪيو، جيڪي ان دور ۾ ان قسم جي ظلم جو شڪار ٿيا هوندا. انسان کي اندر وڃڻ ۽ ڏسڻ کان پوءِ ان دور جي انساني بيوقوفي ۽ شيطاني سوچ جو اندازو ٿئي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ ڪي انسان ٿوري يا گهڻي غلطي، سچي يا افواهه تي مشتمل ماڻهن کي سخت سزائن مان گذرڻو پوندو هئو.

مائيڪلا پراگ شهر جا ڪجهه حصا ڏيکاريندي رهي، پر آءُ جسماني طور ته پراگ ۾ هيس پر ذهني طور مون انهن نوجوانن بابت پئي سوچيو جيڪي ان وقت به شايد ڪنهن ٽارچر سيل ۾ شديد ذهني ۽ جسماني اذيتن مان گذرندا هوندا.

# مراڪش جو سير

مان آهيان ته سئيڊش پر گذريل پنجويهن سالن کان ڊينمارڪ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ناروي ۾ رهان ٿي. پيشي جي حوالي سان مان نرس آهيان. جهاز اسٽاڪهولم (Stockholm ) کان مراڪش (Marrakech ) طرف تيزيءَ سان اڏري رهيو هئو. جهاز ۾ منهنجي پرسان ويٺل چوونجاهه سالن جي اين ( Ann) مون کان پڇيو ته تون مراڪش ۾ ڪهڙي هوٽل ۾ رهندين ۽ ڪهڙيون جايون گهمڻ جو سوچيو ۽ رٿيو اٿئي؟ مون کيس هوٽل جو نالو ٽيمپو(Tempo ) ۽ روڊ جو نالوابوبڪر صديق ۽ عمر بن الخطاب ٻڌايو. اها هوٽل حورنيج جي علائقي ۾ هئي. پاڻ روڊ جو نالو ٻڌي يڪدم وراڻيائين ته منهنجي هوٽل ته ٻي آهي پر روڊ ساڳيو آهي. سندس هوٽل جو نالو اماني (Amani ) هئو. جيڪا منهنجي هوٽل کان هڪ ٻن منٽن جي وکن تي هئي.

مون کيس ٻڌايو ته مراڪش جنهن جي معني آهي "الله جو شهر يا گهر". شهر گهمڻ کان پوءِ آءُ گهڻي قدر ورزازات ( Ourzazat) جنهن جي معني آهي ريگستان جو در ويندس، جتي ايت بن حدو جو ڪسر آهي، جيڪو ڏسڻ وٽان آهي، ٻيو آئٽلس جبلن جي وادي اوريڪا (Ourika) به شايد وڃان ۽ ان کان سواءِ اتر آئٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي آباد شهرالصويره (Essaouira )به ويندس. اين ٻڌايو ته هوءَ هتي مون کان ڪجهه وڌيڪ عرصو گذاريندي ۽ ملڪ کي چڱي ريت گهمندي.

جهاز جيئن ئي مراڪش شهر جي هوائي اڏي تي لهڻ جي ڪئي ته آس پاس جو علائقو ظاهر ٿيڻ لڳو. ٻارن فوٽ بال راند پئي ڪئي، ٻار راند ۾ ايڏو ته مگن هئا جو مٿي جهاز ڏي ڏنائون ئي ڪونه، جيئن پاڻ سنڌي جهازن کي ڏسندا آهيون.

مراڪش پنهنجي سرن جي رنگ جي عمارتن جي ڪري به سڄاتو وڃي ٿو ۽ شهر ڪجهه وقت کان وٺي سياحن جي توجهه جو مرڪز ٿي ويو آهي، جتي يورپ جي ڪوڙ ملڪن مان سڌا جهاز پرجي اچن ٿا. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته جيئن ته ٿائيلينڊ ۾ سونامي آئي ته سيني عياش پرست ماڻهن جو ڌيان هن طرف ويو ۽ انهن کي مراڪش ۾ به اهو سڀ ڪجهه ملڻ لڳو جيڪو هنن کي ٿائيلينڊ ۾ ملندو هئو. پر هاڻي مراڪش ۾ هر قسم جا سياح گهمڻ اچن ٿا جن ۾ يورپ جي ماڻهن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هتي مون کي ڏرم ۽ آزادي گڏ گڏ نظر آيا.

هوٽل جي ڪمري تي سامان رکي ٿورو ٽڪ ڀڃي شهر جو رخ ڪيم، خاص طور تي جامع الفنا اسڪوائر واري پاسي. اسڪوائر تمام وڏو آهي جتي هر وقت مقامي ماڻهو ۽ سياح نظر اچن ٿا. هن اسڪوائر تي صبح کان وٺي گهما گهمي شروع ٿئي ٿي جيڪا ويندي رات جو دير دير تائين جاري رهي ٿي. ڪاڏن پيتن جا اسٽال، ڪرتب ڏيکاريندڙ مداري، جادوگر، ناچو، روز مرهه جي شين جا اسٽال، واندا ڇوڪرا ۽ واندين ڇوڪريون هر وقت

نظر ايندا. هي اسڪوائر اتر آفريڪا جي روايتي، ثقافتي ۽ تجارتي مرڪز جو هڪ لاجواب مثال آهي. اسڪوائر جي آس پاس وري هٿ جي هنر جا دڪان، هوٽلون، کهوا خانا جام نظر ايندا. انهيءَ جامع الفنا يعني مسجد واري چونڪ تي گهمندي گهمندي رات جا ٻارنهن ٿي ويا ۽ ٿڪاوٽ به ٿيڻ لڳي، سو پنڌ ئي واپس هوٽل تي آيس، هوٽل جي ڪمري تي ايڊيٽ باڪس يعني ٽي وي به هئي پر منهنجي هرو ڀرو ٽي وي سان گهٽي ڪانه لڳي سو سوچيم اها بند ئي چڱي آهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ناشتو ڪرڻ لاءِ هوٽل جي لابي ڪان ٿيندو اچي سوئمنگ پول جي ڀرسان واري ٽيبل ڪرسي والاريم، اچا اتي ئي ويٺو هوس ته ٻن مائين کي اردو / پنجابيءَ ۾ ڳالهائيندي ٻڌم ۽ ٿوري دير ڪان پوءِ انهن سان ڳالهه ٻولهه شروع ٿي. ٻئي ماءُ ڌي پنهنجي پٽ ۽ ڀاءُ جي شادي جي سلسلي ۾ مراڪش آيل هيون. وڏي عمر جي مائي ٻڌايو ته مان اصل ۾ راولپنڊيءَ جي آهيان پر شادي ڪان پوءِ گذريل پنجاهه سالن ڪان اسان لنڊن ۾ رهندا آهيون. ڇوڪري ٻڌايو ته سندس ڀاءُ سان هتان مراڪش جي ڇوڪري گڏ پڙهندي هئي ۽ هاڻي نوڪري به ساڳي ڪندا آهن. مون کي وڌيڪ ٻڌايائون ته سياڻي اسان جا لڳ ڀڳ پنجاهه ٻيا مائٽ به ايندا، ڪجهه پاڪستان ڪان ايندا ۽ ڪجهه وري انگلينڊ ڪان. ماءُ ۽ ڌيءُ ٻنهي مون کي به دعوت ڏني. مون سندن مهرباني ميجي پر معذرت پڻ ڪئي ۽ ٻڌايو مان ته منهنجو ٽوئر بڪ ٿيل آهي سو مان روز ناشتي ڪان پوءِ مراڪش جي ڀين شهرن ڏانهن نڪري ويندس ۽ رات دير سان واپس مراڪش شهر ايندس.

اڄ سڄو ڏينهن مراڪش شهر گهمڻ لاءِ هيو، ان ڪان پوءِ رڳو رات جو ئي واپس ورڻو هئو. جامع الفنا واري چونڪ ۾ ڏينهن جو به وڏي گهما گهمي لڳي پئي هئي. دلائل خيرات جي خالق حضرت امام جازولي جي مزار تي حاضري ڀرڻ ۽ مختلف ڪسر ۽ محل ڏسڻ ڪان پوءِ آءُ مراڪش جي ڍڪ بازار جنهن کي مراڪش جا ماڻهو مدينه بازار سڏين. ڏسڻ لاءِ ويس. مراڪش جي هن مدينه بازار ۾ گهڙڻ ڪان پوءِ مون کي استنبول جي گرانڊ بازار ياد اچي وئي، پر هن مراڪش جي مدينه بازار جي اڳيان اها استنبول جي بازار صفا ٻار نظر آئي. هن بازار جي مشهور ڳالهه اها آهي ته هتي هڪ دفعو اندر وڃڻ ڪان پوءِ ٻاهر نڪرڻ تمام ڏکيو آهي ۽ ان لاءِ اتان جي مقامي ماڻهن جي مدد وٺڻي ٿي پوي.

اڳهن جي حوالي سان هتي به ساڳيو پناڻن وارو لقاءُ آهي، يعني جيڪڏهن ڇون پنج هزار ته پنج سئو ۾ رازي ٿي ويندا ۽ ڪا شئي وٺي ٿورو اڳتي وڃو ته احساس ٿيندو ته پيٽا اچا گهٽ چوانس ها، بهرحال آءُ خريداري نه هئڻ جي برابر ڪندو آهيان، جيڪا سفر ۾ تمام بهترين ڳالهه آهي، ماڻهو سامان ڍوئڻ ڪان بچي ٿو پوي. مراڪش هٿ جي هنر جي شين جو لاجواب شهر آهي، بلڪ سڄي موروڪو ۾ هٿ جي هنر جي شين جو وڏو نالو آهي. هتان وري هي انهن شين کي ڊيڪوريٽ پڻ ڪري ڄاڻن ۽ ڪمال جا واپاري آهن، مجال آ جو ڪو سياح دڪان ۾ اندر گهڙي ۽ واپس ڪا شئي وٺڻ ڪان بغير ٻاهر اچي.

بازار ۾ گهمندي گهمندي ٽي چار ڪلاڪ گذري ويا پر هاٽي سائين بازار مان موري جو سومرو ڪيئن نڪري، ڪجهه ماڻهن کي وڏي واکي سلام ورائي پڇندو ويس پر ڪم گهڻو هيو، بهرحال ايتري پڪ هئي ته هتان نڪري ضرور ويندس.

ٿورو اڳتي هلندو ويس ته اين تي نظر پئي، ساڻس گڏ هڪ ٽورسٽ گائيڊ به هيو، پوءِ دل ئي دل ۾ گد گد ٿيڻ لڳس ته سومرو هاٽي بازار مان سولائي سان ٻاهر نڪري ويندو. اين مراڪش مان ۽ خاص ڪري هن بازار مان ڏاڍو متاثر هئي، چيائين “مان هتي هن بازار ۾ هر هر ايندس ۽ ايستائين ايندس جيستائين پاڻ ٻاهر اڪيلي نه نڪري سگهان.” اين جي هٽ ۾ خريداري جون ٿيلهيون ڏسي مون کيس چيو هي مراڪش جا عرب ۽ بربر وڏا تيز آهن، سياحن کي ڪجهه نه ڪجهه ڪٽايو ڇڏين، پاڻ زور سان کلي چيائين “ها بلڪل ائين آهي.”

جامع الفنا جي ويجهو هڪ ريسٽورنٽ تي مون، اين ۽ سندس گائيڊ مراڪش جي مشهور ڊش تاجن کاڌي ، تاجن اصل ۾ ٺڪر جو ٿانءُ آهي، جنهن ۾ هو ڪجهه به پچائي سگهن ٿا، جيئن ڪڪڙ تاجن، ٻڪري، رڍ يا ڳئون جو گوشت ۽ ان سان گڏوگڏ ان ۾ ڀي به ڪا سائي ڀاڄي ضرور وجهن. جيئن ايران ۾ کهوا چانهه مشهور آهي ته هتي وري ڦودني جي تازن پنن جي چانهه وڏي مشهور آهي ۽ تمام سوادي ٿئي ٿي. ماني کان پوءِ آءُ ۽ اين پنڌ ئي پنڌ پنهنجين پنهنجين هوٽلن ڏانهن وک وڌائي. اين پنهنجي هوٽل ۾ ويندي مون کي چيو ته مان شايد توسان گڏ الصويره گهمڻ لا هلان، ائين ڪرڻ سان اسان ٻنهي جا پيسا بچي پوندا، مون هٽ لوڏي چيو مانس ها ڪو مسئلو ناهي ۽ مان اوڏانهن ويهين فيبروري تي ويندس.

صبح جو وري ناشتي تي وڏي مائي سندس ڌيءُ ۽ هڪ ٻي عورت نظر آيون، وري ڳالهه ٻولهه ٿي، مائي ٻڌايو هيءَ به منهنجي ڌي آهي ۽ لنڊن ۾ هڪ پاڪستاني وڪيل سان شادي ٿيل اٿس. وڌيڪ ٻڌايائين ته اڄ خير سان شادي ٿيندي، مهمان به سڀ پهچي ويا آهن. پوءِ محسوس ٿيو ته ڄڻ اڌ هوٽل پاڪستانين سان ڀريل هجي.

اڄ مون کي هڪ ٽوئرسٽ سونهين جمال سان ورزازات واري پاسي ريگستان ۾ وڃڻو هيو، جتي ڪسر ايت بن حدو ڏسڻو هيو ۽ ورزازات جو شهر پڻ. جڏهن سفر شروع ٿيو ته مون محسوس ڪيو ته هتي هر ڏهن پندرنهن ڪلو ميٽرن کان پوءِ زمين جو ليندڊ اسڪيپ بدلجي پيو، معني ساوڪ، وري رڃ، ڪٿي ڪٿي برف، ايٽلس پهاڙن جي برف مان گذرڻو پيو، هڪ لائين ۾ ڪٿي چئجي ته موروڪو مني پاڪستان هيو، پاڪستان کي جيڪڏهن گهمڻو آهي ته اهي سڀ شيون يعني برفيلا پهاڙ، ريگستان، کليل ميداني علائقا گهمڻ ۽ ڏسڻ لاءِ گهڻو وقت کپي، پر موروڪو ۾ اهو ڪجهه ڏينهن ۾ ممڪن آهي.

موروڪو ۾ ماڻهو اُٺن ۽ گهوڙن سان گڏوگڏ گڏهن تي پڻ جام سواري ڪن ٿا. روڊ ڀرسان اسڪولن جا ڏاڍا ٻار لفٽ وٺڻ لاءِ آڱوٺو ڏيکارين ٿا. مون جمال کان پڇيو ته اوهان

هتي لفٽ نه ڏيندا آهيو ڇا؟ ڇيائين آءُ جڏهن اڪيلو هوندو آهيان ته پوءِ ڏئي ڇڏيندو آهيان نه ته نه. مون ڇيو ماڻس مون کي ڪو اعتراض ناهي، جيڪڏهن تون ڪنهن کي پلي پاڻ سان گڏ ڪٽي منزل تي پهچائين. هر هڪ شهر جي ٻاهران جڏهن گاڏي پهتي پئي ته اتي مخصوص جگهه تي بيهارٽي ٿي پئي ۽ تيستائين هلڻ جي اجازت نه هئي جيستائين پوليس وارا اشاري سان وڃڻ جو چون، شهر ۾ اچڻ ۽ نڪرڻ تي پورو ڪنٽرول هئو. منهنجو خيال آ ته شايد اهو ان ڪري ٿا ڪن ته جيئين ته مورروڪو اسپين ۽ يورپ سان گنڍيل آهي ته متان ڪي آفريڪا جي ٻين ملڪن جا ماڻهو غير قانوني سندن ملڪ جو استعمال ڪري يورپ نه هليا وڃن.

ايت بن حدو جو ڪسر ڪنهن دور ۾ مراڪش ۽ صحارا جي وچ ۾ ڪاروان جي ڪم ايندو هئو، اڏاوت جو شاهڪار هئو، ننڍا ننڍا گهر ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ پٿيون ۽ ڪندن تي وري حفاظتي ٽاور يا برج اٿس. اتي هڪڙي مصوري جي شاهڪار تصوير پيل هئي جنهن تي لکيل هو هتي هن قلعي کان اٺن تي مالي جي شهر ٽمبڪٽو تائين ٻاونجاهه ڏينهن لڳندا، معني انهي دور ۾ صحارا ريگستان ۾ ڪلو ميٽرن جي بدران سفر ڏينهن ۾ ڳڻيندا هيا. مون کي ڪجهه وقت لاءِ لڳو شايد مان به ان پراڻي وقت ۾ پهچي ويو آهيان. ڪسر ۾ هن وقت هٽ هٽ جي هنر جي شين جا دڪان هر چاڙهيءَ تي هئا، پر هتي مراڪش وانگر سياحن سان زوري نه پئي ڪيائون.

ايت بن حدو جو هي ڪسر هالي ووڊ جي فلمن ۾ اچڻ کان پوءِ ڪافي مشهور ٿيو آهي، گليڊيئيٽر، گيم آف ٿرون، انسيپشن، لارينس آف عربيا ٻين ۽ ڪافي فلمن جا ڪافي سين هن ڪسر ۾ پريل آهن. جمال ٻڌايو ته هاڻي بالي ووڊ به هتي مورروڪو ۾ فلمن لاءِ اچي پئي پر پاڻ کي خبر ناهي بالي ووڊ جون ڪهڙين فلمن ۾ هن ڪسر يا علائقي کي ڏيکاريو ويو آهي. ورزازات جو شهر ۽ سندس قصبا ٿائوريرت ڏسڻ کان پوءِ جمال هڪ اسڪول جي اڳيان اچي جيپ بيهاري ۽ ٻڌايائين ته هي اسڪول فلم جيل بريڪ ۾ جيل جي طور فلمايو ويو هيو، پهريان هتي فلم ٺاهڻ لاءِ ٺاهيو ويو ۽ پوءِ اتان جي انتظاميه کي ڏنو ويو ته جيئن ان ۾ اسڪول کولي ٻارن کي سهولت ڏني وڃي. ورزازات جي پرسان عرب ليگ نور سولر پاور اسٽيشن قائم ڪئي آهي جيڪا پنج سئو اسي ميگا واٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي گنجائش رکي ٿي.

الصويره مراڪش شهر کان ڪو تمام گهڻو پري نه هو، مزي سان ننڊ ڪري تيار ٿي هوٽل جي لابي ۾ آيس ته جمال جو ننڍو ڀاءُ بن ياسين منهنجو انتظار ڪري رهيو هئو، اڄ اين به اسان سان گڏ هلڻي هئي، ڪيس اسان سندس هوٽل جي اڳيان اچي ڪنيو ۽ سفر لا روانا ٿياسين. جيئن جيئن مراڪش شهر کان ٻاهر نڪتاسين ته ڌوڙ جو طوفان شروع ٿي ويو، جيڪو ڪافي وقت تائين پيڇو ڪندو رهيو پر آخر ۾ اسان ڪيس پوئتي ڇڏي اڳتي وڌندا وياسين. اڌ واٽ تي بن ياسين اسان کي آرگن تيل جي هڪ وڏي دڪان تي وٺي آيو، جيڪو

روڊ سان ئي هيو ۽ اتي فرانس جي سياحن جي وڏي گهما گهمي هئي، فرانس جا سياح شايد موروڪو کي پنهنجو وطن ئي سمجهن ٿا ڇاڪاڻ ته فرينچ ٻولي پڻ ڳالهائي وڃي ٿي. موروڪو جا ماڻهو هڪ ئي وقت فرينچ، اسپينش، عربي، انگريزي ۽ بربر ٻوليون ڳالهائين ٿا. ٻولين جي اهميت تي وري ڪنهن ٻئي حوالي سان لکبو. اين هن دڪان تان ڪجهه خريداري ڪئي، جن ۾ آرگن تيل مان تيار ٿيل ڪريمون، صابڻ ۽ ٻيو الائي ڇاڇا شامل هئو. واٽ تي ريڊيار ۽ ٻڪرار موروڪو جي مخصوص قميضن ۾ پنهنجي مال کي چاري رهيا هئا، انهن جي دنيا شايد رڳو اها ئي هئي.

الصويره (جنهن جو پراڻو نالو موگادور به هيو) ۾ داخل ٿياسين ته اندازو لڳي ويو ته هي شهر هپي ۽ جپسي ماڻهن جي آماجگاهه آهي، هر هنڌ اهي نظر ايندا. موروڪو جي اولهه ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري هن شهر تي پورچوگيزن ۽ فرينچن جو قبضو رهيو آهي. شهر جي عمارتن جو رنگ اڇي ۽ نيري رنگ تي مشتمل آهي، جيڪو انتهائي سهڻو ۽ دلفريب لڳي ٿو. هن شهر ۾ يهودين جو وڏج واپار تي تمام گهڻو اثر رهيو آهي پر شايد پوءِ هتان لڏي ڪنهن ٻئي هنڌ هليا ويا آهن پر سندن عبادتگاهه اڃا اتي موجود آهي. ٿي سگهي ٿو ڪجهه گهر اڃا به اتي رهندا هجن، باقي مراڪش ۾ اڄ به يهودين جو علائقو موجود آهي پر ظاهري طور شايد خبر نه پوندي ته هي مسلمان آهي يا يهودي يا عيسائي.

الصويره مان ائٽلانٽڪ سمنڊ جو نظارو انتهائي سهڻو آهي، مٿان وري جڏهن سياح اتي سرفنگ ٿا ڪن ته سمنڊ ۾ اڃا به رونق وڌيو وڃي. هتي جو سمنڊ ڪنارو انتهائي صاف سٿرو هيو، مهاڻن جو مڇي ڦاسائڻ جو به وڏو ڪم هيو، ٻيڙيون تقريبن سڀ جون سڀ نيري رنگ جون هيون ۽ انهن کي اڄ به ديسي طريقي سان پندرهن يا ويهن ماڻهن گڏجي پاڻي ۾ ٿي لاٿو يا وري واپس پٽي ڪيو، هن شهر کي سمنڊ واري پاسي کان پڻ پراڻي دور جون پٿيون اڃا تائين اڏيل هيون . شهر ۾ گهڻو وقت رل رلان ڪري پوءِ مراڪش شهر ڏانهن واپسي ڪئي.

هڪ دفعو وري ماءُ ۽ سندس ڊيئرن سان ناشتي واري جڳهه تي ملاقات ٿي، شاديءَ جون تصويرون به ڏيکاريائون. مون ڪين سندس پٽ ۽ ڇوڪرين کي سندن پاءُ جي شادي جون واڌايون پڻ ڏنيون ۽ ٻڌايو مان ته اڄ مان آئٽلس پهاڙ جي اوريڪا ويلي گهمي پوءِ اتان ڪان هوائي اڏي تي هليو ويندس. مائي دعائون ڏنيون.

اڄ جمال ۽ سندس پاءُ بن ياسين ٻئي گڏ هلڻا هئا، اين به اسان کي جوائن ڪيو، اوريڪا ويلي ويندي واٽ تي جمال اسان کي هڪ بربر خاندان جي گهر ۾ صبح جو هڪ دفعو وري ناشتو ڪرائڻ لاءِ وٺي ويو، جتي ڏيڳي جي کير جو مکڻ، ماکي ، تازا نان ۽ ڦودني جي پنن جي چانهه شامل هئي. بربر خاندان جو رهڻ ڪهڻ به ائين هيو جڻ سنڌ جي ڪنهن سڪئي ستابي ٻهراڙي جي گهر جو. اوريڪا ويلي به ائين لڳي جڻ پاڪستان جي اترين علائقن جو ڪو تفريحي ماڳ، جبل، جبلن مٿان پولا، پاڻي جا وهڪرا ۽ انهن وهڪرن جي

**پرسان ڪرسيون ٽيبلون، ڪجھ پاڻي جي اندر جڳھ ٺاهي اتي بہ پٽ يا ڪرسين تي ويھڻ جي جڳھ ٺاهيل هئي. اسان ڪي اتي وري هڪ مقامي سونهون ڪرٽو پيو جيڪو اسان ڪي مٿي جبل جي چوٽي جي پاڙ ۾ هڪ آبشار تي وٺي هليو، اتي بہ يورپ جي سياحن جي گهڻائي هئي. هٽ جي هنر جا دڪان جن تي ڪاريگر سندن ڪرت ڪي لڳا پيا هيا. مون ڪي اتي هڪ ڪاريگر انتهائي متاثر ڪيو، جيڪو پٿرن ڪي گهڙي انهن مان مختلف پٿرن جا جانورٺاهي رهيو هئو.**

**گهوٽ ڪنوار پنهنجي گهر خوش، پوڙهي ماءُ ڪي بہ سڪون تہ سندس آخري پٽ جي شادي بہ ٿي وئي. سومرو اهو ئي ساڳيو وري جهازن ۾، هتان ڪان هُت، رل رلان جي پويان، پر انهي قسم جي رلڻ ۾ سچ پچ تہ ڏاڍو مزو آهي. پنجابي ۾ چوندا آهن، رل تي گيان هان پر چس آگئي هي. واپسي تي جمال، بن ياسين ۽ اين منجهند ڏاري مون ڪي مراڪش جي هوائي اڏي تي لاٿو ۽ پاڻ رمندا رهيا.**

# يورپ جي ماڻهن جون واندڪائيءَ جون وندرون

رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هتي سئيڊن Sweden ۾ يا يورپ جي مختلف ملڪن ۾ ماڻهو مختلف قسم جا شغل اختيار ڪن. ڪي شغل ته گڏيل طور ٽولن جي صورت ۾ ڪن، ڪي وري پنهنجي پنهنجي پسند جون ڪرتون ڪن. يا جواني ۾ ڏٺل خوابن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. خير خواب ته ڪڏهن به ڪنهن به عمر ۾ پورا ٿي سگهن ٿا پر وقت کان اڳ به ڪنهن شي جو ملڻ ٿورو هضم دير سان ئي ٿيندو، جيئن پاڻ وٽ سنڌ ۾ هڪ مخصوص ۽ خاص چمچن جي ٽولن ۽ ماڻهن کي وقت کان گهڻواڳ ايترو ته مال مليو آهي، جو هاڻي انهن کي سمجهه ۾ ئي نه ٿو اچي ته هي ڪو خواب آهي يا حقيقت. سندن لاءِ عزت اڄڪي وڃڻي شيءِ آهي، رڳومال ملندو رهي، بس.

اسٽاڪهولم (Stockholm ) شهر جي وچ ۾ هڪ علائقي جو نالو آهي گملااستان ( Gamla Stan) هي علائقو اصل ۾ پراڻو اسٽاڪهولم آهي، هن علائقي ۾ 35 اسڪوائر ميٽر فليٽ جي قيمت 5 ملين سئيڊن ڪرونا آهي، گهڻن ماڻهن جو خواب هوندو آهي ته هن علائقي ۾ رهجي ۽ ڪافي ماڻهو اتي رهن به ٿا، پر گهڻي قدر وڏي عمر جا يا ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ. پرنيلا ( Pernilla ) جي ماءُ جي هڪ ننڍي پڻ جي دوست آهي انيتا (Agneta )، عمر 65 سالن کان مٿي هوندس. سائين هن مائي به هن علائقي ۾ هڪ فليٽ ورتو ۽ اسان کي به اتي دعوت ڏنائين ته اچي منهنجو فليٽ ڏسي وڃو. سو هلو ڏسون انيتا آنٽي جو فليٽ.

فليٽ ته واقعي ننڍو هئو، مون پڇيو مانس ته هيڏي وڏي رقم ۾ تو هتي فليٽ چو ورتو، جڏهن ته ساڳي قيمت ۾ تون ڪنهن ٻئي هنڌ هن کان ڪشادو گهر وٺي پئي سگهين؟ هوءَ سوال کان پوءِ ٿورو سوچ ۾ پئجي وئي ۽ ٿوري دير کان پوءِ سگريٽ جو وڏو ڪش هڻندي چيائين ته شاگردي واري دؤر ۾ جڏهن آءُ هن علائقي ۾ هڪ ريسٽورنٽ تي بيرا گيري ڪندي هئس ته اها منهنجي خواهش هوندي هئي ته هن علائقي ۾ منهنجو پنهنجو گهر هجي ۽ آءُ شهر جي وچ ۾ رهان. سو هاڻي وڃي اهو خواب پورو ٿيو آهي ۽ آءُ ڏاڍي خوش آهيان. مون وڏيڪ ڪوٺيندي پڇيومانس ته، جيئن ته زندگي جي آخري گهڙين تائين ماڻهو خواب ئي ڏسندو رهي ٿو ۽ انهن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش پڻ، سو هاڻي ٻيو اهڙو ڪهڙو تنهنجو خواب آهي جيڪو تون پورو ڪرڻ چاهيندينءَ؟ وري ٻيو سگريٽ دکائيندي چيائين ته تون صحيح ٿو چوين، زندگي ۾ گهڻا خواب آهن ۽ هر خواب شايد پورو نه به ٿي سگهي پر منهنجي ڪوشش آهي ته جيڪي دنيا جا ملڪ اڃا گهمي ناهيان سگهي انهن کي گهمي وٺان. مون ڪلندي چيو مانس ته جيڪڏهن تون سنڌ ۾ ڪرپٽ ۽ نااهل حڪمران يا سياستدان هجين هان يا وري ٿوري چمچي، يا ذخيرا اندوز ته، تو جنهن خواب کي پورو ڪرڻ لاءِ زندگي جا 45 سال انتظار ڪيو آهي، اهو سچ ۾ ٿوري وقت ۾ پورو ٿي وڃي هان. سندس وراڻي سولي ۽ سڌي هئي ته جيڪڏهن ڪنهن خواب کي ايترو جلد مڪمل ڪري

وڃجي ته ان جو اهو مزو ٻنهه نه ايندو جيترو ان کي وڏي جدوجهد ڪرڻ کانپوءِ حاصل ڪرڻ ۾.

سو سائين ڳالهه پئي هلي ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ شغلن جي، هتي ماڻهو 60 يا 65 کانپوءِ ريٽائر ٿيو وڃن ، ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪي ٽولن جي صورت ۾ نون نون پڪين جي ڳولا ۾ نڪرن يا ڪي وري وڃي ڪنهن ڪيفيٽيريا يا ڪاڏي پيتي واري هوٽل تي ويهن ۽ روز مره جون ڳالهيون ڪن. ڪي وري اونهاري جي موسم ۾ پلاسٽر آف پيرس يا سيمينٽ مان مختلف قسم جون شيون ٺاهين يا ڪي وري مصوري ڪن. ڪي ريٽائر ماڻهو وري گروپن جي صورت ۾ جهنگن جهنگلن ۾ وڃي پنڌ ڪن. اهي ٽولا ڪڏهن ڪڏهن عورتن تي مشتمل ٿين يا وري ڪڏهن رڳو مردن تي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري مرد توڙي عورتون گڏجي اهي شغل ڪن. ڪن جو وري نون نون گلن ۽ ٻوٽن سان چاهه ٿئي ۽ سندن مشغلو رڳو نوان نوان گل پوکڻ ۽ انهن جي سار سنڀال ڪرڻ هجي ٿو. هڪ دفعي مون کي منهنجا فرينچ دوست ڪرسٽين (Christine) ۽ سندس مڙس پيٽرڪ (Patrick) فرانس جي شهر لي مانس (Le Mans) وٺي ويا جتي ڪرسٽين جو چاچو پنهنجي زال سان گڏ رهندو هو. پئرس (Paris) کان نڪرڻ کان پوءِ اسان کي ڪار ۾ اڍائي ٽي ڪلاڪ ڪن لڳي ويا. اسان جيئن ئي سندس چاچي وٽ پهتاسين ته همراهه کي هورا کورا هئي ته منهنجي ڊرائنگ واري ڪمري ۾ هلو ته اوهان کي پنهنجي مصوري ڏيکاريان. اسان به چيو ڀلا همراهه کي راضي ڪيون، سو وڃي ڪمري کان نڪتاسين، هي ڪمرو نه پر هڪ وڏو هال هيو جتي هن همراهه پنهنجو مصوري جو شغل ٿي پورو ڪيو. همراهه جو هٿ بهرحال سنو هيو پر مون وري ٿوري وڌيڪ تعريف ڪندي چيومانس ته تون هن صدي جو مائيڪل اينجلو (Angelo Michael) ۽ پڪاسو (Picaso) آهين، اهو ٻڌي همراهه جون واڇون خوشي مان ٽڙي ويون. سندس زال جو شوق وري دنيا جي ملڪن جون پوسٽ جون ٽڪليون گڏ ڪرڻ هيو. منهنجو اٽلي جو دوست گئيڊو Guido جيڪو اٽلي جي شهر ميلان Milan ۾ رهي سو وري دنيا جي مختلف ملڪن ۽ شهرن جي نالن وارا چانهه جا ڪوپ گڏ ڪري، جڏهن به همراهه ڏي گهمڻ وڃجي ته ڪنهن نه ڪنهن شهر يا ملڪ جي نالي وارو ڪوپ وٺي وڃجيس ته همراهه خوش ٿيو وڃي.

ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ڏسجي ٿو ته ريٽائرمينٽ سان شوق يا شغل جو تعلق ناهي، ماڻهو پنهنجي جواني ۾ به مختلف قسم جون وندرون ڪري سگهي ٿو، جيئن آئسلينڊ (Iceland ) ۾ وري منهنجي دوست ايوي (Eyvi) جي ماءُ خير اڃا ريٽائر ته ڪانه ٿي هئي پر جڏهن آءُ رئيڪجيويڪ (Reykjavik ) ۾ سندن گهر ويو هوس ته سندس ماءُ دنيا جي مختلف ملڪن جون گڏيون ڏيکاريندي ٻڌايو ته سندس صرف اهوئي هڪ شوق آهي ته دنيا جي مختلف ملڪن جون گڏيون گڏ ڪري. هي ليک آءُ هن وقت لنڊن (London) مان لکي رهيو آهيان، هتي لنڊن ۾ ادي سڪينه جي گهر ۾ به مختلف گل ۽ ٻوٽا ڏسي اندازو ٿئي ٿو ته ادي جو ڪيڏو نه گلن ۽ ٻوٽن سان چاهه آهي. سوچيندو آهيان ته اسان وٽ سنڌ ۾ عورتن کي

**الائي ڪڏهن ايڏي آزادي ملندي جو هو ٻہ وچي پنهنجي ساهيڙين سان گڏ مختلف قسم جون ڪرتون ڪنديون ۽ زندگي جو ڀرپور مزو وٺنديون.**

## سئيڊن، اسڪاٽلينڊ، پاڪستان ۽ ايران جون يادون

پنهنجي پاڻ کي تيز پونڊڙ برف کان بچائيندي اچي اسان جي رڌڻي جي دري کان بيٺو، جتي آءُ ماني پچائي رهيوهوس. چيائين پيا ميري لئي بهي دو روٽي بناهي لو، ادهر ڪونسي امي ديکهہ رهي هي. مون مشڪندي چيو مانس ٺيڪ هي، آجائو.

سائين ٽيو ائين جو منهنجو ڪلاس فيلو ڪارتيڪ جيڪو انڊيا جي شهر حيدرآباد دکن جي آس پاس جو آهي، يونيورسٽي کان واپس ايندي اسان جي ڪاريڊور کان اچي لنگهيو. مون کي رڌڻي ۾ ڏسي هلي آيو ۽ پڇيائين تہ ”پيا ڪيا بنا رهي هو؟ مجهي ڀي بوک لڳي هي.“ مون ٻڌايو مانس تہ ”چڪن ڪري بنائي هي، بيٺو روٽي لڳا رها هون، مل ڪر کاتي هين.“ اتي ڪجهہ سوچي چيائين ”پيا آج تو مين ڪوئي ڀي گوشت نهين کا سڪتا، ڪيونڪ آج کي دن گوشت کانا منع هي، امي ديکي گي تو مار دي گي مجهي.“ ائين چئي ننڍو منهن ڪري رڌڻي مان نڪري ويو. ٿوري دير کان پوءِ وري اچي رڌڻي جي دري کان بيٺو ۽ کلندي چيائين تہ ”اڌر ڪونسا امي مجهي ديک رهي هي.“

آءُ جڏهن اسڪاٽلينڊ (scotlanS) جي شهر ڊنڊي (Dundee) ۾ يونيسڪو (Uniceso) طرفان منعقد ڪيل پاڻي جي بين الاقوامي قانون جي سکيا تي ويل هيس تہ پهرئين ئي ڏينهن ڪلاس ۾ هڪ انڊيا جي آسام (Assam) رياست جي شهر سلچر (Silchar) جي مسلمان ڇوڪري علي اوسماني سان ملاقات ٿي، جيڪو اتي ايل ايل ايم ڪري رهيو هئو ۽ پاڻي جي بين الاقوامي قانون واري سکيا بہ سندن تعليم جو حصو هئي. ڏاڍو پيارو ماڻهو هيو. جڏهن خبر پيس تہ آءُ بہ سندس گهر جي پرسان ئي هڪ مهيني لاءِ گهر ڪرائي تي ورتو آهي تہ پاڻ ڏکارو ٿيندي چيائين تہ ”يار پهلي ملاقات هوتي تو مين آپڪو اپني گهر مين ڪمرا ديتا.“ بهرحال آءُ تہ هڪ مهيني جو ڪرايو اڳواٽ ڏئي چڪو هوس. پر پوءِ تقريبن روز ڪلاس کان پوءِ اسان گڏجي گهر موٽندا هئاسين ۽ علي مون کي پنهنجي گهر وٺي ويندو هيو ۽ گڏ ماني بہ پيا کائيندا هئاسون ۽ پاڻي جي بين الاقوامي قانونن بابت پيا بحث مباحثا ڪندا هئاسون. علي ڪاڏي ۾ پلي چا بہ کاهي پر هر ڪاڌي سان گڏ سائو مرچ ۽ ڪچو بصر ضرور پيچي رکندو هئو، جيڪو پوءِ آءُ بہ شوق سان کائيندو هوس.

پوءِ اڳتي هلي ڳالهہ کلي تہ علي جو پيءُ آسام جي صوبائي اسيمبلي جو ٻہ ٽي دفعا ميمبر ۽ انڊيا جي قومي اسيمبليءَ جو بہ ٻہ ٽي دفعا ميمبر رهي چڪو آهي ۽ مختلف کاتن جو وفاقي وزير پڻ. انهن سڀني ڳالهين جي باوجود علي موڪل وارن ڏينهن ۾ ڪنهن ريسٽورنٽ تي ڪم پڻ ڪندو هئو. پاڻ ٻڌايائين تہ مان بينڪ کان قرض وٺي هتي پڙهڻ آيو آهيان ۽ چاهيان ٿو تہ جلد تعليم مڪمل ڪري واپس وڃان ۽ قرض لاهيان. مون اها ڳالهہ ٻڌي مرڪندي چيو مانس تہ ”اگر آپ کي والد پاڪستان مين وزير هوتي تو نظارا ڪڇ اور هوتا.“ پاڻ بہ کلي چيائين ”عبدالله ڀائي، هماري پاس ڀي ڪرپشن هي ليڪن هر انسان

ڪرپٽ نهين هوتا اور مجهي اپني والد پي فخر هي ڪي ان ڪا دامن صاف هي.” آءُ به ساڻس سهمت ٿيندي چيومانس ته ”يه واقعي مالڪ ڪي نعمت هي ڪي والدين اولاد ڪو حق حلال ڪا رزق ڪلائين.” ۽ ڪيس بابا جو مثال ڏيندي ٻڌايومانس ته ”مجهي ڀي اپني والد پر فخر هي، انهون ني ڀي ميري دادا ڪا ڪاروبار سنڀالا اور آج تڪ سنڀالتي هين اور همين ڪسي چيز ڪي ڪمي نهين هوني دي.”

هڪ دفعي برف ڏسڻ جو اچي شوق ٿيو سو آءٌ، منهنجا ڀائر فاروق ۽ سليم ، اسان ٽئي ڀائر ڪوهه مري وياسين ، اتي برف پيل ته ضرور هئي پر گهٽ ، سو اسان اتي رٿيو ته مالم جبا سوات ٽا هلون جتي برف جام پيل هوندي. اسان پنڌي سخت سيءَ ۾ صبح جو سوير چڙي مينگورا لاءِ نڪتاسين ۽ اتان وري پوءِ مالم جبا وين ۾ چڙهي پهتاسين جتي ايتري ته برف پيل هئي جو برف ڏسڻ جو خواب واقعي پورو ٿيو. اها هڪ ڏينهن جي تڪڙي ياترا تمام گهڻي يادگار رهي.

هڪ دفعي گلگت بلتستان جي شهر اسڪردو ۾ ڀائو فاروق ۽ ڪجهه ٻين دوستن سان ويل هئاسين، گهمندي ڦرندي خرپوچو قلعي جي پاسي کان وڃي نڪتاسين جتان سنڌو درياهه جو تمام دل کي موهيندڙ نظارو ڏسبو آهي. ڪافي دير ديدار ڪندا رهياسين ۽ جڏهن ٿورو سيءُ محسوس ٿيو ته ڪٽي واپسي ڪئيسين. واپس ورندي هڪ بزرگ اسان کي پنهنجي گهر وٽ بيهاري پاڻ اندر هليو ويو ۽ ٿوري دير ڪانپوءُ سيرو ۽ ماني ڪٽي آيو ۽ چيائين ته نيازڪائو. اسڪردو جي انهي گهٽي ۾ نياز ڪائيندي سچ پچ ته ڏاڍو مزو آيو هو.

مشهد ايران ۾ امام علي رضا جي روضي تي به ٻاهران آيل مهمانن کي مهماني ڪارائين. آءٌ جڏهن اها مهماني ڪائڻ پي ويس ته ٻاهر بيٺل ڪجهه ماڻهن چيو ته ڪجهه اسان جي لاءِ طبرڪ طور بچائي اچجانءِ. اها ماني به ڏاڍي سوادي هئي.

مختلف سفرن جون يادون

جاويد اختر جي شاعري آهي تہ " دلون مي تم اپني بي تابيان لي کي چل رهي هو تو زندھ هو تم، نظر ۾ خوابون کي بجليان لي کي چل رهي هو تو زندھ هو تم، هوا کي جهونکون کي جيسي آزاد رهنا سيکو، تم ايک دريا کي جيسي لهرون مي بهنا سيکو، هر ايک لمهي سي تم ملو کولي اپني بانهين، هر ايک پل ايک نيا سمان ديکين گي نگاهين، جو اپني آنکون مي حيرانيان ليکي چل رهي هو تو زندھ هو تم، دلون مي تم اپني بي تابيان لي کي چل رهي هو تو زندھ هو تم."

مون هن مٿئين شعر کي سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، ۽ دل ۾ بي تابي، نظرن اڳيان خواب، حيرانيون، هوا جا آزاد جهونڪا، درياھ جون آزاد لهرون، ۽ زندگي جي هر هڪ گهڙي سان ملڻ جي ڪوشش ڪرڻ بابت سوچيو، ۽ مون سيلاني جي منهن ۽ چپن تي مشڪ هئي ڇاڪاڻ تہ مون انهن بي تابين، حيرانين ۽ خوابن جو پيڇو ڪيو ۽ مون پنهنجو پاڻ کي هوا جي آزاد جهونڪن ۽ درياھ جي آزاد لهرن وانگر پاتو. مون پنهنجي پاڻ کي ڳولهي لڌو.

2009ع ۾ منهنجي زندگي جو هڪ بهترين ۽ يادگار سفر اسٽاڪهولم کان سئيڊن جي اتر ۾ واقع شهر ڪيرونا تائين جو هئو جنهن ۾ مون هڪ مهيني لاءِ سفر هچ هائيڪنگ (جنهن جو مطلب تہ مختلف گاڏين جي ڊرائيورن کي آڱوٺي جي نشان سان عرض ڪرڻ تہ ٻيلي مون کي بہ ڪنيو هلو)، بسن، ريل گاڏين ۽ پنڌ ذريعي ڪيو هو. ڪٿي ڪٿي ڪوچ سرفنگ (جنهن جو مطلب تہ مختلف ماڻهن جي گهرن ۾ هڪ ٻن ڏينهن لاءِ رهڻ ) ڪئي هئي تہ ڪٿي وري جهر جهنگ ۾ پنهنجي خيمي ۾ ستو هئس. ان سفر دوران ڪافي ماڻهن سان ملاقاتون پڻ ٿيون جن سان اڄ بہ سٺي دوستي آهي. اهو سفر جيئن تہ اونهاري جي مند ۾ هيو، سو مون کي اتي ڪيرونا ۾ "مڊ نائيٽ سن" ، سولي سنڌي ۾ اڌ رات وارو سج ڏسڻ جو موقعو پڻ مليو. اصل ۾ اهي، اهي ئي علائقا آهن جتي ڇھ مهينا ڏينهن ۽ ڇھ مهينا رات ٿيندي آهي.

سئيڊن ۾ يورپ جي ٻين ملڪن جا سياح ايندا آهن تہ دانهون ڪندا آهن تہ ملڪ ڏاڍو مهانگو آهي، ۽ واقعي آهي بہ، پر جيڪي ماڻهو هن ملڪ ۾ رهن ۽ ڪمائين ٿا انهن لاءِ اهو عام رواجي يا نارمل آهي ۽ محسوس گهٽ ٿيندو آهي. هڪ دفعي آءٌ جرمني جي بريمن، هئمبرگ ۽ ڪجھ ٻين علائقن ۾ سياحت ڪئي هئي ۽ اتي شين جا اگھ تمام گهٽ لڳا، پوءِ ان ڳالھ جي تصديق ٿي تہ ماڻهو ڇو دانهون ڪندا آهن. وري ان جي ابتڙ آءُ جڏهن لنڊن ۾ اتان جي عام پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ سفر ڪندو آهيان تہ اسٽاڪهولم جي بنسبت ان جا اگھ تمام گهڻا لڳندا آهن.

گذريل سال يعني 2021ع ۾ مون سئيڊن کي ڪافي گهميو، پنهنجي دوست ذيشان خان ۽ ناصر سان گڏ گوٿنبرگ جي ڀرسان هڪ ٻيٽ وڙانگو وڃڻ ٿيو، ان ٻيٽ تي جيڪي

ماڻهو رهن ٿا اهي پنهنجون گاڏيون گوٿنبرگ ۾ بيهاري پوءِ ڪلاڪ مني جي سفر تي پاڻي جي جهاز ۾ چڙهي سندن گهرن ڏانهن وڃن ٿا، ٻيٽ تي شايد رڳو ماڻهن وٽ يا ته سائيڪلون يا ته ننڍي انجڻ واريون موٽر سائيڪلون هيون. ان ٻيٽ تي تمام بهترين ۽ سهڻا گهر ٺهيل هئا. اتي زندگي جي ضرورت جون سڀ شيون هيون. اتان پهاڙ تان آس پاس جو نظارو تمام خوبصورت هئو. اسان اتي ڪافي وقت تائين هائيڪنگ ڪندا رهياسين، اتي ٻه ماڻهن سمنڊ جي نمڪين پاڻي ۾ ٽٻيون ڏئي پوءِ  ڪناري جي واري ۽ پٿرن تي اچي اس ۾ ٻت ٿي سيڪيو. مون اتي ڏٺو ته ماڻهو اتي ڪيمپنگ ڪرڻ لاءِ پڻ آيل هئا.

ٻئي دفعي گذريل سال ئي هڪ دفعو وري ذيشان خان سان سندس ڪار ۾ سئيڊن جي شهر گوٿنبرگ کان ملڪ جي اتر ۾ اوري شهر تائين وڃڻ جو ارادو ڪيوسين. ارادو اهو هو ته خيمي ۾ رهڻو آهي، پنهنجي ماني ٽڪي پاڻ ڪرڻي آهي، جتي دل چوي اتي بيهڻو آهي. اهو ٻه هڪ تمام يادگار سفرهئو. مون محسوس ڪيو ته سئيڊن جو اهو اوڀر کان مٿي اتر طرف ويندڙ رستو تمام بهترين ۽ سهڻو آهي. اسان سان گڏ عام رواجي ڪيميرائن سان گڏوگڏ ڊرون ڪيميرا پڻ هئي جنهن اسان جي سفر کي وڌيڪ دلچسپ بڻايو. ان سفر ۾ اسان جهرَن جهنگن جي وچان تمام سوڙهن روڊن تان گذرياسين، تمام خوبصورت ڍنڍن جي ڪنارن سان گذرڻ ٿيو. رات جو جيڏي مهل سج لٿو ته اسان ٻه سوچو ته هاڻي ڪٿي هلي بيهجي ۽ خيمو کوڙجي. پوءِ وڃي هڪ هنڌ ڊلارنا جي علائقي ۾ ڪنهن ڍنڍ جي ڪناري خيمو لڳايوسين. هيو ته اونهارو پر ماحول ۾ هلڪو هلڪو سيات هو. پيٽ جي پوڃا ڪندي ڪچري ٻه ڪندا رهياسين. هون ته اتي ماحول ۾ انتها درجي جي خاموشي هئي، پر رڪي رڪي اتي ڍنڍ جي پکين پئي ٻوليو، بدڪن ۽ ٻين آبي پکين ٻه پاڻي ۾ ٽٻيون پئي هنيون جنهن جي ڪري ماحول ۾ وقفي وقفي سان خاموشي ٽٽي ٿي. مون کي لڳو ڄڻ اسان انهن آبي پکين جي سلطنت ۾ زوري گهڙي آيا هجون. صبح جو اک کلي ته سبحان الله، ڇا ته انتها درجي جو خوبصورت نظارو اسان جي اکين آڏو هئو. نقشي تي ڏٺو ته اسان ڊلارنا جي اورشا ڍنڍ جي ڪناري  خيمو کاهوڙيو هئو. سفر وري هڪ دفعو شروع ٿيو، اسان وچان وچان تمام سهڻن علائقن مان ۽ سوڙهن يا ڪٽي ڇئجي ڪنٽري روڊن سان پئي سفر ڪيو. رات دير سان اوري شهر جي ٻاهران هڪ ڪيمپنگ سائيٽ ۾ وڃي خيمو لڳايوسين جتي ڪافي سهولتون موجود هيون جن جو ڀرپور فائدو ورتوسين. اتي اوري ۾ ئي پهريان چيئر لفٽ، پوءِ ڪيبل ڪار ۾ مٿي وياسين، جتان وري هڪ ڪلو ميٽر پهاڙي جي چڙهائي هئي جيڪا اسان آهستي آهستي ٻين سياحن وانگر چڙهڻ شروع ڪئي. اتان بلڪل ٽاپ تان هر پاسي نظارا ئي نظارا هئا، آس پاس جي علائقن جون ڍنڍيون ، لينڊ اسڪيپ سڀ جو سڀ اسان کي پنهنجي هٿ جي  ترِيءَ تي پئي نظر آيو. واپسي تي اوري شهر جو چڪر ڏئي، اسان واپسي سئيڊن جي اوڀر واري پاسي ڪئي، ۽ وچ ۾ هڪ رات سندسوال جي سمنڊ ڪناري هڪ ڪيمپنگ سائيٽ ۾ گذري.

2021ع ۾ ٻئي ڀيرَ سفرن سان گڏوگڏ پاڻي جي جهازن ۾ سفر ڪرڻ جو موقعو پڻ مليو. مون، منهنجي دوست شعيب ۽ سندس ڀاءُ راشد پاڻ ۾ سئيڊن جي بالٽڪ سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ گاٽلينڊ جي شهر وسبي وڃڻ جو ارادو ڪيو. اهو ٻيٽ ڪنهن به پل يا ٽنل جي ذريعي ملڪ جي ٻين حصن سان ڳنڍيل ناهي. اوڏانهن ماڻهو يا ته پاڻي جي رستي يا وري هوائي جهاز ۾ ئي وڃي سگهي ٿو. اسان پاڻي واري جهاز ۾ وياسين، جهاز انتهائي دلڪش هو. اسان جيئن ئي پورٽ تي لٿاسين ته اتان ٻين سياحن سان گڏ گڏ شهر جي پاسي وڃڻ شروع ڪيوسين. مينهن به اچي شروع ٿيو پر مينهن کان بچاءَ جو بندوبست هيو. اسان کي اتي شهر جي ٻاهران حفاظتي اونچي پٿر ۽ وچين دور جا حفاظتي ٽاور ۽ سينٽ نڪولائي ۽ سينٽ ڪيرن جا ڪنڊر، گرانڊ ۽ سينٽ ميري ڪيٿيڊرل، بوٽانيڪل گارڊن، اتان جو مک چونڪ، ۽ پٿريليون گهٽيون ڏسڻ جو موقعو مليو. اتي جي جيڪا مک خريداري جي گهٽي هئي اتي برانڊيڊ شين جا دڪان گهٽ ۽ مقامي ماڻهن جا سادا پر انتهائي سهڻا دڪان آهن.

2021ع جو آخري سفر به وري پاڻي جي جهاز ۾ ٿيو، جنهن ۾ هارنوساند ۽ هوگا ڪستن جنهن کي هاءِ ڪوسٽ چئجي ڏسڻ جو موقعو مليو. اسٽاڪهولم مان ٻئي جهاز هليو، ۽ بالٽڪ سمنڊ ۾ مٿي اتر طرف گلف آف بوٿنيا طرف سڄي رات هلندو رهيو ۽ صبح جو اچي هارنوساند جي شهر پهتو جتي اسان کي گهمڻ لاءِ ڇهن ڪلاڪن جو وقت ڏنو ويو. هن شهر ۾ آءٌ هڪ دفعو پهريان به آيل هيس جڏهن سئيڊش انٽر نيشنل ڊويلپمينٽ ايجنسي وارن اويلئيشن جو ڪورس ۽ ٽرينگ ڪرائي هئي. تڏهن شهر گهمڻ جو موقعو نه مليو هو. پر هاڻي هتي آيل ئي گهمڻ لاءِ هئاسين. شهر ڪافي سهڻو آهي، گهڻي قدر سئيڊن يا يورپ جي ٻين شهرن وانگر ئي مٿئلن، شهر جو مک چونڪ، وڏو گرجا گهر يا ڪيٿيڊرل، پنڌ گهمڻ ۽ خريداري ڪرڻ جي گهٽي، باغ، گلن جون ڪياريون، ماڻهن جي تفريح لاءِ انتهائي سهڻا پارڪ وغيره. شهر ۾ ڪجهه ميوزم به آهن جن ۾ ڪارن جو ميوزم وڌيڪ مشهور آهي. اتي مون سان ماري ۽ سندس مڙس توماس پڻ ملڻ آيا، جيڪي هارنوساند کان اتر طرف ڪو لڳ ڀڳ هڪ سئو ڪلو ميٽر اووڪ شهر جي ڀرسان رهندا آهن، ماري ۽ توماس سان منهنجي پهرين ملاقات 2009ع ۾ ٿي هئي جڏهن آءٌ اتر ۾ ڪيرونا کان واپسي تي انهن جي گهر رهيو هوس. اسان اتي گڏجي منجهند جي ماني پڻ ڪاڌي ۽ هڪ ٻئي کي تحفا وغيره پڻ ڏناسين. واپسي تي جهاز هوگا ڪستن پاسي هليو، ۽ وات مان سبحان الله نڪري وئي، انتهائي خوبصورت سمنڊ، درياهه ، آس پاس ننڍين پهاڙن ۽ جهنگن جو سلسلو هو. انهن سڀني جي خوبصورتي کي وري اتي ٺهيل هوگا ڪستن پل وڌائي رهي هئي جيڪا اسڪينڊينيويا جي ٽيون نمبر وڏي سسپينشن پل آهي. مون کي اتي اها پل ڏسي سنڌو درياهه تي اڏيل دادو مورو پل، سکر ۽ ڄامشوري واريون پليون ذهن تي تري آيون. آئي هڪ گهر تي اک پئي، مون سوچو ته ڄڻ موري جي ڀرسان لليا جو ڳوٺ آ، ۽ هاڻي ڄاڻ پل جي ڀرسان سائين عبدالله جيسر جو ڳوٺ ايندو پر جهاز جو اوچتو وڏو هارن وڄايو ته للين کان

**واپس هوگا کستن پهچي ويس جتان اسان جي اسٽاڪهولم لاءِ واپسي هئي.**

**آءُ پلي دنيا جي کهڙي بہ کنڊ ۾ هجان پر سنڌ منهنجي هن وجود ۾ آهي، کنهن شاعر جي چواڻي تہ:**

**هتان اچي ويهہ، تہ سونهن ڏيکاريانءِ سنڌ جي،**
**بيوس بسم الله چئي، چمان اباڻو ڏيهہ.**

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو ساڻباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)

